# مهراڻ

ABC CERTIFIED

02/ 2012ع

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
## خاص نمبر



سنڌي ادبي بورڊ

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 62 — (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر) — نمبر 2

اپريل- جون 2012ع

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

P 50402
16.4.012

مرتب ۽ ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر

**اُٺيو ۽ اُٺياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي ڳَيو؟**
**وِيو جاڳائي، جيڏيُون! بِرهُ هِيءُ ٻيباڪُ،**
**ڄُر ڦُر ڪاري چاڪُ، سورُ سُمهاري ڪينَ ڪِي!**

(شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ
سُر سسئي آبري، ابيات متفرقه-I)



# پيغام

سنڌي ادبي بورڊ ۾ چيئرمن جي منصب سنڀالڻ کان پوءِ دل ۾ خيال آيو ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي رهيل ڪم کي اڳتي وڌائجي، آءٌ اڃان ان ئي سوچ ويچار ۾ هئس ته جناب قائم علي شاهه وزيراعليٰ سنڌ جن ڊاڪٽر اين.اي.بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ۽ ريسرچ جي چيئرمن شپ سنڀالڻ جي آڇ ڪئي، جا مون خوشيءَ سان قبولي ورتي.

سنڌي ادبي بورڊ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي علمي ڪارنامن جو نه رڳو معترف رهيو آهي بلڪ ڊاڪٽر صاحب بورڊ جي لوڪ ادب ۽ لغت اسڪيمن سان لاڳاپيل سمورو ڪم عاليشان نموني سر انجام ڏنو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي لطيف شناسي ۽ تاريخ شناسي پڻ هڪ وڏو علمي پهلو آهي، پاڻ لطيف جا وڏا شارح ۽ پارکو هئا، سندن تحقيق ۽ تدوين جو مقام عالمي معيار جو آهي. اسان جي سنڌي اسڪالرن سان اها ناانصافي آهي جو انهن کي پنهنجي اصل مڃتا نه ملي آهي، جن جا هو صحيح معنيٰ ۾ حقدار آهن. سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندڙن ۾ جهڙيءَ ريت پير حسام الدين راشديءَ جو نالو نمايان ۽ معتبر آهي تيئن ادب، ٻولي، لوڪ ادب ۽ خاص طور تي لطيفيات ۾ وري ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نالو وڏيڪ اهميت جو حامل آهي. علامه آءِ.آءِ قاضي کان پوءِ سنڌ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ئي واحد استاد ۽ اسڪالر هئا، جن گهڻي کان گهڻا سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر پرڏيهه ۾ به پنهنجا قابل ۽ سنا شاگرد/ استاد پيدا ڪيا.

هيءُ خاص نمبر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪيل علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتن سميت سندن گران قدر شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ سندن پهرين ورسيءَ جي مناسبت سان هڪ خصوصي اشاعت ۽ اهتمام هيٺ بورڊ طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن خاص نمبر ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مڙني علمي، ادبي ۽ تحقيقي پهلوئن تي گهڻ طرفي روشني وڌي وئي آهي. سنڌ جي انهن نامور اسڪالرن جا مضمون، مقالا ۽ تاثر هڪ وڏي اسڪالر ۽ عالم جي شخصيت کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد فراهم ڪن ٿا. هن خاص نمبر جي مواد ڏيڻ ۾ سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ عالمن وڏا وڙ ڪري ۽ دل کولي تعاون ڪيو آهي. سندن پاران لکيل مضمونن کي گڏ ڪرڻ ۽ ايڊٽ ڪري ڇپائيءَ جي مرحلي تائين رسائڻ ۾ محترم دين محمد ڪلهوڙو ايڊيٽر ٽماهي "مهراڻ" وڏي جفاڪشي، تندهيءَ ۽ دلي لڳاءَ سان ڪم ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ بورڊ جي سيڪريٽري محترم الهڏنو وگهيو صاحب جي اڻٿڪ ڪوشش سان هيءُ خاص نمبر وقت تي ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

اسان مستقبل ۾ سنڌ جي انهن سداحيات نامور اديبن، عالمن ۽ شاعرن تي "مهراڻ خاص نمبر" شايع ڪرڻ جو نيڪ ارادو رکون ٿا، جن سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ شاعريءَ ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

**مخدوم جميل الزمان**

چيئرمن

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو



# پيغام

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جو اهو نامور اسڪالر هو، جنهن تي سنڌ جيترو ناز ڪري اهو گهٽ آهي، سندن خدمتن جو دائرو وسيع آهي. ڊاڪٽر صاحب جو تعلق سنڌي ادبي بورڊ سان به رهيو، سندن اهو تعلق ڪو عام رواجي تعلق نه هو بلڪ اهو هڪ محبت ۽ پيار وارو تعلق هو. پاڻ بورڊ جي شروعاتي ميمبرن مان هو ۽ ڳنڍوڳنڍ لوڪ ادب ۽ لغت اسڪيم جو پڻ ڊائريڪٽر هو. هنن ٻنهي اسڪيمن دراصل بورڊ کي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ روشناس ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان ناتي بورڊ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو قرضدار آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي اهڙين علمي ۽ تحقيقي خدمتن کي ڀيٽا ڏيڻ سنڌي ادبي بورڊ جي ترجيحات ۾ شامل آهي. ڊاڪٽر صاحب جن جي لاڏاڻي کان پوءِ بورڊ جي لائق چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي مڙني علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ”مهراڻ خاص نمبر“ جو اعلان ڪيو.

چيئرمن صاحب جن جي اهڙي حڪم ۽ هدايتن جي پيش نظر اسان مهراڻ جو هيءُ ”خاص نمبر“ ڊاڪٽر صاحب جي بي انتها خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ سندن پهرين ورسيءَ جي موقعي تي خاص اشاعت هيٺ پڌرو ڪري رهيا آهيون. آءٌ بورڊ جي هردلعزيز چيئرمن جناب قبلهٔ مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان جن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙي عالمي اسڪالر جي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ هن خاص نمبر پڌري ڪرڻ جا نه رڳو احڪام ڏنا پر وقتاً بوقتاً پنهنجي مفيد مشورن کان پڻ نوازيندا رهيا.

هيءُ نمبر مواد جي حوالي سان تاريخي حيثيت رکي ٿو، ڇو ته هن نمبر ۾ ڊاڪٽر صاحب جي همعصر عالمن ۽ اديبن سميت سندن لائق شاگردن، عزيزن ۽ گهر وارن جو مواد شامل آهي ۽ گهڻو ڪري ڊاڪٽر صاحب جي مڙني پهلوئن کي اجاگر ڪري ٿو.

هن خصوصي نمبر جي تڪڙي اجراء لاءِ آءٌ بورڊ جي سموري ٽيم جو ٿورائتو آهيان، جنهن ۾ ايڊيٽر مسٽر دين محمد ڪلهوڙي، سميت پبليڪيشن آفيسر مسٽر سڪندر علي شاهه، انچارج ڪمپيوٽر ليب مسٽر سليم اختر پيرزادي، سينئر آپريٽر عبدالصمد ٻبر، ڪمپيوٽر آپريٽر ڄام سپڙ رونجهو ۽ ٻيا ورڪر شامل آهن. هنن دوستن جي ڀرپور تعاون ۽ محنت سان هيءُ تاريخي رٿا پايهٔ تڪميل تي پهتي آهي. اسين اميد ڪريون ٿا ته لائق پڙهندڙن کي اسان جو ڪيل هيءُ پورهيو قبول پوندو.

**الهڏنو وگهيو**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

گذارش

# صديءَ جو وڏو ماڻهو

تاريخ ۾ تاريخ ۾ جنم وٺندڙ ڪردار، هڪبئي جي سڃاڻپ ۾ ڏڌ هوندا آهن. اهي سڌوريون صديون هونديون آهن، جن ۾ اهڙا اَمر ڪردارَ جنم وٺندا آهن، جن تي صديون فخر ڪنديون آهن. 20 صديءَ کي به فخر خاصل آهي، ڇو ته سندس جهول ۾ به ڪافي اهڙن اَمر ڪردارن جنم ورتو، جن جي ڪري 20 صدي تاريخ ۾ وڌيڪ نشانبر ۽ اهميت واري بڻي. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو، شهيد محمد فاضل راهو، جي.ايم.سيد، علامہ آءِ.آءِ.قاضي، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، پير حسام الدين راشدي، ايم.ايچ.پنهور، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو ۽ اهڙا ٻيا نالا 20 صديءَ جا وڏا ماڻهو آهن، جن جي خدمتن جو ذڪر ڪندي ماڻهو ٿڪجيو پون پر ٻڌندڙن جي تشنگي رهجيو وڃي. سنڌ جي هڪ سدابهار ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ به ويهين صديءَ جي هڪ اهڙي ئي ملوڪ ۽ يگاني ڪردار جنم ورتو، جنهن لاءِ 20 صدي بيقرار هئي ۽ اهو هو- **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انهن شخصيتن مان هو، جن جي ضرورت پنهنجي ملڪ، قوم، ٻولي، ادب ۽ تاريخ سميت پوري ڪلچر کي هوندي آهي. سنڌ کي ڊاڪٽر بلوچ جهڙي ڪاهوڙي اسڪالر جي گهڻي عرصي کان ضرورت هئي. هو سنڌ جي جيئري جاڳندي انسائيڪلوپيڊيا هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سموري حياتي هڪ عام ماڻهو وانگر بي ترتيبيءَ ۾ نہ گذري، پر اهڙي تہ ترتيب ۽ بامقصد ڍنگ سان گذري جو مثالي بڻجي وئي، جنهن کي بنياد بڻائي هلون تہ سنڌ بہ اسان تي فخر ڪري سگهندي ڇو تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سموري حياتي سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ هڪ لمحو بہ پوئتي نہ رهيو بلڪ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين سنڌ ۽ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ ۽ استحڪام لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ساري حياتي هڪ اهڙي مجذوب ماڻهوءَ وانگر گذاري، جيڪو پنهنجي ڌُن ۾ ڏينهن رات ايترو تہ مگن ۽ محوَ رهيو جو ڪيس دنيا وارن جي اُها ڪل ئي نہ پئي، تہ ڪير آيو، ڪير ويو يا سندس باري ۾ ماڻهن ڇا سوچيو. مٿن آگريون ڪڄيون، سندس باري ۾ طرح طرح جون ڳالهيون بہ ٿينديون رهيون، مخالفتون بہ ٿيون، پر هن فقيرتن ماڻهوءَ پنهنجو پاڻ کي ڪم ۾ ايترو تہ مدغم ڪري ڇڏيو هو جو انهن مخالفتن جو جواب ڏيڻ بہ وقت جو زيان سمجهيائين، تان جو هو سموري حياتي انهيءَ زرين اصول تي گذاري وڃي مالڪ حقيقيءَ سان مليو. سنڌ کي اهڙن مجذوب ۽ فقيرتن ماڻهن جي گهڻي ضرورت آهي جيڪي زندگيءَ سان لاڳاپيل مختلف شعبن ۾ اهڙيءَ ريت ڪم ۾ جنبيل رهن، جن کي انهيءَ ڪم کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظرئي نہ اچي. ڪاش! رب پاڪ جي بارگاهہ ۾ اها دعا مقبوليت ماڻي، ڪاش! ائين ٿي پوي.

مان هڪ لحاظ کان پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب سمجهان ٿو جو تہ اهڙي وڏي انسان سان منسوب هيءُ خصوصي نمبر ايڊٽ ڪري تيار ڪرڻ جو ڳرو ڪم منهنجي ڪُنڌ پيو. اهو منهنجي لاءِ هڪ حوالي سان چئلينج وارو ڪم تہ آهي، پر ٻئي طرف ان کي مان پنهنجي لاءِ سعادتمندي پڻ سمجهان ٿو. سعادتمندي ان ڪري بہ سمجهان ٿو جو ڊاڪٽر صاحب سان منهنجون بہ ڪجهہ يادگيريون سلهاڙيل آهن، جن جو هتي مختصراً ذڪر ڪرڻ ضروري ڀانيان ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان منهنجي پهرين ملاقات سال 2001ع ۾ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٿي هئي، جتي منعقد ٿيل هڪ تقريب جي صدارت ڪئي هئائون. پروگرام جي خاتمي کان پوءِ جيئن ئي ڊاڪٽر تان هيٺ لهڻ لڳا ته مون ڪين وڃي وڃي سلام ڪيو، پاڻ پهل ڪندي نالو ۽ منهنجي خاندان ۽ وڏن بابت پڇيائون. منهنجي ٻڌائڻ تي پاڻ وري چيائون ته: ”ڇا ٿا ڪريو؟“ مون ڪين عرض ڪيو ته: ’سائين آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ”انسائيڪلوپيڊيا سيل“ ۾ ”ريسرچر“ آهيان.‘ چيائون ته: ”پنهنجي خاندان بابت مضمون لکي، هنن کي ڏيو ته انسائيڪلوپيڊيا ۾ درج ڪن ڇو ته اوهان جو خاندان علمي خاندان آهي، اهو مواد اچڻ گهرجي.“ ۽ وڌيڪ چيائون ته: ”اوهان پنهنجي ڳوٺ ۽ پرپاسي جي تاريخي آثارن ۽ ماڳن مڪانن جي باري ۾ وڏڙن کان معلومات حاصل ڪندا رهو ۽ اها ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندا رهو ۽ انهن جا وقت سر فوٽا به هٽ ڪندا رهو، اهو مواد اڳتي هلي ڪم ايندو.“ مون ڪين وڌيڪ ٻڌايو ته: ’مان هن وقت ”ڪلهوڙن ۽ عباسين جي نسلي هڪجهڙائي“ جي موضوع تي ڪم ڪري رهيو آهيان. مون کان پڇيائون ته: ”پوءِ اوهان ڪهڙي راءِ تي پهتا آهيو؟“ مون ڪين عرض ڪيو ته: ’قبلا! آءٌ هن راءِ تي پهتو آهيان ته سنڌ ۾ رهندڙ ڪلهوڙا، سنڌ جا اصلوڪا رهواسي آهن. هنن جو ڪنهن به عرب قبيلي سان تعلق نه آهي پر عباسي الڳ قبيلو آهي، جنهن جو تعلق عربن سان آهي ۽ هتي جيڪي اڪثر عباسي سڏائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، انهن جا مورث اعليٰ ۽ انهن جا تاريخي آثار سنڌ ۾ ڏسجن ٿا، تنهنڪري اهي عباسي نه پر مقامي ڪلهوڙا آهن.‘ منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌي چيائون ته: ”اوهان جي تحقيق ۾ بيشڪ وزن آهي، پر اجا تحقيق جاري رکو، عباسي ۽ ڪلهوڙن جا شجرا هٿ ڪريو ۽ گڏوگڏ انهن جي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن بابت به معلومات گڏ ڪريو جا اڳتي هلي اوهان کي مقالي لکڻ ۾ وڏي مدد ڪندي.“

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان منهنجي ٻي ملاقات سال 2009ع ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ”مهراڻ“ جي حيثيت ۾، سنڌن نياڻي عرض محمد بلوچ جي رهائشگاهه قاسم آباد، حيدرآباد ۾ ٿي، جتي آءٌ سنڌن هڪ مضمون، جيڪو مرحوم رئيس ضياءالدين ’بلبل‘ جي شاعريءَ تي لکيل هو، جا پروف کڻي پهتس. پاڻ مليا، بورڊ جا حال احوال ورتائون. آخر ۾ منهنجي خاندان بابت پڇيائون ته انهن تي ڪو تحقيقي مقالو وغيره تيار ڪيو اٿوَ؟ مون ڪين ٻڌايو ته خطاطي ۽ ڪتابت جي حوالي سان معلومات گڏ ڪئي آهي، ته پاڻ هڪدم چيائون ته پوءِ ان جو عنوان رکو- ”خطاطيءَ ۽ ڪتابت جي فن ۾ پاوندا لاکا جي ڪلهوڙا گهراڻي جون خدمتون“. مون ان تي هائوڪار ڪئي ۽ رخصت گهُري. ان ٻي ملاقات کان پوءِ مون ان عنوان تي مقالو تيار ڪيو، جيڪو ٽماهي ”مهراڻ“ جي شماري 2010/1ع ۾ ڇپيو. پرچو ڊاڪٽر صاحب ڏانهن ڏياري موڪليو، پڙهي خوش ٿيا ۽ طارق عالم کي فون ڪري شاباس ڏياري مُڪائون ۽ فون تي طارق عالم کي منهنجي پارت به ڪيائون.

هر سال اپريل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻي هڪ پارکو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ورسي ٿيندي آهي. ورسيءَ جو اهتمام ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر ڪندي آهي. مون سوچيو ته اڪيڊميءَ جي دوستن کي چئجي ته ڇو نه هن سال ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ورسي تقريب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي مدعو ڪجي. اهڙو خيال ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ جي دوستن سان ظاهر ڪيو ته هنن به هائوڪار ڪئي ۽ پوءِ هنن ڊاڪٽر محبت جي لکيل ڪتابن جو سيٽ به ڊاڪٽر صاحب لاءِ سوکڙي طور ڏنو. مون ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان رابطو ڪرڻ چاهيو پر پاڻ ڪٿي ٻاهر ويل هئا، ڪتاب رهائشگاهه تي ڏنا. پاڻ ٻي ڏينهن بورڊ جي فون تي شڪريو مڃيائون ۽ وڌيڪ چيائون ته: ”اهڙو شڪريي جو خط مون اڄ اوهان ڏانهن پوسٽ ڪرائي ڇڏيو

آهي.“ مون موقعو سمجهي ڊاڪٽر محبت جي ورسيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪين گذارش ڪئي، جنهن تي پاڻ چيائون ته: ”ميان صاحب! دل ته ڏاڍي گهري ٿي، ته ايڏانهن هلجي پر هاڻي منهنجا سائين، ضعيت نيڪ نه ٿي رهي ۽ پيرسن به ٿي ويو آهيان، ڊگهو سفر نه ٿو ڪري سگهان، اوهان جيڪڏهن ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي علمي ڪارنامن تي هڪ تفصيلي ڊرافٽ تيار ڪري ڏيو، ته مان ان ۾ ضروري واڌارا سڌارا ڪري ڏيان، پوءِ اهو دوستن کي ڏيو.“ وڌيڪ چيائون ته: ”ميان صاحب! مون کي جيسيتائين ياد پوي ٿو ته ڊاڪٽر ٻرڙي صاحب جا ڪجهه مضمون ’جامع سنڌي لغات‘ جي حوالي سان ڪنهن سنڌي اخبار ۾ ڇپيا هئا، ڏاڍا ڪارائتا مضمون هئا پر يار منهنجي هڪ ضعيت رهي آهي ته آءٌ ڪنهن به تنقيدي مضمون جو ڪوشش ڪري جواب نه ڏيندو آهيان. بهرحال مون کي ڊاڪٽر ٻرڙي صاحب سان ملڻ جي اون ضرور هئي پر سائنس ملاقات نه ٿي. سندس لکڻين مان معلوم ٿيو هو ته هو وڏو پاڙهو ماڻهو هو ۽ هن جو سنڌي ٻوليءَ سان ڪو ازلي عشق هو.“ انهيءَ ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب سان وري ملاقات نه ٿي سگهي، ۽ منهنجون آفيشلي ذميواريون ۽ مصروفيتون به وڌي ويون جو آءٌ وقت سر ڊاڪٽر محبت تي اهڙو ڪو موزون ڊرافٽ تيار ڪري نه سگهيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب 6- اپريل 2011ع ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. اپريل مهيني هڪ ٻيو محبوب ماڻهو اسان کان کسي ورتو. ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات 9- اپريل 1997ع تي ٿي هئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو جڏهن ونجي ٿو ته پوءِ ان لاءِ تعارف جي ضرورت ئي نه ٿي رهي، چو ته تعارف ان گمنام ماڻهوءَ جو ڪرايو ويندو آهي، جنهن کي ڪوبه نه سڃاڻي، پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ته پنهنجي سڃاڻپ پاڻ هو. سندن لاءِ تعارف جو لفظ تمام ننڍڙو لڳي ٿو، پر رسمي طور هتي سندن ڪيل علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تعليمي ڪارنامن جو ذڪر ان ڪري به ڪجي ٿو ته جيئن هڪ طرف ڊاڪٽر صاحب کي ڀيٽا ڏئي سگهجي ۽ ٻي طرف انهيءَ سفر تي هلندڙ اسڪالرن، اديبن، محققن، استادن ۽ شاگردن کي اهو اُتساهه به ڏئي سگهجي، ته هڪ ماڻهو ئي وڏي ڳالهه آهي، جيڪڏهن اهو ڊاڪٽر بلوچ صاحب وانگر ڪم ڪرڻ چاهي، ته گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

## ڊاڪٽر بلوچ لطيفيات جو ماهر هو:

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو پڪو عاشق هو. هن جو شاهه جي سوانح ۽ شاهه جي ڪلام سان عشق هو. سندن خدمتون هونئن ته وسيع آهن، پر پاڻ جنهن موضوع تي زندگيءَ جو گهڻو حصو دلجمعي ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو، اهو لطيفيات جو موضوع آهي. ان ڳالهه جو ذڪر بلوچ صاحب پنهنجين مختلف لکڻين ۾ ته ڪيو آهي، پر خصوصاً ”شاهه جو رسالو“ جي معياري متن جي مهاڳ ۾ واضح لکيو اٿن ته:

”ٽيهن سالن (1996ع- 1966ع) جي مسلسل محنت ۽ مطالعي سان ”شاهه جي رسالي“ جو مستند معياري متن تيار ڪيو ويو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سوانح، ڪلام ۽ فڪر بابت تحقيق کي توڙ تائين پهچايو ويو.“ (ص-گ)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي انهيءَ تحقيقي ڪارنامي تي سندن نگرانيءَ ۾ پي ايچ.ڊي ڪندڙ اسڪالر ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لائق شاگرد ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب مستند معياري متن جي ”تعارف“ ۾ لکيو آهي ته:

”شاهه جي رسالي بابت ذري گهٽ هڪ صديءَ تي ڦهليل تحقيق جو آغاز ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو. اها تحقيق، ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي هٿان ٽيهن سالن جي مسلسل محنت سان رسالي جي ڏهن جلدن ۾ پايهءِ تڪميل تي پهتي.“ (ص-ل)

**ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻوليءَ سنڌي لغات جو بہ ماهر هو:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالمن ۽ اسڪالرن ۾ سرفهرست آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سندن نظريو علمي حلقن ۾ نهايت اهميت جو حامل آهي. سندن نظريي مطابق: 'سنڌي ٻولي سڌوسنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌوماٿر جي اڳ واري قديم ٻولي آهي. يعني سنڌي هڪ قديم هند- آريائي ٻولي آهي، جنهن جو بنياد سنڌوماٿر جي اڳ واري قديم دور ۾ ڪتل نظر اچي ٿو.' ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، بلوچ صاحب جي انهن ٻنهي پهلوئن تي پنهنجي مضمون- "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- هڪ گهڻ رخو ودوان" ۾ لکيو آهي تہ:

"جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪو تحقيقي ڪم ڪبو، تہ ان سلسلي ۾ اسان جو هيءُ عالم، هڪ رهبر مثل، ٻورائو ٻڻجي اڳيان اڳيان هلي، رهبري ڪندي محسوس ڪجي ٿو. جيڪڏهن سنڌي لغات جي باري ۾ قلم کڻبو تہ اسان جو هيءُ بزرگ دانشور، علم اللغات جي جديد فن جي ماهر جي حيثيت ۾ موجود ملندو."

**ڊاڪٽر بلوچ تاريخ جو ماهر عالم ۽ محقق مؤرخ بہ هو:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اهو معلوم هو تہ اها ئي قوم ڏرتيءَ تي عروج حاصل ڪندي آهي، جنهن وٽ خود اعتمادي ۽ پرعزم ارادن جي قوت هجي. سنڌي قوم جو ماضي بہ شاندار رهيو آهي. سنڌ جي شاهوڪار تهذيب و تمدن جي گواهي موهن جو دڙو ڏئي رهيو آهي. تهذيب، مسلسل رواج، طور طريقن، اٿڻي ويهڻي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ وڻج واپار وغيره جو نالو آهي. ثقافت ۽ تاريخ بہ ان جو ئي حصو آهن. هر قوم جي ثقافت هر دفعي ساڳي نہ هوندي، پر اها وقت ۽ حالتن مطابق مَتبي رهبي آهي، پر تاريخ انهن سڀني جو رڪارڊ ۽ آئينو هوندي آهي، جا وقت جا محقق ۽ مؤرخ ئي لکندا آهن. قومن جون تاريخون ايندڙ نسلن لاءِ مثال ۽ عبرت هونديون آهن.

قومن جا سُلجهيل فرد پنهنجي گم ٿيل تاريخ هٿ ڪندا آهن. سنڌ جي تاريخ بہ گُم ٿيل تاريخ آهي، جنهن کي ڳولهڻ لاءِ پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙا ماڻهو اسان وٽ پيدا ٿيا، جن سنڌ جي گم ٿيل تاريخ کي ڳولڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ورتيون. تاريخ لکڻ بہ هڪ فن آهي، ڪنهن بہ شيءِ جي لکڻ کان اڳ ان جا اصول ۽ قاعدا طئي ڪرڻا پوندا آهن. اصول ۽ قاعدا تيار ڪرڻ جو اهو مطلب هوندو آهي تہ جيئن منجهيل شين کي سُلجهائي ترتيب ۾ رکيو وڃي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ سنڌ جي تاريخ لکڻ لاءِ ڪي قاعدا قانون جوڙيا. نظريئہ تاريخ بابت سندن شاگرد ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب پنهنجي مضمون- "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (عالم اديب، محقق مؤرخ ۽ سندس نظريئہ تاريخ) ۾ لکيو آهي تہ:

"سڀ کان پهرين هڪ تاريخ نويس لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي آڏو واضح مقصد رکي ۽ ان لحاظ کان پنهنجي رخ جو تعين ڪري. هر تاريخي تحرير جي پويان ڪونہ ڪو محرڪ ضرور هوندو آهي ۽ تاريخ نويس لاءِ ان جو هئڻ بري ڳالهہ بہ نہ آهي، هن کي گهرجي تہ پنهنجي ان مقصد کي ٻين لاءِ کولي بيان ڪري تہ جيئن سندس ان تحرير جي صحيح نموني پرک ٿي سگهي... ان ڪري هڪ مؤرخ سان ڪٿي، ڪير ۽ ڪيئن، جي اضافت هميشہ لڳل هوندي آهي... ڪنهن بہ واقعي بابت وقت، هنڌ ۽ حالتن جي پوري ڄاڻ رکڻ ازحد ضروري آهي."

**ڊاڪٽر بلوچ صاحب، صوفيت جو پرچارڪ به هو:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ڪونه ڏکويو، بلڪ هو پکين ۽ جانورن تي به مهربان رهيو. سندن لائق شاگردن مان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب پنهنجي مضمون- ”ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- علم جو روشن مينار“ ۾ لکيو آهي ته:

”سائينءَ هڪ ذاتي سبق ڏنو، سهپ جو، برداشت جو، صوفي مت جو، مخالفن کي برداشت ڪرڻ ۽ ڪنهن سان ڪينو نه رکڻ جو سبق، مون سائينءَ کان سکيو.“

**ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ جو عاشق به هو:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو عشق نرالو هو، هن عشق سنڌ سان به ڪيو هو. سنڌ جي سونهن ۽ خوبصورتيءَ کي نه رڳو پنهنجين تحريرن ۾ لامحالہ نروار ڪيائين پر پرڏيهه وڃي اُتي به سنڌ جي حوالي سان ڪئين يادگار قائم ڪيائون. عنايت بلوچ صاحب پنهنجي مضمون- ”آديسي آديس، هتان ڪري هليا...“ ۾ هن طرح لکيو آهي ته:

”1986ع ۾ آءٌ آمريڪا جي گاديءَ جي هنڌ واشنگٽن ڊي.سي ۾ قائم سمٿسونين ميوزيم گهمڻ ويس، اتي هڪڙي جڳهه تي لکيل هو: "A Sindhi Home" بجليءَ جو ڪرنٽ محسوس ڪيم... اندر گهر ۾ ڇا ڏسان ته هڪ ٽري عورت سوسيءَ جا ڪپڙا پائي، ڏڏ ولوڙي، ٻي مائي ڇڄ ۾ اَنُ ويٺي ڇَنڊي ۽ ٽين مائي سنڌي رلي پئي سبي... پڇا ڪيم ته ٻڌايو ويو ته ڪو صاحب پاڪستان کان آيو، سندس نالو ڊاڪٽر اين.اي بلوچ هو.“

**ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪم جو طريقو:**

هر اديب، عالم ۽ محقق جو ڪم جو طريقو پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪم لاءِ ٺئي ڪيل اصول، پيچيدگين کي ختم ڪري آساني پيدا ڪندا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيقي ڪم ڪار جو طريقو به بهترين هو. 1955ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ لوڪ ادب سهيڙڻ جي رٿا منظور ڪئي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن اسڪيم جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا، جن يو.سي وار مواد گڏ ڪري ڊاڪٽر صاحب جن جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي مضمون- ”ڊاڪٽر بلوچ: ڪم جي ابتدا، رٿابندي، تحقيق ۽ ترتيب جو طريقو“ ۾ لکي ٿو ته:

”ڪم جو طريقہ ڪار هيءُ هو ته جيڪو به مواد ايندو هو سو مرڪزي آفيس ۾ موجود هيڊ ڪارڪن شيخ محمد اسماعيل ۽ ٻيا ڪارڪن ڇنڊڇاڻ ڪندا هئا. ڊاڪٽر صاحب شام جو ڇهين وڳي ايندا هئا، ان مواد کي ڏسندا هئا، ڪارڪنن سان صلاح ڪندا هئا ۽ درستيون ڪندا هئا، مختلف روايتن مان هڪ جي چونڊ ڪندا هئا ۽ اهائي روايت متعلقہ جلد ۾ موڪليندڙ تعلقہ ڪارڪن جي نالي سان شامل ٿينديون هيون، جيڪا فوٽ نوٽ ۾ ڏني ويندي هئي.“

**ڊاڪٽر بلوچ صاحب عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جو عالم به هو:**

ڪنهن به اسڪالر، اديب ۽ تاريخدان لاءِ ضروري آهي ته هو مختلف ٻولين ڄاڻندڙ هجي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به هڪ ئي وقت ڪيترين ئي ٻولين جو ماهر بلڪ عالم هو. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو پنهنجي مضمون- ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ فارسي علم و ادب“ ۾ لکيو آهي ته:

”ويهين صديءَ جي سنڌ جيڪي به وڏا اديب، شاعر ۽ محقق، تاريخدان ۽ نقاد پيدا ڪيا آهن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو انهن سڀني ۾ سرِفهرست ڏسجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا لکيل، مرتب ڪيل، ايڊٽ ڪيل ۽ جوڙيل ڪتاب، پڪ سان هڪ سؤ کان به مٿي ٿيندا. انهن ڪتابن ۾ بلوچ صاحب نهايت معتبر ۽ مٿانهون اسڪالر

استاد مقرر ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي مقرري سيپٽمبر 1951ع ۾ ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري اختيار ڪندي پهريان ايجوڪيشن شعبو قائم ڪيو، جنهن جو هو پاڻ سربراهه ٿيو.“

## ڊاڪٽر بلوچ سچل شناس به هو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ ۾ اهو محقق هو، جنهن جي تحقيق، بنياد جي حيثيت رکي ٿي. خاص طور ڪلاسيڪي ادب، شاعري ۽ موسيقي وغيره جهڙن موضوعن تي لکڻ جي ابتدا سنڌ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ئي ڪئي. ڊاڪٽر صاحب، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وڏي ۾ وڏو عقيدتمند ۽ عاشق هو، جنهن زندگيءَ جا پريا ترپا 32 سال ڀٽائي صاحب کي ڏنا. ازان سواءِ پاڻ سچل سرمستؒ جي فڪر تي به ڪم ڪيائون. ان سلسلي ۾ سچل سرمستؒ جي شخصيت ۽ فڪر تي پي ايچ.ڊي ڪندڙ نوجوان اسڪالر ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري لکي ٿو ته:

” ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سچل سرمستؒ بابت ڪن اختلافي نُڪتن بابت جدا جدا پنهنجين تحريرن ۾ ذڪر ڪيو آهي، جي هن طرح آهن: (1) سچل سائين جي ولادت جي درست تاريخ، (2) ڇهن زبانن وارو يا هفت زبان شاعر، (3) سچل سائين جي انقلابي شاعري، (4) سچل سائين جي فڪري واٽ. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن سچل سائين تي جدا ڪو ڪتاب ته نه لکيو آهي پر هن جي تحريرن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي ذهن ۾ سچل سرمستؒ بابت ڪو ڪتاب لکڻ جو خاڪو ضرور موجود هو.“

## ڊاڪٽر بلوچ منصوره ۾ ميوزيم قائم ڪرڻ جو خواب ڏٺو هو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اڪثر لکڻين ۾ يا عام ڳالهه ٻولهه ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪندو هو ته سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ کي زنده رکڻ لاءِ سنڌ جي انهن ماڳن مڪانن تي ميوزيم قائم ڪيا وڃن ۽ اتي اهڙن تاريخي ماڳن مان هٿ آيل شين کي محفوظ ڪيو وڃي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب تاريخ جو عالم هو، ان کي خبر هئي ته ڪنهن به قوم جي عالمگيري سڃاڻپ، ان جي قدامت تي دارومدار رکي ٿي. سنڌو تهذيب به قدامت جي لحاظ کان تمام آڳاٽي ۽ شاهوڪار رهي آهي. تنهنڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهيءَ ڳالهه تي گهڻو زور ڏنو ته سنڌ ۾ اهڙا ميوزيم ۽ ثقافتي مرڪز قائم ڪيا وڃن جتي اهڙن شين کي محفوظ ڪيو وڃي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪوششون وٺي عمرڪوٽ، ڀنڀور، حيدرآباد ۽ ٻين تاريخي شهرن ۾ ميوزيم قائم ڪرايا. بلوچ صاحب سنڌ جي اوائلي تختگاهه ’منصوره‘ ۾ به اهڙي ئي ميوزيم قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو، پر سندن اهو خواب ساڀيان نه ٿي سگهيو. ميرزا منظور علي بيگ پنهنجي مضمون- ”منصوره ميوزيم: ڊاڪٽر بلوچ جو خواب“ ۾ لکيو آهي ته:

”سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڊاڪٽر صاحب جهڙي گهڻ رُخي شخصيت جي ڪيل خدمتن جو ته ڪاٿو ئي نه ٿو لڳائي سگهجي... پر سنڌ جي تاريخ کي سنوارڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي ثقافت کي به محفوظ ڪرڻ لاءِ ميوزيم جي قيام، ترقي ۽ واڌاري لاءِ پاڻ آخري دم تائين جاکوڙيندا رهيا. ان ڏس ۾ پاڻ عمرڪوٽ ميوزيم، ڀنڀور ميوزيم، ۽ حيدرآباد ٽالپر ميوزيم پڻ قائم ڪرايا، جن ۾ سنڌ جي ثقافت سان لاڳاپيل ڪيترائي نوادرات زينت بڻيل آهن. اهڙين خدمتن ۾ منصوره ميوزيم پڻ سندن هڪ خواب هو، جيڪو پورو نه ٿي سگهيو.“

## ڊاڪٽر بلوچ هڪ وضع دار انسان به هو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ بااصول ۽ منظم شخصيت هو. سندن طرزِ زندگي هڪ مثالي هئي، جنهن مان هر ماڻهو گهڻو ڪجهه لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو. هو وقت جو پابند هو، ننڍي وڏي سان شوخ ٿي نه ڳالهائيندو هو، بلڪ انهن کي بابا، پٽ، سائين، منهنجا سائين، جهڙن لفظن سان مخاطب ٿيندو هو. عام طور تي

تنقيد جو جواب نہ ڏيندو هو، بلڪ تنقيد جي جواب ڏيڻ کي وقت جو زيان سمجهندو هو. هن سلسلي ۾ سندن پوٽو محمد ارشد بلوچ پنهنجي مضمون- "منهنجو پيارو ڏاڏا سائين" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

"ڏاڏا سائين جي هر ڳُفتي ۾ هڪ سبق هوندو هو. پاڻ وقت جي پابندي ڪرڻ سڀ کان وڌيڪ ضروري سمجهندا هئا ۽ مون کي وقت جي پابندي ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. ڪڏهن بہ ننڍي يا وڏي سان تکي انداز ۾ گفتگو نہ ڪيائون ۽ سڀني پنهنجن توڙي پراون سان بابا سائين، پُٽ، منهنجا سائين جي لقب سان مخاطب ٿيندا هئا. هر ڪنهن جي ڳالهہ غور سان پيا ٻڌندا هئا."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نثر کان علاوه اساسي شاعريءَ تي تحقيقي ڪم ٿيل آهي. هن کان اڳ ۾ ڪنهن بہ عالم جو اهڙو ڪم نظر نہ ٿو اچي. سنڌي اساسي شاعريءَ کي ڳولهي ڦولهي چنڊي ڦوڪي عاليشان شرحن ۽ مقدمن سان رسالي جي صورت ۾ ڇپائي منظر عام تي آندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اساسي شاعريءَ جو بنياد قاضي قادن کان شروع ٿئي ٿو. قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو شروعاتي ۽ بنيادي شاعر هو، جنهن جو ڪلام سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪري ئي پاڳن ۾ نروار ڪيو. قاضي قادن جي ڪلام کان علاوه ڊاڪٽر صاحب ٻين اساسي شاعرن: شاهہ لطف الله قادري، ميين شاهہ عنات، خليفي نبي بخش لغاري، حمل فقير لغاري، شاهہ شريف ڀاڏائي، غلام محمد خانزئي ۽ ٻين جو ڪلام تحقيق ڪري ڇپارايو. ڊاڪٽر ناهيد پروين پنهنجي عالمانہ مقالي- "سنڌي اساسي شاعري ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" ۾ لکيو آهي تہ:

"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي کوجنا موجب اساسي شاعريءَ جي سلسلي ۽ فڪر جو پهريون باني مباني شاعر قاضي قادن هو... اهڙي املهہ خزاني جي ڳولا ۾ جيڪا جاکوڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي، اها ڪنهن کان بہ ڳُجهي ڪانهي. ڊاڪٽر صاحب نہ رڳو هندستان جو سفر ڪيو بلڪ هند سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ ڏاهن سان ملاقاتون بہ ڪيون."

**ڊاڪٽر بلوچ، علم موسيقيءَ جو ماهر بہ هو:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو واسطو فقط عالمن ۽ اديبن، تعليمدانن، شاعرن ۽ محققن سان نہ هو، پر سندن واسطو سنڌ جي هر مڪتبئہ فڪر ماڻهوءَ سان هو. سندن قرب ڪچهريون سگهڙن، ڏنارن، سالڪن، فقيرن، ڳائڻن، مڱڻهارن، مهيرن، هارين، نارين، مزدورن، مطلب تہ هر طبقي جي ماڻهن سان رهيون پر ڊاڪٽر صاحب جو انهن سڀني کان وڌيڪ لڳاءُ موسيقي سان بہ هو. بيدل مسرور بدوي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علم موسيقي ۽ فن جي مهارت بابت پنهنجي مضمون- "ادب ساگر- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" ۾ لکيو آهي تہ:

"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ متعلق ٿيل تحقيق بہ اهم آهي، جنهن جي اهميت کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهي."

**حرف آخر:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي پيٽا ڏيڻ بورڊ جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي. هيءُ خصوصي نمبر ڊاڪٽر صاحب جي جملي علمي، ادبي، تعليمي ۽ تحقيقي خدمتن جو گهڻي حد تائين احاطو ڪري ٿو. تنهنڪري هيءُ خصوصي نمبر نہ رڳو "مهراڻ" جي پڙهندڙن لاءِ معلومات ۽ دلچسپيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو پر عالمن، اسڪالرن، استادن ۽ خصوصاً ڊاڪٽر بلوچ صاحب تي پي ايڇ.ڊي ڪندڙ شاگرد اسڪالرن لاءِ "ريفرنس بُڪ" جي حيثيت رکندو. اِن ڳالهہ جو مون کي بہ هڪ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ فخر رهندو، تہ اهڙو ريفرنس بُڪ منهنجي ادارت ۾ تيار ٿي ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي.

**شڪريه ادائي:**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي علمي، ادبي، تعليمي ۽ تحقيقي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ "مهراڻ"، جو هيءُ خصوصي نمبر، ڊاڪٽر صاحب جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي هڪ خاص اشاعت هيٺ شايع ڪري پڌرو ڪيو ويو آهي. اهڙو اعلان بورڊ جي معزز چيئرمن قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي لاڏاڻي جي موقعي تي ڪرڻ فرمايو هو. هن "خاص نمبر" جي تياريءَ ۾ ۽ وقت سر اجراء ۾ چيئرمن صاحب جون ورتل ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن، وقتاً بوقتاً ايڊيٽر کي گڏجاڻين ۾ سڏائڻ ۽ مفيد مشورن ڪان نوازڻ وارو سندن اهو سلسلو هن خاص نمبر جي ڇپائيءَ جي آخرين مرحلن تائين جاري رهيو. سندن دلچسپي ۽ مستقل مزاجيءَ سان هيءُ اڻ ڪانيو ڪم مون جهڙي سُست قسم جي ماڻهوءَ کان ٿيو آهي، جا ڳالهه ڪنهن ڪرامت ڪان گهٽ نہ آهي.

ٻي نمبر تي ڳڻڻ ڳائجن سائين ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جا، جنهن صاحب نہ رڳو ڊاڪٽر بلوچ صاحب تي ڀرپور عالمانہ مقالو تيار ڪري ڏنو پر مڙني مرحلن تي منهنجي مدد ۽ همت افزائي بہ ڪندو رهيو.

ٽيون نمبر منهنجو مهربان سائين عنايت بلوچ صاحب آهي، جنهن صاحب بہ هڪ جاندار مقالو تيار ڪري ڏنو ۽ مفيد صلاحن ڪان پڻ نوازيو.

چوٿون نمبر منهنجو مهربان دوست ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو پوٽو محمد ارشد بلوچ آهي، جنهن مواد گڏ ڪرڻ ۽ تصويرن ڏيڻ ۾ منهنجي معاونت ڪئي. هن نوجوان جي بي لوث مدد ۽ مخلصانہ رويو مون ۾ آخر تائين اُتساهه جو سبب بڻيو رهيو.

پنجون مهربان، بورڊ جو سيڪريٽري سائين الهڏتو وگهيو صاحب آهي، جنهن صاحب شروع ڪان وٺي آخر تائين منهنجي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ گڏوگڏ مون ڪان ڪم جي باري ۾ باقاعدگيءَ سان رپورٽ بہ وٺندو رهيو.

هن "خاص نمبر" ۾ جن مهربان عالمن، اسڪالرن ۽ اديبن جون لکڻيون شامل ڪيون ويون آهن، ايڊيٽر سميت ادارو، انهن سمورن مان وارن دوستن جو نهايت ئي ٿورائتو آهي ۽ هيءُ "خصوصي نمبر" پڌرو ڪندي نهايت خوشي محسوس ڪري ٿو. مواد جي ڪمپوزنگ جي سلسلي ۾ ڪمپيوٽر ليب جي انچارج مسٽر سليم اختر پيرزادي ۽ سينيئر آپريٽر مسٽر عبدالصمد ٻبر، ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ پبليڪيشن آفيسر مسٽر سڪندر علي شاهه ۽ مئنيجر پريس مسٽر محمد رحيم نوحاڻي، مشين مين مسٽر علي رضا شاهه ۽ جنرل مئنيجر مسٽرگل حسن درس سروريءَ سميت بورڊ جي واسطيدار عملي جو سهڪار رهيو. انهن سمورن دوستن جو شڪريو مڃڻ آءٌ ضروري سمجهان ٿو. انسان خطا جو گهر آهي، ضرور هن نمبر ۾ ڪٿي ڪا نظر چُڪ ٿي هوندي، ان جو بروقت ادارو معافي جو طلبگار آهي.

دين محمد ڪلهوڙو
ايڊيٽر "مهراڻ"

49. ڊاڪٽر بلوچ: محقق، دانشور ۽ لطيف شناس - مرزا ڪاظم رضا بيگ 405
50. ڊاڪٽر بلوچ سان ڪيل يادگار ملاقاتون - محمد پنهل ڏهر 413

**• مرڻ مند نہ آهي، تائب تيو تڪڙا** (تاثرات)

- منهنجو شفيق والد - ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ 418
- اسان جو عظيم والد - علي محمد بلوچ 418
- منهنجو بابا- صبر ۽ تحمل جو سمنڊ - محمد رفيق بلوچ 420
- منهنجو پيارو بابا سائين - محمد شفيق بلوچ 420
- امر انسان - پروفيسر نذير اي. مغل 421
- اسان جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب - در محمد پٺاڻ 421
- ڪلجڳ ڪاپڙي - الهڏتو وگهيو 422

**• انٽرويو**

- اسان سخت غربت ۽ مشڪلاتن ۾ پڙهياسين انٽرويو - مراد علي مرزا 427
- تاريخ، لوڪ ادب، ٻولي، موسيقي ۽ لغت جي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تاريخي انٽرويو - ظفر جوڻيجو 431
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- هڪ اهم انٽرويو - سنڌيڪار: براهوئي عبداللطيف "عبد" ڏينپوري 459

**• شاعري**

- وفات حسرت آيات عالم و فاضل اديب ڪامل دکتر نبي بخش بلوچ - ڊاڪٽر محمد ادريس السندي 465
- ماده تاريخ- ارتحال ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - جوهر بروهي 466
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾
- خراج عقيدت - غلام حسين "مشتاق" سچاروي 467
- هي هو محبت پريو انسان - خدا بخش لغاري 468
- ڊاڪٽر بلوچ جي ياد ۾ - غلام علي چانگ 468
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي وڇوڙي تي - بشير احمد شاد 469
- مرحوم و مغفور بين الاقوامي اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 470



نامور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# شجره نسب *

## خاندان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## (ڳهڻو خان پٽ بوعالي خان پٽ حمزه خان پٽ فريدم خان: جعفر خان جي پٽ علي بخش خان جو اولاد)




* ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب. "اسان جو ڳوٺ: جعفر خان لغاري" تان ورتو ويو آهي (اداري)

# سوانحي خاڪو

## ولادت:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اباڻو ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلع سانگهڙ ۾ آهي. هتي ئي 16- ڊسمبر 1917ع تي سندن ولادت ٿي ۽ هن ئي ڳوٺ، دنيا کي هيءُ ساڃاهه وارو سپوت آڇيو. هن ڳوٺ کي سندن ابن ڏاڏن جي مسڪن هجڻ جو شرف حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڏاڏي جو نالو عرض محمد خان هو، جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: علي محمد خان ۽ ولي محمد خان. ڊاڪٽر صاحب علي محمد خان جو فرزند آهي.

## خاندان:

ڊاڪٽر صاحب جا وڏا اصل سنڌ جي سري يعني ديري غازي خان واري علائقي جا رهاڪو هئا. هنن جو تعلق لغاري بلوچ قبيلي سان آهي. اُتان اٽڪل ٽي سئو سال اڳ لڏي اچي موجوده سنجهوري تعلقي ۾ وينا. موجوده ڳوٺ جعفر خان لغاري اندازاً 1800ع ڌاري آباد ٿيو. جعفر خان، ٽالپري دؤر جو هڪ داناءُ ماڻهو ۽ همت وارو معزز شخص هو. هُن جي ٻومڻ واهه وٽ حيدرآباد ۾ راجائتي اوطاق هئي. سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ ڪيس ٻه ٻين سربرآورده شخصيتن وانگر سرڪيولر پهتو ته چارلس نيپيئر جي دربار ۾ اچي حاضري ڏين، پر جعفر خان قومي غيرت سبب غاصب نصاري جي دربار ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو. ان ڪري سرڪار جو مٿس عتاب رهندو آيو ۽ بعد ۾ هو مالي مشڪلاتن ۾ رهيو. انهيءَ ڪري علي محمد خان وارن جي مالي حالت پوئتي پئجي ويئي.

هو هڪ پيري مختيارڪار سان مليو. ان ڪانئس پڙهيل هجڻ جو پڇيو. علي محمد خان ته پڙهيل ڪونه هو. مختيارڪار کي عجب لڳو ته ههڙو اثر وارو، باهمت ۽ نيڪ توڙي وجا وارو ۽ اڄڪلهه جي اصطلاح موجب سمارٽ ماڻهو پڙهيل ئي ڪونه هو! مختيارڪار ڪيس 8 ايڪڙ زمين جي آڇ ڪئي، جيڪا پوءِ سٺ رپين جي قسطن تي ويهن سالن ۾ ڪل قسطون ڀيارڻ جي شرط تي ڏني ويئي.

## والد جي وفات:

علي محمد خان پنجويهن سالن جي عمر ۾ ڀرپور جوانيءَ ۾ وفات ڪئي، جڏهن سندس فرزند نبي بخش پنجن يا ڇهن مهينن جو هو. اسڪول جي رجسٽر ۾ نبي بخش جي ولادت جي تاريخ 16 ڊسمبر 1917ع لکي وئي. ڊاڪٽر صاحب جو پنهنجو چوڻ هو ته سندس چاچي ڪيس ٻڌايو ته هو چيٽ مهيني (مارچ) ۾ ڄائو هو ۽ چيائين ته "اسڪول ۾ استاد عمر وڌائي لکي ته جيئن توکي نوڪري اڳ ۾ ملي". اڳ پندرهن سالن جي عمر کان اڳ نوڪري نه ملندي هئي. ولادت جو سال گهٽوڪري 1919ع هو.

## تعليم جي ابتدا:

نبي بخش خان جي والد جي وصيت هئي ته "منهنجي فرزند کي پڙهائجو" ڳوٺ جو ماحول ٻه سنڌ جي ٻين ڳوٺن وانگر ائين هو، جنهن ۾ تعليم جي ڳالهه ڪرڻ ڄڻ ته نئين ڳالهه هئي، پر سندس چاچي ولي محمد خان پنهنجي ڀائٽيي کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو هو. پر ڪو مڪتب يا سنڌي اسڪول هو ئي ڪونه، ان ڪري ڳوٺ جي واڻئي ڀائي وَسُومل وٽ ڪيس پڙهڻ لاءِ ويهاريائين. ان وٽ هَٽڪا اکر سکيو، جن جي پٺيءَ پنيان ايندڙ آخري فقرو ڪيس ياد رهيو، اهو هو "چيهارو چند پير ڪي". (يعني چُهار زنده پير ڪي)

## پرائمري تعليم:

ان خانگي پڙهائيءَ ۽ اکرن سُڃاڻڻ کان پوءِ ڳوٺ پليو خان لغاريءَ ۾ جيڪو اسڪول پيو، ان ۾ 1924ع ۾ پڙهڻ وينو. پرائمريءَ ۾ جيڪي استاد آيا، انهن جا نالا هي آهن: 1- محمد يوسف سومرو (هيءُ صاحب ڪڏڙي جو هو) 2- سومر خان لغاري 3- محمد قاسم پٽي (هيءُ صاحب منياٽيءَ جو هو) 4- محمد عثمان خشڪ صاحب محبت ديري جتوئيءَ جو 5- قادربخش جتوئي (هيءُ صاحب ٻه محبت ديري جتوئي جو هو) 6- مسٽر چيناند نوشهري طرف جو. ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ موجب هي استاد حقيقي معنيٰ ۾ روشنيءَ جا منارا

نمبر 1957ع ۾، ابن دريد جي قصيدي "مقصوره ابن دريد" جي باري ۾ لکي ٿو ته پاڻ موڪل ۾ وطن وري ان کي مخدوم امير احمد صاحب کان پڙهيو ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪيائين. اهڙي ڀرپور ڪوشش جو اهڙو ئي وڏو نتيجو نڪتو. پاڻ 1941ع ۾ بي.اي آنرس فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ڪاليج ۾ پهريون نمبر ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيو. وڌيڪ تعليم لاءِ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ داخل ٿيو. ايم.اي ۾ به هو هڪ سراسري سطح جي شاگرد وانگر نه هو، پر عمدي ڪارڪردگي ئي سندس نظر ۾ رهي. ڪنهن به معاملي جي تهه تائين پهچڻ ۽ ڪنهن به موضوع جي صحيح معنيٰ حاصل ڪرڻ جي جستجو قائم رکندو آيو.

1943ع ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ايم.اي فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ پوزيشن سان ڪيائين. ايل.ايل.بي به علي ڳڙه مان فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. هي زمانو ننڍي کنڊ ۾ سياسي اٿل پٿل ۽ هيجان جو هو. جوان سال شاگرد نبي بخش خان به هڪ هيجاني صورتحال مان لنگهي رهيو هو. علي ڳڙهه ۾ ڊاڪٽريٽ جو مقالو "سند تحت سطرة العرب" (سنڌ ۾ عرب حڪمراني) لکي پورو ڪرڻ وارو هو، جو ڪراچيءَ ۾ مسلمان شاگردن لاءِ پهريون ڪاليج يعني سنڌ مسلم ڪاليج کليو، جنهن لاءِ استادن جي ضرورت هئي. پير الاهي بخش صاحب وزير جي تاڪيد تي ڊاڪٽر صاحب اچي هن ڪاليج ۾ ڪجهه وقت لاءِ تدريس جو فرض سرانجام ڏنو.

## ڪولمبيا يونيورسٽي:

قدرت اعليٰ تعليم لاءِ سندس علمي تشنگي کي دُور ڪرڻ لاءِ ٻيو موقعو فراهم ڪيو. ان وقت برٽش گورنمينٽ آف انڊيا مرڪزي اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو. ڊاڪٽر صاحب دهليءَ مان آل انڊيا سطح تي اها اسڪالرشپ کٽي ۽ سرڪاري طور تي ڪولمبيا يونيورسٽي (نيويارڪ) ۾ سندس داخلا ٿي ۽ کيس ريسرچ جو موقعو مليو. پاڻ 16- آگسٽ 1946ع تي بمبئيءَ مان ولايت روانو ٿيو. هن سفر ۾ ئي ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" جي تاليف جي شرعات ٿي.

ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ رهي، نبي بخش خان 'تعليمي نظام ۽ انتظام' کي پنهنجو موضوع بڻايو ۽ اُتان ايم.ايڊ ۽ ڊاڪٽر آف ايڊيوڪيشن جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊاڪٽريٽ جي دوُر ۾ کيس تعليم ۽ تحقيق جو بهترين موقعو مليو. ڪولمبيا ۾ تعليم ۽ تربيت لاءِ کيس بهترين استاد مليا. جن پروفيسرن جي رهبريءَ ۾ خاص نصابي ڪم ۽ ٿيسز مڪمل ڪيائين، اهي هي هئا: غير ملڪي شاگردن جي رهبريءَ لاءِ ڊاڪٽر ڪليئرنس لِنٽن مقرر هو، جنهن جي رهنمائي ۽ شفقت کي ڊاڪٽر صاحب ياد ڪندو هو. بين الاقوامي ثقافتن جي ڪورسز ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر ٽيوڪسبري هڪ بهترين استاد مليو. اهڙوئي ٻيو استاد ڊاڪٽر ٿامپسن هو، جيڪو ڪريڪيوليم ڪورسز تي عالمانه ليڪچر ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح ٻيو بهترين استاد ڊاڪٽر ڪائونٽس هو. نبي بخش خان جي تحقيقي مقالي جو موضوع هو:

A Program of Teacher Education for the New State of Pakistan

تحقيقي مقالي (ٿيسز) جي تياريءَ لاءِ نبي بخش خان جو عمومي صلاحڪار ڊاڪٽر اي.ايس. ايوينڊن ۽ خاص صلاحڪار ڊاڪٽر ڪارل ڊبليو بِگلو (Dr. Karl W. Bigelow) هو.

## وطن جي حُب:

'ڊاڪٽر آف ايڊيوڪيشن' جي ڊگري ملڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ کي اقوام متحده ۾ نوڪريءَ جي آڇ ملي، پر پاڻ وطن جي خدمت جي جذبي ۾ مئي 1949ع ۾ سنڌ واپس موٽيو. هت هن کي جنهن ملازمت جو وعدو هو، سا ڪانه ملي ۽ جيسين ڪا ٻي نوڪري ملي، تيستائين ڊاڪٽر صاحب سفر لاءِ خاڪي ڪپڙن جا ٻه وڳا نهرائي، سنڌ کي ڏسڻ پسڻ لاءِ مئي 1949ع کان آگسٽ 1950ع تائين کنڊ ڪڙڇ گهميو ۽ علمي ڪچهريون ڪندو رهيو ۽ تاريخي هنڌن کي ڏسندو رهيو.

ڊاڪٽر صاحب کي راڳ جو گهڻو شوق رهيو ۽ سندس ڳوٺ جو الهڏنو فقير ماڇي هن فن ۾ سندس استاد هو. راڳ سان گڏ ملهه جي فن کي مقبول بنائڻ لاءِ به گهڻي ڪوشش ورتائين. ڀٽ شاهه تي پهريون پيرو

# قلمي پورهيو*

## لوڪ ادب:

1. **مداحون ۽ مناجاتون**، 1959ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
2. **مناقبا**، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
3. **معجزا**، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
4. **مولود**، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
5. **ٽيهه اکريون** (ڀاڱو پهريون)، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
6. **ٽيهه اکريون** (ڀاڱو ٻيو) 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
7. **هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا**، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
8. **جنگناما**، 1984ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
9. **واقعاتي بيت**، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
10. **مناظرا**، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
11. **سنڌي سينگار شاعري**، 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
12. **پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ پول**، 1965ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
13. **ڳجهارتون**، 1969ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
14. **ڏور**، 1970ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
15. **ڳيچ** (جلد پهريون ۽ ٻيو گڏ) 1963ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
16. **لوڪ گيت**، 1965ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
17. **بيت**، 1971ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
18. **ٽِه جا بيت** (سانوڻ ۽ سندس ساٿياري)، 1970ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
19. **قافيون** (جلد پهريون)، 1985ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
20. **قافيون** (جلد ٻيو)، 1987ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
21. **قافيون** (جلد ٽيون)، 1990ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
22. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-1** (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون) 1987ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
23. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-2** (بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون)، 1977ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
24. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-3** (پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون)، 1987ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
25. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-4** (بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، نگن ۽ ٻين جون ڳالهيون)، 1961ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
26. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-5** (ٻاراڻيون آکاڻيون)، 1962ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
27. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-6** (جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون)، 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
28. **سنڌي لوڪ ڪهاڻيون-7** (ڳاهن سان ڳالهيون)، 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
29. **مشهور سنڌي قصا**: رزميه داستان -1 دودو چنيسر (جلد پهريون)، 1976ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
30. **مشهور سنڌي قصا**: رزميه داستان -2 دودو چنيسر (جلد ٻيو)، 1977ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
31. **مشهور سنڌي قصا**: سنڌ جا عشقيه داستان-1، موکي متارا، مري ۽ مگ ٿر، اُڍو ڪيهر ۽ هوٿل پري، ڦل وڏوئو ۽ پوري، لاکو ڦلاڻي، 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو
32. **مشهور سنڌي قصا**: سنڌ جا عشقيه داستان-2،

* ڪتاب- علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو عظيم اسڪالر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (تعزيتي تاثرات) مرتب- حافظ محمد يوسف پنهور، ڇپائيندڙ: سنڌ مائڪ موتي تنظيم (2011ع) جي ٿورن سان.

3. سنڌ جي مڇي (ڪاري جي مڇيءَ جو مطالعو)، 1995ع. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
4. **اسان جو ڳوٺ: جعفر خان لغاري**، 1999ع خليل ڪتاب گهر، خيرپورميرس
5. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد پهريون)، 2000ع، خليل ڪتاب گهر، خيرپورميرس
6. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد ٻيو)، 2001ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
7. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد ٽيون)، 2002ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
8. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد چوٿون)، 2003ع، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
9. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد پنجون)، 2003ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
10. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد ڇهون)، 2005ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
11. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد ستون)، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
12. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد اٺون)، 2008ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو
13. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد نائون)، 2009ع، ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد
14. **رهاڻ هيرن ڪاڻ** (جلد ڏهون)، 2010ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو
15. ڳڏهه: 1946ع (پهريون ڇاپو، ڪراچي)

**لطيفيات:**

**(الف) شاهه جي رسالي جو تحقيقي ايڊيشن:**

1. **شاهه جو رسالو** (جلد پهريون) 1989ع
2. **شاهه جو رسالو** (جلد ٻيو) 1992ع
3. **شاهه جو رسالو** (جلد ٽيون) 1994ع
4. **شاهه جو رسالو** (جلد چوٿون) 1997ع
5. **شاهه جو رسالو** (جلد پنجون) 1997ع
6. **شاهه جو رسالو** (جلد ڇهون) 1995ع
7. **شاهه جو رسالو** (جلد ستون) 1998ع
8. **شاهه جو رسالو** (شاهه جي ڪلام جو مڪمل متن: جلد اٺون ۽ نائون)، 1999ع، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا اشاعت، حيدرآباد
9. **شاهه جو رسالو** (رسالي جو ڪلام: جلد ڏهون)، 1996ع، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا اشاعت، حيدرآباد
10. **شاهه جو رسالو** (10 جلد هڪ جلد ۾)، 2009ع، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ

**(ب) شاهه جي رسالي بابت وڌيڪ تحقيق:**

1. **شاهه جي رسالي جا سرچشما:** (جلد پهريون) 1972ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
2. **شاهه جي رسالي جي ترتيب:** 1974ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
3. **شاهه جو رسالو:** (برٽش ميوزيم ۾ محفوظ قلمي نسخي تي آڌاريل) 1969ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
4. **شاهه جو رسالو:** (سر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ ٽن قلمي نسخن سان ڀيٽي تيار ڪيل) 1974ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
5. **شاهه جو رسالو:** (ڏهن قلمي نسخن تي آڌاريل، سُر سسئيءَ سان شروع ٿيندڙ) 1977ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
6. **شاهه عبداللطيفؒ:** (سوانح، رسالي ۽ راڳ بابت تحقيقي مضمون)، 1990ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور
7. **لطائف لطيفي:** (فارسي متن، مصنف: مير عبدالحسين سانگي، ايڊيٽنگ ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1967ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
8. **پنج گنج:** (مصنف قادر بخش بيدل: مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1976ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
9. **احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي:** (مصنف مرزا قليچ بيگ، مقدمو ۽ سُڌ سنوار: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) 1972ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه

ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه

**(ت) باقي لطيفيات:**

(هينيان ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زيرنگراني ۽ رهنمائيءَ هيٺ مرتب ٿيا)

1. **شاهه جي رسالي ۾ اسلامي اقدار:** (ترتيب) 1967ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
2. **شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار جو معيار:** (ترتيب) 1968ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
3. **شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ٻوليءَ جو معمار:** (ترتيب) 1969ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
4. **سُر ڪلياڻ جو مطالعو:** (ترتيب) 1970ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
5. **سُر جمن جو مطالعو:** (ترتيب) 1971ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
6. **سُر ڪنڀات جو مطالعو:** (ترتيب) 1972ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
7. **سُر سريراڳ جو مطالعو:** (ترتيب) 1973ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
8. **سُر سامونڊيءَ جو مطالعو:** (ترتيب) 1974ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
9. **سُر سهڻيءَ جو مطالعو:** (ترتيب) 1975ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
10. **سُر سسئي آبريءَ جو مطالعو:** (ترتيب) 1976ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
11. **سُر معذوريءَ جو مطالعو:** (ترتيب) 1977ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
12. **لطيف سالگرهه مخزن 1-2:** (ترتيب) 1960ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
13. **لطيف سالگرهه مخزن 3:** (ترتيب) 1961ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
14. **لطيف سالگرهه مخزن 4-5:** (ترتيب) 1964ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
15. **لطيف سالگرهه مخزن 6-7-8:** (ترتيب) 1967ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
16. **لطيف سالگرهه مخزن 9:** (ترتيب) 1968ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
17. **لطيف سالگرهه مخزن 10:** (ترتيب) 1960ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
18. **لطيف سالگرهه مخزن 11-12:** (ترتيب) 1960ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
19. **لطيف سالگرهه مخزن 12-13:** (ترتيب) 1960ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
20. **لطيف سالگرهه مخزن 14-15:** (ترتيب) 1960ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه

## اردو ڪتاب:

1. *سندھ میں اردو شاعری:* (17 صدی سے 1930ء تک: ترتیب و تدوین): 1967ء، طبع اول، مہران آرٹس کاؤنسل، حیدرآباد، 1970ء (طبع دوم) اور 1978ء (طبع سوم) مجلس ترقی ادب، لاہور
2. *مولانا آزاد سبحانی:* (تحریک آزادی کے مقتدر رہنما) فروری 1989ء، ادارہ تحقیقات پاکستان، دانشگاہ پنجاب، لاہور
3. *دیوان ماتم:* تصنیف: فضل محمد طبیب حیدرآبادی (19 صدی کا اردو شاعر) 1990ء، سندھی ادبی بورڈ، جام شورو، حیدرآباد
4. *دیوان شوق افزا معرف دیوان صابر:* (اوائلی اردو شاعر) 1190ھ-1120ھ) جون 1984ء، اردو سائنس بورڈ، لاہور
5. *طلبہ اور تعلیم:* (قائداعظم نے کیا سوچا اور کیا کہا) 1976ء (6 ایڈیشنس) قائداعظم اکیڈمی، اسلام آباد
6. *کابل کی ڈائری:* مولانا عبیداللہ سندھی کی لکھی ہوئی کابل کی ڈائری کے مواد کو ڈاکٹر بلوچ صاحب نے بڑی محنت سے مولانا سندھی کے رفیق اور پیروکار مولانا عبداللہ لغاری کی یادداشت کی بنا پر (ان سے سُن کر)

ڪائونسل، اسلام آباد

2. **ڪتاب الجماهر في معرفةالجواهر**: البيروني (انگريزي ترجمو: حڪيم محمد سعيد، نظرثاني ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1988ع، نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد
3. **ڪتاب الحِيَل**: بنوموسى (انگريزي ترجمو: ڊاڪٽر ڊونالڊ هِل، پيش نامو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1988ع، نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد
4. **الجامع بين العلم والعمل النافع في صناعة الحِيَل**: الجزري (انگريزي ترجمو: ڊاڪٽر ڊونالڊ هل، پيش نامو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، 1989ع، نيشنل هجره ڪائونسل، اسلام آباد

**نوٽ**: ڊاڪٽر صاحب پنجن وڏيڪ ڪتابن کي ايڊٽ ڪيو يا اشاعت لاءِ مڪمل ڪيو.

### سنڌ جي عالمن جا ڪتاب:

**مصلح المفتاح**: (يعني دائري وارن جي سنڌي) تصنيف: سيد علي محمد شاهه، تحقيق، تصحيح ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1070ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**خزانة المعرفة**: (ملفوظات پير صبغة الله شاهه تجر دَني) تاليف: پير سائين علي گوهر شاهه اصغر رح، مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1411هه، جمعيت علماءِ سڪندريه، درگاهه شريف پيرجو ڳوٺ

### ڊاڪٽر بلوچ جا ڪجهه اهم سنڌي مضمون/ مقالا

1. **هندستان کان آمريڪا تائين سفر**: مهراڻ-1 (اڳاٽو دؤر)، 1946ع
2. **سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر**: مهراڻ-3(اڳاٽو دؤر)، 1947ع
3. **ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ شاعرانه مناظرو**: ماهوار نئين زندگي- آگسٽ 1950ع
4. **سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو(1)**: ماهوار نئين زندگي- سيپٽمبر 1951ع
5. **سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو(2)**: ماهوار نئين زندگي- آڪٽوبر 1951ع
6. **شاهه جي عام مقبوليت جا سبب**: ماهوار نئين زندگي- جنوري 1951ع
7. **محمد بن قاسم جي فتح کان اڳ سنڌ جي حالت**: ماهوار نئين زندگي- اپريل 1951ع
8. **فتوحات محمد بن قاسم**: ماهوار نئين زندگي- مئي 1951ع
9. **لعل شهباز جي روضي جا تاريخي ڪتبا**: ماهوار نئين زندگي- جون 1951ع
10. **حمل لغاري ۽ سندس همعصر شاعر**: ماهوار نئين زندگي- جولاءِ 1951ع
11. **مقامات سنڌي**: ماهوار نئين زندگي- آگسٽ 1951ع
12. **قومي انقلاب جي تعمير ۾ ادب جو حصو**: ماهوار نئين زندگي- آڪٽوبر 1951ع
13. **سنڌ جو هڪ برگزيدو گهراڻو، پير پاڳاره خاندان**: ماهوار نئين زندگي 1952ع
14. **شاهه صاحب جو مخدوم محمد معين ڏانهن خط ۽ ان جو جواب**: ماهوار نئين زندگي- نومبر 1953ع
15. **سنڌ جا سورهيه (1)**: ماهوار نئين زندگي- جون 1954ع
16. **سنڌ جا سورهيه (2)**: ماهوار نئين زندگي- جولاءِ 1954ع
17. **سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (1)**: ٽماهي مهراڻ-1، 1955ع
18. **سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (2)**: ٽماهي مهراڻ-2، 1955ع
19. **سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو (3)**: ٽماهي مهراڻ-3، 1955ع
20. **چتو فقير سانگي**: ٽماهي مهراڻ-4، 1955ع
21. **درويش راضي شاهه لڪياري**: ٽماهي مهراڻ-1، 1956ع
22. **سنڌي ٻولي، اُن جو ماضي، حال ۽ مستقبل**:

N.A Baloch jointly with M.H Al-Affendi, published by Hodder and Stoughton, King Abdul-Aziz University, Jiddah, Saudi Arabia (1980).

69. **Seminar on the Documentation of Current History of Pakistan:** Proceedings and Recommendations 1947-80, NIHCR, Islamabad (1980).
70. **Advent of Islam in Indonesia:** NIHCR, Islamabad (1980).
71. **World of Islam Today:** Proceedings, Recommendations and Papers of the National Hijra Council on History and Culture, July 1980, NIHCR, Islamabad (1981).
72. **Pakistan:** A comprehensive Bibliography of Books and Government Publications edited with annotations 1947-80: Institute of History, Culture and Civilization, Islamic University Islamabad (1981).
73. **Knowledge for What?** Edited proceedings and papers of the Hijra Seminar on Islamization of Knowledge, held on 7, 8, 9 Rabi' al Awal 1402 H/ 4-6 Jan: 1982, Institute of Education, Islamic University Islamabad (1982).
74. **Fathnama-i-Sindh**: Persian text with comprehensive introduction in English, Islamabad, Institute of Islamic History, Culture and Civilization (1982).
75. **Beruni's Geodical Experiment on Nandana Fort:** District Jhelum. A Monograph: Islamabad (1983).
76. **Muslim Luminaries:** Leaders of Religious Intellectual and Political Revival in South Asia. (711-1206 A.D.), National Hijra Council, Institute of Policy studies, Larkana (2003).

58. **Bilal:** An Esteemed Child of Liberty (1949).
59. **Arts and Crafts of the Lower Indus Valley:** Mehran Arts Council, Hyderabad (1964).
60. **The Traditional Arts and Crafts of Hyderabad Region:** Mehran Arts Council, Hyderabad, Pakistan (1966).
61. **The Musical Instruments of Sindh**: Mehran Arts Council, Hyderabad, Pakistan (1967).
62. **Spanish Cante Jondo:** Its origin in Sindhi Music By Aziz Baloch; English Translation & one chapter addition by Dr. N.A Baloch (1968).
63. **Kitab Hasil-al-Nahj':** The earliest work on Education in Sub-continent in Persian, Authored by Makhdoom Jaffar-al Bubakani District Dadu. Discovered and edited with a chapter wise summary in English by Dr. N.A. Baloch, Institute of Education, University of Sindh (1969).
64. **Education in Sindh Before the British Conquest and the Educational policies of the British Government,** Sindh University Press (1971).
65. **The Education Policy:** Implications and implementation (1972).
66. **Development of Music in Sindh:** Sindh University Press, Hyderabad (1973).
67. **The Historical Sindh Era: Monograph**: (1975).
68. **Curriculum And Teachers Education:** The volume on Muslim Education, First World Education Conference, Makka, 1977. Edited by

Islamabad, (1988).

77. **Great Books of Islamic Civilization:** National Hijra Council, Islamabad (1989).
78. **Boats in the Indus Delta and on the Coastline of Sindh:**Development In Historical Perspective. Department of Culture and Tourism, Govt of Sindh, Karachi (1990).
79. **The Educator Speaks:** Thoughts of Allama I.I Kazi, Sindh University Press Hyderabad, Sindh (1989).
80. **I.I Kazi: Reflections on Evolution**; Allama I.I Kazi Memorial Society, Hyderabad, Sindh (1992).
81. **Lands of Pakistan**: (Perspectives, historical and cultural), El. Mashriqi Foundation, Islamabad (1995).
82. **Sindh: Studies in History:** A Preliminary Version, Kalhora Seminar Committee, Karachi, (1996).
83. **Islamabad:** The Capital City of Pakistan.
84. **Allama I.I Kazi:** Unpublished Speeches & Writings, Allama I.I Kazi Chair Publication, University of Sindh (1999).
85. **Education Based on Islamic Values, Imperatives and Implications:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2000).
86. **A Programme of Teacher Education for the New State of Pakistan:** Published in parts, and based on his Ph.D. thesis, University of Sindh Educational Journal (1949).
87. **Sindh Studies Historical:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2003).
88. **Sindh Studies Cultural:** Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2005).
89. **World of Work:** Predicament of a scholar Edited by Prof. Muhammad Umar Chand, Institute of Sindhology (2007).
90. **North-West Frontiers of Pakistan and other avenues of Historical Writings**: Pakistan Study Centre, University of Sindh, Jamshoro (2009).
91. **Quranic Concept of Book that Guides: Mission unto Light International,** Published by Professor Muhammad Yusuf Shaikh, Larkana (2010).
92. **Life and Thought of Shah Abdul Latif Bhittai: based on commentary of Shah Jo Risalo-Poetic Compendium of Shah Latif 's Ten Volumes.** Translated in English by Gul Muhammad Umrani. Published by Culture Department Government of Sindh, (2010).
93. **Searching in to Sophia:** Compiled and edited by Prof. Muhammad Yusuf Shaikh, Mr. Books, Islamabad (2010).
94. **The Concepts and Criteria Underlined in the Holy Quran for the 'Books' that guides and educates:** Allama I.I. Kazi Memorial Society, University of Sindh, Elas Kazi Campus, Hyderabad (1991).
95. **Votes for Women, Religion and secular Dichotomy, and other unpublished speachs and writings:** Allama I.I. Kazi Memorial Society,

University of Sindh, Elas Kazi Campus, Hyderabad (1999).

96. **Some Aspects of Music Inheritance of Iran, Persian and Turkey:** University of Sindh Press, Hyderabad (1997).

97. **Paper presented at the conference on "Evolution of Political Thought in the Muslim World":** Bahaudin Zakaria University, Multan (1981).

98. **Measurement of Space and Time in the Lower Indus Valley of Sindh:** a paper presented at the Science Conference, Islamabad (1979).

99. **Teacher Education in the Muslim Society:** a paper contributed at the First World Conference on Muslim Education, Makkah, Saudi Arabia (1977).

100. **Folk Literature of Pakistan:** A general survey read at the Pakistan Folklore Seminar, Dacca (1968).

101. **A Survey of Traditional Culture of Pakistan and the Impact of Modern Development on Cultural Tradition:** A field study prepared for UNESCO (1956).

102. **In Search of the Indus Culture Sites in Sind:** The paper read at International Symposium on Moenjodaro, 23-25 Feb, (1973).

103. **Administration of Sindh Under the Calliphate:** Quarterly Journal of the Pakistan Historical Society, July-December, (1998).

104. **Early Advent and Consolidation of Islam in the Lands of Pakistan:** "Aspects of Islamic Studies" International Congress, London 5-15, April (1976).

105. **Historical Writings on Pakistani Tradition and Progress:** A paper presented at the Congress of Pakistan History and Culture, University of Islamabad, April (1973).

106. **Higher Education in Pakistan:** A paper published in Encyclopaedia of Higher Education, USA.

## ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ياد ۾ ٿيل تعزيتي ريفرنس

1. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو- 9 اپريل 2011ع (ڊاڪٽر بلوچ هال)
2. ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ (سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان) 10 اپريل 2011ع (سنڌ ميوزيم، حيدرآباد)
3. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو- 11 اپريل 2011ع (ڊاڪٽر بلوچ هال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي)
4. سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن- 12 اپريل 2011ع (شيخ اياز آڊيٽوريم، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو)
5. بزم روح رهاڻ (حميد سنڌي) حيدرآباد- 17 اپريل 2011ع
6. سامي فائونڊيشن، عمرڪوٽ- 18 اپريل 2011ع
7. سنڌي ادبي سنگت، سانگهڙ- 21 اپريل 2011ع (ضلع ڪائونسل هال، سانگهڙ)
8. ڊاڪٽر اين.اي بلوچ ماڊل اسڪول، حيدرآباد (ايلسا قاضي ڪئمپس، يونيورسٽي آف سنڌ)- 7 مئي 2011ع
9. چيمبر آف ڪامرس، ڪراچي- 8 مئي 2011ع

10. آرٽس ڪائونسل ۾ ڪراچي يونيورسٽي- 8 مئي 2011ع (آرٽس ڪائونسل آڊيٽوريم، ڪراچي)
11. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (SGA) 16 مئي 2011ع (ريجنٽ پلازا هوٽل، ڪراچي)
12. اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد- اپريل 2011ع
13. پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف نيشنل افيئرس (PINA) لاهور- 15 اپريل 2011ع
14. اسلامڪ انٽرنيشنل يونيورسٽي، اسلام آباد-
15. سانا(SANA) لاس اينجلز (آمريڪا)- 4 جولاءِ 2011ع

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بابت ڇپيل مواد:

1. **ڊاڪٽر بلوچ هڪ مطالعو:** ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، 1998ع
2. **ماهوار نئين زندگي:** ڊاڪٽر بلوچ خاص نمبر، ڊسمبر 1999ع پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ، جي.او.آر ڪالوني حيدرآباد
3. 20th Century Scholar: Award conferred on Dr. N.A Baloch for his scholarship 1996, Kalhora Seminar Committee, Karachi
4. **ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم:** (جلد پهريون) مرتب تاج جويو، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2001ع
5. **ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم:** (جلد ٻيو) مرتب تاج جويو، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2002ع
6. **ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم:** (جلد ٽيون) مرتب- محمد عثمان منگي، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2004ع
7. **پيارن جا پيغام:** (ڀاڱو پهريون) (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن لکيل خط ۽ ڪن جا جواب) مرتب: عنايت بلوچ، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم، 2004ع
8. **سڄڻن جا سلام:** (ڀاڱو ٻيو) مرتب: محمد عثمان منگي، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم، 2005ع
9. **سڄڻ ساريندي:** ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا لکيل خط- انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، 2005ع
10. **نقوش:** (ڊاڪٽر بلوچ نمبر) لاهور
11. **ڊاڪٽر بلوچ شخصيت اور فن:** محمد راشد شيخ، اڪادمي ادبيات پاڪستان، 2007ع
12. **ڊاڪٽر بلوچ (تاريخي انٽرويو)** "نيوز اينڊ اوپينين" حيدرآباد جولاءِ آگسٽ 2007ع
13. **ڊاڪٽر بلوچ سان قرب پرين ڪچهريون، سگهڙن جا سلام ۽ دعائون:** سينگاريندڙ: سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ. 2001ع.
14. World of Work: (Predicament of a Scholar) Prof. M. Umar Chand, Institute of Sindhology, 2007.
15. علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو عظيم اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (تعزيتي تاثرات) مرتب- حافظ محمد يوسف پنهور، سنڌ مائٽڪ موتي تنظيم حيدرآباد، آگسٽ 2011ع.
16. "مهراڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو (اپريل 2012ع ورسيءَ جي حوالي سان خصوصي اشاعت).

## 20 صديءَ جو باڪمال عالم

”...اسان جي سنڌي اسڪالرن سان اها ناانصافي آهي جو انهن کي پنهنجي اصل مجتا نہ ملي آهي، جن جا هو صحيح معنيٰ ۾ حقدار آهن. سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندڙن ۾ جهڙيءَ ريت پير حسام الدين راشديءَ جو نالو نمايان ۽ معتبر آهي تيئن ادب ۾ پولي، لوڪ ادب ۽ خاص طور تي لطيفيات ۾ ورري ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نالو وڏيڪ اهميت جو حامل آهي. علام آءِآءِ قاضي کان پوءِ سنڌ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ئي واحد استاد ۽ اسڪالر هئا، جن گهڻي کان گهڻا سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر پرڏيهہ ۾ بہ پنهنجا قابل ۽ سٺا شاگرد/استاد پيدا ڪيا...“

**مخدوم جميل الزمان**

۞۞۞۞

## ڊاڪٽر بلوچ ۽ مرزا قليچ بيگ

”... ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مرزا قليچ بيگ وانگر انهن اسڪالرن مان آهي، جن هڪ صدي ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ ٻي صديءَ ۾ پهتا. عام ڄڻپ ڪجي تہ مرزا قليچ بيگ 80-1879ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ 1929ع تائين مصروف عمل رهيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اندازاً 1945ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ 2011ع تائين لکندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب 2 مارچ 2011ع واري خط ۾ مون کان بدين ۽ ڪڇ جي جيلاني پيرن بابت معلومات گهري. اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ ان تاريخ تائين هڪ ڪم ۾ هٿ هوس...“

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

۞۞۞۞

## بين الاقوامي دانشور

”...ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تعارف ڪيئن ڪرائجي ۽ ڪهڙن لفظن سان ڪرائجي. اهو تمام مشڪل آهي. اسان جو هيءُ بزرگ، علم التعليم، ادبيات، لسانيات، علم اللغات، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، آثار شناسيءَ، لطيف شناسيءَ، لوڪ ادب ۽ سنڌ شناسيءَ تي وڏي دسترس رکندڙ، بين الاقوامي دانشور هجڻ جي حيثيت رکندڙ سنڌ جو اهو فرزند هو، جنهن تي سنڌ وارا جيترو فخر ڪن، اهو ٿورو آهي...“

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# مقالا

**ساري راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو،**
**اُن جِي عبداللطيفُ چئي، مِٽِيءَ لڌو مانُ،**
**ڪوڙين ڪَنِ سَلامُ، آڳَهِ اَچيو اُن جي.**

(شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ)
سُر سريراڳ، 2-2

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو



# ڊاڪٽر بلوچ:

## ڪم جي ابتدا، رٿابندي، تحقيق ۽ ترتيب جو طريقو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مرزا قليچ بيگ وانگر انهن اسڪالرن مان آهي، جن هڪ صدي (ع) ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ ٻي صديءَ ۾ پهتا. عام ڳڻپ ڪجي ته مرزا قليچ بيگ 1879-80ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ 1929ع تائين مصروف عمل رهيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اندازاً 1945ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ 2011ع تائين لکندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب 2 مارچ 2011ع واري خط ۾ مون کان بدين ۽ ڪڇ جي جيلاني پيرن بابت معلومات گهري. اُن مان معلوم ٿئي ٿو ته گهڻ ۾ گهٽ ان تاريخ تائين هڪ ڪم ۾ هٿ هوس. اُهو ڪم هو ”پير غوث محمد جو ڪلام“ هن ڪتاب جي مقدمي جي تياريءَ ۾ مشغول هئا.

مرزا قليچ بيگ کان سواءِ ڀيرومل، گربخشاڻي، دائودپوٽو، ڏيپلائي، محبوب علي چنه، مولائي شيدائي، تاج صحرائي، ڊاڪٽر سنڌيلو ۽ ٻيا سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ ادب بابت تحقيق ڪري رهيا هئا. انهن ۾ مولائي صاحب تاريخ تي ڪتاب ۽ مقالا لکي رهيو هو. ڏيپلائي ناولن ۽ افسانن جي صورت ۾ اسلام جي عظمت ۽ پير پرستيءَ خلاف لکي رهيو هو. قليچ جو ڪم وسيع نوعيت جو هو. تعداد جي لحاظ کان اُن جا ڪتاب گهڻا (457) آهن. ڀيرومل سنڌ جي تاريخ ۽ شاهه عبداللطيف بابت لکي رهيو هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي فقط ”شاهه جو رسالو“ ايڊٽ ڪيو ۽ ”لواريءَ جا لال“ ڪتاب لکيو. ڀيرومل ۽ گربخشاڻيءَ جي اندازِ تحرير ۾ تحقيق جو عنصر نسبتاً وڌيڪ نمايان آهي. هنن سڀني ليکڪن ۽ محققن جو ڪم معياري ۽ ڳڻپ ۾ اچي ٿو پر ڊاڪٽر بلوچ هڪ ادبي اُٿل آهي، جنهن سنڌ کي ته سيراب ڪيو، پر دنيا ۾ به نالو ڪڍيو. اِن لحاظ سان فقط پير حسام الدين راشدي هو جنهن دنيا ۾ نالو ڪڍيو. هنن ٻنهي اڪابرن جي علمي ۽ تحقيقي ڪم کي ڏسي ايئن چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته ٻئي اڪابر نابغهٔ روزگار ۽ قومي هيرو آهن. سندن ڪم جي رٿابندي بيمثال آهي. اچو ته هڪ قومي هيري ڊاڪٽر بلوچ جي بيمثال خدمتن ۽ سندن رٿابنديءَ بابت ٻه اکر نذر عقيدت طور پيش ڪريون:

پهريان ٻه ڪتابڙا مختصر ضخامت جا آهن، پر ڊاڪٽر صاحب جي ابتدائي دور جي فڪر ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جن ۾ پهريون آهي ’گَنهه‘ جيڪو 1946ع ۾ ڇپيو. هن جا ٻيا به ڇاپا (1952ع ۽ 1956ع) ڇپيا. ڪتاب ڪل 28 صفحن جو آهي. ڊاڪٽر صاحب اُن تي پنهنجو نالو ايڊيٽر طور لکيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي صاحبِ اقتدار ۽ مسلمان اسيمبلي ميمبرن تي ٽوڪ طور لکيو ويو. هنن ۾ هندو ميمبرن وانگر تعليم جو شعور نه هو ۽ رڳو سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيٽن تي ڪنڌ لاڙي ننڊون ڪري رهيا هئا. سر ورق تي سوٽ بوٽ ۾ ٽوپلو پهريل صاحبِ تقرير مائيڪرو فون تي محوِ گفتگو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکن ٿا ته هن جانور جا ٻه ڳڻ ڳڻڻ کان ٻاهر آهن پر مسلم ميمبر حضرات سنڌ جي عوام جي تعليم لاءِ ٻه اکر به ڳالهائي نٿا سگهن. اصل ۾ هيءَ تعليم لاءِ دردمند دل جي پڪار هئي.

ٻيو مختصر ڪتاب ’لاکو ڦلاڻي‘ آهي. هيءُ ڪتاب تڏهن ڇپيو جڏهن 1958ع ۾ مون سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي ۽ اسان جي سنڌي مجلس هيءُ ڪتاب ڇاپيو. ڊاڪٽر صاحب شعبہ تعليم جا مستقل ڊائريڪٽر ۽ سنڌيءَ جا انچارج هيڊ هئا. سنڌ جي هن سُورهيه سردار بابت هيءُ ڪتاب ڪل 31 صفحن جو آهي.

اندازاً 1949-50ع ڌاري ڊاڪٽر صاحب جي علمي ڪم جي ابتدا ٿي، جنهن کي ڪم جي رٿابندي چئون ٿا. البت انهن ڏينهن ۾ ڪي مضمون خليفي نبي بخش، حمل فقير ۽ مفيد شاعريءَ تي سنڌي ادبي (صلاحڪار) بورڊ جي رسالي مهراڻ ۽ عام راءِ ۾ ڇپيا. انهن موضوعن ۽ شاعرن تي اڳتي هلي مڪمل رٿابنديءَ سان ڪم ڪيائون. جن شاعرن جو ڪلام ايڊٽ

ڪيائون انهن ۾ حمل فقير، خليفو نبي بخش لغاري، شاهه شريف ٻلاڻي، لطف الله قادري، نواب ولي محمد لغاري نشانبر آهن. انهن ڪتابن جا مقدما ڪلام جي ترتيب، تصحيح ۽ تدوين اعليٰ سطح تي ڪيائون.

جيڪڏهن سال وار تحقيقي ڪم جو جائزو وٺون ته هن سلسلي ۾ پهريون ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" آهي. هن ڪتاب جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر صاحب اهو ٻڌائين ٿا ته ڪتاب ترتيب هيٺ آيو. سنڌن رٿابنديءَ کي ته داد ڏيو پر اُن شگفته بيانيءَ جي تعريف ڪبي جنهن سان رٿابنديءَ جي ڳالهه ڪئي اٿن. پنهنجي لفظن توڙي ڊاڪٽر صاحب جي زباني اُها ڳالهه هيئن ڪبي: علي ڳڙهه مان ايم.اي، ايل.ايل.بي ڪرڻ کان پوءِ پي ايڇ.ڊي جي تياريءَ لاءِ عنوان "سند تحت سيطرت العرب" مقرر ٿيو ۽ رهبر پروفيسر عبدالعزيز الحسيني ٿيو. پاڻ موڪل تي سنڌ آيا ته ملڪ جي تقسيم سبب واپس نه وڃي سگهيا ۽ اسڪالر شپ تي 1946ع ۾ آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ ڊي. ايڊ (عام معنيٰ ۾ پي ايڇ. ڊي) جي پڙهائي ۽ ٿيسز ۾ مشغول ٿيا، 1949ع ۾ ڊاڪٽريٽ مڪمل ڪري وطن وريا. ڪين بيروزگاريءَ جي نعمت نصيب ٿي. سنڌ گهمڻ ۽ سنڌ جي ادبي توڙي ثقافتي ورثي جي تلاش، پروڙ توڙي دستيابيءَ لاءِ ڪوشان رهيا. "ٻيلاين جي ٻول" واري رٿا ڪي آمريڪا ويندي گهڻي ڀاڱي سامونڊي جهاز ۾ مڪمل ڪيائون. باقي ڪم فرصت ملڻ وقت ڪندا رهيا. هيءُ ڪتاب مڪمل ٿي، 1951ع ۾ ڇپيو. هي لس ٻيلي جي عام شاعريءَ جو مختصر جائزو آهي. سگهڙن سان ڪچهرين مان بيت قلمبند ڪيائون. خاص طور سنڌ جي شاعر ڪبير شاهه ۽ لسٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي شعري معرڪي ۽ ٻنهي خاندانن جي شاعرن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي(1). ڪتاب ۾ 12 باب ۽ 295 صفحا آهن جڏهن ته ٻئي آيل ايڊيشن (زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1970ع) ۾ 21 باب ۽ 515 صفحا آهن. هن مان ڊاڪٽر صاحب جي ان طريقهءِ ڪار جي خبر پوي ٿي ته پاڻ وڌيڪ مليل مواد ڪتاب ۾ شامل ڪندا آيا آهن. جيئن هر ايڊيشن اڳ واري بنسبت مڪمل صورت وٺي. ڊاڪٽر صاحب "ٻيلاين جا ٻول" تي پنهنجو نالو سهيڙيندڙ، سموهيندڙ ۽ سُلجهائيندڙ طور لکيو آهي. هيءُ انداز انهن ٽنهي پهلوئن جي پوري ترجماني به ڪري ٿو جن ۾ ڪلام جي سهيڙ (ترتيب) سموهه (شموليت) ۽ سلجهائڻ (معنيٰ مطلب جي اُڪيڙ) اچي وڃي ٿي. اڳتي محمد سومار شيخ جي ڪتاب جو مسودو سنڌن اڳيان آيو ته ان کي "ڪڇين جا قول" جو نالو ڏنائون ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

**ٻي رٿا:**

سنڌي زبان لاءِ هيءَ هڪ رٿا هئي، جنهن لاءِ پهرين سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ 1940ع ۾ تجويز ڏني ۽ عالمن جي هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي پر ڪم ابتدائي مرحلي کان اڳ نه وڌيو. سنڌي ادبي بورڊ جي نئين تشڪيل ٿي ته هيءُ اهم ڪم 1951ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب مڪمل رٿابندي ۽ تنهيءَ سان ڪم جي ابتدا ڪئي. سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر صاحب جي آفيس (ڊائريڪٽر ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن) جي پرسان هڪ ڪمرو ڊڪشنري آفيس طور مليو ۽ ڪي ڪارڪن به مقرر ٿيا. ڊاڪٽر صاحب پهريون جلد تيار ڪيو. سيني جلدن جي تڪميل تائين مختلف مرحلا آيا، ڪي رنڊڪون به وقت به وقت وڌيون ويون، انهن جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب ڪيو آهي. پهريون جلد 1960ع ۾ شايع ٿيو ۽ باقي جلدن لاءِ بورڊ ڪي ٻيا نالا به ڊاڪٽر صاحب جي نالي سان گڏ شامل ڪيا ۽ نهايت نامناسب رويو اختيار ڪيو ويو. ٻيو ڪو هجي ها ته ميدان ڇڏي وڃي ها، پر هن پاسي به هڪ عاشق صادق ۽ سچو خادم بيٺل هو. بد دل نه ٿيو پر هٽيو نه(2). هن ڳالهه جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب ذڪاري انداز ۾ پر مهذب ۽ شريفاڻي زبان ۾ جامع سنڌي لغات جي پنجين جلد جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي(3). ههڙي روش مان اِهو پڌري پٽ معلوم ٿئي ٿو ته اسين پنهنجي عظيم اسڪالرن جو ڪهڙو قدر ڪريون ٿا.

بهرحال لوڏن لمن کان پوءِ جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ هيٺين سالن ۾ ڇاپي:

| | |
|---|---|
| جلد پهريون | 1960ع |
| جلد ٻيو | 1981ع |
| جلد ٽيون | 1984ع |
| جلد چوٿون | 1985ع |

جلد پنجون 1988ع

صاحبِ لغات جي نظر پوءِ به لغات تي رهي ۽ سڌارا واڌارا شامل ڪندو ويو ۽ نيٺ لغات کي اڃا به بهتر ڪري چڪو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري جي حوالي ڪيائون ۽ اُها ٽن جلدن ۾ باالترتيب 2004ع، 2005ع ۽ 2007ع ۾ شايع ٿي. اُن کان سواءِ اٿارٽيءَ (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداري) ڊاڪٽر صاحب جون ٻه ٻيون به لغات شايع ڪيون. هڪ "هڪ جلدي سنڌي لغت" (1998ع) ۽ ٻي "روشني" (شاهه جي رسالي جي لغات 2002ع). اِن کان سواءِ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي سلٽ سان پاڻ سنڌي- اردو لغت (1959ع) ۽ اردو- سنڌي لغت (1960ع) به تيار ڪيائون جيڪي مرڪزي سرڪار جي مالي مدد سان سنڌ يونيورسٽيءَ شايع ڪيون(4).

اِن لساني ۽ لغاتي جاکوڙ سان گڏ آخوند عبدالرحيم وفا عباسيءَ جي تاليف "جواهر اللغات سنڌي اڪيچار" کي به مهاڳ سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شايع ڪيائون. ههڙو ڪم هڪ مڪمل عزم ۽ مؤثر رٿابنديءَ کان سواءِ ٿي نٿو سگهي. ڊاڪٽر صاحب مڪمل رٿابنديءَ سان جامع ۽ ٻين لغتن جو اٽ ڪانئو ڪم مڪمل ڪيو.

**ٽين رٿا:**

هيءَ رٿا سنڌ جي تاريخ جي ماخذن جي تدوين ۽ حاشيه نويسي آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ جي تاريخ جي ٽن بنيادي ماخذن جي سنڌي ترجمي جا مسودا ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ڪيا ويا. اهي هئا: تاريخ معصومي، چچ نامہ ۽ تحفة الڪرام.

ٽنهي تاريخن جو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد صاحب ڪيو. هي بزرگ ڊاڪٽر صاحب جن جو اُستاد به هو. تاريخ معصومي جو ترجمو اُن فارسي متن جو هو جيڪو 1938ع ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي تعليقات ۽ فوٽ نوٽس سان ڇپيو هو. ڪن ڳالهين جي وڌيڪ سمجهاڻين جي ضرورت هئي، جن جي پورائي ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪئي. هيءَ تاريخ سنڌي ادبي بورڊ 1953ع ۾ شايع ڪئي. ساڳي طرح ٻيو ماخذ علي ڪوفي جو ڪتاب "فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو" هو. اصل ڪتاب عربيءَ ۾ هو جو علي ڪوفيءَ فارسيءَ ۾ آندو. فارسي متن تي ڊاڪٽر دائود پوٽي جا تعليقات آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اُن تي واڌارا ڪيا ۽ سنڌي ادبي بورڊ هيءَ ڪتاب 1954ع ۾ شايع ڪيو.

هن ئي سلسلي جو ٽيون ڪتاب تحفة الڪرام مير علي شير قانع ٺٽويءَ جو آهي. هن کي به ڊاڪٽر صاحب ايڊٽ ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ شايع ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ پاران ڏنل ڪن فارسي تاريخن کي به ڊاڪٽر صاحب ايڊٽ ڪيو ۽ بورڊ شايع ڪيو. اُهي آهن: تاريخ طاهري (1964ع)، بيگلارنامہ (1980ع)، لب تاريخ سنڌ (1959ع). اُن کان سواءِ ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي پاران ڊاڪٽر صاحب جا ايڊٽ ڪيل ڪتاب ڇپيا جيڪي هي آهن: باقيات از احوال ڪلهوره (1996ع) ۽ تاريخ بلوچي از جوکيو (1996ع) هي ٻئي ڪتاب خود ڊاڪٽر صاحب ذاتي جاکوڙ سان لڌا.

ڊاڪٽر صاحب جڏهن اسلام آباد ۾ تاريخ تي تحقيق جي اداري جو سربراهه هو تڏهن تاريخ بابت 25 ڪتابن جي رٿا مرتب ڪيائين. اُن مان "فتح نامہ سنڌ" انگريزي ۾ تيار ڪيائين ۽ تفصيلي مقدمي توڙي 140 صفحن جي وضاحتن سان 1983ع ۾ شايع ڪيائين. ٻيو به تاريخ ۽ تهذيب بابت ڪم ڪيائين جنهن ۾ يونيسڪو طرفان لکايل "وچ ايشيائي تهذيبن جي تاريخ" بابت چوٿين جلد جو خاڪو تيار ڪيائين. 1995ع ۾ سنڌس ڪتاب "Lands of Pakistan" مشرقي فائونڊيشن اسلام آباد طرفان ڇپيو. سنڌ جي تاريخ تي سندن ڪتاب انگريزيءَ ۾ به آهن. اُن کان سواءِ انگريزيءَ ۾ به سندن ڪتاب ڇپيا آهن.

اسلام آباد جي قيام دوران سنڌ ۽ هند جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت بابت هڪ تفصيلي رٿا به جوڙي پر واپس موٽڻ ڪري اُهو ڪم مڪمل نہ ٿيو.

**چوٿين رٿا:**

هيءَ لوڪ ادب جي سهيڙڻ جي اُها رٿا آهي. جنهن هڪ طرف سنڌ جي منتشر لوڪ ادب کي محفوظ ڪيو ۽ ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب کي دنيا کان داد تحسين ڏياريو. يونيسڪو ڪين خاص ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور شامل ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ 1955ع ۾ هن رٿا جي منظوري ڏني ۽ هن اسڪيم جو ڊائريڪٽر

دور جي حوالي سان آهي. پاڪستان جي ادارن ۾ اهڙو ٻيو مثال ڪونهي. مون جيڪو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب بابت لکيو پئي، تنهن جي تياريءَ دوران هڪ شام حاضر ٿيس ته اسلام آباد واري دؤر ۾ ڪيل ڪم جو ٻڌايائون. آءٌ نوٽس وٺندو ويس. موڪلائڻ وقت ٻه ڪتاب عنايت ڪيائون. اُهي هي هئا:

1. Great books of Islam Civilization

2. 100 books of Islamic thought, Culture and Civilization.

مون گهر اچي اُهي پڙهيا ۽ پنهنجي ڪتاب جو باب تيار ڪيم. اُن ۾ هجره ڪائونسل جي هيءَ رٿا هن ريت درج ڪيم(7).

"هن اداري ۾ 1983ع ۾ بحيثيت صلاحڪار جي اچڻ سان ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪم جي دائري کي وڌايو. هجره ڪائونسل ڙفان ڪانفرنسون، سيمينار ۽ اشاعت جو ڪيترو ئي ڪم ٿيو. ڊاڪٽر صاحب هڪ وڏي رٿا تيار ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته محض اسلام جي نعري بدران اسلامي دؤر ۾ جيڪا تعليمي ۽ علمي تحقيق ۽ سائنسي کوجنا ٿي، اُن کي دنيا جي سامهون آندو وڃي ته جيئن مسلمانن ۾ شعور پيدا ٿئي ۽ دنيا ۾ عزت به ٿئي. اُن سلسلي ۾ مسلمان محققن جي لکيل هڪ سؤ چونڊ ڪتابن کي شايع ڪرڻ جي رٿا: 'The Great Books project' جي نالي سان تيار ڪيائون. ڊاڪٽر صاحب هن رٿا جو باني ۽ نگران هو. اُها ڊاڪٽر صاحب جي همت هئي جو سوچيائون ته هڪ سؤ ڪتابن جي هن منصوبي کي ڪامياب به ڪندا. اسلامي دنيا جي وڏن پروفيسرن ۽ محققن توڙي يورپ ۽ آمريڪا جي ڪن پروفيسرن سان بين الاقوامي سطح تي مشورا ڪري هڪ سؤ چونڊ ڪتابن، ڪٽي وڌيڪ ۽ متبادل ڪتابن جون فهرستون تيار ٿينديون رهيون ۽ ڪم هلندو رهيو. آخرين ائين فهرست سميت رٿا جو رهنما مسودو (Document VIII/A) 1989ع ۾ شايع ٿيو.

هن چونڊ موجب اصل ڪتابن جا نسخا جيڪي عربي يا فارسيءَ ۾ هئا، تن جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪرائي اُنهن تي تحقيقي مقدما لکيا هئا. ڊاڪٽر صاحب انهن ڪتابن جو انگريزيءَ ۾ تعارف تيار ڪيو ۽ هڪ سؤ مان چاهتر ڪتابن جو تعارف 1989ع ۾ هجره ڪائونسل شايع ڪيو. هن جلد جو عنوان آهي: "Great books of Islamic Civilization"

هن رٿا ۾ شامل ڪتابن جو تعلق سيرت، تاريخ، تهذيب، حديث، فقه، سياسيات، معاشيات، سماج، سوانح عمري، ثقافت، طبعي علوم، علم هيئت، نباتات، رياضي، حيوانات، طب، زراعت ۽ ادب وغيره سان آهي. دنياءِ اسلام جي وڏن محققن، سائنسدانن، طبيبن ۽ رياضي دانن جي ڪاوشن تي مشتمل هن رٿا مان ڊاڪٽر صاحب جي محنت جي پروڙ پوي ٿي. هن رٿا ۾ خوارزمي، فارابي، البيروني، ابن سينا، ابن نديم، الڪندي، ابن نفيس، ابن رشد، المقدسي، الاصطخري، عمر خيام، الرازي ۽ شاهه ولي الله جا ڪتاب شامل ڪيا ويا.

1983ع ۾ ڊاڪٽر صاحب هن رٿا جي شروعات ڪئي. رٿا کي منظور ڪرائڻ ۾ ٻه سال لڳا. ڊاڪٽر صاحب ڏينهن رات محنت ڪري جدا جدا ملڪن جي محققن ۽ مصنفن جو تعاون حاصل ڪيو. 1989ع تائين چار ڪتاب ڇپائي پترا ڪيائون. ڇهن ٻين جي ڇپائي مڪمل ڪيائون ته حڪومت جي تبديليءَ سان 1989ع ۾ ئي کين هجره ڪائونسل جي صلاحڪار جي منصب تان سبڪدوش ڪيو ويو ۽ رٿا وچ ۾ رهجي وئي. جيڪي ڪتاب شايع ڪيائون، انهن جو وچور هي آهي:

1. الخوارزميءَ جو نائين صدي عيسوي ۾ لکيل ڪتاب آلجبرا (Algebra)، جنهن جي تصنيف سان آلجبرا جو علم آب و تاب سان وجود ۾ آيو. هيءُ ڪتاب 1989ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب تي ڊاڪٽر صاحب جو پيش نامو (Preface) 29 مئي 1989ع جو لکيل آهي. خوارزميءَ جو اصل عربي متن، اُن جو انگريزي ترجمو ۽ وضاحتون شامل آهن. ڪتابن جو مقدمو ڊاڪٽر صاحب جي دوست ۽ اتاترڪ ڪلچر سينٽر انقره جي صدر ڊاڪٽر آيدين سايل جو لکيل آهي. ترڪ عالم ملڪ دوسي وضاحتون لکيون.
2. بنو موسيٰ جو نائين صدي عيسويءَ ۾ لکيل "ڪتاب الحِيل" (خود ڪار مڪينيڪي حرفتون) جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو هڪ عرب پروفيسر ۽ انگريز انجنيئر ڊاڪٽر ڊونالڊ هِل ڳنڍي ڪيو هو. هن ڪتاب تي ڊاڪٽر صاحب جو پيش نامو 1988ع جو لکيل آهي.
3. ٽيڪنالاجيءَ جي ماهر الجزري جو ٻارهين صدي

# ڊاڪٽر بلوچ جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي



سنڌي ادبي بورڊ پاران، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ياد ۾ 11 اپريل 2011ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ ڪوٺايل تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد شريف، عنايت بلوچ بلوچ، سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، گل محمد عمراڻي، حميد سنڌي، تاج جويو، محترمه فريده شيخ، پروانو ڀٽي، ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن.



**هڪ لائق شاگرد جي پنهنجي مشفق استاد کي پيٽا**

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ذاتي عطيي تي پنهنجي محسن استاد محترم علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي نالي تي ٺهندڙ ”علامہ آءِ. آءِ. قاضي مينار علم“ جو معائنو ڪري رهيا آهن. پرنسپال محمد يوسف شيخ ۽ گل محمد عمراڻي ساڻن گڏ آهن (27- فيبروري 2011ع)



# هيءَ جا لات لطيف جي

**شاهه جو نسب نامو:**

شاهه عبداللطيفؒ سنڌ جي ’مُتَهَلوِي‘ ساداتن، يعني ’مُتَعَلوِي‘ يا مٽياري سيدن جي ’ڪريم- پوٽا‘ خاندان مان ٿيو جيڪو سندن شجري ۾ هڪ وڏي پاڙي ’جَراڙ‘ يا ’جَرّاڙ- پوٽا‘ جي شاخ آهي. انهيءَ پاڙي جو وڏو سيد جَراڙ (جلال) هو جيڪو سيد شرف الدين جو فرزند هو. انهيءَ لحاظ سان ’جَراڙ- پوٽا‘ ساڳئي وقت ’شرف- پوٽا‘ آهن. شرف الدين جو ڏاڏو سيد حيدر، هرات شهر جي سيد مير عليءَ جو پٽ هو جيڪو مٿي امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان هو. انهيءَ لحاظ سان مٽياروي سيد، شهر هرات جي سندن وڏي ڏاڏي مير علي (يعني سيد علي) جي اولاد سببان ’هِراتي سيد‘ آهن، پر مير علي هِراتي کان مٿئين نسب نامي جي اعتبار سان ’ڪاظمي سيد‘ آهن. مٽياروي سيدن جي شجري موجب، سيد حيدر پهريائين سنڌ ۾ آيو ۽ هالا- ڪنڊي (قديم شهر هالا) ۾ اچي رهيو جتي هالا قبيلي جي رئيس شاهه محمد بن دريا خان (هالي) کيس پنهنجي نياڻي ڏني، جنهن مان کيس ’علي‘ نالي پٽ ٿيو. سيد حيدر موٽي هِرات ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين، پٽس سيد (مير) علي سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ ’ڪريم- پوٽا‘ توڙي ٻيا سڀ مٽياروي ساداتهه هن ’سيد علي سنڌي‘ جو اولاد آهن.

**- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

’شاهه جو رسالو‘

شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت

پنجاهن قلمي ۽ جملي ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل متن ۽ معنيٰ وارو

زيرن زبرن سان سچو صحيح رسالو

ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2009ع

ع

آءُ سجڻ آءُ.
وريو دل سندو داءُ.
لڳو هير گنبذ واءُ.
چڏ تک تکڙ تاءُ.
جنهن ۾ لاءِ نڪو ساءُ.
نڪي سير، نڪي پاءُ.
منو سک سندو ساءُ.
مٿي آ امڙ ماءُ.
پلو آھ پيڙو پاءُ.
لهي سور ۾ سماءُ.

ي

اول 'الف'، پوءِ 'بي'
پڙهن بار الف- بي.
سهڻو سڏ 'ادا اي'
ٻاڙو بول 'ڙي' 'اڙي'
ٻولي ٻڪري جي 'ٻي'
رڙي رڍ، ڪري 'مي'
ڳائن 'يار'، ميان'، 'وي'
چوين ريءَ توڙ ري
سوا، ٻگر، ٻنا، ٻي.
اٺون، تان توڙي تي؛
ڇٽو حرف جر 'ڪي'.
'جهانءِ' مِنهن سندي 'جهي'.
سنڌي 'وٿ'، هندي 'لي'
ڪٿي وج، نيئي، نبي.
ڪي وٿ، ڪي ڏي
سچا يار آهن ڪي
ڏُريون ڏُڻُ وجي سي
سڻي سڏ ڏين جي.

- **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ٽماهي "مهراڻ" 1-1969/2ع

هو تنهنڪري محمود بنا دير خوارزم تي حملو ڪري ان کي فتح ڪيو ۽ اتي پنهنجي نائب التونتاش کي مقرر ڪيائين.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته محمود غزنوي پيءُ جي مرڻ کان بعد 387هه/997ع ۾ تخت نشين ٿيو ۽ ايندڙ ويهن سالن ۾ هن هندستان جي دور دراز مهمن ۾ مسلسل ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. ليڪن هن پنهنجي طاقت جو اصل مرڪز خراسان ۽ وچ ايشيا کي ئي سمجهيو هو. ان ڪري جڏهن خوارزم ۾ حالتون خراب ٿيون ته ان کي فتح ڪرڻ کان سواءِ وٽس ٻيو چارو نه هو. ان ريت هن ايلخانن سان ممڪن چپقلش ۽ خطري جو خاتمو ڪرڻ گهريو ٿي.

سلطان محمود، علوم ۽ فنون جو سرپرست ۽ دلداده هو. 'تذڪره دولتشاهه' موجب سندس دربار سان چار سؤ کان وڌيڪ عالم، طبيب ۽ شاعر وابسته هئا. هڪ روايت موجب محمود خوارزم فتح ڪرڻ بعد البيرونيءَ سميت ڪيترن عالمن کي گهرائي پنهنجي دربار ۾ رکيو، تڏهن بيرونيءَ جي عمر پنجيتاليهه سال هئي. ليڪن تاريخ ۽ تذڪرن جي ڪن روايتن موجب سلطان محمود خوارزم فتح ڪرڻ کان پوءِ بيروني توڙي ٻين عالمن کي زبردستيءَ قيد ڪري غزني وٺي آيو؟ بيرونيءَ جي باري ۾ چيو ويو آهي ته ان کان پوءِ هو مسلسل نظربنديءَ جو شڪار رهيو. بلڪ جيترو وقت هو هندستان يعني موجوده پاڪستان جي ايراضيءَ ۾ رهيو جيڪو ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو آهي ته اهو سمورو وقت هن نظربنديءَ ۾ گذاريو! هڪ لحاظ سان غزنيءَ پهچڻ کان پوءِ بيرونيءَ جي زندگيءَ جو نهايت ڪامياب تخليقي دور شروع ٿئي ٿو. جتي هو هڪ رصدگاهه قائم ڪري ٿو. جنهن ۾ هو پنهنجي سائنسي کوجنا ۽ تحقيق کي جاري رکي ٿو ۽ انهيءَ دوران هو افراد المقال، ڪتاب التحديد، ڪتاب التفهيم، قانون مسعودي ۽ ڪتاب في تحقيق ماللهند جهڙيون يادگار تصنيفون ڇڏي وڃي ٿو.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي ته نظامي عروضي سمرقندي جنهن پنهنجو ڪتاب 'چهار مقال' سال 552هه ۾ تصنيف ڪيو يعني بيروني جي غزنيءَ اچڻ کان هڪ صدي کان به گهڻو پوءِ، تنهن هن سلسلي ۾ وري عجيب روايت بيان ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته جڏهن ابوالعباس خوارزم جو حڪمران هو ته سلطان محمود کيس فرمائش ڪئي ته هو پنهنجي دربار جي پنجن نامور عالمن البيروني، ابن سينا، ابونصر عراق، ابوالخير خمار ۽ ابو سهل مسيحي کي غزنيءَ جي شاهي دربار موڪلي ڏئي ته جيئن انهن جي علم و فضل کان فيضياب ٿي سگهجي. البيروني، ابوالخير ۽ ابونصر وڃڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري پر ابن سينا ۽ ابو سهل وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ اتان ڀڄي نڪتا.

علمي دنيا ۾ بيرونيءَ جي خدمتن کي جن عالمن روشناس ڪرايو آهي، انهن ۾ سرفهرست جرمن مستشرق ڊاڪٽر سخاؤ آهي، جنهن بيرونيءَ جي ٻن ڪتابن- 'آثار الباقيه' ۽ 'ڪتاب في تحقيق ماللهند' تي وڏي محنت ۽ جانفشاني سان ڪم ڪيو. ڪتاب ماللهند جو عربي متن ايڊٽ ڪري 1885ع ۾ شايع ڪيائين ۽ ان کان پوءِ ان جا جرمن ۽ انگريزي ترجما 1888ع ۾ شايع ٿيا. انگريزي مقدمي ۾ سخاؤ هڪ غير جانبدار محقق هجڻ بدران سلطان محمود جي ڪردار سان انصاف نه ڪري سگهيو ۽ اهو تاثر ڏئي ٿو ته هن بيرونيءَ سان سٺو سلوڪ نه ڪيو ۽ هو علم دوست نه هو. وڏي ڳالهه ته ان لاءِ هو بيروني جي تحريرن کي استعمال ڪري ڇڪي تاڻي انهن مان منهنجو مقصد حاصل ڪري ٿو ۽ بيرونيءَ کي مسلسل سلطان محمود جي نظربنديءَ هيٺ ڏيکاري ٿو. بيروني ڏهاڪو سالن کان مٿي عرصو سنڌ ۽ پنجاب جي ايراضيءَ ۾ رهيو جتي هن سنسڪرت ۽ هندن جي علوم بابت مهارت حاصل ڪئي. سخاؤ چوي ٿو ته اهو سمورو عرصو بيروني قيد جهڙي حالت ۾ هو، بلڪ پنهنجي طرفان اهو نتيجو قائم ڪري ٿو ته بيروني ملتان ۾ نظربند رهيو. سخاؤ وڌيڪ چوي ٿو ته بيرونيءَ کي آزاديءَ جو ماحول محمود جي وفات کان پوءِ مليو، جڏهن سلطان مسعود تخت نشين ٿيو. سندس چوڻ مطابق: هو علم جو قدردان ۽ سرپرست هو ۽ هن ئي بيرونيءَ جي سرپرستي ڪئي، جنهن ڪري بيروني پاڻ علم هيئت بابت پنهنجي مشهور تصنيف 'قانون مسعودي' ڏانهس منسوب ڪئي.

سخاؤ جي ان ڄاڻي واڻي ڦهلايل غلط فهميءَ جو بنياد 'ڪتاب ماللهند' جي پهرين باب ۾ اهو

ركيو ۽ منهنجي اوڻاين کي ڍڪيو. هن منهنجي غلطين کي معاف ڪيو ۽ منهنجي عزت افزائي ڪئي. هن جي شان و شوڪت سبب منهنجي رونق ۽ لباس (فاخره) ۾ اضافو ٿيو. هنن جي فراق ۽ جدائيءَ کان پوءِ منهنجي زندگيءَ ۽ جيئڻ تہ حيف آهي. اهو ڪيڏو نہ الميو آهي پر هنن کان پوءِ مون کي ڪو همدرد ۽ غمگسار نہ ڳڏيو آهي!

اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر صاحب بيرونيءَ جي بين ڪيترين تصنيفن 'ڪتاب التحديد' ۽ 'ڪتاب الجماهر' ۾ آيل شاهدين جي چنڊڇاڻ ڪري ٿو جنهن سان پڻ اها ثابتي ملي ٿي تہ بيروني جي سلطان محمود وٽ وڏي عزت هئي، جنهن جو اظهار بيروني مٿين قصيدي ۾ ڪليءَ ريت ڪيو آهي.

**ايران جي وڏي عالم فروزانفر جي شاهدي:**

هتي اها ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي ناهي تہ ڊاڪٽر صاحب سلطان محمود ۽ بيروني جي تعلقات بابت جرمن مستشرق سخاؤ طرفان ڦهلايل غلط فهميءَ متعلق اها تحقيق مڪمل ڪئي تہ ٻئي طرف ايران جي وڏي عالم بديع الزمان فروزانفر پنهنجي ليکي مشهور تصنيف 'تاريخ ادبيات ايران' بعد از اسلام تا پايان تيموريان' ۾ پڻ ساڳيو نتيجو قائم ڪيو. هو پڻ ساڳئي قصيدي جا بند پيش ڪري ٿو ۽ عروضي سمرقنديءَ جي "چهار مقالہ" ۾ آندل روايت بابت هيئن لکي ٿو(8):

**"مطابق روايت چهار مقالہ سلطان محمود بہ واسطہ چند حکم کہ ابو ريحان کرد و صحيح درآمد او را مدت شش ماہ محبوس داشت تابہ وساطت احمد بن حسن خلاصي يافت، ولي صحت اين حکايت مورد ترديد است. ظاهراً محمود بہ ابو ريحان لطفي داشتہ و او را هميشہ از انعام خود بهره مند مي کرده."**

ترجمو: فروز انفر چوي ٿو:

"چهار مقالہ" ۾ جيڪا روايت آهي تہ سلطان محمود، بيرونيءَ کان چند سوال ڪيا ۽ هن انهن جا صحيح جواب ڏنا، تنهن کان پوءِ سلطان هن کي ڇهن مهينن لاءِ نظربند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، تان جو احمد بن حسن جي وچ ۾ پوڻ سان بيروني آزاد ٿيو. ليڪن هن پوري حڪايت ۾ ڪا سچائي ڪونهي. بلڪ ظاهري طور محمود البيرونيءَ تي گهڻو مهربان هو ۽ ڪيس انعام و اڪرام سان نوازيندو هو.

فروزانفر 'ڪتاب الهند' جي حوالي سان هڪ بيو انڪشاف بہ ڪري ٿو تہ بيروني سومناٿ جي سفر ۾ سلطان محمود سان گڏ هو. هو لکي ٿو:

**"ابو ريحان در سفر هاي کہ محمود بہ هندوستان کرده حضور داشتہ و بواسطہ اين سفر ها در عقايد و آراو جغرافياي هند تحقيقات زيادي کرده، از جملہ در اضمن کتاب تحقيق ما للهند مي گويد: الا اني شاهد تهر في سنة قلعہ سومنات وهي اربعة مائة وست عشرة للهجرة. دربسياري از جاهاي ديگر بہ مسافرت هاي کہ بہ حدود هند کرده اشاره نموده است(9)."**

يعني، ابو ريحان هندستان جي ڪيترن سفرن ۾ سلطان محمود سان گڏ هوندو هو. اهو انهيءَ جو نتيجو هو جو هو هندن جي مذهب ۽ اتان جي جاگرافيءَ بابت وڌيڪ تحقيقات ڪري سگهيو. مثلاً: "ڪتاب ما للهند" ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو: "مون کي، باڻ سومناٿ جي قلعي کي ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ اهو سال 416 هجري هو." بين ڪيترين جاين تي جتي بيروني هندوستان ۾ ويو آهي، انهن بابت اشارا ڪيا اٿس.

**سلطان محمود جي تاريخي ڪردار بابت تحقيق:**

محمود غزنوي (دور حڪومت: 998 کان 1030ع يا 387— 421 هجري) جي تاريخي شخصيت کي ڪنهن حد تائين وچين دور جي مؤرخن جنهن ۾ 'تاريخ فرشتہ' جو مصنف محمد قاسم هندو شاهہ فرشتہ شامل آهي ۽ پوئين دور جا تاريخدان جن ۾ وري خاص طور برطانوي راڄ جا مؤرخ ايليٽ ۽ ڊائوسن اچي وڃن ٿا، غلط رنگ ڏئي پيش ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. غالباً اهو تاريخ فرشتہ جو مصنف ئي هو جنهن ڇهن صدين کان پوءِ محمود جي باري ۾ 'بت فروش' جي بجاءِ 'بت شڪن(10).' جو افسانو گهڙي پيش ڪيو ۽ هن جي سمورين جنگي فتوحات کي 'اسلامي فتوحات' جي عاليشان لفظن يا 'مقدس

جهاد‘ جهڙن مخالف جذبات ڀڙڪائيندڙ نعرن سان پيش ڪيو. انهيءَ جذباتي انداز سبب ’تاريخ نويسيءَ‘ کي اهو نقصان پهتو جو واقعن پنيان اصلي پس منظر ۽ اسباب غائب ٿي ويا.

محمود غزنويءَ جي ڪردار کي وڌيڪ مسخ ڪرڻ ۾ بهرحال مغربي جديد تاريخ نويسن يا نو آبادياتي نُڪتہ نظر (Colonialist View Point) رکندڙ مؤرخن جو وڏو هٿ آهي. هنن ائين ڇو ڪيو؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ ڏکيو ناهي. پهريون تہ هنن جڏهن برصغير ۾ قدم رکيو تہ مسلمان هتي حڪمران هئا. گويا هنن جو مقابلو مسلمانن سان هو ۽ انهن سان هنن کي جتي ڪٿي لڙايون ڪرڻيون پيون. ٻيو تہ هنن کي هندن جي غالب اڪثريت جي همدرديءَ جي سخت ضرورت هئي. هنن هندن کي هر طرح باور ڪرائڻ ٿي چاهيو تہ انگريز ڪين مسلمانن جي صدين جي محڪوميءَ کان نجات ڏيڻ وارا آهن. انهيءَ ڪري هنن هر اهڙو قدم کڻڻ ٿي چاهيو جنهن سان هو هندن جي نظرن ۾ وڌيڪ عزت بلڪ هنن جو اعتماد حاصل ڪري سگهن. آخر ۾ ائين چئجي تہ ’ورهايو ۽ حڪومت ڪريو‘، واري سونهري اصول تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪن اهڙن تاريخي واقعن کي استعمال ڪرڻو هو جنهن سان هڪ طبقي ۾ مذهبي قوم پرستيءَ واري شعور ۽ جذبي کي جاڳائي سگهجي.

نو آبادياتي تسلط تحت تاريخ کي مسخ ڪرڻ جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو تاريخي مثال ٿي سگهي ٿو تہ 1842ع ۾ هندستان جي وائسراءِ لارڊ ايلنبرو هڪ شاهي فرمان جاري ڪري افغانستان ۾ برطانوي فوج جي ڪمانڊر جنرل ناٽ کي حڪم ڪيو تہ هو غزنيءَ ۾ محمود غزنويءَ جي مقبري ۾ لڳل صندل جي ڪاٺ جا اهي دروازا پٽي هندستان کڻي اچي جيڪي محمود غزنوي سومناٿ جي مندر کي ٽوڙڻ وقت پاڻ سان گڏ کڻي ويو هو(11).

هن مسئلي تي 1843ع ۾ برطانوي دارالعوام (House of Commons) ۾ وڏو گوڙ ٿيو ۽ ڪيترا ڏينهن وڏو بحث هليو، جيڪو تاريخ جو حصو آهي، جنهن ۾ مخالف ڌر ڪيترا اعتراض اٿاريا هئا. هنن جو چوڻ هو تہ آخر ايلنبرو جي ان ڪاروائي جو ڇا مقصد هو؟ ڇا هو هندن جي مذهبي ۽ قومي جذبات سان ڪيڏي همدرديون حاصل ڪرڻ گهري ٿو؟ ليڪن حقيقت اها آهي تہ ايلنبرو واقعي هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ گهريا ٿي. هڪ تہ افغانستان ۾ برطانوي فوج جي ذلت آميز شڪست جو هن بدلو وٺڻ گهريو ٿي ۽ ٻيو تہ هن هندستان مٿان محمود غزنويءَ جي سترهن ڪاهن جي جوابي ڪاروائي ڪري هندستاني عوام جي وڏي طبقي ۾ انگريز قوم جي عزت ۾ ان ريت اضافو ڪرڻ گهريو ٿي. حالانڪ تاريخ جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ سومناٿ مان صندل جا دروازا پٽي کڻي وڃڻ جو ذڪر تہ ڇا پر ڪٿي اهڙو اشارو بہ نٿي ملي.

ڊاڪٽر بلوچ هڪ مؤرخ جي حيثيت ۾ سڀ کان پهرين سلطان محمود جي هندستان تي حملن بابت اصل پس منظر کي نهايت وضاحت سان بيان ڪري ٿو جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي:

چوٿين/ ڏهين صدي جي وچ ڌاري الپتگين (وفات: 352هه/963ع) جيڪو اصل ۾ ترڪ غلام هو ۽ ساماني خاندان طرفان خراسان جو مقرر ڪيل اعليٰ عملدار هو، تنهن پاڻ کي غزنيءَ جو خودمختيار حاڪم بنائڻ جو اعلان ڪيو. هن اٺ سال حڪومت ڪئي ۽ 963ع ۾ وفات ڪري ويو. اهو وقت هو جڏهن پنجاب ۾ راجا جئپال جهڙو مضبوط حڪمران تخت نشين هو ۽ هن جي حڪومت جون سرحدون پشاور ۽ ڪابل تائين ڦهليل هيون. سال 977ع ۾ ابو علي جيڪو ابوبڪر لاوِق جو پٽ هو ۽ جنهن کان الپتگين غزني کسي ان تي قبضو ڪيو هو، تنهن راجا جئپال جي پٽ جي مدد سان غزنيءَ تي لشڪر ڪشي ڪئي. غزنيءَ جي لشڪر جي اڳواڻي سبڪتگين ڪري رهيو هو. جيڪو الپتگين جو نياٽو بہ هو. لڙائي ۾ ابو علي ۽ جئپال جو پٽ مارجي ويا. انهيءَ فتح جي نتيجي ۾ سبڪتگين جنهن جو واسطو پڻ ترڪ نسل سان هو، سال 977/366 ۾ غزنيءَ جو حڪمران بنجي ويو. ائين سبڪتگين غزنوي خاندان جو پايو وجهندڙ بنجي ويو، جنهن پوءِ ڏهہ سال حڪومت ڪئي.

مطلب تہ ان ريت غزنيءَ جي حڪمران غزنوي خاندان ۽ پنجاب جي حڪمران جئپال وچ ۾ هٿيار بند لڙائي جو آغاز ٿي ويو. ٻي لڙائي 376هه/986ع ۾ ٿي

جڏهن جئپال پاڻ لشڪر جي اڳواڻي ڪئي ۽ لمغان ۽ غزني جي وچ تي غزڪ وٽ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا. هن لڙائي ۾ نوجوان محمود بہ شامل هو جنهن جي عمر ان وقت پندرهن سال هئي. جئپال جڏهن شڪست کائڻ تي هو تہ هن صلح جي آڇ ڪئي جيڪا سبڪتگين قبول ڪئي جنهن ۾ هن ڪيترو تاوان ۽ هاٿي ڏيڻ قبول ڪيا پر جڏهن جئپال واپس پنهنجي راڄڌاني پهتو تہ پنهنجي عهد کان ڦري ويو. هاڻي جئپال هڪ وڏي جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ دهلي، اجمير، قنوج، ڪالنجر جي هندو راجائن کان مدد وٺي هڪ لک فوج جي تياريءَ سان غزنيءَ طرف پيش قدمي ڪئي پر هن ڀيري بہ جئپال شڪست کائي ويو ۽ سبڪتگين وري بہ صلح کي قبول ڪيو. هن دفعي جئپال لمغان کان پشاور تائين جو علائقو سبڪتگين جي حوالي ڪيو. هن لڙائي ۾ پڻ محمود شامل رهيو ۽ هينئر سندس عمر سترنهن سال هئي. اهڙي طرح جئپال ۽ سبڪتگين جي وچ ۾ چار دفعا مقابلو ٿيو ۽ هر دفعي جئپال هارايو ۽ ان جي نتيجي ۾ سندس حڪمرانيءَ جون سرحدون سنڌوندي جي اولهہ کان بلڪل ختم ٿي ويون، باقي ان کان اوڀر طرف ويندي لاهور تائين سندس حڪمراني محدود ٿي وئي.

سبڪتگين 387هه/ 997ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪجهہ عرصي بعد محمود جڏهن سندس عمر ستاويهہ سال هئي، تہ غزنيءَ جو حڪمران بڻجي ويو. محمود پنهنجي دانائيءَ جو، ان وقت وڏو ثبوت ڏنو جڏهن ٻن سالن جي مختصر عرصي کان پوءِ هن بغداد جي خليفي کان 'يمين الدولہ' جو خطاب حاصل ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ سلطان جو لقب اختيار ڪيائين. محمود جڏهن کان هوش سنڀاليو تہ پيءُ سان گڏ لڙاين ۾ شامل رهيو، تڏهن کان هن ڏٺو تہ غزنيءَ جي تخت کي پنجاب جي حڪمران پالا خاندان کان هر دم خطرو هو ۽ آخر ۾ تہ هن اهو بہ ڏٺو تہ پرپاسي جا هندو راجائون بہ ان جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهن. لهٰذا تاريخي روايت موجب هن تخت نشين ٿيڻ سان ئي اهو عهد ڪيو تہ هو آئنده هندن جي راجائن خلاف پنهنجون مهمون جاري رکندو. انهيءَ لحاظ کان هن محسوس ڪيو تہ سندس پهريون نشانو جئپال هجڻ گهرجي جيڪو پاڻ پشاور حاصل ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هو. ٽن سالن جي وقفي بعد پشاور وٽ ٻنهي ڌرين ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ جئپال پندرنهن شهزادن سميت سخت شڪست کاڌي ۽ قيد ڪيو ويو. آخر صلح جي شرطن تي کيس آزاد ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ جلد ئي هو مري ويو، اهو مقابلو سنہ 392هه/1001ع ۾ ٿيو.

جئپال جي موت کان پوءِ سندس پٽ ۽ پوٽو انندپال ۽ ترلوڪن پال پورا ويهہ سال محمود سان مقابلا ڪندا رهيا پر هو ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهيا، ان لاءِ هو ڪڏهن ڪڏهن هند جي پرپاسي وارن راجائن کان مدد بہ وٺندا رهيا. بلڪ انندپال ملتان جي قرمطي حڪمران دائود سان ڳنجوڙ ڪري محمود جي پيش قدميءَ کي روڪڻ جي سازش ڪئي تہ ان ۾ بہ کيس ناڪامي ٿي. آخر 1008ع ۾ انندپال هڪ دفعو وري پشاور تي قبضو ڪرڻ لاءِ پرپاسي جي راجائن قنوج، ڪالنجر ۽ گواليار جي مدد سان وڏو لشڪر تيار ڪري اڳتي وڌڻ لڳو. سلطان محمود کي جڏهن اها خبر پئي تہ هو سنڌونديءَ کي پار ڪري ويهند (موجوده هند) جي مقام تي اچي پهتو، جتي انندپال کي وڏي شڪست آئي. سلطان جي فوجن مسلسل پيش قدمي جاري رکي ۽ بياس ندي پار ڪري نگر ڪوٽ جو علائقو بہ عارضي طور فتح ڪري ورتو.

ان صورتحال ۾ انندپال پنهنجو تخت گاهہ جهلم ضلعي جي مشهور ماڳ نندنہ کي بڻايو، جتي سندس موت بعد هن جو پٽ ترجن پال مسند نشين ٿيو. سلطان محمود نندنہ کي 1014ع ۾ فتح ڪيو تہ ترجن پال پنهنجي حڪمرانيءَ جي آخري سرحد ٿانيسر هليو ويو ۽ ائين لاهور کي بہ ڇڏي اڳتي وڌي ويو. سلطان محمود ترجن پال جي تعاقب ۾ ٿانيسر تي حملو ڪيو تہ هو اتان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سلطان محمود جي اتان واپسيءَ کان ترجن پال هڪ طرف ڪالنجر جي راجا گنڊا ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو تہ ٻئي طرف قنوج جي راجا راجيپال سان تعلقات کي مضبوط ڪرڻ لڳو. انهيءَ صورتحال ۾ سلطان محمود 1018ع ۾ قنوج تي لشڪر ڪشي ڪئي تہ قنوج جو راجا گنگانديءَ جي ٻي طرف وڃي

پناهه ورتي. محمود ترجن پال جو پيڇو جاري رکيو ۽ شاروا پهچي اتي جي راجا راءِ چندر کي شڪست ڏني. هيءُ اهو راجا هو جنهن پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ترجن پال جي پٽ ڀيم پال کي ڏنو هو.

ترجن پال اڃا سبق نہ سکيو ۽ هڪ دفعو وري ڪالنجر جي راجا گنڊا سان سازباز ڪئي ۽ گواليار جي راجا کي پاڻ سان ملائي قنوج جي راجا راجيپال کي ان لاءِ قتل ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن محمود غزنويءَ جي لشڪر جو مقابلو نہ ڪيو هو. محمود غزنوي هڪ سال ڪان پوءِ ترجن پال کي سيکت ڏيڻ لاءِ غزنيءَ کان 410هه/1019ع ۾ روانو ٿيو ۽ هر ملايو دوار وٺان گنگانديءَ، کي اڪري ترجن پال جو پيڇو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو زخمي ٿي پيو پر اتان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو. آخر ترجن پال 412هه/1021ع پنهنجي ماتهن هٿان ئي مارجي ويو ۽ سندس پٽ ڀيم پال پنج سال پوءِ 417هه/1026ع ۾ گذاري ويو. ان ريت غزنوي ۽ پالا خاندان وچ ۾ هلندڙ ڪشمڪش ۽ لڙاين جو خاتمو ٿيو.

سلطان محمود 412هه/1021ع ۾ پالا خاندان جي خاتمي کان پوءِ ڪالنجر جي راجا گنڊا ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو، پر هن ان جو مثبت جواب نہ ڏنو ۽ جنگ جي تيارين ۾ لڳي ويو. سلطان جڏهن مٿس حملو ڪيو تہ هو ڀڄي ويو جنهن ڪري سلطان پنهنجي فوجن جو رخ گواليار طرف ڪيو جيڪو ڪالنجر جي راجا جو نائب هو. هن آڻ مڃي ۽ پنجٽيهہ هاٿي تحفي طور پيش ڪيا. سلطان هڪ دفعو وري ڪالنجر جو رخ رکيو ۽ قلعي جو گهيرو ڪري ويهي رهيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ گنڊا صلح لاءِ راضي ٿيو. ساليانو خراج ۽ ٽي سؤ هاٿي ڏيڻ قبول ڪيائين. هاٿي گنڊا سلطان جي ڪردار ۽ شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو جو هن جي شان ۾ هنديءَ ۾ شعر ناهي پيش ڪيائين. سلطان محمود خوش ٿي پندرهن قلعا سندس حوالي ڪيا. هن مهم تان سلطان محمود 413هه/1023ع ۾ غزنيءَ واپس پهتو.

سلطان محمود جي آخري مهم سومنات جي فتح آهي، جيڪا هن سال 416هه/1025ع ۾ سرڪئي، جنهن جو بظاهر مقصد سومنات جي بت کي ٽوڙڻ هو، جيئن همعصر تاريخي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو. هن سلسلي ۾ عجيب و غريب روايتون ۽ ڏند ڪٿائون ملن ٿيون. هندن جي روايت موجب جنهن کي البيروني نقل ڪري ٿو، اهو لنگ جو مندر هو. سندس چوڻ موجب سومناٿ لفظ جو اشتقاق آهي- سوم ۽ ناٿ، يعني چنڊ ديوتا جو مندر. ڪن مسلمان تاريخ نويسن وري سومناٿ مان مراد منات جو بت ورتو آهي جنهن جو ذڪر قرآن ۾ آهي. هڪ عوامي روايت موجب جڏهن محمود هندستان ۾ فتوحات ڪري رهيو هو تہ عوام ۾ اهو بہ ويساهہ هو تہ سومناٿ جو اهو وڏو بت ٻين ننڍن بتن تي ناراض هو، تڏهن تہ محمود اهي علائقا فتح ڪري رهيو هو!

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب سومناٿ جي شهرت صرف مندر ۽ بت جي ڪري نہ هئي، بلڪ اتي هڪ مضبوط قلعو بہ موجوده هو. جنهن جي نشاندهي بيروني پڻ ڪئي هئي. دراصل سومناٿ گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سامونڊي شاهراهہ تي واقع هجڻ سبب سامونڊي جهازن لاءِ هڪ اهم لنگر گاهہ جي حيثيت رکندو هو جتان وچ اوڀر ۽ چين جا واپاري جهاز گذرندا هئا. سومناٿ جي انهي جاگرافيائي اهميت سبب ڪيترا مسلمان پڻ اتي رهندا هئا. جن جو ڌنڌو سامونڊي تجارت هو. ليڪن ڪجھ وقت کان اتان جي راجا مسلمانن تي گهڻي سختي شروع ڪري ڏني هئي ايتريقدر جو هڪ لوڪ روايت موجب سومناٿ مندر ۾ مسلمانن جي قرباني ڏني ويندي هئي. جنهن جو اهو مطلب بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان علائقي ۾ سامونڊي ڌاڙيل مسلمان تاجرن ۽ جهازن کي لٽيندا ڦريندا هئا ۽ پوءِ قتل ڪندا هئا. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ سومناٿ جي حملي کي ان پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي، اهوئي سبب هو جو سومناٿ جي فتح کان پوءِ سلطان محمود کي بغداد جي خليفي طرفان خاص خلعت ۽ خطاب سان نوازيو ويو هو.

ڊاڪٽر صاحب جي ٻي وڏي تحقيق هيءُ آهي تہ هندستان تي سترهن ڪاهن جو انگ بہ نو آبادياتي تاريخ نويسن ڏنو آهي ۽ اهي ايليٽ ۽ ڊائوسن هئا. ليڪن عتبي جي معاصر تاريخ مطابق اهو تعداد ڪنهن بہ ريت ٻارهن تيرهن کان وڌيڪ ناهي ۽ ان ۾

ايراني نارسان هلندڙ هو ۽ ان جي تاريخ صديون پراڻي آهي. انين صدي جي شروع ۾ سنڌ تي عربن جي حملي پويان پڻ اهي اسباب آهن. عرب ملاح ڪيترين صدين کان انهيءَ ساموندي شاهراهه تي ڪيترن شهرن ۾ آباد هئا. جتي انهن مقامي ماڻهن مان شاديون ڪيون هيون ۽ اتي ئي آباد هئا. ڪي عرب مقامي حڪمرانن جي ملازمت ۾ به هئا. اهڙو ثبوت ان علائقي جي ڪن تاريخي ڪتبن مان مليو آهي. هوڏانهن عرب ۽ فارس جي علائقن ۾ وري هندو واپارين جون ڪوٺيون هيون. ايتريقدر جو هرمز ۽ غزنيءَ ۾ يارهين صدي بلڪ ان کان پوءِ به هو وڏا مالدار هئا. غزنيءَ ۾ انهلواڙا جي آپيرا نالي هندو وٽ ڏهن لکن کان وڌيڪ مال ملڪيت هو (13).“

سومنات مندر جي خوشحاليءَ جو سبب پڻ اها تجارتي آمدني هئي. ساڳئي وقت تاريخ ۾ اهو پڻ ذڪر ملي ٿو ته پرپاسي وارا ننڍا راجا ۽ وڏيرا سومنات جي ياترين کي ڦريندا به هئا. ساموندي ٻيڙن جي ڦر ۾ چاوڙا قبيلي جا ماڻهو سڀ کان وڌيڪ مشهور هئا. ليڪن انهن سيني ڳالهين هوندي گجرات ۾ وڏي خوشحالي هئي جنهن جو وڏو فائدو اتان جي جين مت وارن کي ٿي رهيو هو جيڪي سياسي ۽ سماجي اثر رسوخ واران بنجي چڪا هئا ۽ چندا ڏيئي جين مت جا عاليشان مندر ناهيا هئائون.

روميلا سومنات جي باري ۾ البيروني جي همعصر شاهدي کي وڌيڪ معتبر سمجهي بيان ڪري ٿي، جڏهن هو چوي ٿو ته اتي محمود جي آمد کان تقريباً هڪ سؤ سال اڳ جو تعمير ڪيل پٿر جو قلعو موجود هو، جنهن جي اندر لنگر رکيل هو، جنهن جو مقصد مندر جي دولت جي حفاظت ڪرڻ هو. انهيءَ بت تي نذرانا خاص طور ملاح ۽ واپاري ڏيندا هئا. جن جو واپار زنجبار ۽ چين تائين هلندڙ هو.

هڪ طرف بيروني جهڙي محقق تاريخدان ۽ هيئت دان جو حقيقت تي مبني اهو بيان آهي جيڪو محمود غزنويءَ سان ان مهم ۾ گڏ هو ته ٻئي طرف فرخي سيستاني جهڙو شاعر جيڪو پڻ دعويٰ ڪري ٿو ته هو محمود سان گڏ هو، اهو وري پنهنجي شاعرانه مبالغه آرائي کان ڪم وٺي ٿو ۽ چوي ٿو ته سومنات جو بت اصل ۾ ’منات‘ جو بت آهي جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ ٻين ٻن بتن: ’لات‘ ۽ ’عزيٰ‘ سان گڏ ملي ٿو. اهي پويان ٻه بت ته اسلام جي آمد وقت ئي ڀڃي پورا ڪيا ويا، ليڪن منات جو بت ڪنهن ريت گجرات پهچي ويو. مطلب ته ان ريت هو سومنات جي بت کي ڀڃڻ جو وڏي ۾ وڏو جواز پيش ڪري ٿو.

روميلا جي تحقيق موجب چوڏهين صدي کان بعد جي فارسي مورخن وٽ سومنات جي باري ۾ تمام گهڻو وڌاءُ ملي ٿو، جيڪو حقيقت کان گهڻو پري آهي. انهيءَ دور ۾ ئي محمود غزنويءَ کي مثالي اسلامي حڪمران توڙي خدا جي خاص خليفي طور ڏيکاريو ويو آهي. بهرحال هن سلسلي ۾ روميلا تاريخ فرشته جي مصنف محمد قاسم فرشته جو ذڪر ڪيو آهي جنهن پنهنجي تاريخ 1015هه/1606ع ۾ مڪمل ڪئي ۽ هن ئي غالباً پهريون دفعو محمود غزنوي بابت ’بت فروش‘ نه بلڪ ’بت شڪن‘ واري ڪهاڻي گهڙي. هن ئي اصل واقعي کان ڇهه صديون پوءِ، اها حڪايت بيان هئي ته محمود غزنويءَ کي سومنات ۾ تڏهن ڪاميابي ملي جڏهن هن پنهنجي مرشد ابوالحسن خرقانيءَ جو جبو زمين تي وڇائي دعا گهريائين.

**(2) همعصر جين مت وارن جي گواهي:**

پنجين/يارهين صدي دوران محمود غزنويءَ جو همعصر ڌنپال نالي جين مت جو پوئلڳ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هو مالوهه جي دربار سان وابسته هو ۽ محمود غزنويءَ جي سومنات جي حملي جو تمام مختصر ذڪر ڪري ٿو، البت هو ان پهلوءَ طرف گهڻو ڌيان ڏئي ٿو ته آخر محمود چو ساڳئي وقت جين ڌرم جي مهاوير جي بت کي ڪو نقصان نه پهچائي سگهيو؟ ان لاءِ هو پنهنجي ڌرم ۽ ويساهه کي مٿانهون سمجهڻ سان ڪري ٿو. ان جو مثال ڏيندي هو چوي ٿو ته نانگ، گرودا پکيءَ کي ڇا ڪري سگهندا يا تارا سج جي روشنيءَ کي ڪيئن اونداهو ڪري سگهندا؟

جين مت جي ٻارهين صديءَ جي هڪ ٻي تحرير مان پڻ جين مت ۽ شومت جي رقابت جو وڌيڪ واضح ثبوت ملي ٿو.

شامل آهن. ان کان سواءِ هنرمندن ۾ چاڪي، رازا ۽ گهوڙن کي سنڀالڻ وارا بہ آهن، مسجد کي جيئن تہ وقف طور هلائڻو هو، تنهنڪري انهن ٻين ماڻهن جو هئڻ ضروري هو.

هن سلسلي ۾ عجيب خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ مسجد جي وقف ۾ پرپاسي جي ٻن مندرن جي زمين ٽڪرن جي آمدني شامل آهي، ان کان سواءِ ٻن دڪانن ۽ هڪ گهاڻي جي آمدني بہ ان جو حصو آهي، ليڪن اهي سڀ ملڪيتون خريد ڪيل آهن.

دستاويز جي عبارت مان ٻنهي ڌرين درميان مڪمل هم آهنگي نظر اچي ٿي يعني اهو سڀجو ڪم ٻنهي ڌرين جي خوشي ۽ رضامنديءَ سان ٿيو آهي.

هتي روميلا سوال ڪري ٿي تہ محمود غزنويءَ جي حملن کان بہ سؤ سال پوءِ هن سڄي صورتحال مان ڇا سمجهڻ گهرجي. آخر سومنات وارن کان محمود غزنويءَ جي حملي واري شامت ڪيئن وسري وئي؟ ٻيو تہ نهيو خود سومنات جو مک پروهت ۽ مقامي اثر رسوخ وارا ماڻهو اتي ڪيئن مسجد لاءِ زمين ٽڪر ڏيڻ تي راضي ٿيا؟ ڇا اُتان جي ماڻهن جي يادگيري ايتري ڪمزور هئي يا بذات خود اهو واقعو يعني سومنات تي حملو ايتري اهميت وارو نہ هو؟ ڪٿي ائين تہ نہ هو تہ عرب مان ايندڙ تاجرن لاءِ نرم گوشو هو ۽ صرف ترڪن لاءِ نفرت هئي، ڇو تہ محمود جو واسطو ترڪ نسل سان هو. ڇا هرمز سان گهوڙن جو واپار گهڻي نفعي وارو هو ان ڪري نوردين کي اها سهوليت ڏني وئي؟ يا مورڳو تجارت کي ٻي هر ڳالهہ مٿان فوقيت هئي؟ ڇا انهيءَ تجارت جي منافعي مان مندر وارن کي سٺوسنئون حصو ملندو هو يا هو پاڻ ان ۾ شريڪ هئا!؟

هن مهل تائين ڪيل بحث مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سومنات تي محمود غزنويءَ جي حملي بابت مختلف نڪتہ نظر رهيا آهن ۽ اهو ائين ناهي جيئن عام طور اسان سمجهيو آهي، مطلب تہ ان سڄي واقعي جي ڪا سڌي سولي ۽ آسان سمجهاڻي ڪونہ آهي، روميلا هڪ دفعو وري اهو بنيادي سوال ڪري ٿي تہ پوءِ اسان اهو ڪيئن فرض ڪري ورتو آهي تہ محمود غزنويءَ جو اهو حملو صدين کان هندن جي ذهن تي ايترو ڇانيل رهيو آهي جو اهو هميشہ لاءِ هندن ۽ مسلمانن جي تعلقات تي اثرانداز ٿيو آهي. ڇا اسان کي ڪي.ايم.منشيءَ جي هنن لفظن سان اتفاق ڪرڻ ضروري آهي. 'محمود جي هٿان مندر جي تباهي اهڙو ناقابل فراموش قومي سانحو آهي جيڪو هڪ هزار سالن کان وٺي هندن جي اجتماعي شعور ۾ باهہ وانگر رڪندو رهيو آهي؟(16).'

## (4) برطانوي دارالعوام ۾ سومنات بابت بحث:

روميلا جو خيال آهي تہ سومنات تي حملي کي هندن جي قومي سانحي طور سڀ کان پهرين برطانوي دارالعوام (House of Commonns) ۾ 1843 ۾ بحث هيٺ آندو ويو. جيئن اسان شروع ۾ اشارو ڪيو تہ ان جو پس منظر هي آهي تہ 1842ع ۾ لارڊ ايلنبرو 'دروازن بابت فرمان' (Proclamation of Gates) جاري ڪيو جنهن ۾ هن افغانستان ۾ انگريز فوج جي ڪمانڊر جنرل ناٽ کي حڪم ڪيو تہ هو پنهنجي واپسي غزنيءَ کان ڪري ۽ محمود غزنويءَ جي مزار ۾ جيڪي صندل جي ڪاٺيءَ جا دروازا لڳل آهن، اهي پٽي پاڻ سان هندستان کڻائي اچي، ڇو تہ اهي محمود سومنات مان اکيڙي کڻائي ويو هو.

ايلنبرو جي انهيءَ فرمان تي جڏهن دارالعوام ۾ طوفاني بحث جو آغاز ٿيو تہ چيو ويو ايلنبرو کي آخر هندن جي منهبي جذبات جو ايڏو خيال ڪيئن آيو آهي يا هو قومي سطح تي هندن جي همدرديءَ جي راند کيڏڻ گهري ٿو. سوال هو تہ دروازن واري ڪهاڻيءَ جو ڪو اصل بنياد هو يا نہ؟ ڇا ڪنهن مستند تاريخ جي ڪتاب ۾ ان ڳالهہ جو ڪو حوالو موجود هو؟ خبر پئي تہ 'تاريخ فرشتہ' جيڪا يارهين/ سترهين صدي يعني سومنات جي واقعي کان ڇهہ صديون پوءِ لکي وئي ۽ جنهن جو انگريزيءَ ۾ اليگزينڊر ڊائو ترجمو ڪيو هو، ان پنهنجي ترجمي ۾ اهڙي قسم جي ڳالهہ لکي هئي ليڪن اها حقيقت آهي تہ فرشتہ پنهنجي تاريخ ۾ ڪٿي بہ دروازن واري ڳالهہ نہ ڪئي آهي البت سومنات بابت گهڻي مبالغي کان ڪم ورتو آهي جنهن ۾ سڀ کان پهرين تہ هو بت جي حد کان وڌيڪ ديگهہ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ وري جڏهن محمود ان بت

جي پيٽ ۾ سوراخ ڪري ٿو تہ تمام وڏي انداز ۾ ان مان هيرا ۽ جواهر ڇڻ ڇڻ ڪري نڪرن ٿا.

بهرحال هڪڙي ڳالهہ واضح هئي تہ ايلنبرو سومنات مٿان محمود جي حملي کي هندو نفسيات لاءِ اٺ سؤ سالن جي بيعزتي جو بدلو، بلڪ ان کان وڌيڪ برطانوي فوج جي ڪابل ۾ شڪست کي فتح ۾ بدلائڻ لاءِ اهو تماشو ڪري رهيو هو، جيئن هن پاڻ فيروزپور پنجاب ۾ انگريزي فوج جي ان هارايل جٿي کي فاتحانہ انداز ۾ خطاب ڪندي چيو هو:

"Our victorious army bears the gates of temple of Somnath in triumph from Afghanistan and the despoilod tomb of Sultan Mahmud looks upon the ruins of Ghaznee. The insult of 800 years is avenged(17)."

'اسان جي فاتح فوج افغانستان ۾ سوڀاري ٿيڻ کان پوءِ پاڻ سان سومنات مندر جا دروازا اندا آهن ۽ سلطان محمود جو اُجاڙيل مقبرو غزنيءَ جي تباهيءَ کي حسرت سان ڏسي رهيو آهي، اهو اٺ سؤ سالن جي بيعزتيءَ جو انتقام ۽ بدلو آهي'

روميلا انڪشاف ڪري ٿي تہ اهي دروازا جڏهن سومنات ۾ آندا ويا تہ آثار قديمہ جي ماهرن اها راءِ ڏني تہ انهن دروازن جي فن ڪاريگريءَ جو هندستان سان ڪو واسطو نہ هو، اهي دروازا پوءِ آگري جي قلعي ۾ رکي ڇڏيائون جتي اهي پئي پئي اڌوهيءَ جو کاڄ ٿي ويا.

**(5) سومنات بابت ڀارت ۾ قومي نُڪتہ نظر جو اسرڻ:**

روميلا لکي ٿي تہ اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري برطانوي دارالعوام ۾ مٿين بحث کان پوءِ ڀارت جي اديبن ۽ دانشورن ۾ سومنات بابت قومپرستيءَ واري رجحان ۾ بي پناهہ اضافو ٿي وڃي ٿو ۽ محمود جو حملو هندو ۽ مسلمانن جي تعلقات ۾ وڏي اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو. ڪي.ايم.منشي نالي هڪ هندو دانشور سومنات جي نئين سر تعمير جو نعرو ڪٿي اڳتي وڌي ٿو. پر ان کان اڳ هو 1927ع ۾ تاريخي ناول 'جئي سومنات' لکي ٿو جنهن ۾ هو بنڪم چند چٽرجي نظريات کان گهڻو متاثر نظر اچي ٿو، جنهن لاءِ آر.سي.مجمدار چيو هو تہ هن جي قومپرستي ۾ هندستان نہ پر صرف هندو نظر اچن ٿا. منشيءَ جو مقصد بلڪل واضح هو تہ هو اسلام جي آمد کان اڳ آريائي هندن واري شان شوڪت کي واپس آڻڻ گهري ٿو، منشيءَ جي لکڻين ۾ برطانوي دارالعوام جي بحثن جو سٽوسنئون پڙاڏو ٻڌجي ٿو، جيڪا ڳالهہ سندس ڪتاب 'سومنات- امر مندر' مان وڌيڪ ظاهر آهي.

آخر منشيءَ جي لکڻين رنگ لاتو ۽ سال 1950ع ۾ سومنات جي نئين سر بحاليءَ خاطر ان جي کوٽائي شروع ٿي، ليڪن آثار قديمہ وارن کي جيڪي شاهديون مليون اهي گهڻي ڀاڱي منشيءَ جي مفروضي خلاف هيون، آثار قديمہ وارن جي شاهديءَ مان ثابت ٿيو تہ اهو مندر نائين يا ڏهين صديءَ جو مس هو، بلڪ ڏهين صديءَ جوئي هو ۽ ڪنهن حد تائين ان جي ڊاهڻ جي ثابتي بہ ملي بلڪ مندر جي تعمير جا آثار يارهين صدي ۽ ٻارهين ۾ بہ ملن ٿا.

منشي جنهن جو تعلق گجرات سان هو، سومنات کي پوري هندستان ۾ مسلمانن جي بت شڪني جي مثال طور پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، حالانڪ هن کان اڳ سومنات جي مسئلي جي علائقائي حيثيت هئي، اهڙيءَ طرح اهي صرف فارسي تاريخ نويس ئي هئا. جن سومنات جي قبضي کي بار بار مسلمانن جي بت شڪنيءَ جي ثبوت طور پيش ڪيو هو.

1951ع ۾ منشي جڏهن مرڪزي وزير هو ۽ سندس ڪوششن سان سومنات مندر نئين سر تعمير ٿي چڪو هو، تڏهن هن اعلان ڪيو هو تہ اڄ هندستان جو اجتماعي شعور تمام گهڻو خوش آهي. جيتوڻيڪ وقت جي وزيراعظم جواهر لال نهرو شروع کان سرڪار طرفان مندر جي تعمير جي سخت مخالفت ڪئي هئي. هن جو چوڻ هو تہ اهو سرڪار جو ڪم نہ هو بلڪ اهو غير سرڪاري ادارن جو ڪم هو. هن کي اها ڳالهہ بہ پسند نہ هئي تہ ڪو ڀارت جو صدر راجندر پرساد ان جي مهورت ڪري. هن کي ان ڳالهہ تي بہ غصو هو جو منشي پوري دنيا ۾ ڀارت جي سفيرن کي لکيو هو تہ هو اتان جي ندين جو جل ڏياري موڪلين، جنهن کي مندر جي اشنان ۾ استعمال

گجي ٿو گجنيءَ ۾، سلطان محمد شير
ڏينهان ڪري راڄڙو، راتيان ڦري فقير
پوتا پايو چم جا، ڪٿي ڪونه وزير
سڪي ٿي ساري پرڻمٽي، ستين پاڙيو سير.

اهي ڪل سورنهن سٽرنهن بيت آهن، جن مان ڪي اٿپورا به آهن. انهن تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي شري جيرامداس لکي ٿو:

'ڏسجي ٿو ته هيءَ ڪهاڻي سلطان محمود غزنويءَ جي ڏينهن (يارهين صديءَ) جي آهي. سلطان محمود سنڌ ۾ 1026ع ڌاري آيو ۽ سنڌ تي يا ان جي ڪجهه حصي تي قبضو ڪيائين. 1030ع ۾ سندس موت ٿيو، سندس پٽ محمد رڳو ست مهينا تخت تي وينو، سندس ڏينهن ۾ ڪي به حشمت جا ڪارناما ڪونه ٿيا. انڪري پانئجي ٿو ته پهرئين بيت ۾ سلطان محمود ڏي ئي اشارو آهي، جي هيءُ انومان صحيح آهي ته چئبو ته 'ڏيپچند ۽ ڪوئل' جي ڪهاڻي يارهين صديءَ جي پهرئين اڌ جي آهي، پر بيتن جي ٻولي ته گهڻو پوءِ جي ٿي ڏسجي.

جيڪڏهن سولي سنڌيءَ ۾ بيت لکجي ته ان جي معنيٰ هيئن ٿيندي:

"سلطان محمود شير آهي جيڪو غزنيءَ ۾ گجگوڙ وينو ڪري، هو ڏينهن جو حڪومت هلائي ٿو، پر رات جو فقير بنجي گهمي ٿو، هو چمڙاپوش پائي پيو هلي ۽ پاڻ سان ڪو وزير ڪونه ٿو ڪئي، هن جي ڪري ساري ڌرتي سک سانت ۾ آهي جنهنڪري ستيون پنهنجو ست سيل قائم ٽيون رکن."

تاريخ نويسيءَ جي جديد اصولن ۾ لوڪ روايت جي ممڪن اهميت کي تسليم ڪيو ويو آهي، جنهن جي نشاندهي نهايت وضاحت سان روميلا پڻ ڪئي آهي ۽ سومناٿ تي محمود جي حملي بابت جين مت وارن جي شاعري مان ڪي حوالا پڻ ڏنا اٿس. ان لحاظ کان ڏسجي ٿو ته مٿين بيت ۾ محمود غزنويءَ جي شخصي ڪردار ۽ حڪمرانيءَ جي وڏي ساراهه ٿيل آهي، اها وري ان ڪري خاص طور قابل توجهه آهي جو اها غير مسلمانن جي زباني تعريف ٿيل آهي. ڇا ان سان انهن تاريخدانن جي ترديد ڪونه ٿي ٿئي جيڪي محمود غزنويءَ کي محض ڦورو ۽ لٽيرو، غاصب ۽ غير مسلمانن کي قتل ڪرڻ وارو ثابت ڪن ٿا. ڇا هن سلسلي ۾ اهي مستشرق قابل تنقيد نه آهن جيڪي مخصوص ذهن سان ويهي تاريخ کي هڪ خاص موڙ ڏيڻ چاهين ٿا؟

اسان جي موجوده دور جو ڄاتل سڃاتل سيڪولر تاريخدان مبارڪ علي روميلا جي مٿين تحقيقي مقالي جي مطالعي کان پوءِ پنهنجي هڪ مضمون (Remembering Mehmmud Ghaznvi) 'محمود غزنويءَ جي ياد ۾' اعتراف ڪري ٿو، ته متحده هندستان ۾ 1920ع کان پوءِ جهڙي طرح سياست ۾ مذهبي بنيادن تي فرقي پرستي (Communalism) جا آغاز ٿيو، تيئن تاريخ ۾ پڻ ان قسم جي تفريق پيدا ڪئي وئي(20). ليڪن حقيقت اها آهي جيڪا روميلا لکي آهي ته ان قسم جي تفريق پهرين انهن تاريخي ناولن ذريعي پيدا ڪئي وئي جيڪي بنڪم چند چٽرجي لکيا.

مطلب ته اهو فرقي پرستيءَ جو وڌندڙ رجحان ئي هو جنهن تحت محمود غزنويءَ کي ڦورو ۽ لٽيرو، بلڪ ظالم ۽ وحشيءَ جهڙن لقبن سان نوازيو ويو، جنهن هندستان جي مندرن ۽ قومي دولت کي لٽيو ۽ وڃي غزنيءَ کي آباد ڪيو.

## تاريخ جو نوآبادياتي نظريو ۽ ڊاڪٽر بلوچ:

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علمي تحقيق جو نوس معيار ۽ طريقهء ڪار هن مهل تائين ڏنل مثالن مان ظاهر آهي، جن کي اسان پهرين ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو ۽ ان کان پوءِ انهن موضوعن تي جديد دؤر جي ٻين محققن جي ڪاوش کي شاهديءَ طور آندو جنهن سان پڻ سندس نتيجن جي تصديق ٿئي ٿي. انهن ۾ نامور محقق ۽ تاريخ جا عالم ايران جو بديع الزمان فروزانفر ۽ ڀارت مان مائي روميلا ٿاپر صاحبه شامل آهن. ان کان سواءِ اسان سنڌي لوڪ اتهاس ۽ فارسي زبان جي ٻن عظيم صوفي شاعرن جي شاهدي به شامل ڪئي آهي.

هڪ محقق مؤرخ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب جو تاريخ بابت ادراڪ نهايت وسيع ۽ گهرو هو، هن سلسلي ۾ سال 1973ع ۾ ڊاڪٽر صاحب جو اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ 'پهرين پاڪستان تاريخ ۽ ثقافت'

ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ موجب هڪ لحاظ کان هي هڪ اڳتي قدم هو جيڪو ڪنهن حد تائين قابلِ قدر هو، ڇو ته ان نموني اصلي ماخذن تائين پهچ ممڪن بڻجي پئي ۽ ستن اٺن صدين تي ڦهليل مواد هڪ هنڌ موجود ٿي پيو. ليڪن وڏي حقيقت اها آهي ته ان مواد جي وڏيڪ ضرورت برطانوي حڪمرانن کي هئي جن ان کي پنهنجي نڪته' نظر کان استعمال ڪرڻ گهريو ٿي جنهن ۾ هو ڪامياب ويا ۽ ان منجهان ئي نو آبادياتي نظريه تاريخ جنم ورتو. ايليٽ ڇا ڪيو جو منتخب تاريخي مواد پيش ڪرڻ کان پوءِ تشريح خاطر ان تي جيڪي تفصيلي حاشيا لکيا، انهن ۾ هو مسلمانن جي دورِ حڪومت کي هر هنڌ ظلم ۽ زيادتي جي تصوير ڪُور پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ٻئي طبقي يعني هندن کي اُڀرڻ نه ڏنو ۽ اهي مسلسل زيادتيءَ جو نشانو بڻبا رهيا. مطلب ته ايليٽ جي تاريخ ۾ مسلمان بادشاهه سراسر عيش پرستي ۽ خونريزي جي تصوير ئي نظر اچن ٿا. هتي اسان ان جي وضاحت ايليٽ جي سنڌ بابت لکيل جلد (The History of Sindh as told by its own Historians) مان چند مثالن تي اڪتفا ڪريون ٿا. سنڌ ۾ عرب انتظام تحت هو عربن کي 'مذهبي انتهاپسند' (21) (Fanatics) ڪوٺي ٿو ته ٻئي هنڌ ص 466 (Furious Zealots)(22) يعني 'جنوني شدت پسند' سڏي ٿو، ٽئين هنڌ ص 469 (usual bigotary and cruelty)(23)، عام مذهبي ڪٽرپڻو ۽ انڌيرنگري جا طعنا هڻي ٿو.

اهڙيءَ طرح مندرن جي تباهي، عوام جي ڦرلٽ ۽ بي انصافي، مسجدن جي زبردستي تعمير، مذهبي منافرت، تان جو زبردستيءَ سان ڍڳي جي ڌڙڪي کي استعمال ڪري پيسا وٺڻ جهڙا الزام ۽ ناروا سلوڪ به انهن تشريحي حوالن ۾ ملن ٿا. هڪ هنڌ جتي ايليٽ سنڌ جي فتح کان پوءِ عربن کي هٿ آيل ڦرلٽ جي مال جو تخمينو لڳائي ٿو، اتي پاڻ تسليم ڪري ٿو ته سنڌ مان ايتري آمدني ته ڇا پر ان جو اڌ به نٿو ٿي سگهي، ليڪن هو ساڳئي وقت مصر ۽ شام بابت گبن جي انگن اکرن کي درست قرار ڏئي ٿو. بهرحال ايليٽ جي ذهني بدديانتي ۽ اصل مقصد تڏهن بلڪل ظاهر ٿي پون ٿا، جڏهن سندس قلم مان هي الفاظ نڪري وڃن ٿا(24).

"It is expedient that these matters should be often bought back as nemembrance and pondered on; for the inhabitauts of modern India, as well as our clamorous demagogus at home, who are very apt to forget the very depth of degradation from which the great man of the people have been raised, under the protection of British supremacy."

ترجمو: اهو تمام ضروري آهي ته اهڙيون ڳالهيون بار بار دهرائجن ۽ انهن تي غور ڪيو وڃي. اهو نه رڳو جديد هندستان جي رهاڪن لاءِ ضروري آهي بلڪ اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ سياسي ۽ جذباتي نعريبازي ڪندڙن کي منهن ڏين لاءِ پڻ ان جي ضرورت آهي. اهو ان ڪري به ڇو ته هو ان ڳالهه کي وساري ويهن ٿا ته عوام جو وڏو طبقو ڪيڏي ذلت ۽ پستيءَ ۾ ڪِريل هو ۽ برطانوي راڄ جي تحفظ جي نتيجي ۾ هو ڪيترو مٿي اُڀري ۽ اُسري آيا آهن!

هاڻي اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي ته مغربي مؤرخن يا مستشرقن يا نوآبادياتي نڪته' نظر رکندڙن اڏو تاريخ نويسيءَ جو اصل مقصد ڪهڙو هو؟ ڇا اجا ڪنهن ٻي وضاحت جي ضرورت اهي ته هو تاريخ نويسيءَ جي پردي پٺيان ڪهڙو کيل کيڏي رهيا هئا؟

انهيءَ پس منظر ۾ جرمن مستشرق سخاؤ جنهن البيرونيءَ جي 'ڪتاب الهند' تي سڀ کان پهرين تحقيقي ڪم ڪيو، جنهن جو حوالو مٿي گذري چڪو، ڏسو ته محمود غزنويءَ بابت ڇا ٿو چوي؟(25)

"To Mahmud the Hindus were infidels to be dispatched to hell as soon as they refused to be plundered. To go on expeditions and to fill the treasury with gold, not to make lasting corquests of territories, was the real object of his famous expeditions and it was with this view that he cut his way through enormous distances to the richest temples of India at Thanesar, Mathra kanuj and Somnath."

ر مو: محمود جي نظر ۾ هندو محض ڪافر هئا جن کي هر صورت ۾ جهنم رسيد ڪرڻو هو، خاص طور جيڪڏهن هو خراج (ڦرلٽ) کان انڪار ڪن. محمود جي مشهور مهمن جو اصل مقصد پنهنجي خزاني کي دولت سان ڀرڻ هو، ان ڪري هن مفتوح علائقن کي هميشہ لاءِ تسلط هيٺ رکڻ نٿي گهريو. انهيءَ مقصد خاطر هو دور دراز جا سفر ڪري هندستان جي دولت سان مالامال مندرن تائين پهتو جنهن ۾ ٿانيسر، متراِ، قنوج ۽ سومنات شامل آهن.

نوآبادياتي مؤرخن جي انهيءَ نُڪتہ نظر کان نہ صرف قوم پرست (Nationalist) تاريخ نويس متاثر ٿيا، بلڪ ترقي پسند (Porgrssive) ۽ غيرمذهبي (Secular) ذهن رکندڙ مؤرخ بہ پاڻ بچائي نہ سگهيا. خاص طور هندستان جي ورهاڱي جي پس منظر ۾ اها صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي پئي. پروفيسر محمد حبيب جيڪو علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ جو استاد هو، تنهن سلطان محمود غزنوي بابت هڪڙو ننڍڙو ڪتاب ترقي پسند سوچ مطابق لکيو، جنهن ۾ هو چوي ٿو(26):

"Islam sanctioned neither the vandalism nor the plundering motives of the invadersno principle known to the Sharia justified the uncalled for attack on Hindu princes who had done Mahmud and his subordinates no harm."

"اسلام ڪنهن بہ قسم جي بربريت ۽ ڦُرلُٽ کي حملہ آور (محمود غزنوي) لاءِ جائز نٿو سمجهي، شريعت جو ڪوبہ ڄاتل سڃاتل اصول هندو راجائن مٿان خوامخواہ جي ڪنهن بہ حملي جي اجازت نٿو ڏئي، خاص طرح جڏهن محمود ۽ هن جي ساٿين کي ڪو نقصان نہ پهچايو هجي."

ان کان اڳ ۾ هو محمود جي شخصيت بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

"مذهبي مبلغ تہ نهيو پر محمود جذبي وارو مسلمان بہ نہ هو، چالاڪي ۽ هوشياري هن جي طبعيت ۾ هيون ۽ هو هر لحاظ کان پنهنجي مفاد کي مٿي رکندو هو. سلطنت جون سرحدون وڌائڻ خاطر محمود هندو توڙي مسلمان ٻنهي سان ساڳئي قسم جون لڙايون ڪيون(27)."

ٻنهي عبارتن ۾ تضاد واضح آهي: هڪ طرف محمود جي حملن کي اسلام ۽ شريعت جي لحاظ کان ڏٺو وڃي ٿو ۽ پروفيسر صاحب خود شريعت جو عالم بڻجي فتويٰ جاري ڪري ٿو تہ اسلام ۽ شريعت ڇا ٿا چون، جيڪو هڪ سيڪيولر ۽ ترقي پسند ذهن کي نٿو سونهي!

ٻي عبارت ۾ چيو ويو آهي تہ محمود مسلماني جذبي کان عاري هو، هن هندن توڙي مسلمانن سان سلطنت جي معاملن ۾ ساڳي روش اختيار ڪئي، جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ محمود جي حملن بابت اسلام کي وچ ۾ آڻڻ جو ڪهڙو ضرور هو. تاريخ جو ترقي پسند نظريو مذهب نہ پر مادي اصولن کي تاريخ ۾ فيصلہ ڪن ڪردار عطا ڪري ٿو. ان لحاظ کان اهو ڏسڻ ڪپندو هو تہ محمود ۾ اهي ڪهڙيون خوبيون يا اهليت هئي ۽ ان جي مخالفن ۾ ڪهڙيون اوڻايون يا ڪمزوري هئي جو هو هر دفعي ڪامياب پئي ٿيو. يا جيئن چيو ويو آهي تہ محمود پنهنجي ٽيٽيهن سالن جي معرڪي ۾ ڪڏهن بہ شڪست نہ کاڌي. ان جا سياسي ۽ سماجي عوامل ڪهڙا هئا!

بهرحال اها حقيقت آهي تہ محمود بابت قوم پرستيءَ واري توڙي ترقي پسند نظريي مؤرخن يا عمومي تاريخ نويسن کي متاثر ڪيو، جنهنڪري سندن راءِ ۾ اعتدال نہ رهيو، ايشوري پرساد پروفيسر حبيب جو حوالو ڏئي بہ قدم اڳتي وڌي وڃي ٿو:

"Mahmud was indeed a fierce and fanatical Muslim with an insatiable thirst for Wealth and power(28)."

'درحقيقت محمود هڪ جوشيلو ۽ متعصب مسلمان هو جنهن کي دولت ۽ قوت حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ ختم ٿيندڙ خواهش هئي.'

ليڪن اها بہ حقيقت آهي تہ انهيءَ ساڳي دور ۾ جن تاريخ نويسن معروضي يا حقيقت پسندانہ نڪتہ نظر اختيار ڪيو، جن تاريخي شخصيتن بابت نڪي مذهب کي وچ ۾ آندو ۽ نڪي انهن جي ذاتي ڪردار

شرما هندستان جي تاريخ ۾ اهو ڪجهه ڏسڻ گهري ٿو، جيڪو يورپ جي تاريخ ۾ ٿي گذريو.

آخر ۾ اچو تہ ڏسون تہ ان ايڏي پس منظر جي موجودگيءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ "پاڪستان" ۾ جديد تاريخ نويسيءَ بابت ڪهڙا اصول وضع ڪري ٿو، جن مان سندس نظريئہ تاريخ جي وضاحت ٿئي ٿي.

(1) **تحقيق جو رخ متعين ڪرڻ** (Principle of Direction):

سڀ کان پهرين هڪ تاريخ نويس لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي آڏو واضح مقصد رکي ۽ ان لحاظ کان پنهنجي رخ جو تعين ڪري هر تاريخي تحرير جي پويان ڪونہ ڪو محرڪ ضرور هوندو آهي ۽ تاريخ نويس لاءِ ان جو هئڻ بري ڳالهه بہ نہ آهي. هن کي گهرجي تہ پنهنجي ان مقصد کي بين لاءِ کولي بيان ڪري تہ جيئن سندس ان تحرير جي صحيح نموني ۾ پرک ٿي سگهي. معروضيت (Objectivity) ڪڏهن بہ مڪمل يا مطلق (Absolute) نٿي ٿي سگهي، بلڪ اها هميشہ حالتن سان ڳنڍيل يا واڳيل هوندي آهي، انهيءَ ڪري هڪ مؤرخ سان 'ڪٿي'، 'ڪير' ۽ 'ڪيئن' جي اضافت هميشہ لڳل هوندي آهي جيڪا ڪانئس جدا ٿي نہ ٿي سگهي.

(2) **سند ۽ صداقت جو اصول** (Principle of Authenticity):

هن مان مراد درست ۽ متعلقہ مواد جو استعمال آهي ۽ ان سان گڏ ان جي بين دستاويزن وغيره سان ڀيٽ ڪرڻ آهي تہ جيئن واقعي بابت صحيح ڄاڻ گڏ ڪري سگهجي. موقعي مهل جي جاچ پڙتال يا معائنو (Field Research) انهيءَ عمل جو هڪ لازمي جز آهي جنهن سان خبر يا واقعي جي درستگيءَ بابت وڌيڪ معلومات ملن ٿا. هن ڳالهه ڏانهن اشارو اسان اڳ ۾ ڪري چڪاسون تہ مسلمان تايخ نويسن ان جي اهميت کي محسوس ڪيو ۽ ان جو استعمال پڻ ڪيو.

"جديد تاريخ نويسيءَ ۾ ڪتبا (Eprigrapny) ۽ سڪن جو علم (Neumismetics) خاص اهميت رکن ٿا.

(3) **پس منظر ۽ ماحول جي صحيح ڄاڻ**

(Prinicple of Context)

ڪنهن بہ واقعي بابت وقت، هنڌ ۽ حالتن جي پوري ڄاڻ رکڻ ازحد ضروري آهي، خاص طور جيئن واقعو وڌيڪ قديم هوندو تہ ان بابت فقط سرسري معلومات ئي ملي سگهندي آهي، ليڪن ان واقعي پنيان ڪهڙا عوامل ڪارفرما هئا، اهو تمام گهٽ واضح هوندو آهي. ان ڪري جيستائين مؤرخ ان وقت جي ماحول کي پاڻ ۾ ضم ڪري ۽ خاص طور ان لحاظ کان نہ ڏسندو تہ ان واقعي جا شريڪ ان کي ڪيئن محسوس ڪري رهيا هئا، تڏهن ئي واقعي جي تہ تائين پهچندو ۽ ان کي معروضي طور بيان ڪري سگهندو.

مطلب تہ ماحول جي معروضيت (Contextual objectivity) مان مراد آهي تہ ان وقت جي سماج يا فردن ان واقعي کي ڪيئن ٿي ڏٺو، واقعي جي پرک لاءِ ان وقت جو حوالو ئي ڪارگر سمجهڻ گهرجي. تاريخ نويس جو پنهنجي وقت جي نظرين يا فڪر مطابق ان کي سمجهڻ غلط ٿيندو.

پاڪستان جي تاريخ جي لحاظ کان هي سمجهڻ گهرجي تہ جديد دور ۾ هر واقعي جو اندروني پهلو بہ آهي تہ بيروني پڻ! ان کي پوري دنيا جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي، پاڪستان هڪ مشرقي ۽ ايشيائي ملڪ آهي ۽ دنيا جي تاريخ ۾ سندس اها مستقل حيثيت آهي. جنهن کي هر وقت آڏو رکڻو آهي.

(4) **هر واقعي کي وضاحت سان پيش ڪرڻ:**

(Principle of Clarity)

هن مان مراد مواد کي غير مبهم ۽ عام فهم انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي، جنهن ۾ ربط ۽ تسلسل کي خاص اهميت آهي.

(5) **واقعات جي مطابقت کي سمجهڻ:**

(Principle of Consistency)

هن مان مراد اندروني اعتبار يا ويساهه آهي جنهن سان ڪنهن واقعي بابت ملندڙ تضادن جو خاتمو ڪرڻ آهي. هن سلسلي ۾ ضروري آهي تہ هر سماج يا قوم پنهنجي ترجيحات کي طي ڪري اڳتي قدم

وڏائي. ائين ڪرڻ سان ماحول کي صحيح تناظر ۾ پيش ڪري سگهبو پر جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ ڏاريا جڏهن تاريخ لکڻ ويهندا ۽ جيئن اڪثر ٿيو آهي تہ اهي هميشہ پنهنجي نُڪتہ نظر مطابق تاريخ لکڻ شروع ڪندا، ان کان پوءِ اهو مرحلو ايندو تہ ان نُڪتہ نظر جي رد ۾ يا صرف بچاءُ ڪرڻ جي لحاظ کان تاريخ لکي ويندي.

### (6) تاريخي مواد ۽ ماخذن تائين رسائي:

(Availability of Source Mateurials)

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ تاريخ نويسي تاريخي قسم جي مواد ملڻ کان سواءِ ناممڪن آهي، مواد يا ماخذن جي هجڻ کان سواءِ تاريخ لکڻ جو تصور نٿو ڪري سگهجي. اها سني ڳالهہ آهي تہ برصغير هند و پاڪ ۾ اهڙي قسم جو مواد جهجهي انداز ۾ موجود آهي يا موجود ڪري سگهجي ٿو. هن ۾ روايتي توڙي غير روايتي جنهن ۾ هر قسم جو مواد جهڙو مڪتوبات، انفرادي سندون يا اهڙي قسم جا ڪاغذات، سوانحي شجرا وغيره شامل آهن. ضرورت آهي تہ ان سموري مواد کي گڏ ڪري نئين سر پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي تعبير ۽ سمجهاڻي ڏني وڃي.

جديد تاريخي نويسيءَ جا هي مختصر طور ابتدائي اصول آهن جن کان سواءِ سائنسي انداز ۾ تاريخ لکڻ جو تصور نٿو ڪري سگهجي.

ڊاڪٽر صاحب 1980ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن اسلام آباد ۾ Institute of Islamic History Culture and Civilization يعني تاريخ ۽ ثقافت جي قومي اداري جو سربراهہ بڻيو، هن پنهنجي تصور تاريخ کي عملي جامو پهرائڻ جو اهو بهترين موقعو سمجهي برصغير پاڪ و هند ۾ مسلمانن جي اقتدار جي 15 جلدن ۾ مفصل ۽ مستند تاريخ مرتب ڪرائڻ جو منصوبو تيار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب اهو سمورو تفصيل 'فتحنامہ سنڌ' يعني 'چچنامہ' جي فارسي ايڊيشن، جيڪو سنڌس سموري عمر جي اعليٰ تحقيق جو نچوڙ آهي، ان جي انگريزي مهاڳ ۾ ڏنو، ان فهرست مان ئي ڊاڪٽر صاحب جي تاريخ داني ۽ تاريخ ۾ مهارت جي جهلڪ نظر اچي ٿي(33). انگريزي اها هتي پيش ڪجي ٿي:

| | |
|---|---|
| جلد پهريون: | سنڌ ۾ مسلمانن جي آمد<br>پهريون ڀاڱو: فتح نامہ سنڌ فارسي<br>ٻيون ڀاڱو: فتح نامہ جو انگريزي ترجمو<br>ٽيون ڀاڱو: فتح نامہ جو عربي ايڊيشن<br>(عربي ايڊيشن شام دمشق مان 1988ع ۾ ڇپيو) |
| جلد ٻيون: | سنڌ ۾ عرب دور حڪومت (712ھ کان 1050هجري) |
| جلد ٽيون: | غزنوي دور |
| جلد چوٿون: | غوري سلطان ۽ دهلي جا غلام خاندان |
| جلد پنجون: | خلجي دور |
| جلد ڇهون: | تغلق دور |
| جلد ستون: | افغان يعني لوڌي ۽ سوري خاندانن جو دور |
| جلد اٺون: | مغل حڪمران، بابر ۽ همايون |
| جلد نائون: | اڪبر |
| جلد ڏهون: | جهانگير ۽ شاهجهان |
| جلد يارهون: | اورنگزيب |
| جلد ٻارهون: | آخري مغل |
| جلد تيرهون: | مقامي حڪومتون: بنگال، جونپور ۽ اوڌ |
| جلد چوڏهون: | مقامي حڪومتون: دڪن ۽ ميسور |
| جلد پندرهون: | مقامي حڪومتون: گجرات ۽ مالوه |
| جلد سورهون: | مقامي حڪومتون: سنڌ |
| جلد سترهون: | مقامي حڪومتون: پنجاب ۽ سرحد مغلن کان پوءِ |
| جلد ارڙهون: | مقامي حڪومتون: بلوچستان |
| جلد اڻويهون: | مقامي حڪومتون: ڪشمير ۽ اُترين علائقا |
| جلد ويهون: | برطانوي تسلط ۽ آزاديءَ جي تحريڪ |
| جلد ايڪويهون: | اسلامي ورثو: حڪومتي ادارا ۽ انتظام |
| جلد ٻاويهون: | اسلامي ورثو: تعليم ۽ سماجي علوم، سائنس ۽ رياضي |

(6) ڊاڪٽر محمد اشرف، تاريخ اور مؤرخ مرتب: ڊاڪٽر مبارڪ علي فڪشن هائوس لاهور، 2002ع

(7) سيد حسن برني، البيروني، اردو انجمن ترقي اردو، ڪراچي 1990ع

(8) نظامي عروضي سمرقندي، چهار مقال فارسي تصحيح- علامہ محمد قزويني، تهران 1376ھ

(9) جلال الدين رومي، مثنوي معنوي دفتر ششم خرم شاهي، تهران، 1385ھ

(10) فروزانفر بديع الزمان، تاريخ ادبيات ايران بعد از اسلام تا پايان تيموريان ڪتابخانہ ملي ايران، 1383ھ

## انگريزي

(1) Dr. Edwards Sachau, Alberuni's India, Rupa & Co, New Delhi, 2002

(2) Andre Wink, Al-Hind: The Making of the Indo-Islamic world Volume-1 E.J.Brill, Leiden 1990

(3) H.M.Eliot & Dowson, The History of Sindh as told by its own Historians

(4) Dr. N.A.Baloch, Lands of Pakistan, Islamabad, 1995

(5) Dr. N.A.Baloch, North- West frontiers of Pakistan and Other Avenues of Historical Writings. Pakistan Study center, Jamshoro, 2009

(6) Dr. N.A.Baloch, Advent of Islam in Indonesia Islamabad, 1980

(7) Will and Ariel Durant, The lessons of History Service Book club, 1997

(8) Mubrak Ali, A Page from History Fiction House, Lahore, 2004

(9) Dr. N.A.Baloch, Ghurrat Al-Zijat or Karana Tilaka Intitute of Sindhology, 1973

(10) Said & Zahid, Al-Biruni, His Time. Life and works Hamdard Academy, Karachi, 1981

(11) Romila Thapar, Narratives and Making of History, OUP India, Fourth Impression, 2004.

(12) Edward Gibbon, The Decline & Fall of the Roman Empire, Volume III, Modern Publishers New York.

(13) Dr. N.A.Baloch, World of work Edited & Introduced by Muhammad Umar Chand. Institute of Sindhology, 2007

(14) Eshwari Parsad, A Short History of the Muslim Rule in India Revised Edition, Allahabad, 1964

(15) R.C.Majumdar, An Advanced History of India Macmillan & Co Ltd. Londan, 1953

(16) Dr. N.A.Baloch, Sindh Studies Historical, Pakistan Study center, Jamshoro 2003

(17) Percival Spear, The Oxford History (1740- 1975) Second Edition 1994

## سنڌي ڪتاب

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو 1990ع

(2) ڄيٺامداس دولترام، سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس، مرتب- رڪيل مورائي، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2009ع

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد 1978ع

(4) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، 1413ھ/1992ع

ڳجهارتن، هنرن، پرولين، ڏٽ، ڏور، ڏهس ۽ سينگار جي بيتن جو انفرادي طور ذڪر ضرور ڪيو هو. ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب هن سلسلي ۾ ٻه ڪتاب "سنڌ جو سينگار" ۽ "ڏهس نامو" ڇپائي پڌرا ڪيا، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب لوڪ ادب جي علم کي، هڪ فن ۽ تحريڪ طور سنڌ جي ٻهراڙي توڙي شهري عوام تائين پهچايو، جنهن ڪري سنڌ جي عوام ۾ هيءُ علم ۽ هيءُ ادب مقبوليت جي درجي تي پهتو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌ ۽ لس ٻيلي جي پاڪستان جو پهريون عالم ۽ سخن شناس هو، جنهن ڳوٺن ۾ رائج "عوامي ادب" کي پهريون ڀيرو "لوڪ ادب" جي نالي سان سنڌ ۾ متعارف ڪرايو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي وصف مقرر ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌن تيار ڪيل "لوڪ ادب رٿا" تحت ڇپايل پهرين ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" جي مهاڳ ۾ "لوڪ ادب" جي سنڌي زبان ۾ پهريون ڀيرو وصف بيان ڪندي ۽ فرمايو اٿن ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مروج آهن، تن کي "لوڪ ادب" تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيه اکريون ۽ ڪافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ لوڪ ادب جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل لوڪ ادب کي بعينه "فوڪ لور" (Folk lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو."

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي جو اها خواص جي زندگيءَ ۽ تمدن جو، يا "معياري ادب" جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي، جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۽ معياري ادب جي وچ ۾ حد فاصل ڪري نٿي سگهجي(1)."

سنڌ جا نقاد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن طرفان "لوڪ ادب" جي بيان ڪيل انهيءَ وصف کي مقبول ڪن يا نه ڪن، پر اهو ضرور مڃڻو پوندو ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب پهريون سنڌي محقق هو، جنهن سنڌي لوڪ ادب جي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪا وصف ۽ ڪي اصول مقرر ڪيا، جن پوءِ اڳتي هلي هن ادبي سلسلي کي وڌايو ۽ ترقي وٺرائي.

ڀارت ۾، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ "سنڌي لوڪ-ساهت" جي عنوان تي پنهنجي Ph.D جي ڊگريءَ لاءِ ٿيسز لکي هئي، پر ڀارتي صاحب، علم ادب جي هن ميدان ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ لاءِ وڏي جاکوڙ، تحقيق ڪرڻ جي باوجود هو سنڌ جي دانشورن، جهڙوڪ: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي، موسوي برادران ۽ سنڌ جي بزرگ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڀيٽ ۾، هن ڏس ۾، لوڪ ادب جي سماجي، ثقافتي، لسانياتي ۽ ادبي خوبين ۽ خصوصيتن جي سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي سگهه ساري نه سگهيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب "سنڌي ادبي بورڊ" جي "لوڪ ادب جي رٿا" تحت چاليهه ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا.

"سنڌي لوڪ ادب رٿا" جي شروع ڪرڻ، بلڪ اهڙي رٿا لاءِ سوچڻ کان اڳ، ڊاڪٽر بلوچ صاحب لس ٻيلي جا چڪر لڳايا، ۽ پهريون ڀيرو نه فقط لس ٻيلي جي سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن جي جوڙيل ڪلام سميت لوڪ ادب جي ڌار ڌار صنفن کي، ڌار ڌار عنوانن موجب گڏ ڪيو، پر ان سموري مواد تي عالمانه تحقيقي ۽ تنقيدي تبصرو پڻ ڪيائون. ان تي ڀرپور مقدمو پڻ لکيائون، جنهن ڪري لوڪ ادب واري شاعري، ان جون صنفون ۽ لس ٻيلي واري پوري علائقي ۾ رهندڙ لوڪ ادب جا سنڌي شاعر، سنڌ ۾ پهريون دفعو مانوس ٿيا. لس ٻيلي مان هٿ ڪيل "لوڪ ادب" جي مجموعي کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن "ٻيلاين جا ٻول" نالو ڏنو.

هن ڪتاب (ٻيلاين جا ٻول) ۾ لوڪ ادب جي شاعرن جي ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪو مهاڳ لکيو هو، اهو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ بي بها علمي خزاني جي حيثيت ٿو رکي.

(7) آفتاب ادب، مصنف حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
(8) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
(9) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا.
(10) سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا
(11) ڪڇين جا قول، مصنف ماستر محمد سومار شيخ
(12) لاڙ جي لغت، مصنف ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
(13) سبيءَ جي ٻولي، مصنف ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي
(14) شڪارپور جي ٻولي، مصنف ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
(15) ماڻيلي ۽ اٻاوڙي جي ٻولي، مصنف شيخ محمد فاضل
(16) ٿر جي ٻولي، مصنف ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم
(17) اترادي ٻولي، مصنف ڊاڪٽر هدايت پريم
(18) ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، مصنف حافظ حبيب سنڌي
(19) سنڌي ۽ براهوئيءَ جو تقابلي مطالعو، مصنف ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي

هن ڏس ۾ ڀارت ۾ ڀاشا وگيان جي مشهور سنڌي ودوان، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي زيارت“ ۾ تمام گهڻي رهنمائي ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

”ٻنيءَ ۽ ڪڇ جي دوري کان اڳ منهنجي من ۾ هميشه ڀيڙا هوندي هئي ته اڄ ڀارت جي غير- سنڌي ڀاشاوگيانين ڪي پنهنجا ڳوٺ آهن، نه فقط ايترو پر ڳوٺن ۾ ڳالهائيندڙ انيڪ اپڀاشائن جا قسم به آهن. ان سبب انهن لاءِ انيڪ ٻوليائي فرقن تي ڪم ڪرڻ جو وسيع دائرو آهي، پر منهنجي لاءِ فقط شهري سنڌي ٻوليءَ جا نمونا ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن، خاص ڪري جڏهن الڳ الڳ پرديسن ۾، سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ سمپوزيئن ۾ ويندو هوس ۽ پنهنجي ڀاشاوگياني دوستن ڪي الڳ الڳ جاتياتي اپڀاشائن (جيئن جت، سوڍا، سما، سومرا ۽ ٽيٻا وغيره) يا وري الڳ الڳ ڌنڌي جي آڌار تي ٺهيل اُپڀاشائن، جيئن ڪنير، مهاڻا، لوهار ۽ رازا وغيره جي اڀياس تي مقالا پيش ڪندي ڏسندو هوس، تڏهن بيحد پيڙا محسوس ڪندو هوس(8).“

ڊاڪٽر گدواڻيءَ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن الڳ الڳ جاگرافيائي يا ٻوليائي اپڀاشائن کان سواءِ ڌار ڌار جاتياتي اپڀاشائن تي مشتمل لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري، انهن جون لغتون ٺاهيون آهن. ڊاڪٽر گدواڻيءَ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب: جت، سوڍا، سما، سومرا ۽ ٽيٻا وغيره الڳ الڳ جاتيون آهن جن جي جاتيوار اُپڀاشائن ۽ محاورن ۾ وڏو فرق آهي. يعني انهن جون جاتيوار اُپڀاشائون آهن، جن جي لفظن کي گڏ ڪري هن ڌار ڌار جاتيوار لغتون ٺاهيون(9). ڀارت ۾ ڏکڻ هندستان جي انملائي يونيورسٽيءَ جي ڊراوڙي ٻولين واري اداري ۾ ته تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي.

سنڌ ۾ به هن قسم وارين لغتن تي تحقيق ٿي سگهي ٿي: مثلاً: خواجن، ميمڻن، نڪرن، سوڍن، سوٿهڙن، مالهين، مهيشورين، ميگهواڙن، مهاڻن، جتن، ربباڙين، اوڏن، ڪولهن، ڀيلن، شڪارين، باگڙين، سمن، سومرن، شيدين، جوڪين ۽ جاکرن وغيره جاتين جي جاتيوار ٻولين جون لغتون ترتيب ڏيئي سگهجن ٿيون.

ڊاڪٽر گدواڻيءَ پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ ڌنڌي وار لغتن جو به ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ پيشه ور ۽ ڌنڌي وارن جي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي اوزارن ۽ محاورن وغيره جو ذڪر، لوڪ ادب سلسلي جي ڪتابن ۽ جامع سنڌي لغات ۾ به ملي ٿو. دراصل لوڪ ادب سلسلي واريءَ رٿا کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي ذخيري کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به سنڌي عالم ڪانه ڪئي هئي. ڊاڪٽر صاحب، سنڌ جي ڌار ڌار ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ هنرمندن وٽ ويهي، انهن وٽ سندن ڌنڌن سان واسطو رکندڙ جيڪو به لغوي خزانو هو، ان کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سنڌ ۾ سيد محمد صالح شاهه به انهيءَ قسم جي لغات تيار ڪئي هئي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڌار ڌار

خديجه بلوچ



# سنڌ جو وڏو ماڻهو

[محترمه خديجه بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي رفيقه حيات هئي. موصوفه 22- آڪٽوبر 2011ع تي وفات ڪئي. هيءُ مضمون. سندن لکيل آهي. دراصل هيءُ مضمون موصوفه ماهوار "نئين زندگي" رسالي لاءِ لکيو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مناسبت سان هتي پيش ڪجي ٿو. انچارج]

پاڻ هڪ نهايت همدرد، پيار ڪندڙ ۽ گهڻي سهپ وارو خاوند، تمام مشفق ۽ مهربان پيءُ ۽ انتهائي مخلص دل رکڻ واري شخصيت هئا. سندن اهي خوبيون، مون ساڻن گڏ رهندي ڏٺيون ۽ محسوس ڪيون.

مان جڏهن 1965ع ۾ ساڻن شادي ڪري ڊاڪٽر صاحب جي گهر ۾ آيس ته ان وقت اسان جو گهر سنڌ يونيورسٽيءَ کان ملحق هڪ ننڍڙو ٽن ڪمرن تي مشتمل هو، جنهن ۾ اسان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب جو مامو ۽ ٻيا عزيز، جن مان ڪي شاگرد هئا ته ڪي نوڪريون ڪندا هئا، رهائش پذير هئا. ان کان علاوه گهر کان ٻاهر هڪ ڪچي ڪوٺي، هڪ ورانڊو ۽ غسل خانو جڙيل هئا. گهر جي هڪ اسٽور ۾ ڪجهه بسترا، جن ۾ رليون ۽ وهاڻا شامل هئا، جن بابت ڊاڪٽر صاحب مون کي ٻڌايو ته اهي هنڌ انهن مهمانن لاءِ آهن، جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي اچي حيدرآباد ۾ پنهنجن ڪمن ڪارين يا علاج معالجي لاءِ ايندا آهن، ۽ ڇاڪاڻ ته هو غريب هوندا آهن ۽ ٻئي هنڌ رهڻ جي وصيت نه هوندي اٿن، تنهنڪري هنن لاءِ هي هنڌ ۽ ٻاهرين ڪوٺيءَ ۾ پيل ڪٽون آهن. ان کان سواءِ مون کي اهو به چيائون ته اسين انهن کي ٻوڙ پلاءُ ته نه کارائي سگهنداسين، پر دال چانور ضرور حاضر ڪندا رهنداسين. اهڙن مهمانن جو تعداد ڪڏهن گهٽ هوندو هو ته ڪڏهن ايتريقدر وڌي ويندو هو: جو گهر جي فردن جي مانيءَ جو حصو به انهن کي ڏئي ڇڏڻو پوندو هو پر مان ائين چونديس ته ڊاڪٽر بلوچ جي گهر تي هر وقت ماڻهو نظر ايندا هئا.

انهن ضرورت مند ماڻهن کان سواءِ غريب شاگرد به اچي رهيا ۽ پڙهيا. انهن ۾ نه رڳو مسلمان، پر ڀيل ۽ اوڏ به هئا. انهن مان هڪ ڀيل ميٽرڪ پاس ڪئي ۽ مختيارڪار يا ان کان مٿي درجي تائين پهتو. شاگردن وارو سلسلو اڄ به موجود آهي. اڄ به ڪجهه شاگرد اسان وٽ رهندا آهن، جن جي هڙان وڙان مدد ٿيندي رهندي آهي.

ان کان سواءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪي راڳي فقير ته ڪي سگهڙ حيدرآباد ريڊيئي تي پروگرام ڪرڻ ايندا هئا ته انهن جي رهائش به اسان وٽ هوندي هئي. پنهنجو پروگرام ختم ڪرڻ کان پوءِ اهي ڊاڪٽر صاحب جي حاضري ڀريندا هئا ۽ راڳ جون محفلون به ٿينديون هيون، جن ۾ اوڙي پاڙي جا ماڻهو به اچي شريڪ ٿيندا هئا. اهو سلسلو ايستائين قائم رهيو، جيستائين اسان 1976ع ۾ سنڌ جا وڻ ڇڏي وڃي اسلام آباد رهيلسين. اسان جي وڃڻ کان پوءِ به هڪ جت فقير اسان جي گهر مهمان طور رهيو پيو هو، جنهن سان ڊاڪٽر صاحب اسلام آباد مان ايندو هو ته شاهه جي رسالي بابت ڳالهائيندو هو. ان وفات به اتي اسان جي گهر ۾ ڪئي.

اسلام آباد ۾ چوڏنهن سال گذارڻ بعد جڏهن اسين واپس حيدرآباد آياسين ته اهو سلسلو ڪي قدر ختم ٿي چڪو هو، پر تنهن هوندي به اڄ تائين ڪونه ڪو غريب مسڪين مهمان اسان وٽ موجود هوندو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي زندگي تمام منظم قسم جي رهي آهي. پاڻ اوائلي زندگيءَ ۾ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن هئا ته هفتي جا ڇهه ڏينهن باقاعدگيءَ سان پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهندا هئا. صبح جو سويل اٿڻ، نماز کان فارغ ٿي پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ دل و جان سان مشغول ٿي ويندا هئا، ايتري قدر جو جيڪڏهن ساڻن ڪو ڳالهائيندو هو ته پاڻ ٻڌندا به نه هئا، ٻه ٽي دفعا سڏڻ کان پوءِ ائين ڇرڪجي جواب ڏيندا هئا جڻ نهايت گهريءَ ننڊ مان جاڳيا هجن. تنهن کان پوءِ آفيس ويندا هئا. منجهند جو گهر اچي ماني کائي ڪجهه آرام ڪندا هئا ۽ پوءِ شام جو ڪلاس وٺڻ ويندا هئا. منهنجي زندگي پڻ درس و تدريس سان وابسته رهي، مان ڪجهه وقت کان پوءِ اهو سمجهڻ شروع ڪيو ته مون ۾ ايتري سمجهه اچي وئي آهي، جو ڪلاس کان اڳ تياريءَ جي ضرورت باقي نه رهي آهي پر ڊاڪٽر صاحب هر وقت ڪلاس وٺڻ کان اڳ ضرور پنهنجن نوٽس کي نظر مان ڪيندا هئا. پاڻ جڏهن وائيس چانسلر ٿيا، تڏهن به باقاعدگيءَ سان پنهنجا ڪلاس وٺندا رهيا. آخر ۾ جڏهن ڪم جي گهڻائي ٿي ته ڪين پنهنجا وقت بدلائڻا پيا. ڪلاس کان فارغ ٿي، رات دير تائين لغت واري آفيس ۾ ڪم ڪندا رهيا. اها آفيس اڄا تائين آباد آهي. پاڻ باقاعده شام جو پنجن ڪارڪنن سان گڏ اتي ويهي ڪم ڪندا هئا.

هفتي ۾ آچر جو ڏينهن، يا ڪڏهن ان ۾ ڇنڇر به شامل ٿي ويندو هو، آچر سندن گهمڻ، ڦرڻ ۽ شڪار لاءِ وقف هوندو هو. مان جڏهن سندن گهمڻ ڦرڻ جي ڳالهه ٿي ڪريان ته ان مان مراد اها اٿم ته پاڻ انهن ڏينهن تي ڪوشش ڪري سنڌ جا اهي ماڳ ڏسندا هئا، جتان ڪين سنڌ متعلق مواد حاصل ٿئي. سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪري مواد حاصل ڪندا رهيا، جنهن مان آخر سنڌي لوڪ ادب جا 42 ڪتاب ظهور پذير ٿيا. هتي پڙهندڙن کي هڪ ڳالهه ٻڌائيندي هلان، جيڪا مون کي ان وقت جي بلڊنگ ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر اسلام ٻڌائي ته هڪ دفعي ڊاڪٽر صاحب ڊاڪٽر اسلام کي ٽر گهمائڻ ۽ اتان جي ڳاهن ۽ ٻوٽن تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ وٺي ويو، سڄو ڏينهن ٽر گهمي رات جو سڀ ٿڪجي سمهي رهيا. ڪنهن وقت سندس اک کلي ته ڏٺائين ته ڊاڪٽر صاحب لالٽين جي روشنيءَ ۾ سگهڙن سان ڪچهريءَ ۽ لکڻ ۾ مشغول هئا.

سياري ۾ آچر جو ڏينهن اڪثر ڪري شڪار لاءِ مخصوص هوندو هو. شڪار سندن بهترين مشغلو هوندو هو. سندن چوڻ مطابق هڪ ته شڪار جي شوق ۾ هلڻ چلڻ ٿئي ٿو ۽ ٻيو بندوق هلائڻ ۽ نشان وٺڻ جو تجربو به حاصل ٿئي ٿو.

پاڻ جڏهن لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مصروف ٿي ويندا هئا ته ان وقت سندن واسطي ٻه شيون ضروري هونديون هيون: هڪ چانهه ۽ ٻيو سگريٽ. انهن کي ماضيءَ جي صيغي ۾ ان ڪري ورتو آهي، جو ڊاڪٽر صاحب هميشه به ان اهتمام سان ڪم ڪندا رهيا، پر پوءِ اڳتي هلي سگريٽ صفا ڇڏي ڏنائون ۽ پوءِ چانهه به گهٽي گهٽ ڪر ڇڏيائون. پاڻ سگريٽ جي معاملي ۾ عجيب ٽيسٽ رکندا هئا، ڪڏهن ته 555 جا دٻا ڇٽ ته ڪڏهن ڪي. ٽو جي پاڪيٽ تي وڃي بيهندا هئا. سگريٽ ڇڏيائون ته سگار شروع ڪيائون. ان کان پوءِ پائيپ سان دل وندرايائون، پر دل جي آپريشن کان پوءِ انهن سڀني عادتن کي خدا حافظ چئي ڇڏيائون.

تفريح جي لحاظ کان ڊاڪٽر صاحب کي ٽي.وي ڏسڻ به وڻندو هو، سندن پسنديده "نيشنل جاگرافڪ چينل ۽ اسپورٽس" ۾ ڪُشتيءَ جا ڪرتب خاص شامل هئا. ڪشتيءَ جي پروگرام کي ته ائين ڏسندا هئا، جڻ

پاڻ به انهن جي وچ ۾ موجود هجن! راندين ۾ هاڪي سندن پسنديده راند هئي. جڏهن اسان جو ننڍو فرزند فريد، هت هوندو هو ته ان سان شطرنج به کيڏندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻارن سان گڏ پيس ڪوٽ، چڪي راند وغيره به کيڏندا هئا.

ڊاڪٽر صاحب کي جانورن سان به گهڻو لڳاءُ رهيو ۽ ٻلين کين بيحد پياريون هيون. ڪنهن وقت اسان جي گهر ۾ ٻارنهن ٻليون هونديون هيون، جن جي کاڌ خوراڪ خود ڊاڪٽر صاحب جي ذمي هوندي هئي. انهن مان هر هڪ جا نالا هئا ۽ جنهن کي سڏبو هو، اها اچي حاضر ٿيندي هئي. ائين لڳندو هو، جيئن پاڻ ابو هريره جا جانشين هجن. تنهن کان سواءِ گهر ۾ هڪڙي ڦاڙهي ۽ ڪجهه سيهڙ به هوندا هئا، جيڪي اسان وٽان ڀڄي ويا. پاليل ڦاڙهي راڻي باغ جي حوالي ڪري ڇڏيائون، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ به ويندا هئا. اڄ انهن سيني جانورن جي جاءِ ڪڪڙين والاري هو. پاڻ باقاعدگيءَ سان صبح ۽ شام انهن کي داڻو به ڏيندا هئا، انهن سان ڳالهيون به ڪندا هئا. ائين لڳندو آهي ته جيئن اهي سندن هر ڳالهه سمجهنديون هجن. ممڪن آهي ته ائين به هجي! کين ننڍڙي پولٽري رکڻ جو شوق رهيو ، پر منهنجي ڪري سندن اهو شوق تڪميل تي پهچي نه سگهيو.

خوبصورتي، قدرتي نظارا، آرٽ ۽ آرٽسٽڪ شين جو کين بيحد شوق هو. ائين چوان ته اهي سڀ سنيون شيون آڻيندا، جيڪي آرٽ زمري ۾ شامل ٿين، پوءِ ٺاهيل مجسما يا پينٽنگس وغيره هجن. مطلب ته آرٽ جي پنپرائي ڪندا رهندا هئا. اجرڪ ٺاهڻ وارا ڪاريگر، لنگين ۽ ڪيس ٺاهيندڙ، جنڊي ۽ ڪاشيءَ جا ڪاريگر، تن سان سندن ملاقاتون ۽ محبتون هيون، انهن مان هڪ مرحوم حاجي عبدالڪريم هو، جنهن شاهي بازار ۾ اهڙو هڪڙو دڪان قائم ڪيو، جتي سنڌي آرٽ جا سامان، اجرڪ، لنگيون، ڪيس، سوسيون ۽ ٻيو سڀ سامان موجود هوندو هو. جڏهن به ڪي ٻاهريان مهمان ڊاڪٽر صاحب وٽ ايندا هئا ته انهن کي حاجي صاحب جي دڪان تي ضرور وٺي ويندا هئا. اڄ حاجي صاحب جي نيڪ فرزندن پنهنجي پيءُ جي ڪم کي ڪافي وڌايو آهي، ميوزڪ سان به سندن لڳاءُ گهڻو هئڻ. پاڻ ميوزڪ تي به ڪافي حد تائين تحقيق ڪيائون. منهنجي خيال ۾ سنڌ جي موسيقيءَ تي جيترو توجهه ڊاڪٽر صاحب جن ڏنو، اوترو ٻئي ڪنهن به نه ڏنو آهي. سندن موسيقيءَ بابت لکيل ڪتاب ۽ سنڌ جي سازن بابت انگريزيءَ ۾ ننڍڙو ڪتاب دنيا ۾ اهميت حاصل ڪري چڪا آهن. شاهه محمد نابينا، مائي ڀاڳي، فيض محمد بلوچ، مصري خان، علڻ فقير ۽ ٻيا گهڻا ڊاڪٽر صاحب جي دريافت آهن.

ڊاڪٽر صاحب جن هڪ نهايت بااصول استاد رهيا. سندن پڙهائڻ جو طريقو اهڙو هوندو هو، جو هڪ ڀيرو ليڪچر توجهه سان ٻڌڻ کان پوءِ ان کي وري پڙهڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي. مان بي-ايڊ ڪرڻ وقت سندن شاگرد رهي آهيان. پاڻ هميشه وقت تي ڪلاس وٺڻ ايندا هئا. ڪڏهن به هڪ منٽ جي دير نه ڪندا هئا. سندن دستور هوندو هو ته اچڻ شرط ڪلاس جو دروازو بند، جيڪي اندر سي اندر، جيڪي ٻاهر سي ٻاهر رهجي ويندا هئا. انهيءَ ڪري سڀ وقت تي ايندا هئا. سندن ڏيا اهڙي هوندي هئي، جو ڪنهن کي ساڻن گهڻي حجت ڪرڻ جي همت نه رهندي هئي.

پاڻ جڏهن به ڪنهن جي ڪم ۾ رهنمائي ڪندا هئا ۽ چاهيندا هئا ته سندن رهنمائي وٺندڙ جو ڪم به اهڙو سهڻو ۽ معياري هجي، جهڙو سندن پنهنجو ڪم هوندو آهي. نتيجي ۾ جيڪڏهن ڪنهن جو ڪم معيار مطابق نه هوندو هو ته ان کي ٻيهر ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. ان ۾ جيڪي ڪم ڪرڻ ۾ خلوص رکندڙ هوندا هئا، سي ته سندس طبيعت مطابق ڪم ڪري پار پوندا هئا، پر ڪي مون جهڙا سست ڪاهل

۽ short cut ڳوليندڙ، ائين چئي هئي ويندا هئا تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب رهنمائي نٿو ڪري سگهي. سندن رهنمائيءَ سان جن Ph.D جون ڊگريون ورتيون، سي ڪامياب ٿيا، جن ۾ بہ ٻاهر جا هئا، جيڪي پنهنجن ملڪن (ايران ۽ فلپائن) ۾ وڏن درجن تي پهتا ۽ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن شڪريي جا خط لکندا رهيا.

ڊاڪٽر صاحب هڪ نهايت شفيق والد هئا. پاڻ پنهنجن ٻچن سان گهڻو پيار ۽ عزت سان پيش ايندا هئا. ۽ تربيت تي تمام گهڻو توجهہ ڏنائون، نتيجي ۾ اسان جون نياڻيون نهايت اعليٰ تعليم يافتہ ۽ پنهنجي حيثيت مجائڻ ۾ ڪامياب ٿيون آهن. اسان جي ڏيءَ آمنہ C. S.S امتحان ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪري فارين سروس ۾ وئي آهي. ڪجهہ وقت لاءِ انڪم ٽيڪس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر بہ رهي ۽ پنهنجي والد صاحب وانگر هڪ بااصول آفيسر جي حيثيت سان پنهنجو نالو قائم ڪيو اٿس. وڏي نياڻي حميده B.Ed ۽ M.A ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ٽيچر آهي. ننڍي اميمہ انگريزيءَ ۾ M.A نمايان ڪاميابي حاصل ڪري اسلام آباد ۾ انگريزيءَ جي ٽيچر آهي. سندن فرزندن اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ وڏن عهدن تي فائز رهيا.

ڊاڪٽر صاحب هڪ نهايت سادي طبعيت رکندڙ شخصيت هئا. ڪين دنياوي ٺٽ ٺانگر سان بلڪل لڳاءُ نہ هو. ڪڏهن بہ اوچي ڪائڻ ۽ اوچي پائڻ طرف توجهہ نہ ڏنائون. سندن ڪپڙن لٽن جو خيال بہ مان ۽ ڏيءَ آمنہ رکنديون هيونسين.

ڊاڪٽر صاحب هوندي تہ تمام باهمت شخصيت هئا، پر بيماريءَ جي معاملي ۾ تمام ننڍي دل رکندا هئا. ڪين ٿوري تڪليف ٿي پوندي هئي تہ ائين محسوس ڪندا هئا تہ ڄڻ ڪين وڏي تڪليف ٿي پئي آهي. معمولي زڪام، جيڪو ٻيو ماڻهو هلندي چلندي گذاري، ان کي وڏي تڪليف تصور ڪندا هئا، ڪين سيءُ بہ تمام گهڻو لڳندو هو. گرميءَ جي موسم ۾ ڪين گرمي ايترو نہ ستائيندي هئي، جيترو ڪين سردي ستائيندي هئي.

پنهنجن ۽ پنهنجي خاندان لاءِ هرڪو پتوڙيندو آهي، پر اهڙو شخص، جيڪو ٻين جي بهتريءَ ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري ٿو، سو وڏي مان وارو اهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڳوٺ (جعفر خان لغاري، ضلعي سانگهڙ) ۾ اڄ جيڪا جاڳرتا آئي آهي، سان سندن محنت ۽ ڪاوشن جي نتيجي جو ثمر آهي. پاڻ اُتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ جدا جدا پرائمري، مڊل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرايائون. اڄ ڳوٺ جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا تعليم جي زيور سان آراستہ ٿي رهيا آهن. پاڻ هميشہ ماڻهن کي تعليم ۽ ان جي اهميت متعلق همٿائيندا هئا. نتيجي ۾ اڄ ان ننڍي ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ جا انيڪ ماڻهو ڊاڪٽر، انجنيئر، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين وڏن عهدن تي فائز آهن. تي ڄڻا C.S.S امتحان ۾ ڪامياب ٿيل آهن. پنهنجي ڳوٺ کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي جاين تي دوستن کي چيائون، مدد ڪيائون ۽ اسڪول قائم ڪرايائون. ڪوٽ مير محمد تعلقي ڪنگريءَ ۾ پنهنجي ڏاڏي جي ياد ۾ (جيڪو اتي مدفون آهي)، ڇوڪرن لاءِ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرايائون ۽ ڇوڪرين لاءِ پرائمريءَ کان پوءِ مڊل اسڪول، جنهن کي هاءِ اسڪول بنائڻ جي فڪر ۾ رهيا.

اها تہ آهي ڊاڪٽر صاحب جي ذاتي زندگي. سندن ادبي زندگي ان کان الڳ آهي. سياست کان دور، خاموشيءَ ۽ دل جي لڳن سان ڪم ڪندا هئا ۽ هميشہ سڄي ملڪ جي خدمت سان گڏ سندن زندگي سنڌ ۽ سنڌ جي ڳالهين کي اجاگر ڪرڻ ۾ مصروف رهيا. پاڻ جيڪو بہ ڪم هٿن ۾ ڪندا هئا تہ انهيءَ کي محنت ۽ جانفشانيءَ سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مگن رهندا هئا. مون ساڻن زندگيءَ جا پنجنيهہ سال گڏ گذاريا ، پر ڪين ڪڏهن بہ فارغ ۽ گپ شپ ڪندي نہ ڏٺو. سندن زندگي سراسر پنهنجي

اسدالله قاضي



# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
# هڪ گهڻ رخي شخصيت

ماٿهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنجهه،
ڪنهن ماٿهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي
(شاهه)

سنڌي لوڪ ادب، سنڌي ٻولي، تعليمي نظام جو سرواڻ ۽ لطيف جو پارکو، روشنيءَ جو مينار سائين نبي بخش بلوچ، اڄ اسان وٽ موجود نه آهي پر هن جون يادون قائم ۽ دائم آهن، سائين گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ تنيءَ تڏيءَ ۾ محنت ڪري هڪ روشنيءَ جو مينار قائم ڪيائون ۽ ان جا پاڻ ئي معمار هئا. مون ۾ ايتري صلاحيت نه آهي ته بلوچ صاحب بابت ڪجهه لکان ته سائين ڀالپڻي ڪان وٺي پنهنجي منزل مقصود تي ڪيئن پهتا. ان جو احوال نيوز اينڊ اوپينيئن جي جولاءِ- آگسٽ 2007ع واري مخزن ۾ ڏنل آهي، ۽ وڌيڪ وري هڪ سنڌي ٽي.وي چينل تي ڏنل سائين جي رهاڻ مان ظاهر آهي ته پاڻ جفا ۽ محنت سان جعفر خان لغاري ۾ اسڪول نه هئڻ سبب پر واري ڳوٺ پيرين پنڊ وڃي پرائمري اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪيائون. ڊي.جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مزو نه اچڻ سبب بهاءُالدين ڪاليج جهونا ڳڙهه مان بي.اي پاس ڪيائون. ايم اي ۽ ايل.ايل.بي وري مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه مان ڪري سنڌ ۾ پير الاهي بخش جي محنت سان قائم ڪيل سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پڙهائڻ لڳا. انگريز سرڪار جي 1945ع ۾ ڏنل اشتهار تي D.Ed لاءِ وظيفو حاصل ڪري ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾، جيڪا نيويارڪ ۾ آهي، اتي M.Ed ۽ D.Ed جون ڊگريون حاصل ڪري، اتي ئي United Nations جي Information Department ۾ نوڪري ڪرڻ لڳا، ايتري ۾ پاڪستان ٺهي ويو ۽ پاڻ موٽي ملڪ آيا.

بلوچ صاحب ان وقت انڊو-پاڪ ۾ پهريون شخص هو جنهن کي ايجوڪيشن ۾ D.Ed جي ڊگري حاصل هئي، پر ان کان پوءِ سائين بلوچ صاحب کي جيئن رُلايو ويو اهو هڪ وڏو داستان آهي. ٽي.وي تي سائين جي اها ڳالهه ٻڌي مون کي روئڻ اچي ويو، چاڪاڻ ته مون سان به ڪجهه ائين ئي ٿيو هو.

ذڪر ڪندو هلان ته سائين کي لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هوندو هو. لکڻ جي شروعات 1945ع ۾ ”گدڙ“ جي نالي سان ڪتاب لکڻ سان ڪيائين. اهو ڪتاب 1946ع ۾ سائينءَ جي آمريڪا وڃڻ کان اڳ شايع ٿيو. ان ڪتاب ۾ مسلمان سياستدانن کي طنزيه طور ”گدڙ“ نالي سان منسوب ڪيو ويو هو. ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي ته بهتر ٿيندو ته سياسي ليبرن بدران گدڙ کي پنهنجو ليبر بڻائجي، جيڪو خلق جو سچو خادم ۽ وڏو پورهيت آهي.

بلوچ صاحب جي سياست ۾ دلچسپي ان مان ظاهر آهي جو جهوناڳڙهه واري دور ۾ پاڻ خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل رهيا. عليڳڙهه ۾ وري مسلم ليگ ۾ ڪم ڪرڻ جو منجهن جذبو جاڳيو.

بلوچ صاحب کي مون پهريون ڀيرو B.Ed جي ماسترن کي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ليڪچر ڏيندي ڏٺو. آءٌ ان وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ پنهنجي چاچي سان جيڪو ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد هو، ان سان گڏجي ويو هوس، ليڪچر جو عنوان ته الائجي ڇا هو، پر بلوچ صاحب بانس جي ڪاني مان بانسري ڪيئن ايجاد ٿي، ان جو ذڪر ڪيو، آءٌ بيحد متاثر ٿيس.

بلوچ صاحب سان منهنجي ملاقات تڏهن ٿي جڏهن آءٌ لنڊن جي Imperial College ۾ Ph.D ڪندو

بلوچ صاحب کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو جيڪو Oxford University مان D.Phil ڪري آيو، ان کي به پروفيسر ڪري رکيائون، ۽ ٽيون پروفيسر ممتاز علي قاضي هو جيڪو پڻ London University مان Ph.D ڪري آيو هو.

منهنجي اسريٰ يونيورسٽيءَ ۾ وائس چانسلر جي حيثيت ۾ اچڻ کان پوءِ بلوچ صاحب اسريٰ يونيورسٽي جي Board of Governors جو ميمبر مقرر ٿيو. مدي ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ملاقات ٿيندي هئي ته سائين خير آفيت ڪرڻ کان پوءِ سدائين پڇندا هئا ته اسريٰ ڪيئن آهي ۽ پوءِ وري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تدريسي ماحول تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ علامه آءِ.آءِ.قاضي جو ذڪر به ٿيندو هو.

هڪ ڀيري مون بلوچ صاحب کان ڳالهين ڪندي پڇيو ته سائين زندگيءَ تي اعتبار ڪونهي، الله اوهان کي وڏي ڄمار ڏئي، پر توهان پنهنجي آخري آرام گاهه بابت ڪجهه سوچيو آهي. پاڻ وراڻيائون ته ها. ان کان پوءِ ٻڌايائون ته جنهن جرمن معمار ڄام شوري ۾ يونيورسٽيءَ جا نقشا ناهيا هئا ان ۾ هڪ هنڌ پروفيسرن جي قبرستان جي جاءِ پڻ مخصوص هئي. يونيورسٽي نهڻ کان پوءِ هو هڪ دفعو آيو ۽ پڇيائين ته پروفيسرن جو قبرستان ڪٿي آهي، مون چيومانس في الوقت ته علامه صاحب جن هتي مدفون آهن، باقي عام ماڻهن لاءِ قبرستان سنڌ يونيورسٽي ريلوي اسٽيشن جي ڀرسان آهي. اهو چئي بلوچ صاحب ٿورو رڪجي ويا ۽ ساهي پٽيندي چيائون ته سنڌ يونيورسٽي جو پهريون پروفيسر ۽ Life-time نوڪري جو اعزاز ماڻيندڙ آهيان، منهنجي حسرت آهي ته مون کي علامه صاحب جي پيرن ۾ جڳهه ڏني وڃي.

بلوچ صاحب جي ان حسرت بابت مون اِن وقت جي وائس چانسلر، جنهن لاءِ مون کي نهايت عزت آهي، سان ڳالهه ڪئي. انهن وراڻيو ته ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي علامه آءِ.آءِ.قاضي جي پير ۾ دفن ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪندا. انهن جو ڇا ٿيندو. مون عرض ڪيو ته سائين بلوچ صاحب جن عام ماڻهو نه آهن جهڙي طرح علامه صاحب يونيورسٽي ۾ تدريسي عمل ڪرائڻ وارو پهريون وائس چانسلر هو، اهڙيءَ طرح سائين بلوچ به پهريون پروفيسر آهي ۽ سندس سنڌي لوڪ ادب ۽ تعليمي نظام ۾ بيحد گهڻيون خدمتون آهن. وي.سي صاحب وراڻيو ته اها ڳالهه درست آهي ۽ مون کي به بلوچ صاحب لاءِ تمام گهڻو احترام آهي، پر ان مسئلي لاءِ سينڊيڪيٽ کان اجازت وٺڻي پوندي. پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته توکي خبر آهي ته سينڊيڪيٽ ۾ ڪجهه ماڻهو آهن جيڪي ان ڳالهه جي مخالفت ڪندا ۽ جي اهو فيصلو ٿي ويو ته علامه صاحب جي مزار وٽ ڪنهن کي به دفن نه ڪيو وڃي ته اهڙي صورت ۾ بلوچ صاحب جي حسرت پوري ڪانه ڪري سگهبي. آخر ۾ وي سي صاحب چيو ته في الحال ان ڳالهه کي ڇڏي ڏجي ۽ جڏهن وقت ايندو ته پوءِ ڏٺو ويندو.

ان ڳالهه ۾ به مصلحت هئي. نيٺ وقت اچي ويو ۽ نذير احمد مغل جيڪو هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر آهي، بنا ڪنهن جهجهڪ جي هن عظيم شخصيت جي وصيت کي پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن به سينڊيڪيٽ کان اجازت جي ضرورت محسوس نه ڪئي، ۽ درحقيقت ٿيڻ به ائين ئي گهرجي ها، ڇو ته بلوچ صاحب جهڙي خداداد ۽ هڏ ڏوکي شخصيت جا مالڪ صدين ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن جي ڀرپور خدمتن جي عيوض به گز زمين ڏيڻ لاءِ سينڊيڪيٽ يا ڪنهن اداري کان اجازت طلب ڪرڻ يقيناً نامناسب ٿيندو. شال الله تعاليٰ بلوچ صاحب کي جنت نصيب فرمائي (آمين)

طور هڪ لک رپين جو چيڪ موڪليو، ڊاڪٽر صاحب هڪدم اهو چيڪ اٿارٽيءَ کي واپس ڪيو ۽ لکيو تہ مون پنهنجي ڪنهن ڪتاب جي رائلٽي نہ هن کان اڳ ۾ ڪڏهن ورتي آهي ۽ نہ هاڻي وٺندس.

ڊسمبر 2010ع تي ڊاڪٽر صاحب جن گوڏن ۾ تڪليف هئڻ ڪري علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ وائيس چانسيلر صاحب کي لکي موڪليائون تہ 31- ڊسمبر تي توهان جو ڪو نمائندو اچي ۽ مون کان آفيس جي چارج وٺي، پر افسوس انهن جي طرفان انهيءَ ليٽر جوڻ ڪو جواب آيو ۽ نہ ئي وري ڪو ماڻهو چارج وٺڻ لاءِ پهتو، جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽي وارن کي گهرجي ها تہ هو ڊاڪٽر صاحب کي سنڌ يونيورسٽي جي خدمت جي عيوض علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر جون سڀ سهولتون گهر ۾ مهيا ڪري ڏين ها، پر اهو بہ ڪونہ پيا ڪري سگهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ڊاڪٽر صاحب کان چارج وٺڻ لاءِ سندن ڏانهن ڪو پروگرام ملهائن ها.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ڪچهرين جا ڪوڏيا ۽ محفلن جا مور هوندا هئا. سندن اصل مقصد زميني حقيقتن، مقامي روايتن ۽ تاريخ تي تحقيق ڪرڻ هو. هو پاڻ کي علم جو خادم لکندا هئا ۽ انهيءَ جي حصول لاءِ هنڌ هنڌ هلي ويندا هئا. پاڻ شاهہ ڪريمؒ جي هن بيت تي عمل پيرا هئا:

پنڌي پرينءَ لاءِ، ويلا ڪندي وَٺُ
ڪٿان ملندءِ پورڙو، ڪٿان ملندءِ پَٽُ.

اهڙي طرح 1953ع جي بهار رُت کان وٺي 2000ع جي نومبر جي ٿڌڙي موسم تائين ٻائيتاليهہ ڪچهرين جو وچور "ڊاڪٽر بلوچ- هڪ مثالي عالم" ڪتاب ۾ ڏسي، سگهجي ٿو. تاهم اهو وچور مڪمل نہ آهي. منهنجي ڳوٺ پاٽ شريف جيڪا سڄي رات ڪچهري ڪيائون، انهيءَ جو ذڪر ڪيل نہ آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اهڙيون ڪيتري ڪچهريون ذڪر ڪرڻ کان وانجهيون رهجي ويون آهن، جن کي ياد هجن، سي ظاهر ڪن تہ علم ۾ اضافو ٿيندو.

منهنجي استاد مرحوم جون ڳالهيون اڻکٽ آهن سندن مثالن ۽ اصولن کي جمع ڪرڻ لاءِ وقت ۽ محنت درڪار آهي. اُنهيءَ ڪم ۾ سندن نالي سندن ئي زندگي ۾، حڪومت سنڌ جي طرفان قائم ڪيل، ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ڊيولپمينٽ کي پنهنجو حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

⊡

۹

ڪن پلڪ، گهڙي، هَوَ.
ٿوري نرتہ ٽَنءُ، ٽَوَ.
سوَڙ پوش چون چَوَ.
ڪَپ، گهپ، ڪپ، ڪَوَ.
ڳريل لاک، جڙ، جَوَ.
جُجون، جَر، قوتہ يَوَ.
ٻپہ ڊاءِ، وڏا پَوَ.
ڪن جوان ڪُڏ، رَوَ.
تک تاب وڏا ٿَوَ.
پوڪين جَوَ لڻين جَوَ.
دل صاف سڄڻ سَوَ.

هہ

ڪرَ! ڪير ڪنهن سان ڪُهہ.
ڪري ٻهنش ڪير ٻُهہ.
ڪلُي ٽاهہ ڪير ٽهہ.
پنهنجي ڳالهہ تان ڪي لهہ.
ڇڏي گوڙ، ڇڏي گهَہ.
ڪري ٽاهہ ڪجهہ ٽهہ.
ڪري ڀؤ ڪين ٻهہ.
ڪجهہ ڪاڻ، ڪجهہ وهہ.
ڪجهہ ويهہ، ڪجهہ ڪهہ.
ڪجهہ سڻ، ڪجهہ سهہ.
ڪري ٻهنش ڪير ٻهہ.

**- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ٽماهي "مهراڻ" 1969/2/1ع

عنايت بلوچ



# آديسي آديس، هتان ڪري هليا...

## (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾)

اڄ ڪتابن جا ورق ويڳاڻا ٿا لڳن. سنڌي ثقافت، ٻولي، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي لوڪ ادب جو چهرو مايوس، ملول ۽ اُداس نظر اچي رهيو آهي. سياري جي سيءَ ۾ مڇن تي ڪچهرين مچائڻ جو مور اسان کان جدا ٿي ويو. لطيف جي پيرن پنيان پير کڻي هر ان ماڳ مڪان تي پهچڻ ۽ لطيف تي مشاهداتي تحقيق ڪرڻ وارو اڪيلو ماڻڪ، لطيف جو پارکو ۽ لطيف جو وڻجارو سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو.

هڪ بيمثال عالم ۽ لاجواب محقق ظاهري طرح بقا جي اهڙي سفر تي راهي ٿي چڪو آهي جتان ڪوبه موٽي نه ايندو آهي، پر جي اندر جي اکين سان ڏسون ٿا ته لڳين ٿو محسوس ٿئي ته نه هو اسان جي دلين کان ڌار ۽ نه وري اسان کان هڪ پل لاءِ به پري ٿيو آهي. سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، واهڻن، وسندين، ٿرن، برن ۽ پٽن تي سندن ئي قلم ڪيل ڪچهرين جي قولن، ٻولن ۽ گفتن جو غوغاءُ هر سنڌيءَ جي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. مداحن، مناجاتن ۽ مولودن جون روح پرور محفلون جڏهن به مچنديون ته سندن چاهيندڙن طرفان پنهنجي محسن جو ذڪر پيار، پاٻوهه ۽ محبت ڀرين لفظن ۾ ڪيو ويندو. ڏور، ڏوهيڙن، ڳجهارتن، بيتن، مناظرن ۽ سينگار شاعري جي رهاڻ رچائڻ لاءِ جڏهن ۽ جتي به سنڌ جا سگهڙ گڏ ٿيندا ته انهن محفلن جي صدارت هاڻي به ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪئي ويندي ۽ سندن روح تراوت وٺڻ لاءِ اُتي ضرور موجود هوندو. مٿاهين سطح تي سنڌي ٻولي هجي توڙي ثقافت جا وسيع دائرا هجن، تهذيب، تمدن ۽ تاريخ تي تحقيق هجي يا لطيف شناسي جي جاکوڙ هجي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عالمن، اديبن، ليکڪن ۽ محققن جي سٽ ۾ تارن ۾ چنڊ جيان چمڪندو نظر ايندو.

اسان سنڌي پاڻ کي ڪيڏو نه خوش قسمت سمجهون ٿا جو اسان پنهنجي ايندڙ نسل کي وڏي فخر سان اهو ٻڌائي سگهون ٿا ته اسان سنڌ جي بيمثال عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي دؤر ۾ رهندا هئاسين، اسان ساڻن مليا هئاسين ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ جو شرف به اسان کي مليو هو. اڃا وڌيڪ اوچو ڳاٽ ڪندي ڪين اهو به ٻڌائيندا ته اسان دنيا جي مجيل مفڪر، ڏاهي ۽ شاهه جي پارکو علامه آءِ آءِ قاضي کي به ڏٺو هو جنهن ڊاڪٽر برنارڊ شا (Dr. Bernard Shaw) جهڙي عالمي مفڪر سان علمي ۽ فڪري سطح تي ٽڪر کاڌو هو. اسان پنهنجي نئين نسل کي اها ڄاڻ به ڏينداسين ته اسان جي ئي دؤر ۾ شيخ اياز جهڙو عظيم شاعر پيدا ٿيو هو جنهن لطيف کي پنهنجو رهبر بنائي ڪلاسيڪل مان جديد سنڌي شاعريءَ جا نوان لاڙا ۽ حيران ڪندڙ نت نوان رخ کولي لڌا هئا. اسان فخر مان سنڌي سپوتن جي نئين ٽهيءَ کي اهو به ٻڌائينداسين ته هڪڙو عظيم تاريخدان ۽ محقق سنڌ ۾ اهڙو به هو جيڪو نه اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهيو ۽ نه وري يونيورسٽين ۾ ويو پر سندن علم جي خداداد ذات انهن بلندين کي ڇهي ورتو هو جو يونيورسٽين جا پي ايڇ ڊي جا طالب علم ڊاڪٽريءَ جو ڊگريون حاصل ڪرڻ لاءِ سندن رهبري حاصل ڪرڻ جا منتظر رهندا هئا ۽ اهڙو املهه ماڻڪ پير حسام الدين راشدي هو، جنهن کي ڏسڻ ۽ جنهن سان ملاقات ڪرڻ جو شرف پڻ اسان کي مليو هو. سندن وڏو ڀاءُ پير علي محمد راشدي، جيڪو پڻ مدرسن ۾ پڙهيو ۽ فقط پرائمري تعليم جا چار- پنج درجا به هِتان هُتان ڪري پاس ڪيائين. سو پڻ وڏو علم جو اڪابر انسان هو جنهن سنڌ کي ”اُهي ڏينهن، اُهي شينهن“ جهڙا تاريخي ڪتاب تحفي ۾ ڏنا، ته اسان ان سان به روح رچنديون رهاڻيون ڪيون هيون ۽ ها وري جنهن شخصيت کي عرب

مولوي ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي

# ڊاڪٽر بلوچ سان وابسته ڪجهه يادون

پنهنجي پياري وطن سنڌ ۾ ڪيترين ئي نرالين شخصيتن جنم ورتو، جن مان ڪن لاءِ چيو ويو ته: تاريخ ساز شخصيت هئي، ڪن لاءِ لکيو ويو ته وڏو تاريخدان هو ۽ ڪيترن بابت ٻڌايو ويو ته مؤرخ يعني تاريخ نويس هو، پر انهن سڀني وصفن جي جامع ڪا شخصيت ڳولهجي ته هن ويجهي دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ئي ان جي مصداق بڻبو. بلڪه ان لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته هو خود تاريخ هو.

سنڌ ۾ اديب ۽ فاضل ته ڪافي پيدا ٿيا آهن، پر همت افزائي ڪرڻ ۾ نمايان (منهنجي نظر ۾) ٻه شخصيتون هيون: علامه غلام مصطفي قاسمي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جن وٽ جيڪو به ويندو هو ته هو ان کي مايوس نه ڪندا هئا، بلڪه حوصلو وڌائيندا هئا، رهنمائي ڪندا هئا. جڏهن ته سنڌ جا ڊاڪٽر اديب گهڻو ڪري انهيءَ وصف کان وانجهيل آهن.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان منهنجون ڪافي يادون وابسته آهن. دل چاهيو ته انهن کي محفوظ ڪري ڇڏجي، هن کان اڳ جو مٽيءَ ۾ مدفون ٿي وڃن.

## مولوي صاحب! علم ۾ بخل نه ڪبو آ:

حيدرآباد کان سکر يا خيرپور ويندي، ڊاڪٽر صاحب قرب جا قدم پري ڪنڊيارو ۾ اسان جي قاسميه لائبريريءَ ۾ ضرور ايندا هئا. اهو هن ڪري ته والد محترم مولانا محمد قاسم سومرو صاحب جن سنڌن ڳوٺ لڳ ”چاڪراڻي“ ۾ 1966ع کان 1970ع تائين مسلسل 5 سال پرائمري جا استاد رهيا. انهيءَ تعلق کي نباهڻ لاءِ پيرو نه ڇڏيندا هئا ۽ ٻيو هن ڪري به ته پنهنجي لائبريريءَ ۾ ڪتابن جو ذخيرو سنڌن دلچسپيءَ جو مرڪز هو.

مان ’جامعه انوار العلوم‘ ۾ اسباق پئي پڙهايا، والد صاحب فون تي ٻڌايو ته: ”ڊاڪٽر بلوچ صاحب آيو آهي، توهان کي ياد ٿو ڪري“ سبق پورو ڪري خدمت ۾ حاضر ٿيم. ان دوران ڊاڪٽر صاحب، قاسميه لائبريريءَ جي مصورات المخطوطات واري شعبي کي پئي ڏٺو. پهريائين ته هڪ سنڌي مخطوطو (مخدوم عبد الله ترڪائي جي تصنيف) تحفي طور ڏنائون. چيائون ته: هيءُ ڪتاب اسان جي طرفان لائبريريءَ لاءِ تحفو آهي. (جيڪو اڄ تائين محفوظ آهي) ان کان پوءِ آيا مصورات المخطوطات تي، جن ۾ هڪ ڪتاب ”ڪحل الجواهر في احوال الشيخ طاهر“ سندس توجه مرڪوز هو. تمهيد طور چيائون ته: ”مولوي صاحب! علم ۾ بخل نه ڪبو آهي“ مون به ان سان سر ملايو ۽ چيو ته: هائو سائين! علم ۾ بخل نه ڪرڻ گهرجي . چيائون ته: ”هيءُ ڪتاب (ڪحل الجواهر) مان ڪٿي وڃي سگهان ٿو؟ فوٽو ڪاپي ڪرائي واپس ڪندم“. علم ۾ بخل نه ڪرڻ واري تازي اقرار سبب انڪار نه ڪري سگهيس ۽ ڪتاب سندس حوالي ڪيم. هوڏانهن حقيقت هيءَ هئي ته اهو ڪتاب جنهن وٽان مليو هو، ان مون کان قسمائتو واعدو ورتو هو ته: ”هيءُ ڪتاب ڪنهن کي به ڏيڻو نه آهي“. بهرحال ڪجهه وقت کان پوءِ اهو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب وٽان واپس ٿيو .

## صحيح بخاريءَ جو مطالعو سنڌ ۾:

صحيح بخاري بابت ڪو بين الاقوامي سيمينار منعقد ٿيو هو امام بخاري جي ملڪ ازبڪستان ۾. ڊاڪٽر بلوچ کي ان ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. ڊاڪٽر صاحب ان موقعي تي حيدرآباد مان فون تي رابطو ڪري ڳالهايو هو. (موبائل ان وقت مروج نه هئي) ۽ علماءِ سنڌ طرفان صحيح بخاريءَ تي ڪيل خدمتن بابت ڪجهه معلومات ورتي هئي. هونئن ته پاڻ ان موضوع تي بهتر ڄاڻن پيا پر چوندا آهن: ”ڪڪ هيٺان لڪ“. ڪجهه نئين معلومات کين مهيا ٿي. مقالو شايد انگريزيءَ ۾ هو، پوءِ اهو يا ان جو ترجمو ڪٿي شايع ٿيو يا نه، خدا کي خبر؟

مخطوطات، تحفي طور سنڌ آرڪائيوز کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اهي قلمي ڪتاب به پهتا جن کي فهرست مخطوطات ۾ شامل ڪيو ويو. هونئن ته ڪتابن جو تعداد 740 هو ۽ هاڻي انهن ڪتابن ملائڻ سان 961 کي وڃي پهتو. انهيءَ دوران ڊاڪٽر صاحب جي لائبريري جي ڇاپي ڪتابن ڏسڻ جو موقعو مليو. انهن پوين ڪتابن ملڻ سان فائدو هيءُ ٿيو ته ڪجهه ڪتاب جيڪي اڳ ۾ آيل هئا، ڪٽل نظر آيا پر هن نئين کيپ سان اهي ڪتاب مڪمل ٿيا، مثال طور:

**معونة المبتدي:**

امام جعفر بوبڪاني جو ڪتاب "معونة المبتدي" جيڪو علم المنطق ۾ لکيل آهي ۽ هن ذخيره مخطوطات ۾ موجود هو جيڪو اسان لاءِ نئين دريافت هو پر اڻپورو هو بلڪ چند ورقن تي مشتمل هو. ڊاڪٽر صاحب طرفان بيهر ڏنل قلمي ڪتابن ۾ ان جا بيا ورق مليا ، ڪتاب جيتوڻيڪ پوءِ به مڪمل ته نه ٿي سگهيو پر منهنجي خيال ۾ 95% ڪتاب مهيا ٿي سگهيو.

**ڪفاية القاري:**

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو ڪتاب "ڪفاية القاري في متشابهات القرآن" عربي ٻولي ۾ هڪ منظوم الفيہ آهي، جنهن جو هڪ قلمي نسخو مدينة المنورة ۾، ۽ ٻيو نسخو راقم الحروف جي قاسميہ لائبريريءَ ۾ موجود آهي، جن جي آڌار تي ام القري يونيورسٽي مڪة المڪرمة جي ايسوسيئيٽ پروفيسر ڊاڪٽر عبد القيوم بن عبد الغفور السندي ڪتاب کي ايڊٽ ڪري بيروت مان ڇپرايو. انهيءَ ڪتاب جو ٽيون نسخو هن ذخيره ۾ دستياب ٿيو. البت ناقص هو پر جڏهن ڊاڪٽر صاحب طرفان ٻيو دفعو مخطوطات مليا ته ان ۾ ان جا بقايا اوراق ملي ويا ۽ ائين هيءُ نسخو مڪمل ٿي ويو.

هن نادر ذخيره مخطوطات بابت راقم الحروف جو مستقل مقالو پڻ آهي. ڊاڪٽر صاحب کي انهيءَ فهرست جي جلد طباعت جو اونو ۽ انتظار هو. وفات کان اڳ ڪافي ڀيرا تاڪيد ڪيائون ته جلد فائنل ڪيو وڃي، پوءِ هيءَ فهرست مخطوطات ڪمپوزنگ جي مرحلي مان گذري فائنل به ٿي، پر افسوس جو سنڌس حياتيءَ ۾ ڇپجي نه سگهي ۽ اها حسرت دل ۾ کڻي هليا ويا. (هن وقت زير طباعت آهي.)

**چار مخطوطا:**

ڊاڪٽر بلوچ مٿيان ڪتاب سنڌ آرڪائيوز کي گفٽ ڪرڻ وقت چيو هو ته: مون وٽ 4 قيمتي ڪتاب آهن، اهي مان قيمت سان ئي ڏيندس. جن جي خريداريءَ جي هام سنڌ آرڪائيوز هنئي، سنڌ آرڪائيوز جي ايڪوزيشن ڪاميٽي ۾ ٻه ٽيڪنيڪل ميمبر آهن، جن ۾ هڪ سيد محمد شاهه بخاري صاحب ۽ ٻيو راقم الحروف، جن کي سليڪشن ڪاميٽي طور مقرر ڪيو ويو ۽ انهن قلمي ڪتابن جي قيمت جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ حيدرآباد موڪليو ويو.

ڊاڪٽر صاحب کي اطلاع اڳواٽ ئي ڏنو ويو هو. اسان پهتاسين، ڊاڪٽر صاحب پرتپاڪ نموني آدرڀاءُ ڪيو ۽ اهي 4 قلمي ڪتاب کڻي آياسين ۽ قيمت مقرر ڪئيسين، جنهن جي ادائگي ڊاڪٽر صاحب کي ڪئي وئي.

1. مثنوي وامق عذراء، فارسي از- نامي اصفهاني، ڪاتب: ملا غلام حيدر، حسب ارشاد: مير ڪرم علي خان ٽالپر.
2. مثنوي خسرو شيرين فارسي، از نامي اصفهاني، ڪاتب: ملا غلام حيدر.

هي ٻئي نسخا نهايت نادر ۽ خوبصورت، مطلي ۽ مزخرف آهن. هر هڪ صفحي تي سون ۽ لاجوررد سان گلڪاري ڪيل آهي. مثنوي خسرو شيرين جي منڍ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪتاب لاءِ لکيو آهي: از جان عزيزتر (جان کان به وڌيڪ پيارو)

3. مثنوي دقائق الحقائق. ملا احمد رومي بخط مؤلف 727هه. هيءُ ڪتاب شاهجهان جي ملڪيت ۾ رهي چڪو آهي . جنهن جي مهر پڻ لڳل آهي: "بادشاهه شاهجهان صاحبقران

ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي



خلد آشيان جنت مڪان

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي حياتيءَ ۽ علمي خدمتن تي ڪجهہ اکر

سنڌ، هند ۽ دنيا جو وڏو عالم ۽ دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 4- اپريل 2011ع صبح جو 4:00 بجي هن فانيءَ مان ڪوچ ڪري وڃي خالق حقيقي سان مليو. عربيءَ جو مقالو آهي تہ موت العالِم موت العالَم، هڪ عالم جو موت سڄي جهان جو موت برابر آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جي لاڏاڻي سان علم ۽ ادب جي ميدان ۾ سنڌ يتيم ٿي وئي آهي، منهنجي مطالعي موجب اڄ تائين سنڌ ڪوبہ اهڙو عالم پيدا نہ ڪيو آهي، جيڪو سَون ڪتابن جو مصنف ۽ محقق هجي ۽ نہ وري ايندڙ ڪن صدين تائين ڪو ايڏو وڏو صاحبِ علم پيدا ٿيندي نظر اچي ٿو. ان حقيقت ۾ ڪو مبالغو نہ آهي تہ انهيءَ درمياني عرصي ۾ سنڌ ۾ وڏا عالم، روحانيت جا صاحب حقيقت ۽ معرفت جا رازدان ۽ تاريخ نويس ٿي گذريا آهن. جن ڪيترا معرڪة الآرا ڪتاب لکيا ۽ تحقيق ۽ تصنيف جي ميدان ۾ شهسواري ڪئي ۽ تاريخ ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرايو. اهڙن مصنفن جي ڪتابن ۾ چچنامہ، بيگلارنامہ، تحفة الڪرام، تاريخ معصومي، تاريخ سنڌ وغيره شمار ٿين ٿا پر اهڙن ڪتابن جو تعداد ڊاڪٽر صاحب جي مقابلي ۾ مختصر آهي، ڪيترن ڪتابن ۾ ديومالائي ۽ ماوراء العقل قصا ضروري يا غير ضروري طور تي شامل ڪيا ويا آهن، جن کي نہ تحقيق جي ڪسوٽي تي پروڙي سگهجي ٿو ۽ نہ وري انساني عقل انهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تحقيق مان انهن ڏندڪٿائن ۽ خيالي ڳالهين کي خارج ڪيو آهي، پاڻ پنهنجي تصنيفن کي مروج سائنٽيفڪ ۽ عقلي معيار تي پرکي لکيو اٿس جو هر ذي علم صاحب ان جي صحيح هجڻ تي اطمينان ڪري سگهي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب هڪ ئي وقت ۾ علم جي مختلف صنفن ۾ قلم گويائي ڪئي آهي، پاڻ هڪ طرف مصنف، مرتب ۽ مؤلف آهي تہ ٻي طرف محقق، مبصر، معلم، مدير، مدبر ۽ ماهر آثار قديم هجڻ جو حق بہ ادا ڪيو اٿس. هن جهڙو قابل احترام ۽ فائزالمرام علم جو ذات ڏٺي سنڌ ۾ ٻيو ڪو ورلي هوندو.

تصنيفات جي ميدان سندس مرجع علم تحقيق تي مبني آهي، پاڻ هر ڪتاب لکڻ کان اڳ موضوع جي هر پهلوءَ تي تحقيق پراڻن ۽ نون ڪتابن ۽ ذاتي مشاهدن تي معلومات حاصل ڪري پوءِ لکندو هو، علم جي ميدان ۾ مصنف، مترجم، مرتب يا معلم ٿيڻ نسبتاً آسان آهي پر تحقيق هڪ دشوار گذار مرحلو آهي جنهن ۾ سون يا هزارن ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوي ٿي، وڏن عميق مشاهدن ۽ تجربن کي مدِنظر رکڻو پوي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا سڀ ڪتاب تحقيق تي مبني آهن ۽ هر ڪتاب پنهنجي موضوع تي مستند آهي ۽ ايندڙ زماني توڙي حال ۾ ان مان حوالا وٺي سگهجن ٿا.

بلوچ صاحب جون مشهور تصنيفون لوڪ ادب شاهہ جو رسالو تنقيدي انداز ۾ ترتيب ڏنل تاريخ سنڌ پنهنجا ذاتي مشاهدا ۽ تجربا مثلاً: رهاڻ هيرن ڪاڻ، ۽ ٻيا لاتعداد ڪتاب حقيقي ۽ منطقي

طريقي تي لکيل آهن، انهن سيني علم جي ميدانن ۾ شهسواري ڪرڻ، علم جي مختلف شاخن ۾ ڄاڻ سڃاڻ جو ماهر هجڻ ضروري آهي ۽ باليقين ڊاڪٽر صاحب بصيرت بي بها ۽ بي بدل عالم هو.

دانشورن جي چوڻ مطابق: علم چئن ذريعن سان حاصل ٿئي ٿو:

(1) **ڪتابي علم** يا ظاعري علم جيڪو ڪتب بيني ۽ ڪتب نويسيءَ مان حاصل ٿئي ٿو.

(2) **علم مجلسي**، جيڪو عالمن، اديبن، سگهڙن حتيٰ ڪ اڻ پڙهيل عاقلن سان ڪچهري ڪندي حاصل ٿئي ٿو.

(3) **علم سياحت**، جيڪو سير سفر مان حاصل ٿئي ٿو، قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي تہ: قل سيرو في الارض فانظر ڪيف ڪان عاقبه المڪذبين. ’دنيا ۾ گهمو ڦرو تاڪ توهان کي خبر پوي تہ حق کي باطل چوڻ وارن جو ڇا حشر ٿيو‘ دنيا گهمي ڦري اتي جي رهاڪن جي طرز رهائش، عادتن، ثقافت، تهذيب ۽ حدن جي خبر پوي ٿي. بلوچ صاحب تقريباً اڌ دنيا جو سفر ڪيو. سندس تصنيفون انهن سفرن جي مشاهدن جي تصديق ڪري ٿي.

(4) **علم لُدني**، جيڪو باري تعاليٰ طرفان ستو نبين، پيغمبرن، اوليائن ۽ نيڪ درويشن کي حاصل ٿئي ٿو، جڏهن نبين تي اهو علم نازل ٿئي ٿو تہ ان کي وحي سڏجي ٿو، ۽ جڏهن خدا جي مقرب ٻانهن تي اهو علم نازل ٿئي ٿو تہ ان کي الهام چئجي ٿو.

بلوچ صاحب جي شاهہ جي رسالي تي تشريح مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڪ پروردگار کيس الهام جي ذريعي علم لدني عطا فرمايو جو تہ ڪيترا مثال تاريخي حوالا، استعارا، تشبيهون، معنائون، اُچار ۽ تلفظ ۽ لکڻيون ڪانئس اڳ جي رسالن ۾ ڪونہ هيون. بلوچ صاحب هنن ڍڪيل ۽ لڪل حقيقتن جي معنائن کي کولي ظاهر ڪيو آهي تہ پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ کين ٻين علمن سان گڏ علم لدني بہ حاصل هو.

مطلب تہ ڌڻي صاحب جي مهربانيءَ سان بلوچ صاحب هڪ مڪمل عالم ۽ رهنما انهن علمي ذريعن ٿيو جن جو نزول يا حاصلات پاڪ پروردگار کيس ڏني.

بلوچ صاحب جا دقيق، ناياب تفصيلي ۽ تحقيقي ڪتاب لوڪ ادب تي آهن. سنڌ ۾ ڪڏهن ڪنهن کي خواب خيال ۾ بہ نہ هوندو تہ ٻهراڙين ۾ پکڙيل لوڪ ادب کي ڪتابي شڪل ۾ بہ آڻي سگهجي ٿو. منتشر ڪهاڻيون ۽ لوڪ داستان مختلف مصنفن کان آڳاٽي دور ۾ لکيل ملن ٿا جن جو پاڻ ۾ نہ ربط آهي ۽ نہ ترتيب. هاڻي تہ زماني گذرڻ سان اهي ڪتاب ڪثير تعداد ۾ معدوم ٿي چڪا آهن يا شايد ڪن پراڻن ڪتبخانن جي بوسيده المارين ۾ ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پيل هجن.

لوڪ ادب کي سهيڙڻ ۽ تحرير ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهہ قديم تهذيبن ۾ ڪم ٿيل آهي، مثلاً: هندي، سنسڪرت، چيني، يوناني، عربي ۽ فارسي ۾ ڪجهہ ڪتاب هجن جن جو تعداد ڪنهن بہ زبان ۾ 8-10 ڪتابن کان مٿي نہ هوندو. هاڻي خبر پئي آهي، تہ آمريڪا جي سمٿ سونين انسٽيٽيوٽ ۾ ريڊ انڊينز جي لوڪ ادب کي ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو آهي. جن جو تعداد ڏهن ڪتابن کان مٿي نہ آهي، پر بلوچ صاحب جي لوڪ ادب جي ڪتابن جو ڳاڻيٽو 40 ڪتابن کان مٿي آهي. لوڪ ادب جي هر صنف تي الڳ ضخيم ڪتاب ترتيب ڏنل آهن، مثلاً: مداحون مناجاتون، مناقبا، مولود، لوڪ ڪهاڻيون، ڏور، سينگار، ڳجهارتون ۽ ٻيون بہ انيڪ تصنيفون آهن. ڪتاب، لوڪ ادب جي شاگردن لاءِ ڪيترن نسلن تائين سنڌي قوم جي



گل محمد عمراڻي

"A National System of Education & Education of Teachers"

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو اولين علمي ۽ پي ايچ.ڊي مقالو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تعليم جي شعبي ۾ ماسٽرس جي ڊگري سال 1947ع ۾ نيو يارڪ (آمريڪا) جي جڳ مشهور ڪولمبيا يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سال 1943ع ۾ M.A. عربي فرسٽ ڊويزن، فرسٽ پوزيشن علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽي مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ڊاڪٽريٽ لاءِ ٻن سالن تائين ڪم ڪندو رهيو ۽ کين وظيفو ملڻ شروع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جو موضوع "السند تحت سَيطرة العرب" (Sindh under the Arab Administration) هو. هن تحقيق ۾ سندن نگران ڊاڪٽر عبدالعزيز الميمني، سَربراهه ۽ اُستاد عربي شعبو هو. مسلم يونيورسٽي، علي ڳڙهه ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌ عرب دور تي پنهنجو مقالو ڪجهه سَببن ڪري ڇڏي ڏنو. سال 1945ع ڌاري سنڌ سرڪار ۽ گورنمينٽ آف انڊيا طرفان هڪ پترنامو ڇپيو ته جي آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن، سي اُميدوار پنهنجون درخواستون، حڪومت کي ڏياري موڪلين. ڊاڪٽر انس راڄپر پنهنجي هڪ اڻ ڇپيل مقالي ۾ لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر صاحب ۽ غلام مصطفيٰ نالي سندس هڪ دوست درخواستون ڪراچي ۾ ڏِنِي واري پوسٽ ۾ وڌيون. سنڌ سرڪار طرفان، ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي روبرو حاضر ٿيڻ جو هڪ خط آيو پر جيڪو ڊاڪٽر صاحب کان شايد گُم ٿي ويو. گورنمينٽ آف انڊيا، فقط سنڌ مان لياقت ۽ قابليت جي بنياد تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي گهُرايو. سڄي هندستان مان 30 عالمن جو انٽرويو 1946ع ۾ ورتو ويو ۽ جنهن کان پوءِ 7 جولاءِ 1946ع تي کين اطلاع پهتو ته توهان کي امريڪا ۾ اعليٰ تعليم لاءِ چونڊيو ويو آهي ۽ اوهان کي آمريڪا جي نيو يارڪ اسٽيٽ جي قديم يونيورسٽي ڪولمبيا ۾ داخلا ملي آهي. آمريڪا ويندي بحري جهاز جنرل گارڊن ۾ روانگي جي تياري ڪريو."

اِها آهي مختصر روئداد ان تاريخ ساز سفر جي، جنهن هن تاريخي مقالي کي جنم ڏنو ۽ اهو مقالو، دراصل، پاڪستان ۾ تعليم جي موضوع تي پاڪستان جي ٺهڻ وقت پهريون علمي ڪارنامو ليکيو ويندو آهي، پر افسوس ته اجا تائين اسان جي علمي ۽ تدريسي حلقن کي اُن جي پڙهڻ جي توفيق نه ٿي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي Ph.D جي تحقيقي مقالي:

"A national System of Education and the Education of Teachers".

(تعليم جو قومي سرشتو ۽ اُستادن جي تعليم) جي "تعارف" ۾ لکي ٿو ته:

"مون جنهن سال پاڪستان قائم ٿيو، ان سال ئي ڪولمبيا يونيورسٽي جي استادن جي ڪاليج مان، تعليم جي شعبي ۾ M.A. جي ڊگري حاصل ڪئي هئي، پر پوءِ سوچيم ته هاڻ پاڪستان جي نئين رياست جو وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، اُتي جي تعليم جي قومي سرشتي بابت نوان خيال، ويچار، رٿون ۽ تجويزون پيش ڪجن جي اَڳتي هلي پراڻي نو آبادياتي (Colonial) انگريزي ڍانچي ۽ انتظامي جوڙجڪ جي جاءِ والارين. ازان سواءِ نئين تعليمي نظام ۾ خاص طرح اُستادن جي تعليم بابت ڪهڙيون تبديليون اچڻ گهرجن ته جيئن نو زائيده مملڪت خداداد ۾ تعليمي سرشتي کي ڪاميابي سان هلائي سگهجي."

اِهوئي ڊاڪٽر بلوچي جي Ph.D جي Thesis جي پر مغز تحقيق جو موضوع خاص هو. ان موضوع تي ڊاڪٽر صاحب لاڳيتا ٻه ورهيه ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ رهي 1948ع کان 1949ع تائين ڪم ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر صاحب کي 10 مئي 1949ع تي "ڊاڪٽر آف ايجوڪيشن" (Doctor of Education) جي اعليٰ ترين

پيش ڪيو آهي. پاڻ بيان ڪن ٿا ته، تعليمي تبديلي جا مُنبع ۽ مُحرڪات ڪهڙا آهن ۽ قومي تُعليم جا مُول مَتا ۽ مقصد بيان ڪندي هو مستقبل جي پيش بندي ڪري ٿو. اِهي سڀ تجويزون هڪ ذهين ۽ فطين تعليمدان جي قلم مان نڪرن ٿيون جيڪو هڪ بديسي يونيورسٽي جو طالب علم آهي، هو اُتي پنهنجي نئين آزاد ٿيل ملڪ جي پرائمري، ثانوي تعليم، اُستادن جي سکيا، مادري ٻولي جي فروغ لاءِ مڪاني حڪومتن جي ذميواري سان گڏوگڏ صوبائي ۽ وفاقي سرڪار جي ڪردار بابت پُرمغز بحث ڪري ٿو. ساڳئي مقالي جي باب ڇهين ۾ ڊاڪٽر صاحب اُستادن جي سکيا بابت متفڪر آهي ڇاڪاڻ ته هن کي خبر آهي ته آمريڪي نظامِ تعليم ۾ ڪهڙي طرح سان استادن جي تربيت تي بنيادي توجهه ڏنو ويندو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي هن مقالي جا نگران هيءُ لائق ۽ فائق اُستاد هئا. جن تفصيل هن ريت صُفحه اول تي ڏنل آهي.

"Proposal for the Education of Teachers in Pakistan for the new National System of Education.

هيٺ درج ٿيل آهي:

A Report of a type B Project

By

Nabi Bakhsh Khan Baloch

This Project is recommended for approval by the Student's Project Committee whose individual certificates of approval are on file in the Advanced School.

مُمتحن اُستادن ۽ تحقيقي نگرانن جا نالا هن ريت ڏنل آهن:

Clarence Linton, Members of Committee

ڪلارنس لنٽن

Florence B Stratemeyer, Member of Committee

فلارنس بي اسٽيٽائر

Karl W Bigelow, Major Advisor

ڪارل ڊبليو بگلو

Approved by the Committee on the Degree of Education Date May 4, 1949.

هن ڪميٽي 4 مئي 1949ع تي منظور ڪيو.

Submitted in partial fulfillment of the requirements for the Degree of Doctor of Education in the Advanced School of Education, Teachers College, Columbia University 1949.

(نوٽ) مٿين عبارت جو ترجمو هن ريت آهي:

هيءُ مقالو تعليم جي ڊگري ڏيڻ واري ڪميٽي جي منظوري بعد 4 مئي، 1949ع تي پي-ايچ. ڊي جي ڊگري لاءِ ڊاڪٽر آف ايجوڪيشن جي عنوان سان تعليم جي اعليٰ اسڪول، اُستادن جي ڪاليج، ڪولمبيا يونيورسٽي لاءِ ڪامياب قرار ڏنو ويو.

فاضل محقق برطانوي هند جي وقت جي ڇپيل انيڪ رپورٽن مان گهڻو استفادو حاصل خاص طور تي لائق مصنفن ۽ محققن نرولا Narullah ۽ نائڪ Naik جي اهم ڪتاب History of Education in India during the British Perihd (برطانوي دور ۾ هندستان ۾ تعليم جي تاريخ)

ٻيا خاص حوالا جيڪا هن مقالي جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪن ٿا، انهن جو ذڪر ڪرڻ هت مناسب سمجهان ٿو، اهي اهم تاريخي ماخذ آهن:


1. Pithawala Maneck B: An Introduction to Pakistan Its Resources and Potentialities, The Pakistan Herald, 1948.
2. Colonel Sir Thomas Holdich: Gates of India, MacMillan & Co London 1910.
3. Economic Progress of Pakistan: The Publications and Foreign Publicity Department. The Government of Pakistan, Karachi, 1948.
4. The New Yark Times, Sunday December 6, 1948, New York.
5. Observation of Sir Archibald Rowlands, former Financial Advisor to Mr. M.A. Jinnah, the late Governor General of Pakistan, quoted from the his recommendations in "View of Pakistan", Pakistan Information Service, Vol.2, No.18, Government of Pakistan, Karachi.
6. Pakistan, issued by the Embassy of Pakistan, Washington D.C. 1948.
7. Proceedings of the Pakistan Educational Conference Government of Pakistan, Ministry of the Interior (Education Division), Karachi, 1948.



ڊاڪٽر نواز علي شوق

# ڊاڪٽر بلوچ جي شاهه لطيفؒ جي رسالي تي ڪيل تحقيق جو مختصر جائزو

جڏهان ڪر ٿيام، ساڄاهه سپيرين سين،
تڏهان ڪر ٽڙ جيترو، هڪ وير نه وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان جنهن ڏينهن کان نيازمنديءَ جو سلسلو شروع ٿيو، ان ڏينهن کان ٿي اهڙو ناتو جڙي ويو، جو ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿو سگهي. توڙي جو پاڻ اسان کان هميشه هميشه لاءِ وڇڙي ويا آهن، پر دل ۾ سدا ياد آهن.

رفتيد ولي، نه از دل ما.

پاڻ اوطاقي مڙس هئا، جيئن اوطاقن تي سگهڙن ۽ سياڻن سان ڪچهريون ڪيائون، تيئن نه فقط منهنجي من ۾، پر پنهنجي هر چاهيندڙ جي من ۾ ڇڻ ڪچهريون ڪري رهيا آهن. محفلن جو مچ مٽل آهي، اهو ڪئي وسامي سگهجي ٿو؟ چاڪاڻ ته:

لاٿي جو وئا، سو منجهيئي مچ ٻري،
سو اُجهامي ڪِئا، جن سوريندڙ سپرين.

اهڙو انسان اسان کان ڪيئن وسري سگهي ٿو، جنهن اسان جون دليون پاڻ وٽ قابو ڪري ڇڏيون آهن. ان ڪي وسارڻ اسان جي وس ۾ ناهي جو ته:

مَنُ پريان نيئي، پڳهيو پاڻ ڳري

جنهن ادبي اداري ۾ وڃان ٿو ته اتي ڊاڪٽر بلوچ جا ڪتاب موجود، جنهن ڪتب خاني ۾ يا جنهن بڪ اسٽال تي وڃجي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جا ڪتاب موجود، يونيورسٽين ۾ وڃجي، ته اتي به ڊاڪٽر صاحب جا ڪتاب حاضر. ڪو محقق، سنڌي ادبه لسانيات لغات لطيفيات ڪلاسيڪي شاعري ۽ لوڪ ادب تي تحقيق ڪرڻ جو ارادو ڪري، ته ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ جا ڪتاب لازمي. ڪو ايم.ايس يا پي ايچ.ڊي ڪرڻ جو ارادو ڪري ته ان لاءِ به ڊاڪٽر بلوچ جا ڪتاب رهبري ۽ رهنمائي ڪن ٿا.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي دور ۾ سنڌي ادب کي شاهوڪار بڻائڻ لاءِ هر وکر جي ضرورت هئي. اهو ئي سبب آهي جو مرزا صاحب ادب جي هر صنف تي سوين ڪتاب لکي، ان کي مالا مال ڪيو. بعد ۾ تخصيص ڪرڻي پئي ته سنڌي ادب کي ڪهڙين شين جي وڌيڪ ضرورت آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان پهريون عالم آهي، جنهن سنڌ کي اهي سڀ شيون ڏنيون، جن جي سنڌي قوم کي ضرورت هئي. مثال طور سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، خاص طور شاهه جي رسالي جو مستند متن، لوڪ ادبه لغات سنڌي موسيقي جي تاريخ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جامع ۽ مستند تاريخ وغيره.

اهي سمورا ڪم ڏاڍا ڏکيا هئا. اهوئي سبب آهي جو انهن ڪمن ۾ ڪنهن به هٿ نه وڌو هو. ڊاڪٽر بلوچ کي جيئن ته سنڌ، سنڌي زبان ۽ ادب سان عشق هو ۽ حضرت عشق عاشق کي ايڏو حوصلو ۽ همت ڏئي ٿو، جو سڀ مشڪلون آسان ٿي وڃن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو هن سنڌ جي سچي عاشق اهي سمورا علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم سهڻي نموني مڪمل ڪيا. سنڌي لوڪ ادب هڪ اٿاهه سمنڊ مثل آهي. اهو سڄي سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل هو ۽ اهو گهڻي ڀاڱي زباني روايتن تي ٻڌل هو. لکيل مواد ۽ زباني روايتون گڏ ڪرڻ، انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري معياري متن تيار ڪرڻ ۽ ان صنف جو جامع مقدمو لکڻ ۽ شاعرن جي سوانح لکڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم هو، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوصلي ۽ همت کي سلام آهي، جنهن لوڪ ادب جا 42 ضخيم جلد تيار ڪيا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي پڌرا ٿيا. ان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب مختلف وقتن تي، مختلف هنڌن تي سُگهڙن ۽ ڏاهن سان جيڪي ڪچهريون ڪيون، تن ڪچهرين جو مواد ترتيب ڏنو ته ڏهه جلد تيار ٿي ويا. اهي ڏهه جلد ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ عنوان هيٺ

1. ماخذن طور رسالن جي تعداد جو معيار
2. رسالن جي قدامت جو معيار
3. رسالن جي پيڙ جو معيار
4. سنڌي ٻولي ۽ بيان جي سهڻائي جو معيار
5. اعليٰ شاعريءَ جو معيار
6. اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار

پهرئين جلد جي تاليف وقت ڊاڪٽر صاحب کي 45 قلمي نسخا هٿ اچي سگهيا هئا. پر هن ٻئي جلد جي تاليف وقت ٻيا چار قلمي نسخا هٿ آيا. يعني هيءُ جلد تاليف ڪرڻ وقت رسالي جا 49 قلمي ۽ 16 ڇاپي رسالا سندن مطالعي هيٺ رهيا.

ڊاڪٽر صاحب هر سُر جي داستانن ۽ هرهڪ داستان هيٺ بيتن ۽ واين جي ترتيب تي پورو ڌيان ڏنو. هيءُ انتهائي مشڪل مسئلو هو جيڪو هن وڏي دانائيءَ سان موضوع جي تقاضا، بيان جي ربط ۽ معنيٰ جي سلسلي جي لحاظ سان وڏي ويچار ڪان پوءِ حل ڪيو ۽ خاص توجهه، هر بيت ۽ وائي جي هر لفظ ۽ هر سٽ کي مختلف قلمي توڙي ڇاپي رسالن سان پيٽڻ ۽ وڏيڪ صحيح ۽ سهڻين پڙهڻين طرف ڏنو ويو.

**شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد ٽيون):**

هن جلد ۾ سُر گهاتو، سُر ڪاهوڙي، سُر ڪاپائتي، سُر بلاول، سُر پرڀاتي، سُر ڪارايل ۽ سُر ڏهر جو جامع ۽ مستند متن شامل آهي. ان کان علاوه تفصيلي مقدمو ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.

هن جلد ۾ آيل سُرن ۾ سمايل فڪر تي ڊاڪٽر صاحب تفصيل سان روشني وڌي آهي. پر شروع ۾ مختصر لفظن ۾ هرهڪ سُر جو تعارف پڻ ڪرايو آهي، جيڪو هن ريت آهي.

**سُر سامونڊي:** جيڪو پيشه ور وڻجارن واپارين ۽ ٻيڙياتن ناکئن جي سامونڊي سفرن ۽ ڪشالن جو يادگار آهي.

**سُر گهاتو:** جيڪو سمنڊ ۾ شاهي مڇين ۽ مڇين جي گهور ۽ شڪار ڪندڙ پيشه ور گهاتوئن جو يادگار آهي.

**سُر ڪاهوڙي:** جيڪو جهنگن جبلن ۾ ڏاکڙا ڪندڙن ڏٽ ڏورڻ وارن محنت ڪشن جي حيلن ۽ همتن جو يادگار آهي.

**سُر بلاول:** جيڪو پيشه ور جاچڪن ۽ محتاج منگتن جي سپڙ در سوالن ۽ سندس سخاوت واري ڪردار جو يادگار آهي.

**سُر پرڀاتي:** جيڪو پيشه ور منگتن مڱڻهارن جو سخي سردارن کي ڳائڻ، ساراهڻ ۽ ڏات گهرڻ واري رسم جو يادگار آهي.

**سُر ڪارايل:** جيڪو تلاون، سُرن، ڍنڍن جو ڇڪ چلڙ ۽ پاڻيءَ واري ماحول ۽ ان جي پکين جي ذات مان هنجن جي سهڻائي ۽ صفائي واري ڪردار جو آئينو آهي.

**شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام، (جلد چوٿون)**

شاهه لطيفؒ جي رسالي جي مستند ۽ معياري متن جي چوٿين جلد ۾ سسئي جا پنج سُر شامل آهن: آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني.

ڊاڪٽر صاحب هن جلد جو جيڪو مقدمو لکيو آهي، ان ۾ هڪ عنوان آهي: "سسئي جي تمثيل ۾ اعليٰ فهم ۽ ادراڪ جا اهڃاڻ، ان عنوان هيٺ ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي، "سسئي جي سُرن ۾ سمايل مرڪزي موضوع ۾ يعني "سسئي جو پنهون پنيان هلڻ ۽ پنهونءَ کي ڳولڻ" ۾ حق ۽ حقيقت جي تلاش جو سبق سمايل آهي، جنهن کي شاهه صاحب سسئي جي زباني هن طرح بيان ڪيو ته:

اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي

سسئي جي پهرئين سُر جي پهرئين بيت جي هيءُ پهرين سٽ سسئي جي پنجن ئي سُرن ۾ سمايل فڪر جي ڪُنجي آهي. سسئي جي تمثيل سان، هن هڪ سٽ جي ستن لفظن مان اعليٰ فهم ۽ فڪر جا ڪيئي رخ روشن ٿين ٿا، جن لاءِ تفصيلي رخ ۽ بيان جي ضرورت آهي." (ص-3)

ڊاڪٽر صاحب مقدمي ۾ ان جي مختصر وضاحت ڪئي آهي، جيڪا ڇهن نڪتن تي مشتمل آهي. هتي انهن نُڪتن جو اختصار پيش ڪجي ٿو:

**شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام، (جلد ستون)**

هن جلد ۾ سُر مارئي، سُر سهڻي ۽ سُر سارنگ جو جامع ۽ مستند متن شامل آهي. حسب معمول ڊاڪٽر صاحب هيءُ جلد به وڏي محنت ۽ دانائي سان تيار ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هر جلد ۾ آيل سُرن بابت جامع معلومات ڏني آهي. هن جلد بابت مقدمي ۾ لکيو اٿن ته:

”هن جلد ۾ شامل ٽيڪريان ۽ سُر جيتوڻيڪ ظاهري معنيٰ ۾ ’عمر مارئي‘ ۽ ’سهڻي ۽ ميهار‘ جي روايتي ڳالهين سان تعلق رکن ٿا، مگر اعليٰ عرفان جي آئيني ۾ اهي تخليق ڪائنات جي ازلي حقيقت جا مظهر اهن، جنهن مطابق هر شيءِ پنهنجي اصليت ڏي موٽڻ لاءِ مشتاق آهي. انهيءَ ازلي حقيقت مطابق مارئي پنهنجي اصلي وطن تر ڏانهن وڃڻ چاهي ٿي ۽ سهڻي درياء، جي هن پار واري رسمي زندگيءَ بدران هن پار جي دائمي بقا ۽ خوشيءَ واري زندگيءَ لاءِ دنيا جي دهشت وارو درياء تري ٿو. تصوف جي اعليٰ عرفاني فڪر ۾، سالڪ لاءِ فنا ۽ وصال واريون اهي آخري منزلون آهن. انهيءَ لحاظ سان انهن ٻن سُرن کي ٻين سيني سُرن جي آخر ۾ آندو ويو آهي. معتبر روايتن موجب پڻ سُر سُهڻي جي وائي ”ڪهڙي منجهه حساب هلڻ منهنجو هوت ڏي“ شاهه صاحب جو آخري ڪلام آهي. سُر سارنگ سنڌ ۽ سڄي جهان جي آبادي لاءِ خير ۽ ڏعا جو سُر آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان اهو دعا طور آخر ۾ رکيو ويو آهي. (ص-8)

**شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد اٺون ۽ نائون)**

هي ٻئي جلد گڏي شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾ شاهه لطيفؒ جو مڪمل رسالو محفوظ آهي ۽ ان ۾ شامل ڪلام، شاهه عبداللطيفؒ جو پنهنجو ڪلام آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته شاهه صاحب جي حياتيءَ ۾ يا سندن وصال کان پوءِ، شاهه صاحب جي شيدائين رسالا تيار ڪيا ته ان ۾ شاهه جي ڪلام سان ٻين شاعرن، سالڪن ۽ سگهڙن جو ڪلام پڻ شامل ڪري ڇڏيائون. جيڪو به قلمي نسخو ڏسبو ته ان ۾ شاهه صاحب جي ڪلام سان گڏ ٻين شاعرن جو ٿورو گهڻو ڪلام ضرور نظر ايندو.

هيءُ گڏيل جلد شاهه عبداللطيفؒ جي پنهنجي ڪلام جو سچو سربستو صحيح رسالو آهي. جيڪو ڊاڪٽر بلوچ ٻٽيهن سالن جي تحقيق، پنجاهه قلمي ۽ سورهن ڇاپي رسالن جي مطالعي ۽ پيٽ سان، شاهه جو پنهنجو ڪلام، زيرن زبرن سان، صحيح صورت ۾، معياري ترتيب ۽ معنيٰ سميت اسان کي ڏنو، جيڪو هڪ مثالي ڪم آهي.

**شاهه جو رسالو: رسالي جو ڪلام (جلد ڏهون)**

هيءُ هڪ نئين شيءِ آهي. هن کان اڳ شاهه جي ڪنهن به شارح ان قسم جوڪم ڪونه ڪيو هو. هن جلد ۾ جملي قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ شامل ڪلام مان، شاهه جي ڪلام کان جدا ڪيل ٻيو ’رسالي جو ڪلام‘ معياري پرک ۽ سمجهاڻي سميت شامل آهي، يعني اهڙو ڪلام جيڪو ’شاهه جي رسالي‘ جي اڳين قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾، جيڪي تيرهين صدي هجري جي آخر ۽ چوڏهين جي شروع تائين لکيا يا ڇپيا ويا، تن مان ڪنهن نه ڪنهن رسالي ۾ موجود آهي، پر اهو شاهه صاحب جو پنهنجو نه پر ٻين سالڪن، فقيرن، شاعرن ۽ سگهڙن جو چيل آهي. ان ڪلام کي تحقيق ۽ تنقيد جي اعليٰ معيارن تي پرکي، شاهه جي ڪلام کان جدا ڪري، هن جلد ۾ ’رسالي جو ڪلام‘ طور صحيح صورت ۾ سهڻي ترتيب سان رکيو ويو آهي. (ص-1)

ڊاڪٽر صاحب جي اها عظمت آهي جو ايڏي وڏي محنت جي باوجود هو پنهنجي تحقيق کي حرف آخر نه ٿو سڏي. جلد ڏهين جي مهاڳ ۾ لکيو اٿائين ته:

”هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي ته تحقيق ۽ تنقيد جي اعليٰ معيارن جي پرک سان، وڏي سوچ ويچار بعد، ’شاهه جي ڪلام‘ ۽ ’رسالي جي ڪلام‘ کي جدا ڪيو ويو آهي. مقدمي ۾ پرک جي انهن معيارن کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. انهن معيارن مطابق جيئن ’شاهه جو ڪلام‘ صاف صحيح متن سان ڏنو ويو آهي، تيئن هن جلد ۾ ’رسالي جو ڪلام‘ پڻ صحيح تحقيق مطابق ڏنو ويو آهي. شاهه جي رسالي جي جامع مستند متن جون اهي ٻه جدا پر مڪمل ۽ صاف صحيح



غلام محمد لاکو

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ فارسي علم و ادب

(هيءُ مطالعو ڪتابن جي تصنيف/ترتيب جي سالن جي لحاظ کان تيار ڪيو ويو آهي).

ويهين صديءَ جي سنڌ جيڪي به وڏا اديب، شاعر، محقق، تاريخدان ۽ نقاد پيدا ڪيا آهن، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نالو انهن سڀني ۾ سر فهرست ڏسجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا لکيل، مرتب ڪيل، ايڊٽ ڪيل ۽ جوڙيل ڪتاب پڪ سان هڪ سؤ کان به مٿي ٿيندا. انهن ڪتابن ۾ بلوچ صاحب نهايت معتبر ۽ مڃانهون اسڪالر ۽ عالم نظر اچي ٿو. ٻولين جي حساب سان مون کي فارسي، عربي، اردو، انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾، سندن قلمي پورهيو سُجهي ٿو. هن مختصر مقالي ۾ اسين ڊاڪٽر صاحب جي فارسي علم و ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو احاطو ڪنداسين.

سنڌ ۽ ايران صدين کان پاڙيسري ملڪ رهيا آهن. عربن، ايران کي فتح ڪيو ۽ اتي اسلام جي پکڙجڻ بعد، جڏهن جديد فارسي اُسري ۽ نسري نروار ٿي، تڏهن هن زبان، عربي رسم الخط قبول ڪيو ۽ ان ۾ شعر و شاعري توڙي تصنيف تاليف شروع ٿي. ايراني ادبيات جو ترت اثر سنڌ تي پوندو هو ۽ پوءِ هندستان تي ٿيندو هو. سنڌ ۾ ايراني علم و ادب جا چٽا ثبوت، سومرن جي دور کان ملن ٿا. سمن جي دور ۾ ڪجهه وڏيڪ شاعرن جا نالا ملن ٿا، جن فارسي زبان ۾ شعر چيو(1). ارغونن جي دور کان فارسي ٻولي رياستي سرپرستيءَ ۾ آئي. ان طرح فارسي شعر و سخن ۽ ڪتابي ذخيرو ڀلان ڀل پيدا ٿيو. سنڌ ۾ هن زبان کي سرڪاري پُشتي ميرن جي زوال تائين حاصل رهي. برطانوي دور ۾ سرڪاري سهاري کان سواءِ به، هيءَ ٻولي ڪنهن حد تائين زنده رهي ۽ ان ۾ شعرو شاعري ۽ تصنيف تاليف ٿيندي رهي. هن دور ۾، سنڌ (ڪراچي) مان فارسي اخبارون به جاري ٿيون. قيام پاڪستان کان پوءِ پوري ملڪ وانگر سنڌ ۾، پڻ هيءَ ٻولي زوال پذير آهي، جنهن هت ساڍا ٽي سؤ سال دربار، خانقاه ۽ علمي مرڪزن تي راڄ ڪيو. ائين ٿو لڳي ته ايڪيهين صديءَ ۾ فارسي زبان جي سنڌ ۾ صفائي ٿي ويندي. اسين هت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي فارسي ادبيات لاءِ ڪيل خدمتن جو سرسري جائزو وٺنداسين.

**(1) چچ نامہ:**

سنڌ ۾ 401هه/1010ع ڌاري هبارين جي جاءِ تي سومرن جي بادشاهي قائم ٿي. سومرن جي دور بابت ڪو معتبر اڀياس نه هجڻ سبب، پڪ سان ڪجهه به نه ٿو چئي سگهجي. سومرن جي حڪومت ڪڏهن سمنڊ کان ملتان تائين قائم ٿيندي هئي، ته ڪڏهن وري هي بادشاهي لاڙ ۽ سيوهڻ تائين محدود رهجي ويندي هئي. سومرن جا متعدد تختگاهه هئا ۽ انهن جا ويهن کان به وڌيڪ بادشاهه ٿي گذريا. هيءُ دور ٽن صدين کان به وڌيڪ وقت تي حاوي آهي. سن 734هه ۾ ابن بطوط سنڌ ۾ هو، تڏهن هن سومرن خلاف بغاوتون ڏٺيون هيون. سن 1351ع ۾ سمن ڄامن ڀرپور مزاحمت ڪري سومرن جو خاتمو ڪيو ۽ سنڌ ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪئي.

سنڌ ۾ فارسي ادب ۽ علم جا پڪا پختا ثبوت سومرن جي دور کان ملن ٿا. ناصرالدين قباچه 602هه ۾ اترسنڌ ۾ "اچ" کي تختگاهه مقرر ڪري، پنهنجي حڪومت قائم ڪئي جنهن جون حدون بکر تائين هيون. باقي سڄي سنڌ تي سومرن جي سرداري جاري رهي. قباچه جو خاتمو 625هه ۾ ٿيو. ٻن چئن شاعرن جو ڏس پتو ملي ٿو، جن فارسيءَ ۾ شعر چيو ۽ اهي قباچه جي دربار سان لاڳاپيل هئا. سنڌ جي لاءِ هن دربار جي حوالي سان ٻه ڪتاب يادگار جي اهميت رکن ٿا. علي بن حامد ڪوفي فارسي زبان ۾ تاريخي ڪتاب "چچ نامہ" سن 613 هه برابر 1216ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ محمد بن محمد عوفي 618هه برابر 1221ع ۾ فارسيءَ ۾ شاعرن

هن ايڊيشن جي صرف متن جو صاف سٿرو ترجمو ڪرائي شايع ڪجي.

(2) **حاصل النهج**:

علي ڪوفي ۽ محمد عوفي توڙي قلندر لعل شهباز جي (وفات: 673هه) کان پوءِ، ٻن صدين تائين سنڌ ۾ فارسي علم و ادب جي اوسر جا ڪي به اهڃاڻ نه ٿا ملن. حالانڪ سومرن جي زوال کان پوءِ 750ه/1351ع ۾ سمن ڄامن جي حڪومت قائم ٿي. ان دور ۾ حالتون سازگار رهيون. امن امان قائم ٿيو وڻج واپار ۽ زراعت توڙي پوکي راهي وڌي. سمن حاڪمن اڪثر ڪري تعليم ۽ عالمن جي سرپرستي ڪئي. خانقاهن ۽ صوفين کي ويجهو رکيو. آس پاس جي رياستن سان سٺا لاڳاپا قائم ڪيا. مرڪزي ايشيا ۽ ايران سان به ويجهو تعلق جڙيو. واپاري قافلا به آيا ٿي ته ايراني ادبيات،عالم ۽ اديب به سنڌ پهتا ٿي. ان دور تائين ايراني ادبيات جا نامور شاعر: فردوسي، خيام، عطار، رومي ۽ سعدي دنيا ۾ آيا ۽ پنهنجا ادبي شهپارا ڇڏي عدم ڏي راهي ٿيا. هي لکتون ۽ تخليقون سنڌ پهتيون هيون ۽ سنڌي عالم، ڏاها ۽ دانشمند انهن کان واقف هئا.

سنڌ ۾ فارسي ڪتاب ۽ تخليقون، خانقاهن ۽ مدرسن تائين پهچي چڪيون هيون. ليڪن ان هوندي به سمن جي دور جي صرف ٻن تاليفن جو پاڻ کي پتو پيو آهي ۽ اهي به عربي ٻوليءَ ۾ آهن.هڪ آهي "الزبدة" ۽ ٻي آهي "تذڪرة المراد"*. ڏهين صدي هجريءَ جي آغاز تائين خود سنڌي ماڻهن به فارسي شعر ۽ سخن ۾ مشق شروع ڪئي. ٻه چار نالا- شيخ حماد جمالي، ڄام ننڊو، مخدوم بلال ۽ عيسيٰ لنگوٽي- هي اهڙا نالا آهن، جن جا ٻه چار شعر تذڪرن ۾ محفوظ رهجي ويا آهن.

927هه برابر 1520ع ۾ سمن جي پڄاڻي ٿي ۽ سنڌ ۾ ارغونن جي حاڪميت قائم ٿي. ان بعد ترخان ۽ پوءِ هندي مغل بالادست ٿيا. سنڌ تي هي دور 1150هه برابر 1736ع تائين جاري رهيو. تان جو ميان نور محمد ڪلهوڙي وري ڏيهي حاڪميت قائم ڪئي. ارغونن جي اچڻ سان فارسي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ سرڪاري سرپرستي حاصل ٿي(4). ايران، خراسان ۽ مرڪزي ايشيا کان سوين عالم، شاعر ۽ اديب سنڌ پهتا. انهن ديوان جوڙيا، تذڪرا تيار ڪيا ۽ تاريخون لکيون. هن دور کان سنڌ ۾ فارسي تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو موجود آهي. ڌارين لکندڙن کان علاوه ڏيهي ماڻهن جي فارسي تحرير ۽ ڪتاب به ملن ٿا. سنڌ اندر ڏهين صدي هجريءَ (عيسوي سورهين صدي) ۾. فارسي شعر سان گڏ نثر به تحرير ۾ آيو. سنڌي ادبي بورڊ: مخدوم نوح جو "قرآن مجيد مترجم فارسي"، سن 1401هه/1981ع ۾ شايع ڪيو آهي*. فخري هرويءَ جا ٻه تذڪرا: "روضة السلاطين" ۽ "جواهر العجائب" سال 1968ع ۾ ساڳئي اداري ڇپيا آهن. سيد مير محمد پوراني 968هه/ 1560ع ۾، سنڌ جي تاريخ تي "نصرت نامه ترخان" ڪتاب لکيو، جو 2000ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو آهي. هي ڪتاب "چچ نامه" ۽ "تاريخ معصومي" جي وچين ڪڙي ليکيو وڃي ٿو. ٺٽي جي قاضي محمود سن 980هه/ 1572ع ۾، سنڌ جي صوفين بابت هڪ ڪتاب "تذڪرة الاولياء" لکيو هو، جو اڄ ڏينهن تائين ظاهر نه ٿيو آهي. سيد علي ثانيءَ (وفات: 981هه) فارسي نثر ۾ "سسئي پنهون" جو قصو قلمبند ڪيو. ياد رهي ته سيد علي مرحوم هيءَ تاليف، هڪ سنڌي تصنيف جي مدد سان تيار ڪئي هئي. مخدوم جعفر متعدد ڪتاب لکيا جن جو واسطو علم ۽ تعليم سان آهي. تعليم جي طريقي تي هڪ ضخيم عربي ڪتاب تيار ڪيائين ۽ بعد ۾ ان جو فارسيءَ ۾ خلاصو "حاصل النهج" جي نالي سان مرتب ڪيائين.

حاصل النهج- ڪتاب صفر 976هه برابر آگسٽ 1568ع ۾ لکجي تيار ٿيو. ان دور ۾ بکر تي سلطان محمود (وفات: 982هه) جي حڪومت هئي ۽ سيوهڻ کان عربي سمنڊ تائين مرزا محمد باقي حڪمران هو (وفات: 993هه). مخدوم جعفر ابتدا ۾ "نهج التعلم"

---

* هن ڪتاب جو سنڌي ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ 2006ع ۾ شايع ڪيو آهي مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (ادارو)

* فارسيءَ جو سنڌي ترجمو به سنڌي ادبي بورڊ 2011ع ۾ ڇپيو آهي، ان جو سنڌيڪار مولانا سعيد احمد پٽو آهي (ادارو)

بيگلارن جي هن خاندان جا ٽي فرد تاريخ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. شاهه قاسم خان زمان جنهن جي حالات بابت "بيگلار نامه" نالي ڪتاب لکيو ويو. سندس پٽ مير ابوالقاسم سلطان، جنهن جي فرمائش تي "مثنوي چنيسر نامه" لکي وئي. خان زمان جو ٻيون پٽ مير شاهه مقيم سلطان، جنهن جي روايتن ۽ تحريڪ تي "بيگلار نامه" نالي ڪتاب وجود ۾ آيو. هن خاندان جي نالبرن فردن جون قبرون اڄ به توري نالي قبرستان ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ هي ڪتاب هڪ خاندان جي حالات بابت لکيو ويو، ليڪن اڄ ان کي سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم ماخذ جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. بيگلارن خود به تاريخ جي صفحن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. خان زمان کي ارغون- ترخان دور ۾ نهايت اهم ذميداريون مليل هيون. سندس وڏي پٽ جا اڳتي هلي سنڌ جي ترخان حاڪمن سان اختلاف پيدا ٿيا. ان طرح ميرابوالقاسم سلطان کي، ميرزا غازي بيگ ترخان انڌو ڪرايو. مير جي بهادري، همٿ ۽ ادب دوستي تاريخ ۾ مکيه جاءِ والاري ٿي. هن خاندان عمر ڪوٽ جي راڻن ۽ پنين سان مٽيون ماٽيون ڪيون. ان ڪري ڪين ٿر تائين رسائي حاصل ٿي. اهو ئي سبب آهي جو "بيگلارنامه" کي عمرڪوٽ ۽ ٿر جي تاريخ ۾ به اهميت مليل ڏسجي ٿي. مختلف ڏيهي قبيلن جون حاڪمن سان ارڙايون، مجادلا ۽ مقابلا- هن ڪتاب ذريعي سڀ کان اول معلوم ٿيا. ان بابت اڳتي هلي "تاريخ مظهر شاهه جهاني" ۾ وڌيڪ معلومات درج ڪئي وئي. سنڌ جي سومرن ۽ سمن بابت ابتدا ۾ مختصر جاڻ ڏني وئي آهي، مگر اها نهايت قيمتي ۽ معلومات پري آهي. ڪتاب جا ڪل ڇٽيهه باب آهن.

هن ڪتاب تي البته هيءَ تنقيد ڪئي وئي آهي ته، جنهن خاندان جي اتهاس بابت هيءُ ڪتاب لکيو ويو، خود ان گهراڻي جي باري ۾ به اهو درست ۽ مڪمل معلومات مهيا نه ٿو ڪري. ان سڀني ماجرا ۾ به سنڌ جي سياسي تاريخ ۾، هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي. ايليٽ گذريل صديءَ ۾ "بيگلار نامه" جا ڪي ٽڪرا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ ڪتاب بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. محمد صديق ميمڻ ان جو سنڌي ترجمو، اختصار سان ڪري، ان کي سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي پاران 1947ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جي قدامت ۽ تاريخي اهميت سبب، اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ، فارسي ڪتابن جي اشاعت واري پروگرام تحت، ان جي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان جي ايڊيٽنگ جو ڪم سنڌ جي ممتاز اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هيءُ ڪتاب وڏي محنت سان ايڊٽ ڪيو ۽ ان تي ڪنهن مفصل مقدمي بجاءِ، مختصر نوٽ انگريزي زبان ۾ لکي ڇپرايو. سنڌي ادبي بورڊ هيءُ ڪتاب سال 1980ع ۾ پٽرو ڪري نروار ڪيو آهي. ناشر طرفان ڪجهه تاريخي مقبرن ۽ قبرن جا فوٽو گراف به ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ضرورت آهي ته جلد کان جلد هن اهم تاريخي ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪرائي ڇپرايو وڃي (6).

**(4) تاريخ طاهري:**

سنڌ جي تاريخ بابت ورنڌڙ ڪتاب ٺٽي جي سيد طاهر محمد نسيانيءَ سن 1030هه برابر 1621ع ۾ لکيو ۽ اڳتي هلي اهو ڪتاب خود مصنف جي نالي جي پٺيان "تاريخ طاهري" سڏيو ويو. مؤرخ اصل ۾ هيءُ ڪتاب ٺٽي شهر جي تاريخ يعني"تاريخ بلده تهته" نالي سان لکيو هو. سيد طاهر محمد سن 990هه ۾ ٺٽي ۾ ڄائو ۽ سن 1051هه ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار اڄ به مڪلي ٽڪريءَ تي موجود آهي. سندس تعلق ٺٽي جي باغائي ساداتن سان هو ۽ مٽين ماٽين جي حوالي سان، دربيلي جي سهتن ڄامن سان به لاڳاپيل رهيا. سيد طاهر محمد ۽ هن جو والد ميان حسن، سنڌ جي ارغون- ترخان حاڪمن جي دربار سان وابسته هئا. هن ڪتاب کان علاوه مصنف "عمرماروي" جو داستان به نثر ۾ لکيو هو.

تاريخ طاهري، سنڌ جي اتهاس ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. اصل ۾ مؤرخ هي ڪتاب ڏهن ڀاڱن ۾ رٿيو پر ان جا صرف پنج ڀاڱا مڪمل ٿي سگهيا. سومرا، سما ڄام، مرزا شاهه حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان ۽ ميرزا غازي بيگ ترخان- عنوانن سان هن ڪتاب جا پنج حصا آهن. ان ريت هيءُ ڪتاب سنڌ جي مقامي حاڪمن جي اتهاس جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. سيد طاهر محمد ڪن مقامي قصن

ڪي بہ پنهنجي ڪتاب ۾ جاءِ ڏني آهي ٺٽي ننگر جي تاريخ بابت هيءُ ڪتاب سڀ کان اول "ترخان نامہ" جي لکندڙ حوالي طور ڪتب آندو آهي. ان بعد مير علي شير قانع ان کان مدد ورتي هئي. اڳتي هلي برطانوي دور جي شروع ۾ ايليٽ ان جا ڪي ٽڪرا ترجمو ڪيا. سال 1928ع ۾ محمد صديق ميمڻ سنڌيءَ ۾ "انتخاب تاريخ طاهري" نالي هن ڪتاب جو نهايت ئي اختصار ۽ ترجمو شايع ڪيو. هن سڄي ماجرا هوندي بہ اصل فارسي ڪتاب اڃا نہ ڇپيو هو.

سنڌي ادبي بورڊ جڏهن سنڌ بابت فارسي ڪتابن جي اشاعت جو پروگرام جوڙيو، تڏهن ان رٿا ۾ هن ڪتاب کي بہ شامل ڪيو ويو. هي علمي ۽ تاريخي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب وڏي محنت سان ڪم جو پورائو ڪيو. فاضل ايڊيٽر ڪن ضروري تاريخي وضاحتن لاءِ فارسي زبان ۾ حاشيا ۽ تعليقات لکيا آهن، جن جي وڏي اهميت ڏسجي ٿي. ان طرح مصنف جي ڪيل غلطين جو ازالو ڪيو ويو آهي. آخر ۾ مصنف ۽ ان جي ڪتاب بابت مفصل مقدمو انگريزي زبان ۾ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ "تاريخ طاهري" تي تنقيدي نگاهہ وڌل آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1964ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو. اڳتي هلي ڪتاب جي اهميت جي پيش نظر، هن اداري ان جو سنڌي ترجمو سال 1988ع ۾ پڌرو ڪيو. هيءُ ترجمو محترم نياز همايونيءَ ڪيو آهي. مترجم پڻ آخر ۾ پنهنجي طرفان ڪي واڌارا ڪيا. علمي اعتبار سان هيءُ ترجمو پروسي جوڳو ڪونهي، ڇو تہ مترجم ڪٿي ڪٿي اصل متن سان بہ هٿچراند ڪئي آهي. ان هوندي بہ هن تاريخي ڪتاب جي اصل ۽ ترجمي جي اشاعت وڏي اهميت رکي ٿي ۽ ان جو سڄو ڪريڊٽ سنڌ جي هن لائق فائق عالم ڏي وڃي ٿو.

**(5) باقيات از احوال ڪلهوره:**

ذڪر هيٺ ايندڙ ڪتاب باقاعده تصنيف ڪانهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، ورهين جي تلاش ذريعي، سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪمن جي متعلق، متفرق مواد کي هٿ ڪري، هڪ ڪتاب کي ترتيب ڏنو. ان ريت "باقيات از احوال ڪلهوره" نالي ڪتاب ۾، نهايت قيمتي تاريخي مواد سامهون آيو، جنهن متعلق اڳ ۾ اسان جي ڄاڻ محدود هئي. هن ڪتاب ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي هڪ وڏيڪ تاليف: ميان غلام شاهہ جي دور ۾ جدا جدا پرڳڻن جو وچور ۽ پيدائش: ۽ ڪلهوڙا حاڪمن جي اولاد مان ميان مير محمد ڪلهوڙي جي، ڪمپني سرڪار کي حڪومت جي واپسيءَ لاءِ ڏنل درخواست، ۽ ڪي ٻيا عنوان شامل ٿيا آهن. ان ڪري هن جلد ۾ شامل مواد، هر لحاظ کان نئون آهي ۽ پهريون ڀيرو ڇپجي نروار ٿيو آهي. ڪلهوڙن جي دور سان دلچسپي رکندڙن جي لاءِ هيءُ ڪتاب تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. هن ڪتاب جي ترتيب بلاشبه ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اهم ڪاميابي آهي، جنهن کي وڌ ۾ وڌ ساراهڻ گهرجي. هيءُ ڪتاب سال 1996ع ۾ ڇپيو

**(6) جامع الڪلام في منافع الانام:**

ڪلهوڙا- ٽالپر دور ۾، مخدوم عبدالله نرئي وارو مشهور عالم ٿي گذريو آهي. سندس تعليم ۽ ترتيب ٺٽي ۾ ٿي. بعد ۾ پاڻ ڪڇ ملڪ ڏي هليو ويو. سندن مزار بہ ڪڇ ۾ آهي. مخدوم عبدالله اڪثر ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيا سندس سهيڙيل ڪتاب "جامع الڪلام في منافع الانام" نالي سان، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سعيي سان ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي عالمن جا هڪ ٻئي ڏي لکيل خط گڏ ڪيا ويا آهن. ڪتاب ۾ 69 خط فارسي ۽ 36 خط عربي ٻولين ۾ آهن. خطن ذريعي ان دور جي سنڌ جي علمي حالتن جي پروڙ پوي ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن اهم علمي ڪتاب کي مرتب ڪيو. سنڌ جي فارسي ادب ۾ هن ڪتاب جي وڏي اهميت ڏسجي ٿي. سنڌي ادبي بورڊ 2006ع ۾ هن ڪتاب جا ٻہ ايڊيشن نروار ڪيا. هڪ ڇاپو سنڌي مقدمي سان، ۽ ٻيون ايڊيشن اردو مقدمي ۽ مهاڳ سان.

**(7) تاريخ بلوچي:**

سنڌ جي تاريخ بابت مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" سن 1188هه/ 1774ع ۾ مڪمل ڪيو. ان کان پوءِ جي تاريخ کي مير عظيم الدين ٺٽوي "فتح نامه" نالي مثنويءَ ۾ لکي محفوظ ڪيو. هيءُ مثنوي سال 1219هه/ 1803ع ۾ تڪميل کي پهتي.

حميده بلوچ



# منهنجي پياري بابا سائينءَ جون يادگيريون

اڄ بابا سائينءَ تي لکڻ لاءِ قلم کنيو اٿم تہ هٿ ٿا ڏڪن ۽ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ بابا سائينءَ جهڙي عظيم انسان لاءِ آءٌ ڪهڙا لفظ لکان ۽ ڪهڙيون ڳالهيون لکي ڪهڙيون لکان. بابا سائين نہ رڳو عظيم انسان هئا پر سنڌ جا سينگار بہ هئا، سنڌ نہ پوري پاڪستان توڙي دنيا جا عالم ماڻهو کين ياد ڪندا رهندا. پاڻ محفلن جا مور هئا. جيڪو هڪ پيرو بابا سائينءَ سان ملندو هو تہ اهو کين وري نہ وساريندو هو.

بابا سائينءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن بابت سنڌن مهربانن گهڻو ئي ڪجهہ لکيو آهي. مون ۾ اها صلاحيت ڪانهي جو آءٌ وڌيڪ لکي سگهان پر جيئن تہ آءٌ بابا سائينءَ سان گڏ رهي آهيان. انهيءَ ڪري سنڌن ڪجهہ ڳالهيون يادگيريءَ طور لکي رهي آهيان.

بابا سائين نہ رڳو اسان جي خاندان جي پرپاسي جي ڳوٺن مان پهريون شخص هو جنهن اعليٰ تعليم پرائي وڏيون ڊگريون حاصل ڪيون پر کين تعليم جو گهڻو قدر هو. جڏهن آمريڪا مان پي ايچ ڊي ڪري آيا تہ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ تي تمام گهڻو توجهہ ڏنائون. انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ فقط بوائز پرائمري اسڪول هوندو هو جنهن ۾ پرائمري تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جون نياڻيون گهر ويهي رهنديون هيون. انهن کي وڌيڪ پڙهڻ جي ڪابہ سهولت ڪانہ هئي، پر منهنجي بابا سائين چيو تہ آءٌ پنهنجي نياڻي کي پڙهائيندس. آءٌ ستن اٺن سالن جي عمر جي هيس جو مون کي ڳوٺان حيدرآباد وٺي آيا ۽ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ڪرايائون. ان وقت گهر ۾ صرف بابا ۽ وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر محمد شريف صاحب رهندا هئا. منهنجي امان ڳوٺ رهندي هئي ۽ آءٌ اڪيلي بابا سائينءَ سان گڏ رهندي هيس. اهڙي طرح بابا سائين تمام گهڻين مصروفيتن هوندي بہ مون کي تمام گهڻو وقت ڏيندا هئا. مون جڏهن ميٽرڪ پاس ڪئي تہ بابا سائين تمام گهڻو خوش ٿيا هئا. ان وقت اسان جي تعلقي ۾ آءٌ پهرين ڇوڪري هيس جو ميٽرڪ پاس ڪئي هيم ۽ ميٽرڪ کان اڳ مڊل اسٽينڊرڊ اسڪالرشپ جو امتحان بہ پاس ڪيم. ان کان پوءِ بي. اي، بي. ايڊ ۽ ايم. اي ڪيم. مون جيڪا بہ تعليم حاصل ڪئي، اها بابا سائينءَ جي همت افزائيءَ سان ڪيم. اهو سمورو وقت بابا سائينءَ سان حيدرآباد ۾ گڏ رهڻ ڪري، بابا سائينءَ کان تمام سٺيون سٺيون ڳالهيون سکيس.

انهن ڏينهن ۾ منهنجي شادي بابا سائينءَ جي سوٽ (جنهن چاچي سائين بابا سائين کي پڙهايو هو، ان جي پٽ) سان ٿي. شاديءَ کان پوءِ بہ آءٌ بابا سائينءَ سان گڏ رهيس جو اسان جو هڪڙو ئي گهر هو، مطلب تہ بابا سائينءَ کان جدا ڪونہ ٿيس.

بابا سائين جڏهن 1976ع ۾ اسلام آباد وڃي پنهنجا سرڪاري ڪم سنڀاليا ۽ 1990ع ۾ واپس حيدرآباد آيا، اهي وچ وارا پندرنهن کن سال آءٌ بابا سائينءَ کان الڳ ٿيس. تنهن هوندي بہ هر سال وئڪيشن ۾ بابا سائينءَ وٽ ويندا هئاسين ۽ ٻہ ٻہ مهينا اتي رهڻ ٿيندو هو. ان وچ ۾ گهمڻ جا پروگرام بہ ٿيندا هئا. ڪڏهن سوات تہ ڪڏهن فاران، ڪڏهن ڪاغان تہ ڪڏهن وري ايبٽ آباد، مظفر آباد ۽ مري. مطلب تہ مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي بابا سائينءَ سمورا وٿنڊڙ اتريان علائقا ۽ سڄو پنجاب خوب گهمايو.

جڏهن بابا سائين جن اسلام آباد مان شفٽ ٿي حيدرآباد آيا، تڏهن منهنجا ڀائر پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ آباد هئا. آءٌ اولڊ ڪئمپس يونيورسٽيءَ واري

انهن جي ڏکي سکي ۾ مدد ڪرڻ ۽ انهن رشتن کي نباهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. نه رڳو عزيز ۽ رشتيدار پر آءٌ ته ائين چوندس ته پوري سنڌ وارن سان بابا سائينءَ جي محبت هئي. پاڻ محبت جا درياءَ هئا. اهو درياءَ جتان به وهندو هو ته اتان جي سرزمين کي پنهنجي خوشبوءِ سان سيراب ڪري ڇڏيندو هو.

2010ع کان بابا سائينءَ کي ٽنگن ۾ سور جي تڪليف وڌي وئي هئي. انهي ڪري هلڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. پاڻ چوندا هئا ته ٽنگون ماڻهو جا گهوڙا آهن، جنهن تي چڙهيو پيو هلي. بابا سائين جن جوانيءَ ۾ توڙي پوءِ به پنڌ تمام گهڻو ڪيو ۽ سڄي سنڌ پيرن هيٺان ڪڍي ڇڏائيندا هئا ته ڪٿي ڪنهن سگهڙ جي خبر پوندي هئي ته ان وٽ پهچڻ لاءِ نه رستو هوندو هو ۽ نه ڪا بي سواري پوءِ آءٌ پيرين پنڌ سگهڙ وٽ پهچي ان کي ادبي خزانو هٿ ڪندو هوس. مطلب ته آءٌ ريسرچ لاءِ پاڻ وڃي اهي مڪان ۽ ماڻهو ڳولي روبرو ڏسندو هوس. اڄ ٽنگون جواب ڏيئي ويون آهن. انهن جو ڏوهه ڪونهي، انهن کان مون تمام گهڻو ڪم ورتو آهي. پوءِ مون کي شاهه صاحب جو بيت ٻڌائيندا هئا ته:

ٽر، ڏونگر، ٻر، ميي سڀ مناڙيا،
اڄ اڱڻ اسي ڪوهه، ڪرهي ڪشالو ٿيو.

بابا سائين سان گڏ رهڻ ڪري مون بابا سائين کان تمام سٺيون ڳالهيون ٻڌيون ۽ سکيون. هميشه چوندا هئا ته امان پنهنجي حيثيت کان مٿي وارن کي ڪڏهن به نه ڏسجي پر پاڻ کان گهٽ وارن کي ڏسي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

بابا پنهنجو لکڻ جو ڪم باقاعدي ڪندا رهيا ۽ آخري شام جو به پنهنجو ڪم ڪيائون. مون بابا سائين لاءِ ڪپڙا ڪڍي رکيا ۽ بدلائڻ لاءِ چيم. ٿوريءَ دير کان پوءِ آيس ته اهي ڪپڙا اتي ئي رکيا هئا. مون چيو ته بابا سائين توهان ڪپڙا ڪونه مٽايا آهن ته چيائون ته امان توکي خبر آهي ته مون کي ڪپڙن مٽائڻ تي به ٿاڪ لڳندو آهي. سوچيم ته ڪي ڪم جيڪو هٿ ۾ آهي اهو پورو ڪري وٺان ۽ اهو وقت به هن ڪم کي ڏيان.

بابا سائينءَ جي وفات کان هڪ هفتو اڳ جي ڳالهه آهي. بابا سائين واڪ تي ويندا هئا ته مون کي گڏ وٺي ويندا هئا. اسان ڪرسي گڏ کڻندا هئاسين. جڏهن بابا سائين ٿڪجي پوندا هئا ته ڪرسيءَ تي ويهي پوءِ وري پنڌ ڪندا هئا. ان ڏينهن مون کي چيائون ته امان ڏٺي تعاليٰ جون مون تي تمام گهڻيون مهربانيون آهن. مون کي وڏي عمر ڏنائين، جنهن ۾ مون پنهنجا سڀ ڪم پورا ڪيا. وڏا وڏا عهدا مليا. اولاد سڄو سلامت آهي. دوستن يارن کان تمام گهڻي محبت ۽ عزت ملي. هاڻ منهنجي ڪابه خواهش ڪانه رهي آهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ هاڻ مون کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي ته آءٌ بلڪل راضي آهيان. بابا سائين جي اها ڳالهه ٻڌي آءٌ ڏڪاري ٿيس ته پيار مان منهنجو هٿ جهلي چيائون ته "امان تنهنجو بابا 94 سالن جي عمر جو آهي، ڇا تون سمجهين ٿي ته آءٌ اڃا سٺ سال زنده رهندس."

بابا سائينءَ کي ڪيترائي اوارڊ ملندا رهيا پر سنه 2011ع ۾ صدر پاڪستان طرفان بابا کي "هلال امتياز" جو ايوارڊ مليو هو. پاڻ ايوارڊ وٺڻ لاءِ اسلام آباد وڃي نه سگهيا. اهو اوارڊ محترم عبدالغفار سومري صاحب بابا جي طرفان ورتو هو. 3 اپريل تي سائين آفتاب شاهه جي بنگلي تي پروگرام رکيو ويو هو. سومرو صاحب بابا جو اوارڊ ڪٿي اچي رهيو هو ۽ ٻيا سڀ دوست به اتي گڏ ٿيا ته اهو ايوارڊ بابا سائين کي ڏين. جڏهن اتان واپس آيا ته ڏاڍا خوش هئا. مون کي اوارڊ ڏيکاريائون ۽ چيائون ته امان مون کي اڄ دوستن طرفان ايتري ته عزت ۽ محبت ملي آهي جو ڄڻ ته منهنجو وقت پورو ٿي ويو آهي ۽ ان کان وڌيڪ هاڻ ايتري عزت نه ملي. هر هر اهوئي پيا چون ته امان اها منهنجي پيارن دوستن جي محبت آهي، نه ته آءٌ فقير ماڻهو آهيان. بابا سائين اهي لفظ اهڙيءَ طرح دل سان چيا جو مون روئي ڏنو.

آءٌ آخر ۾ اهوئي چوندس ته منهنجو بابا هڪ فقير نه پر فرشتا هئا. آءٌ پڙهندڙن کي گذارش ڪنديس ته بابا لاءِ دعا ڪن ته الله سائين کين جنت الفردوس عطا ڪري. (آمين)

سلسلي“ بابت هڪ جامع رٿا سنڌي ادبي بورڊ آڏو پيش ڪئي جا سن 1956ع ۾ منظور ٿي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ايلسا قاضي ڪيمپس جي گرائونڊ فلور تي ڏکڻ اولهه واري ڪُنڊ ۾ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ لوڪ ادب سلسلي جي مرڪزي آفيس قائم ڪري ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ ننڍڙي ڪمري ۾ ’جامع سنڌي لغت‘ جي آفيس اڳ ۾ ئي ڪم ڪري رهي هئي.

## لوڪ ادب اسڪيم جي مثالي ڪاميابي:

ڊاڪٽر صاحب ۽ سندن اورچ ساٿين (جن ۾ سيد سردار علي شاهه، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مخدوم غلام احمد، رشيد احمد لاشاري، عبدالڪريم سنديلو، محمد اسماعيل شيخ وغيره شامل هئا) جي بي لوث ۽ اڻ ٿڪ محنتن جا نتيجا جلد ۽ متواتر ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. پهريون جلد ”مداحون ۽ مناجاتون“ سن 1959ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو. سن 1961ع جي شروعات تائين انهيءَ سلسلي جا نوَ (9) ضخيم جلد اچي ويا جن ۾ ’مناقبا‘، ’معجزا‘، ’مولود‘، ’ٽيهه اکريون‘، (ٻه جلد)، ’هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا‘، ’جنگناما‘ ۽ ’واقعاتي بيت‘ شامل هئا.

## شخصي عناد ۽ حسد جي شروعات:

پنجاهه ۽ سٺ وارا ڏهاڪا جتي سنڌي علم ۽ ادب جي واڌاري جي حوالي سان نهايت غير معمولي اهميت وارا ليکجن ٿا، اُتي ساڳئي ئي دور ۾ نظرياتي ڇڪتاڻ پڻ نهايت منفي ۽ افسوسناڪ صورت ورتي. شخصي حسد ۽ بغض جا معاملا پڻ نظرياتي ڇڪتاڻ جي آڙ ۾ طيءَ ٿيڻ لڳا. لوڪ ادب اسڪيم جي غير معمولي ڪاميابي ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر صاحب کي مليل پذيرائيءَ ڊاڪٽر صاحب جي خلاف حسد ۽ بغض کي جنم ڏنو، جنهن جو اظهار نظرياتي ڇڪتاڻ جي آڙ ۾ به ٿيڻ لڳو. ان دور بابت ڊاڪٽر عمر چنڊ صاحب لکي ٿو:

”مون کي ياد آهي ته پنجاهه واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ سنڌي ادب جا ٻه وڏا گروهه ٺهجي ويا جيڪي هڪٻئي تي اخبارن ۽ رسالن ذريعي خوب حملا ڪندا رهندا هئا..... پر ڏٺوسين ته ڊاڪٽر (بلوچ) صاحب ڪنهن به مباحثي ۾ حصو ڪونه ورتو!“

جام ساقي صاحب هڪ هنڌ رقم طراز آهي:

”اسان سنڌي ماڻهو هڪ طويل عرصي کان ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان نا انصافي ڪندا رهيا آهيون..... ڊاڪٽر صاحب کي هرويرو جماعت اسلاميءَ واري لابيءَ سان ڳنڍيو ويو جڏهن ته پاڻ ائين نه آهي. افسوس جو اهو به نه سوچيو ويو ته پير صاحب پاڳاري جو هيءَ همراهه جماعت اسلاميءَ سان ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ٻي ڳالهه جنهن تي اُن وقت غور نه ڪيو ويو ته ڊاڪٽر صاحب جماعت اسلاميءَ جو بنياد پرست هجي ها ته پنائيءَ تي ڪم ڪيئن ڪري ها!“

مون کي ياد آهي ته انهيءَ ئي دور ۾ ڊاڪٽر صاحب جو تحقيقي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ شايع ٿيو. اهو ڪتاب نج علمي هو، پر انهيءَ تي علمي انداز ۾ نظر وجهڻ بدران جذباتي ۽ نظرياتي رنگ ۾ نڪته چيني ڪئي وئي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي نظريي جي غلط تشريح ڪندي نوجوانن کي برغلائڻ جي سعي ڪئي وئي.

## ڊاڪٽر صاحب جو رد عمل:

ڊاڪٽر صاحب مخالفن جي حملن تي مڪمل خاموشي اختيار ڪندي، پنهنجي ڪم سان لڳو رهيو. سندن چوڻ هو ته:

”مون جڏهن لکڻ پڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو، تڏهن پاڻ سان واعدو ڪيو هئم ته منهنجو قلم ڪڏهن به، ڪنهن به مخالفت ۾ نه لکندو..... آءٌ جيڪڏهن ويهي تنقيدن جا جواب ڏيان ها ته هوند هيڏو پورهيو ڪين ڪري سگهان ها!“

نظرياتي ڇڪتاڻ بابت ڊاڪٽر صاحب فرمايو ته:

**ڪيس جي ڪارروائيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلا:**

ڊاڪٽر صاحب ڪيس ته داخل ڪري ويٺو پر عملي مشڪلاتون ڏاڍي مونجهاري جو باعث ٿي پيون. پهريون مسئلو اهو اٿيو ته پنهنجي مدد واسطي شاهد ڪٿان آڻي!؟ بدناموسي جي ڪيس ۾ مدعيءَ توڙي سندس شاهدن کان ڏاڍي ڏکي آڏي پڇا ٿي سگهي ٿي. اهڙا ڪيس تمام وڏي طوالت پڻ وٺي سگهن ٿا. پنهنجن پراين جا اثر رسوخ، دشمنيون، دوستيون پڻ وڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون. انهن مڙني حقيقي ۽ خيالي خدشن ۽ ذاتي مصلحتن همدردن کي اڳيان اچڻ کان روڪي ڇڏيو ٿي.. ويتر اهو به معلوم ٿيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا ڪي پروفيسر ۽ ڪي ٻيا صاحب ڊاڪٽر صاحب ۽ ڪتاب خلاف بيان ڏيڻ لاءِ سنبري رهيا هئا.

**ڏيپلائي صاحب جو ڪردار:**

پنهنجي ساروڻين ۾ ڊاڪٽر صاحب ٻڌائي ٿو ته:

”اهڙي دل شڪن ماحول ۾ ڏيپلائي صاحب اڳتي وڌيو ۽ دل و جان سان منهنجو ساٿ ڏنائين. منهنجي طرفان شاهدي ڏيڻ آيو. هن ’مناظرا‘ جي ٻوليءَ ۾ آيل لفظن ۽ اصطلاحن جي خاطر خواهه وضاحت ڪري، ڪتاب کي معياري ثابت ڪيو.“

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ ٻڌايو:

”ڪيس اٺ سال هليو. امين ترين جي پاران بئريسٽر پير محمد چنه (مون ۽ منهنجي شاهدن تي) ڏاڍيون جهلون ڪيون. مون ڏاڍو سنو.....“

امداد حسيني پنهنجي ساروڻين ۾ ٻڌائي ٿو:

”ان ڏس ۾ اچرج جي ڳالهه اها هئي ته پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب (عربيءَ جي پروفيسر) جنهن کي ساجي ڌر وارو سمجهيو ويندو هو، ”مناظرا“ جي مخالفت ۾ شاهدي ڏني ۽ محمد عثمان ڏيپلائيءَ، جنهن کي ڪاٻي ڌرجو سمجهيو ويندو هو، تنهن وري ’مناظرا‘ جي حق ۾ شاهدي ڏني. ڊاڪٽر صاحب اڄ تائين ڏيپلائي جا ان ڏس ۾ ڳڻ ڳائي ٿو. ڏيپلائي صاحب مون کي پاڻ ٻڌايو ته هن ’مناظرا‘ جي بچاءَ ۾ مذهبي ڪتابن جا حوالا ڏنا هئا!“

**نتيجا:**

1. مناظرا تي بندش ڪانه پيئي.
2. لوڪ ادب اسڪيم بنا ڪنهن رڪاوٽ جي هلندي رهي ۽ جملي 42 جلد مختلف صنفن تي شايع ٿيا.
3. ڊاڪٽر صاحب جي عزت ۽ وقار کي ڪابه لهس نه آئي.
4. ڪن دوستن جي وچ ۾ پوڻ تي ڊاڪٽر صاحب امين ترين کي معاف ڪري ڪيس ختم ڪرايو.

**مددي ڪتاب ۽ مواد:**

1. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان مليل ڪيس جو فائل.
2. مختلف موقعن تي ڊاڪٽر صاحب جون ڪيل تقريرون.
3. نيوز اينڊ اوپينيئن (جولاءِ/ آگسٽ 2007ع) ۾ آيل انٽرويو.
4. راقم الحروف سان ڪيل ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهه ٻولهه.
5. ڊاڪٽر صاحب جا نوٽ.
6. ”ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم“
7. روزنامه ”عبرت“ جولاءِ 1962ع جا مختلف پرچا.

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه



# ڊاڪٽر بلوچ: سنڌي ادب جي عظيم هستي

پروفيسر ايمريٽس سنڌ يونيورسٽي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پوري برصغير جي هڪ اهڙي اهم علمي شخصيت جو نالو آهي، جن سنڌي ٻولي ۽ ادب کي هميشه زنده رکيو آهي. ان جي ترقي ۽ ترويج ۾ پاڻ سدائين اڳرا رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙي گرانقدر علمي شخصيت تي جيترو فخر ڪن ٿا، شايد ئي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪنهن اديب ۽ عالم تي ڪير ڪندو هجي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ تمام وڏو مقام رکندڙ اسڪالر هئا. پاڻ ننڍي عمر کان وٺي مرڻ گهڙي تائين سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري. سندن خدمتن جي عيوض کيس صدارتي تمغه حسن ڪارڪردگي، تمغه پاڪستان ۽ ستاره قائد اعظم سان پڻ نوازيو ويو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي پيدائش 1917ع ۾، ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ٿي. ان وقت سنڌ ۾ خاص طور تي ڳوٺن ۾ اسڪول ڪونه هئا. پر ڊاڪٽر صاحب جي پڙهائيءَ جي شوق کي ڏسي، سندن چاچي ولي محمد خان، کين ٻين هنڌن تي سٺن اسڪولن ۾ پڙهائڻ لاءِ ويهاريو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۽ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ آمريڪا مان ايم.ايڊ ۽ ڊاڪٽر آف ايڊيوڪيشن جون اعليٰ ڊگريون حاصل ڪيائون.

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي زندگيءَ ۾ لکيل ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن ۽ انٽرويوئن ۾، پنهنجي پوري زندگي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان جيڪو سندن عشق هو، انهيءَ بابت تفصيلي طور معلومات ڏني آهي، ته پاڻ ڪيترين تڪليفن سان تعليم حاصل ڪري، انگريزي، سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري انهن ٻولين ۾ بي شمار ڪتاب لکي، پنهنجو نالو هميشه لاءِ زنده رکيو آهي. اهڙيون عظيم هستيون، جيستائين سنڌي قوم جو هڪ فرد يا سنڌي ٻولي موجود هوندي ڪتابن ۾ سونهري اکرن ۾ کيس ياد ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر صاحب جن جي شخصيت، علميت، ڪمالات، ادبي چال ۽ علمي مرتبو پوريءَ دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي نه صرف سنڌ ۽ هندستان تائين بلڪ پوري دنيا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ڊاڪٽر صاحب جي خدمتن ۽ سنڌي ۾ لکيل ڪتابن کي ايتري شهرت ملندي رهندي ۽ اهي ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي فخر ڪندا رهندا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شخصيت علمي ۽ ادبي خدمتن بابت لکن ٿا ته:

"ڊاڪٽر بلوچ صاحب علم التعليم، ادبيات، لسانيات، علم اللغات، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، آثار شناسي، لطيف شناسي، لوڪ ادب ۽ سنڌ شناسي تي وڏو دسترس رکندڙ، بين الاقوامي دانشور هجڻ جي حقيقت رکندڙ سنڌ جو اهو فرزند آهي، جنهن تي سنڌ وارا جيترو فخر ڪن اهو ٿورو آهي." (ڊاڪٽر الانا، نئين زندگي، 2000ع، ص 7)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تعليم مڪمل ڪري، 1951ع ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضيءَ جي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر ۽ پوءِ ان ئي انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيا. پاڻ ان وقت سنڌي شعبو به قائم ڪرايائون. 1952-53ع کان وٺي 1959ع تائين ان جا انچارج چيئرمين رهيا ۽ شعبي ۾ ڪيترائي تحقيقي ڪم ڪرايائون. ان کان سواءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نيو ڪئمپس جي پلاٽ وٺڻ کان وٺي، نيو ڪئمپس جي مختلف شعبن کي



ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

# سائين ڊاڪٽر بلوچ: عظيم استاد

## (سندن خط ۽ پهرين ملاقات جو احوال)

سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ولد علي محمد خان لغاري (اين. اي بلوچ، ڄمر: 16 جنوري 1917ع- وفات 6- اپريل 2011ع). سر زمين سنڌ جو تاريخ ساز ۽ عظيم انسان هو. هُن جون لافاني تحقيقي ۽ علمي ادبي خدمتون سج جيان روشن آهن. سندس سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ خطن جا مجموعا شايع ٿيا آهن. اها پنهنجي ليکي وڏو علمي خزانو آهي. انهن علمي ۽ تاريخي خطن ۾ ڪيئي هيرا جواهر سمايل آهن. اڃا به علمي دنيا ۾ سندس گهڻائي خط علم دوستن وٽ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. ضرورت آهي ته انهن خطن کي ڳولي مواد مرتب ڪجي، ته اها وڏي علمي خدمت ٿيندي.

خط انساني زندگيءَ جو آئينو هوندو آهي، خطن مان لکندڙ جي شخصيت، علمي عظمت، اعليٰ فڪر ۽ اڪرن جي خوشبوءِ ظاهر هوندي آهي. هونئن ته سائين ڊاڪٽر بلوچ جي خط و ڪتابت جو سلسلو هڪ عام ڀهراڙيءَ جي سالڪ سگهڙ کان وٺي، سنڌ پاڪستان ۽ دنيا جي مڃيل اسڪالر ليکڪن ۽ محققن تائين وسيع هو. مون علم جي طالب ۽ سندس رهبريءَ ۾ پي ايچ ڊي جي شاگرد وٽ سائين ڊاڪٽر بلوچ جا ڪوڙ سارا عيد مبارڪ جا ڪارڊ ۽ خط محفوظ آهن. اهي خط سنڌي، انگريزي ۽ عربيءَ ۾ لکيل آهن. انشاءَ الله تعاليٰ انهن سمورن خطن کي تعليقات ۽ سوانح حيات سان گڏ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويندو. في الحال يادگيريءَ قائم رکڻ لاءِ انهن خوشبودار خطن مان چونڊ خط هتي شامل آهن. خطن جو مختصر پس منظر ۽ تعارف به شامل آهي ته، جيئن خطن جي علمي اهميت سامهون رهي.

سائين ڊاڪٽر بلوچ اڄ کان ٽيهه سال اڳ منهنجي لکيل خط جي موٽ ۾ پهريون خط اسلام آباد مان لکيو. جيتوڻيڪ ان وقت پاڻ اسلامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. منهنجو خط سنڌ جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه (1102هه- 1165هه) جي بيتن بابت هو، پر سندس حضرت شاهه ڀٽائي ۽ هن جي پيغام سان محبت هئي، ان ڪري شاهه لطيف جي حوالي سان رهنمائي ڪيائون. پوءِ منهنجو اهو پهريون خط ۽ ان تي جوابي نوٽ سندس خطن جي مجموعي "سڄڻ جا سلام" ۾ به شامل آهي.

**باسمه تعاليٰ**

ڊاڪٽر اين. اي بلوچ
پوسٽ باڪس نمبر 1230
اسلام آباد
3 ربيع الاول 1401هه
10 جنوري 1981ع

پيارا ادا عبدالرسول
اسلام عليڪم

اوهان جو خط مؤرخه 22 صفر 1401هجري پهتو. اوهان نهايت پيارو ۽ تفصيلي خط لکيو آهي ۽ اوهان جي نيڪ خيالن تي مون کي گهڻي خوشي ٿي آهي، مبارڪ باد!

شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه نه فقط سنڌ جو وڏو شاعر ۽ مفڪر هو، پر هو دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي. اعليٰ تخيل، نيڪ ۽ پاڪيزه جذبات سندس شعر جو روح آهن. هو ڪلام اهڙي هيناهين ڳالهه ڪونه ٿو ڪري، جيڪا عام ماڻهو ڪندا آهن. اها ئي سندس ڪلام جي صحيح پرک آهي، البت جيئن ڪن وڏن شاعرن سان ٿيو آهي، تيئن ڀٽائي صاحب جي نالي به ڪيئي بيت ۽ ڳالهيون منسوب ڪيون ويون آهن، جيڪي ڀٽائي صاحب جي شايان شان ناهن. "ملا ملا" وارا بيت جن ۾

ٻڌلجي ويو آهي، هاڻي 13-12 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ هجڻ جو پروگرام آهي. هيءُ اطلاع انهيءَ لاءِ ڏنم ته اوهان کي ڪا تڪليف نه ٿئي.

مخلص

نبي بخش

[جيڪڏهن پاڻ مون کي خط نه لکن ها، ته به خير هو. آءٌ حيدرآباد ۾ قرب وارن علم دوستن سان ملڻ ۽ پنهنجي لائبريريءَ لاءِ ڪتاب وٺڻ لاءِ گهوٽ موٽي اچان ها. پر ڪين وقت ۽ واعدي جو قدر هو. ان ڪري هڪ اڻ واقف ۽ نه ڏٺل ماڻهو ڏانهن به ڏينهن ترسي، پنهنجي پروگرام تبديل ٿيڻ جو اطلاع لکي نهايت عالي ظرفي جو مثال قائم ڪيائون.]

**پهرين ملاقات:** آءٌ واعدي موجب حيدرآباد وڃڻ لاءِ رات سڪرنڊ ۾ وڃي رهيس. صبح جو گورنمينٽ بس ۾ حيدرآباد روانو ٿيس. صبح جو ساڍي نائين بجي ڪوارٽر نمبر 12، ڪئمپس حيدرآباد پهتس. اتي سائين ڊاڪٽر بلوچ جو ڏوهٽو فاروق مليو. جنهن احترام طور ڊاڪٽر بلوچ صاحب "ناني" جي بجاءِ "بابو" ٿي سڏيو. فاروق اندر ڪمرو کولي ويهاريو ۽ ڊاڪٽر صاحب ڏي منهنجي ناني جي چٺي کڻي ويو. موٽي اچي ٻڌايائين بابو سائين ڊاڪٽر صاحب اندران در بند ڪيو لکڻ ۾ مصروف آهي. ڏهين بجي ازخود ٻاهر نيرن ڪرڻ لاءِ ايندو. سائين ڊاڪٽر بلوچ کي چٺي ملي تمام گهڻو خوش ٿيو. ماني موڪليائين. ان بعد چانهه به آئي. ان وچ ۾ پاڻ به نيرن ڪري ٻاهر اچڻ لڳو. مون، فاروق سان ڪچهري پئي ڪئي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ پڙهڻ، روزانه مصروفيت ۽ زندگيءَ جو ٽائيم ٽيبل گذارڻ جو تفصيل پئي معلوم ڪيو. فاروق ٻڌايو ته:

"بابو سائين فجر نماز پڙهي، قرآن شريف جو دور ڪري، ورزش خاطر اڌ مني ڪلاڪ لاءِ ٻاهر پنڌ نڪري ويندو آهي. واپس اچي چانهه پي لکڻ پڙهڻ لاءِ اندر ڪمري ۾ دروازو بند ڪري علمي ادبي ڪم ڪندو آهي. ڏهين بجي نيرن ڪري آفيس، سرڪاري ڪم لاءِ ويندو آهي. ٻارهين کان ٻين بجي دوران آيل ماڻهن سان علمي ادبي ملاقات جو وقت آهي. ٻين بجي گهر اچي منجهند جي ماني کائي، پيهري نماز پڙهي آرام ڪندو آهي. شام جو پنجين بجي کان لوڪ ادب آفيس ۾ رات جو ائين بجي تائين ويهندو آهي. اتي لوڪ ادب، لغت ۽ شاهه جي ڪلام تي تحقيق جو ڪم جاري هوندو آهي. اهو ڪم ٻئي عملي سان گڏ استاد شيخ محمد اسماعيل جي سهڪار سان سائين ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ ۾ ورهين کان هلندڙ آهي. رات جو ائين بجي کان پوءِ گهر اچي ماني کائي ٽيليويزن تي خبرون خاص ڪري تاريخ جا پروگرام ڏسندو آهي، پوءِ آرام ڪندو آهي. اهو بابا سائين جو ورهين کان معمول آهي. هونئن اسلام آباد، يا ٻئي علمي سفر ۾ ٽائيم ٽيبل ۾ مٽ سٽ ٿيندي آهي. گهر، اولاد ۽ اسان جي تعليمي نظرداري به پيار ۽ شفقت سان ڪندو رهندو آهي."

ائين ڪندي شيخ محمد اسماعيل هڪ اڏيري لال جي پاسي جي سيد عبدالمنعم عرف محمد شاهه سان گڏ ڊاڪٽر بلوچ سان ملڻ اندر آيو. سائين ڊاڪٽر بلوچ واندو ٿي اسان وٽ آيو. پهريان مون سان ڀاڪر پائي مليو ۽ سڃاتائين، جيتوڻيڪ اڳ ۾ ڪونه مليا هئاسون. ٻين سان ملي ويهڻ شرط چيائين ته، شاهه صاحب! اسان ٻنهي اڳ ۾ خطن ذريعي علمي ڏي وٺ آهي ۽ گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، ان ڪري پهريان احوال توهان سان. هن شاهه صاحب ٻڌايو ته، "اسان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڀيڻ جو اولاد آهيون." پوءِ سائين ڊاڪٽر صاحب بيبي بتول ۽ بيبي لعل جي حوالي سان شاهه صاحب کان تفصيلي احوال پڇيو. ان کان پوءِ وڏي ڊائري جيڏي سائي نوٽ بڪ تي اهو سمورو احوال اتي جو اتي قلم بند ڪري، وري شاهه صاحب کي پڙهي ٻڌايو. خاص ڳالهه ته شاهه صاحب وٽ پنهنجو شجرو لکيل هو. ڊاڪٽر صاحب هن کي چيو ته، اهو شجرو پيٽي ڏسبو. مون کي آڻي ڏيو يا آءٌ اوهان وٽ اوڏانهن

• آخر ۾ مون کي چيائون تہ آءٌ ايندڙ جمعي 18 ڊسمبر تي سڪرنڊ حمل فقير لغاري جي ميلي تي حاضري ڀرڻ ايندس. سائين امداد محمد شاهہ زور ڀريو آهي. اوهان مون سان اتي ڇو نہ مِلو؟ مون چيو تہ ائين تہ ڏاڍو سٺو. مون حمل فقير تي اچڻ جو وعدو ڪيو.

اوچتو ڊرائيور ويگن کي تکڙي بريڪ هڻي. ذري گهٽ ويگن اڳئين گاڏي کي لڳڻ کان بچي وئي. ان تي سائين ڊاڪٽر بلوچ ويگن ڊرائيور کي هڪل ڪري چيو تہ ٽريفڪ قانون ڪونہ پڙهيو اٿئي ڇا؟ تہ پنهنجي گاڏي اڳئين سواري کان ڪيتري فوٽن تي ڀري هلائڻي آهي. ان تي ڊرائيور شرم سار ٿيو ۽ آئينده اُبهرائي نہ ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

ويگن سعيد آباد شهر ۾ پيٽرول پمپ وٽ پهتي تہ اسان لٿاسون. سائين ڊاڪٽر بلوچ ۽ فاروق کان موڪلائي وري آءٌ ويگن ۾ چڙهيس ۽ سڪرنڊ اچي لٿس. پوءِ ڳوٺ ٻي سواريءَ ۾ ڳوٺ دڙي مگسي پهتس. سائين ڊاڪٽر بلوچ جا ڳڻ ۽ ڳالهيون، علمي شوق ۽ صلاحون هينئين سان هنڊائي، انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. سندن علمي شوق ڏيارڻ، رهنمائي ۽ صلاح سان مسلسل جدوجهد ڪري پي ايڇ ڊي ڪئي اٿم. پنجويهہ ڪتاب ڇپيا آهن ۽ ڳچ ڪتابن تي ڪم هلندڙ آهي. خاص ڪري ”تاريخ سڪرنڊ“ مڪمل ٿيڻ تي آهي.

آءٌ واعدي موجب 18 ڊسمبر جمعي جي ڏينهن نماز کان پوءِ موٽر سائيڪل تي پنهنجي ڀاءُ دلشير مگسي سان حمل فقير لغاري ويس. آءٌ پهتس تہ سائين ڊاڪٽر بلوچ اسٽال پئي ڏٺا. آءٌ حمل فقير جي مزار تي دعا گهري، سائين بلوچ صاحب سان وڃي مليس. پاڻ ياڪر پائي مليو ۽ چيائين تہ اوهان واعدو پوري ڪري حمل تي آيا، پر مون کان واعدو پورو نہ ٿيو، جو ”معيار سالڪان طريقت“ ڪونہ ڪٺي آيس. مون اچڻ سان اوهان جي جانچ ڪئي ۽ سائين امداد شاهہ کان پڇيو. چڱو ٿيو اوهان آيا. ان کان پوري 4 بجي ادبي مجلس شروع ٿي. تلاوت لاءِ تاج جويي اعلان ڪيو تہ، عبدالرسول قادري اچي تلاوت قرآن پاڪ ڪري. مون سورة والعصر پڙهي. ان کان پوءِ ڏيڍ ڪلاڪ کن سگهڙ ۽ شاعر اديب شعر پڙهندا رهيا. ان دوران نواب شاهہ مان رحيم بخش ”قمر“ بہ آيو. آخر ۾ سائين امداد محمد شاهہ تقرير ڪئي، خاص ڪري حمل فقير تي ترقياتي ڪمن جي حوالي سان.

صدارتي تقرير سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب پوڻين ڇهين بجي ڪئي، تقرير ۾ چيائين تہ: ”حمل فقير تي پهريان اڄ کان 44 سال اڳ شاگرديءَ جي زماني ۾ اچبو هو. حمل شاعر سان گڏ استاد بہ هو ۽ مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. جيڪڏهن حمل فقير جو ڪو نئون ڪلام هٿ اچي، تہ ان کي ڇنڊڇاڻ ڪري شايع ڪندس.“ 6 بجي ادبي مجلس پوري ٿي. سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان موڪلائي قمر صاحب ۽ اسان رات ڳوٺ دڙي مگسي اچي رهياسون.

20- مسجد روڊ ايف 6/4 اسلام آباد

25 ذوالحج 1405ھ

11 سيپٽيمبر 1985ع

فاضل محترم عبدالرسول قادري بلوچ

وعليڪم السلام ورحمة الله و برڪاته

اوهان جو خط مؤرخہ 11 ذوالحج 1405ھ مليو. پڙهي خوشي ٿي جو اوهان معلومات حاصل ڪري رهيا آهيو ۽ مطالعي ۾ مشغول آهيو. اللّٰهم زِد فزِد!

2. ’لطائف لطيفي‘ جو سنڌي ترجمو ڪريو. ڇپائڻ جي انتظام جي ڪوشش ڪنداسون.

3. جيئن تہ شاهہ صاحب جي سوانح ۽ رسالي تي ڪم ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪري اميد تہ ”معيار سالڪان طريقت“ جو عڪس مون وٽ پهچي ويندو ۽ اوهان ڏانهن بہ موڪليندس. مون ’لطيف ڊائجسٽ‘ مئي- جون وارو نہ ڏٺو آهي جو ملڪ کان ٻاهر هوس. ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

4. مخدوم محمد هاشم بابت ڪتاب لکڻ تي مبارڪ هجي. اهو تمام ضروري آهي تہ مخدوم صاحب جا تصنيف ڪيل گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب ڏسو تہ، جيئن سوانح بابت وڌيڪ مواد حاصل ٿي سگهي. هڪ ٻلو اميد تہ مخدوم صاحب جي تصنيفن بابت ڏيندا. (اوهان جي ڏنل بابن جي فهرست ۾ موجود آهي.) ”اتحاف الاڪابر“ ۽ ٻيا ڪتاب اهم آهن. اميد تہ ”بذل القوة في

حوادث سِني النبوه“ جو مقدمو (سائين مخدوم امير احمد صاحب مرحوم جو لکيل) اوهان پڙهيو هوندو، وڌيڪ صلاح آئنده.

5. ڪتب خاني قائم ڪرڻ جي مبارڪ هجي. حاضر مون وٽ ڪي وڌيڪ ڪتاب پيل هوندا تہ موڪليندس، پر اهو ڪم حيدرآباد وڃڻ بعد ٿيندو.

مخلص

نبي بخش عفي عنه

[سائين ڊاڪٽر بلوچ جي شاهہ ڀٽائي سان وڏي محبت هئي. پاڻ عبدالحسين ”سانگي“ جو فارسي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ايڊٽ ڪري ڇپرايائون. مون کي ان جي سنڌي ترجمي ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيو اٿن. اهو ترجمو سندن مقدمي سان ڇپيو ۽ ڀٽ شاهہ جي ميلي تي 1986ع ۾ ان جو افتتاح ٿيو. علي شير ”قانع ٺٽوي“ جو فارسي ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ برٽش ميوزم لنڊن ۾ هو. ان جي عڪس ملڻ جو ٻڌايو اٿن. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ڪتاب لکڻ لاءِ طريقہ ڪار ۽ ماخذن جي نشاندهي ڪئي اٿن. سندن صلاح سان مون لائبريري سيٽ ڪري سهڻي نموني ٺاهي تہ ان تي مبارڪ ڏني اٿن.]

اسلام آباد

22 جمادي الاول 1408هہ

13 جنوري 1987ع

عزيزم عبدالرسول

السلام عليڪم

اوهان جو خط مؤرخہ 18 جمادي الاول پهتو، احوال معلوم ٿيو. اوهان رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي ڏي ليٽر لکو تہ، مون کي Ph.D ۾ داخلا جا بہ فارم موڪليو جو آءٌ داخل ٿيڻ چاهيان ٿو. ڪو واقف هجي تہ اهو بہ اوهان لاءِ فارم وٺي سگهي ٿو.

آءٌ انشاء الله 1 تاريخ ۽ 2 تاريخ فيبروري جي حيدرآباد هوندس اتي ملندا تہ وڌيڪ صلاح ڪنداسون.

مون اوهان جي لاءِ مير علي شير قانع جي ڪتاب جي فوٽو ڪاپي بہ هٿ ڪئي آهي ۽ اوهان جي حوالي ڪندس.

اميد تہ بخير و عافيت هوندا.

مخلص

نبي بخش عفي عنه

[مون کي روبرو Ph.D لاءِ همٿائي ان جي داخلا لاءِ طريقيڪار لکيو اٿن. منهنجي مهربانن ڊاڪٽر محمد قاسم سومري ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي يونيورسٽي مان فارم وٺي ڇڏيا. آءٌ ڪين حيدرآباد مليس فارم صحيح ڪري شايد مسٽر فاروقي ڏين هو، ان کي چيائون. ”معيار سالڪان“ بابت يادگيري ڪئي اٿن.“

علامہ آءِ. آءِ قاضي چيئر

سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد

05-03-1991

## مخدوم محمد هاشم“ بابت پي ايچ. ڊي ڊگري لاءِ ڪم

اوهان جو خط مؤرخہ 22 جنوري 1991ع مليو احوال ٿيو. پي ايچ ڊي ۾ داخلا وارو ليٽر رڪارڊ تي رکيو ويو آهي. وڌيڪ هدايتن وٺڻ لاءِ ڄڌهن اچو 12 بجي جي وچ ۾ مِلو. اميد تہ اوهان پنهنجو ڪم پوري محنت ۽ تحقيق سان ڪري رهيا آهيو.

نبي بخش

[سندن شوق ڏيارڻ ۽ مهرباني سان Ph.D ۾ داخلا ٿي وئي. سنڌ يونيورسٽي اهڙو اجازت نامي جو ليٽر مون ڏي سڪرنڊ موڪليو ۽ گائيڊ جي حيثيت ۾ ڪين بہ ليٽر مليو. ان بابت آگاهہ ڪري تحقيق ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيو اٿن. وڌيڪ رهنمائي لاءِ وقت بوقت حيدرآباد ۾ ملڻ جو وقت مقرر ڪيو اٿن.]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

12. سنڌ يونيورسٽي (اولڊ ڪئمپس)

حيدرآباد سنڌ 27-05-1999

محترم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري سلمه الله

السلام عليڪم ورحمة الله و برڪاته

اوهان جو خط پهتو ۽ اوهان جي علمي ذوق ۽ ڪوشش جو تفصيل معلوم ٿيو. اللهم زِد فَزِد!

ڪتاب ’بيان العارفين‘ ملفوظات شاهہ عبدالڪريم (فارسي) جا بہ قلمي نسخا دستياب ٿيا آهن. مقصد آهي تہ انهن ٻنهي کي سامهون رکي صحيح متن



بابر منير قاضي

# سنڌ سان محبت ڪندڙ انسان: ڊاڪٽر بلوچ

سنڌ سان سچي محبت ڪندڙ انسانن مان هڪ سچو انسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ هڪ آهي، جنهن ڏينهن رات هڪ ڪري سنڌ جي علم و ادب، تاريخ، ثقافت، جاگرافي، لطيفيات ۽ لوڪ ادب تي تمام گهڻي اڻٿڪ محنت ڪري پاڻ کي سنڌ جو سچو سپوت ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ اڄ اسين ڪيس سنڌ جو نامور اديب، مؤرخ، محقق ۽ تاريخدان، دانشور، لوڪ ادب ۽ لطيفيات جو ڄاڻو ۽ تعليمي ماهر طور ڪيس ڄاڻون ۽ سڃاڻون ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 30 صفر المظفر 1336ھ/16 ڊسمبر 1917ع تي علي محمد لغاريءَ جي گهر ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ سندس وڏن جو ٻہ سؤ سال کن اڳ جو آباد ڪيل آهي. سندس وڏا اصل ديري غازي خان جا هئا. ننڍڙو نبي بخش خان اڃا ڇهن- ستن مهينن جو مس هو تہ سندن والد گذاري ويو. ان وقت سندن والد جي عمر 25 سال کن هئي. سندس والد جي وصيت مطابق ننڍڙي نبي بخش جي تعليم ۽ تربيت سندس چاچي ولي محمد خان لغاريءَ جي زير نگراني ۾ ٿي. ان کان سواءِ سندس ڏاڏي ۽ ناني بہ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1924ع ۾ ننڍڙي نبي بخش کي ڪيس پرائمري اسڪول ڳوٺ پليو خان ۾ داخل ڪيو ويو، ان بعد ڪيس 1929ع ۾ نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. 1932ع ۾ جڏهن پاڻ اڃا چوٿين درجي انگريزي ۾ هو تہ عربي لاءِ قرعہ فال مخدوم امير احمد جنهن تحفة الڪرام، تاريخ معصومي ۽ چچ نامي جو سنڌي ترجمو ڪيو هو، تي پيو. ڊاڪٽر بلوچ ٽہ ماهي مهراڻ جي "سوانح نمبر" ۾ لکي ٿو تہ:

"اها اسان جي خوشقسمتي هئي، جو مخدوم موصوف جهڙو لائق استاد اسان کي مليو، جنهن عربي ٻوليءَ لاءِ اسان ۾ هڪ خاص ذوق پيدا ڪيو. انهيءَ ابتدائي ذوق جي ئي برڪت هئي، جو ايم.اي تائين راقم عربي جي تعليم ورتي." (ص245).

هن مدرسي مان هن 1935ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پهرين نمبر سان پاس ڪيو. ان بعد ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انٽر آرٽس ۾ داخلا ورتائون، ليڪن بعد ۾ بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهہ ۾ داخلا ورتائون. انٽر ۾ بہ نمايان پوزيشن حاصل ڪرڻ کان پوءِ ساڳئي ڪاليج مان بي. اي آنرس 1941ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيا. 1943ع ۾ علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (عربي) فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري سڄي يونيورسٽيءَ ۾ اول پوزيشن حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ ايل.ايل.بي پڻ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري سنڌ آيا. سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪجهہ وقت پڙهائڻ شروع ڪيائون.

16 آگسٽ 1946ع ۾ غير ملڪي، اسڪالر شپ تحت آمريڪا ويا، جتي پهرين ايم.اي تعليم ۽ پوءِ تعليم جي ئي شعبي ۾ پي ايچ.ڊيءَ جي ڊگري ورتائون. Ph.D لاءِ سندس موضوع هو:

"A Programme of Teacher Education for the new state of Pakistan."

ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملڻ کان پوءِ کين پاڪستان طرفان اقوام متحده ۾ نوڪري جي آڇ ٿي، جيڪا قبول ڪيائون، ليڪن پوءِ وزير تعليم جي طرفان وڏن آفيسرن ڪيس نااهل قرار ڏئي نوڪريءَ کان جواب ڏنائون. ڪتاب (سڄڻ ساريندي". ص 189 فوٽ نوٽ).

ثقافتي ادارن ۽ انجمنن ۾ پڻ بطور ميمبر اهم خدمتون سر انجام ڏنيون. سڀ کان اڳ پاڻ "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" جيڪا هينئر ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي نالي سان مشهور آهي، جو 1951ع ۾ ميمبر مقرر ٿيو، جنهن ۾ اڳتي هلي اعزازي سيڪريٽري جي عهدي تائين پهتا. ان يادگار ڪميٽيءَ جي طرفان ٿيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساليانيءَ ميلي ۽ ان ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس جا منتظم به رهيا. هن ميلي خاص طور تي ميلي جي مناسبت سان ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ موسيقيءَ جي محفل کي اوج تي رسايائون. ان ميلي ۾ سنڌ جي گمنام فنڪارن، ڳائڻن ۽ وڄتن کي وقت بوقت متعارف ڪرايائون، جن اڳتي هلي سنڌي سنگيت جي تاريخ ۾ وڏو نالو ڪڍيو. ڊاڪٽر صاحب هن اداري پاران هر سال ميلي ۾ پيش ٿيندڙ مقالن ۽ مضمونن کي سهيڙي مخزن جي صورت ۾ شايع ڪندا هئا، جهڙوڪ: ياد لطيف (1953ع ۽ 1954ع)، يادگار لطيف (1955ع کان 1959ع)، لطيفي سالگرهه مخزن (1960ع کان 1970ع تائين) وغيره.

1985ع ۾ جڏهن "لطيف يادگار ڪميٽي" جو نالو مٽائي "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" رکيو ويو، تڏهن ڊاڪٽر صاحب کي هن اداري جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪوشش سان اديبن، عالمن، شاعرن ۽ راڳين لاءِ نه صرف ريسٽ هائوس تعمير ٿيو، بلڪ روڊ، مارڪيٽون، جلسه گاهه، لائبريري ۽ ميوزيم جون عمارتون، هالا جي هنرمند ڪاشيگرن کان سرون جوڙائي، تعمير ڪرايون ويون. اهي مڙئي عمارتون 1961ع تائين نهي راس ٿيون.

1966ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب بحيثيت اعزازي سيڪريٽري، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز آڏو هيءَ تجويز پيش ڪئي ته "شاهه لطيف جي هر سالگرهه جشن جي موقعي تي شاهه صاحب جي فن ۽ فڪر، ٻولي ۽ شاعريءَ جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي سيني سرن مان هرهڪ تي عالمانه بحث مباحثي خاطر "مڪالمو" منعقد ڪيو وڃي ۽ پوءِ اهي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا وڃن." ڪاميٽيءَ اها تجويز منظور ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح اهو سلسلو 1967ع کان شروع ڪري 1977ع تائين پورو ڪيو ويو. انهن يارنهن سالن ۾ يارنهن ئي ڪتابي سلسلا نڪتا جهڙوڪ: شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار (1967ع)، شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار (1968ع)، شاهه- سنڌي ٻوليءَ جو معمار (1969ع)، سُرڪلياڻ جو مطالعو (1970ع)، سُر جمن جو مطالعو (1971ع)، سُر ڪنڀات جو مطالعو (1972ع)، سُر سريراڳ جو مطالعو (1973ع)، سُر ساموندي جو مطالعو (1974ع)، سُر سهڻي جو مطالعو (1975ع)، سُر سسئي آبري جو مطالعو (1976ع) ۽ سُر معذوري جو مطالعو (1977ع).

ڊاڪٽر بلوچ ساڳي سال ئي ڪاميٽيءَ کان ٻي رٿا به منظور ڪرائي ته شاهه لطيف جي سوانح، رسالي، پيغام ۽ فڪر متعلق جديد سائنسي انداز ۾ تحقيق ۽ تدوين لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن. ڪاميٽيءَ سندن اها رٿ به منظور ڪئي ۽ کين ئي اها رٿا سونپي. ڊاڪٽر صاحب ان سلسلي ۾ پهريان قلمي ۽ ڇاپي رسالا هٿ ڪيا ۽ انهن مان ڪيترائي رسالا شايع ڪرايائون، جيئن ته برٽش ميوزيم لنڊن وارو قلمي رسالو 1969ع ۾ شايع ڪرايائون، 1974ع ۾ 'سُرڪلياڻ' سان شروع ٿيندڙ ٽن اڳاٽن قلمي رسالن کي ڀيٽي شايع ڪيو ۽ 1977ع ۾ 'سُر سسئي' سان شروع ٿيندڙ ڏهن قلمي رسالن جي ڀيٽ سان هڪ رسالو شايع ڪرايائون. ان کان علاوه شاهه لطيف جي سوانح تي مشتمل مير عبدالحسين سانگيءَ جو فارسي ڪتاب "لطائف لطيفي" ايڊٽ ڪري 1967ع ۾ شايع ڪرايائون. 1972ع ۾ وري مرزا قليچ بيگ جو اڻ لڀ ۽ ناياب ڪتاب "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ" ۽ پنهنجو تصنيف ڪيل ڪتاب "شاهه جي رسالي جا سر چشما" شايع ڪرايائون. 1974ع ۾ وري پنهنجو ڪتاب "شاهه جي رسالي جي ترتيب" شايع ڪرايائون.

انهيءَ متين رٿا جي ٻئي ۽ آخري مرحلي مطابق ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي "شاهه جي رسالي" جي جامع ۽ مستند معياري متن، ان جي سمجهاڻي ۽ تشريح کي مڪمل ڪرڻو هو. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ سنه 1980ع کان وٺي جدوجهد شروع ڪيائون ۽ 1999ع تائين ڏهه جلد، چاليهه قلمي ۽ ڇپيل شايع ٿيل رسالن جي مدد سان شايع ڪرايائون.

پروفيسر سليم ميمڻ



# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سنڌ جو ليجنڊ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ويهين ۽ ايڪهين صديءَ جو اهو مايا ناز ڏاهو، محقق، ماهر ۽ اديب هو، جنهن جو مثال سندس همعصرن ۾ ملڻ محال آهي. پاڻ هڪ ئي وقت ستن ٻولين: سنڌي، انگريزي، اردو، بلوچي، فارسي، عربي ۽ سرائڪيءَ تي دسترس رکندا هئا ۽ سواءِ بلوچيءَ جي باقي ٻولين ۾ سندس عالماڻي تحقيق ۽ تاليف جو انگ سؤ ڪان به مٿي آهي. جڏهن ته عالماڻي ۽ محققاڻي مقالن جو انگ ان ڪان به وڌيڪ آهي. سندس تصنيفن ڪي مواد، مقدار ۽ معيار جي لحاظ ڪان پرکجي ته ننڍي کنڊ توڙي يورپ ۾ ڪير به سندس معيار ۽ مقدار کي برميچي نه ٿو سگهي. اهو ته هڪ اندازو ۽ ڪاٿو آهي پر مان سمجهان ٿو ته ان ڏس ۾ کوجنا ڪرڻ جي سخت گهرج آهي.

ڊاڪٽر صاحب ڪنهن هڪ شيءِ تائين پاڻ کي محدود نه رکيو. بلڪ هڪ ئي وقت لوڪ ادب، تاريخ، لغت، لسانيات، لطيفيات، موسيقي ۽ تعليم جي شعبي ۾ ڏينهن رات تحقيق ۽ تاليف جي وسيلي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي مالامال ڪيو آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته هو فقط سنڌي ٻوليءَ جو ئي عالم نه هو، پر وقت ۽ حالتن کين ۽ سندس علمي ۽ کوجنائي پورهئي کي فقط سنڌ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻ رخي شعبن ۾ ان ڪان اڳ مرزا قليچ بيگ پنهنجي، جاکوڙ وسيلي ادب جي مختلف صنفن سان گڏوگڏ سماجي علمن: لسانيات، صرف و نحو ۽ طبعي سائنس ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي مالامال ڪيو. مرزا صاحب 457 ڪتاب تيار ڪري سنڌ واسين کي ڏنا، پر بدقسمتي آهي هن قوم جي، جو ايڏي وڏي عالم جي ايڏي وڏي پورهئي کي مڪمل طور عام ماڻهن تائين نه آڻي سگهي آهي. اها اسان جي بيحسيءَ جي انتها آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران ڪوٺايل ادبي ريفرنس ۾ ادي مهتاب راشدي، سنڌي قوم جي نبض تي هٿ رکندي چيو هو ته: اسان کي اجا اهو احساس ئي ڪونه ٿيو آهي ته اسان ڇا وڃايو آهي. اها حقيقت آهي ۽ اسان اجا ان ڏک ۽ اذيت مان لنگهي رهيا آهيون جنهن ۾ اسان کي تڪليف جو احساس به ڪونهي، ڇڻ ته بيهوشيءَ جي عالم ۾ آهيون. تڪليف ۽ ڏک جو اندازو ۽ احساس ان ڪيفيت مان ٻاهر نڪرڻ تي ئي معلوم ٿيندو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جنهن ڏينهن گذاري ويو، مون سنڌي ادب جي هڪ وڏي اديب کي فون ڪري، اها ڏکوئيندڙ خبر ڏني ۽ بعد ۾ ٻڌايم ته شام جو پنجين وڳي جنازي نماز آهي. سائين فرمايو: لالا منهنجو سائنس ڪو تعاق نه هو، مان وڃي ڇا ڪندس؟ جي نبي بخش بلوچ صاحب جو سنڌي ادب ۽ اديبن سان تعلق نه هو ته ڪنهن سان هو؟ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه عبداللطيف چيئر پاران آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل هڪ ريفرنس جي حوالي سان هڪ مهربان دوست کي عرض ڪيم ته ڊاڪٽر صاحب لطيفيات جي حوالي سان جيڪو علمي پورهيو ڪيو آهي، ان تي ڪجهه لکي اچو. سائين فرمايو: ”منهنجو ته ان تي سائنس سخت اختلاف آهي.“ مون کين عرض ڪيو ته ان اختلاف تي اچي ڳالهايو.

سائين جن جي مهرباني، سائين جن آيا ۽ ڊاڪٽر صاحب لطيفيات جي حوالي سان جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، ان تي تمام سٺو ڳالهايو.

حقيقت اها آهي ته سنڌي عالمن ۽ اديبن ۾ جيڪا نظرياتي ورهاست ٿيل آهي، ان موجب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تعلق ساڄي پاسي واري ڌر سان هو. جڏهن ته سنڌي اديبن ۽ عالمن جي گهڻائي کاٻي ڌر يا ترقي پسند سوچ رکندڙ آهي، اهڙي ريت ڊاڪٽر صاحب ان لڏي يا فڪر جي اديبن سان لاڳاپيل رهيو، جيڪي مذهبي لاڙن يا قدرن جي پذيرائي ڪندڙ هئا.



ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان لاڳاپيل ڪي يادون

پنهنجي زندگيءَ جي اثاثن جو حساب ڪتاب ڪبو ته گهڻيون نسبتون اهڙيون به نڪري اينديون، جن تي جيترو فخر ڪجي، اوترو گهٽ آهي. انهن نسبتن مان هڪ نسبت اها به آهي ته پاڻ ڪي پنهنجي دور جي تمام وڏن ڏاهن، فيلسوفن، دانشورن ۽ مدبرن جي ڄاڻو ۾ ويهڻ جو موقعو مليو. انهن مان مخدوم قبله طالب المولىٰ، جي.الانا، پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا نالا ذڪر لائق آهن.

حضرت قبله مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پير حسام الدين راشدي سان غائبانه عقيدت شاگردي واري زماني ۾ ٿي. مان ذهين جماعت ۾ پڙهندو هئس. غريب خاندان سان تعلق هو. ان ڪري نه ته هاسٽل ۾ ٿي رهي سگهيس ۽ نه وري مسواڙ تي جاءِ ٿي وٺي سگهياسين. قائم شاهه بخاريءَ جو مجاور سائين محمد عثمان ”احقر“ جمالي هوندو هو. منهنجو پاڻ ۽ مان سائس گڏ رهندا هئاسين. سائين ”احقر“ جمالي نه فقط هڪ روحاني شخصيت هو، بلڪ سٺو شاعر به هو. مون کي مشاعرن ۾ وٺي ويندو هو. استاد ۽ خير خواهه جي ناتي سان هن جي شاعري مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽر بلوچ ”لوڪ ادب اسڪيم“ تي ڪم ڪري رهيو هو. مون سائين ”احقر“ جماليءَ جي هڪ مثنوي لکي، ان جو مسودو سنڌي ادبي بورڊ جي ايڊريس تي ڊاڪٽر بلوچ ڏانهن ڏياري موڪليو. موٽ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي مون کي ورائي ڏني هئي. ڊاڪٽر بلوچ سان منهنجو ائين ان سڌيءَ طرح واسطو طالب العلميءَ واري زماني ۾ ٿيو.

جڏهن مون گهر ويٺي سنڌيءَ ۾ ايم.اي پئي ڪئي ته لوڪ ادب تي مون ڊاڪٽر صاحب جا ڪتاب پڙهيا. پير حسام الدين راشديءَ جي علمي خزاني مان لاڀ به مون انهيءَ زماني ۾ ورتو. تنهن زماني ۾ هن ”سنڌي ڪافي جي موجد“ تي هڪ تحقيقي مضمون لکيو هو ۽ جنهن ۾ راءِ قائم ڪئي هئائين ته لاڏجيو سنڌي جو پهريون ڪافي گوشاعر آهي. حضرت قبله مخدوم طالب المولىٰ کي به مون انهيءَ زماني ۾ پڙهيو. مون کي سندن ڪتاب ”ڪافيون“ جي ضرورت پئي. اهو ڪتاب لاڙڪاڻي ۾ نه پئي مليو، انڪري مون کين خط لکيو. منهنجي تعجب جي حد نه رهي، جڏهن پنهنجي دور جي وڏي شاعر ۽ روحاني رهبر، هڪ طالب العلم کي وقتائتي موٽ ڏني. مون سندن انهيءَ خط کي سالن جا سال سانڍي رکيو ۽ دوستن يارن کي ڏياري فخر مان چوندو هئس ته قبله طالب المولىٰ جهڙي وڏي ماڻهوءَ مون ڏانهن خط لکيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ سيلف ميڊ ماڻهو هو. تعليم ۾ ڊاڪٽريٽ ڪري آيو هو ۽ علامه آءِ.آءِ.قاضيءَ جهڙي ڏاهي ۽ انسان شناس فيلسوف ڊاڪٽر بلوچ کان پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن مطابق ڪم ورتو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايڊوڪيشن جي فيڪلٽي قائم ڪئي وئي. علامه آءِ.آءِ.قاضي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي سوچن ۽ لوچن جي عظمت انهيءَ ڳالهه مان ظاهر آهي ته هنن سنڌ ۾ تعليمي نظام کي درست ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ڄاتو ته استادن کي تربيت ڏني وڃي. ڇو ته اهي استاد ئي آهن، جيڪي انسان سازيءَ وارو عظيم ڪم سر انجام ڏين ٿا، ان ڪري اهڙي اهم ڪم کي خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيڻ لاءِ استادن جي تربيت کي اولين ترجيح ڏني وئي. هن شعبي سان لاڳاپيل هئڻ ڪري ڊاڪٽر بلوچ جو علمي حلقو روز بروز سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙبو رهيو. ڊاڪٽر بلوچ ائين سنڌ جي استاد برادريءَ جو سرواڻ

بچبو ويو. ٻئي طرف وري ادبي ميڙاڪن، خاص طور تي "جميعت الشعراء سنڌ" جي سالياني ڪانفرنسن ۾ مقالا پڙهي ۽ صدارتون ڪري، پنهنجي علمي ڌاڪ ماڻيائين، انهيءَ شهرت، منصب ۽ محنت ڊاڪٽر بلوچ کي "لوڪ ادب"، ۽ "لغت" واري اسڪيم ۾ وڏي مدد فراهم ڪئي. انهن اسڪيمن ڊاڪٽر بلوچ کي سنڌ جو ابن بطوطہ بڻائي ڇڏيو. اسان جي هن جاکوڙي انسان سنڌ جو چپو چپو ڏٺو، سگهڙن ۽ سپورنجن سان ڪچهريون ڪيون ۽ ڪيترن تاريخي واقعن جي جاگرافيائي تحقيق ڪئي. هن جيڪي ماڳ مڪان ڏٺا، سگهڙن ۽ سالڪن سان ڪچهري ڪئي، اهو سمورو رڪارڊ تہ منظر عام تي اچي نہ سگهيو، البت ان مان ڪجهه مواد "رهاڻ- هيرن ڪاڻ" جي نالي سان ڪن ڪتابن جي صورت ۾ شايع ٿيو. "رهاڻ- هيرن ڪاڻ" ڊاڪٽر بلوچ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي جاکوڙ جو ئي رڪارڊ ڪونهي، پر سنڌ جي ثقافتي، سماجي ۽ جاگرافيائي تاريخ جو خزانو آهي. مون جڏهن سندس "رهاڻ- هيرن ڪاڻ" جا ٻہ ڪتاب نظر مان ڪڍيا تہ وڏيڪ وقت وڃائڻ کان سواءِ انهن جي انڊيڪس ناهي، جيڪا "رهاڻ- هيرن ڪاڻ" جي ايندڙ جلد ۾ شايع ٿي. ڊاڪٽر بلوچ جڏهن اها انڊيڪس ڏٺي تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کان ترت پوءِ جڏهن گل حيات ۾ آيو تہ مون کي چيائين تہ: "تاريخي ۽ تحقيقي اهميت واري مواد گڏ ڪرڻ ۽ ريسرچ انسٽرومينٽ ناهڻ ۾ توکي وڏي مهارت آهي. تو منهنجي ٻن ٽن ڪتابن جي انڊيڪس ناهي، نوجوان محققن کي هڪ نئون موضوع ڏنو آهي." ڊاڪٽر بلوچ کي مون مخدوم محمد امين "فهيم" جي شاعريءَ جو ڇپيل ڪتاب ڪٿي ڏيکاريو. مون انهيءَ ڪتاب جي محترم مخدوم جميل الزمان "جميل" جي خواهش تي انڊيڪس ناهي هئي، جيڪا انهيءَ ڪتاب ۾ شامل آهي. اهو پهريون دفعو هو تہ شاعريءَ جي ڪتاب جي انڊيڪس ناهي وئي هجي. ڊاڪٽر بلوچ اهو ڪتاب ۽ ڪتاب ۾ شامل انڊيڪس ڏسي چيو: "ان ڪري تہ چيم نہ، تہ تون ريسرچ انسٽرومينٽ ناهڻ ۾ پڙ آهين، ڪٿي شاعريءَ جو ڪتاب ۽ ڪٿي ان جي انڊيڪس. اهو ڏانءُ تو وٽ ئي آهي."

ڊاڪٽر بلوچ سان منهنجون گهڻيون ڪچهريون نہ ٿيون ان جو سبب اهو آهي تہ مان ڪراچيءَ ۾ هئس تہ ڊاڪٽر بلوچ حيدرآباد ۾ مان سنڌالاجيءَ ۾ آيس تہ ڊاڪٽر صاحب اسلام آباد ۾ هو. ڊاڪٽر بلوچ جي پيٽ ۾ منهنجون مرحوم جي. الانا، مرحوم پير حسام الدين راشديءَ ۽ سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي ۽ قبلہ مخدوم طالب المولیٰ سان گهڻيون ڪچهريون ٿيون. مان ڪراچيءَ جي اسلاميہ ڪاليج ۾ استاد هئس ۽ قبلہ مخدوم طالب المولیٰ کان سواءِ ٻئي بزرگ ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. مرحوم جي. الانا سان منهنجون گهڻيون ڪچهريون ٿيون. انهن ئي ڪچهرين مان هڪ ڪچهريءَ ۾ مخدوم محترم جميل الزمان "جميل" سان ڏيٺ ٿي، جيڪا پوءِ منهنجي نيازمنديءَ واري تعلق ۾ بدلجي وئي. الله جنت نصيب ڪري پير سائين حسام الدين راشديءَ کي، هيءُ وڏو عالم مون سان مهنجي طارق روڊ واري مسواڙي جاء ۾ ملڻ ايندو هئو. سندس بہ اهو ۽ اهڙو رايو هوندو هئو، جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مون بابت قائم ڪيو هو. سائين پير حسام الدين راشدي ڪنهن ڪنهن ڪلنهي ڪلنهي فرمائيندو هو تہ: "اسان کي الهو ٻلهو ڪرڻ وارا شاگرد مليا، جي تون منهنجو شاگرد هجين ها تہ سنڌ جي تاريخ ۽ تحقيق جا نوان ٻاب ملنوس ڪرايون ها."

تاريخي اهميت واري مواد جي ميڙيءَ چونڊيءَ واري منهنجي سليقي ۽ طريقي جي نيڪ نامي ٿي تہ مخدوم حميد هارون مون کي سيٺ حاجي عبدالله هارون بابت مواد ۽ معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ڏنو ۽ ان ڪم لاءِ مون کي هڪ ڪلاڪ تي ٻہ سئو رپيا اجورو ڏيندو هو. انهيءَ ڪم مان مون جيڪي ڏوڪڙ ڪمايا، تنهن مان ڳوٺ ۾ گهر ٺهرايم. سيٺ حاجي عبدالله هارون تي مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيم تہ پوءِ

هڪ ڪاميٽي ناهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ۽ پير علي محمد راشديءَ کي انهيءَ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. سائين پير علي محمد راشدي جي ”حاجي عبدالله هارون ميموريل ڪاميٽي“ جي چيئرمين ٿيڻ کان اڳ ”سنڌ محمدن اسوسيئيشن بابت چند غلط فهميون“ جي عنوان سان منهنجو قسطن ۾ مضمون شايع ٿيو هو. انهيءَ مضمون ۾ مون سائين علي محمد راشديءَ تي سخت تنقيد ڪئي هئي. جو ته هن ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ ”سنڌ محمدن اسوسيئيشن“ بابت جيڪو احوال ڏنو هو، حقيقتون ۽ تاريخي واقعا ان جي تصديق نه پيا ڪن. ان ڪري سائين جڏهن ڪاميٽيءَ ۾ منهنجو نگران ٿي آيو ته اسان ٻنهي جا هڪٻئي سان تر سنوان نه رهيا. پوءِ به خدا ڪيس جنت نصيب ڪري، چوندو هو ته تحقيق ۽ تحقيقي مواد جي ميڙيءَ چونڊيءَ ۾ تنهنجو الڳ ۽ منفرد مقام آهي.

مان حاجي عبدالله هارون تي ڪم ڪري ئي رهيو هيس ته عزت مآب ڀيڻ مهتاب اڪبر راشدي سنڌالاجيءَ جي انتظامي اڳواڻ ٿي ۽ هوءَ مون کي سنڌالاجيءَ ۾ وٺي آئي. سنڌالاجي ۾ اچڻ سان مون کي وڏو نقصان اهو ٿيو ته هارون فيمليءَ جيڪو گينين جا توبرا مون لاءِ کوليا هئا، اهي ”قومي خدمت“ واريءَ خوش فهميءَ ۾ اتي ڪليل ئي ڇڏي آيس. جي سال کن اتي ڪم ڪريان ها ته هميشه لاءِ منهنجي مالي حالت سڌري وڃي ها.

سنڌالاجيءَ ۾ اچڻ سان مون کي وڏو فائدو اهو ٿيو ته آءٌ محترم مخدوم جميل الزمان ”جميل“ ۽ محترم سعيد الزمان ”عاطف“ جي مهربانيءَ سان قبله مخدوم طالب المولیٰ جي ويجهو اچي ويس. جتي مون کي رواداري، ماٺيپي، سليقي، علم دوستي ۽ بي نيازيءَ جو عملي روپ ڏسڻ جو موقعو مليو. هالا جي مخدومن جو پنهنجو منفرد ڪلچر آهي، انهيءَ تي لکڻ لاءِ ڪو الڳ موقعو ئي تلاش ڪري سگهجي ٿو. جو ته هتي اسان کي ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي سان ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي تعليم دانن ۽ محققن مان پهريون ماڻهو آهي، جنهن کي وقتي (نگران) وزير ٿيڻ جو موقعو مليو. هن پنهنجو اهو عهدو، پنهنجي نيڪ نامي، ايمانداري ۽ ماٺيپي ڪري ماڻيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا دوست خواهه دشمن اها ڳالهه مڃيندا ته هن انسان ۾ اجايو گهمنڊ ۽ اجائي آڪڙ جهڙي ڪابه شيءِ ڪانه هئي. هو پنهنجي قول ۽ فعل ۾ سچو به هو ته سٺو به هو. ڊاڪٽر بلوچ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو ته مان وڏي عقيدت ۽ اڪير سان ڪراچيءَ مان ڪهي ساڻس ملڻ آيس. مون کي انهن ڏهاڙن ۾ هند سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي فوٽن گڏ ڪرڻ جو خبط هوندو هو. مون انهن فوٽن جي مشتمل هڪ آلبم تيار ڪيو، جيڪو ڪيس تحفي طور پيش ڪيم. اڳ ۾ روبرو ملاقات ٿيل ڪانه هئي. ڪا ڄاڻ سڃاڻ ڪانه هئي، بس سندس عقيدت هئي، جيڪا مون کي وٽس ڇڪي آئي هئي.

انهيءَ کان پوءِ وري آءٌ نه ڊاڪٽر صاحب سان ويجهو رهيس ۽ نه وري علمي ۽ نظرياتي طور تي پري رهيس. حقيقت اها آهي ته هن کي نه ته ڪنهن مڃتا جي ضرورت هئي ۽ نه وري اجائي شهرت جي تانگهه. هن ڀلي انسان تي علمي ۽ قلمي حوالي سان جيڪي به تنقيدون ٿيون، ان جي موٽ نه ڏنائين.

ڊاڪٽر بلوچ جڏهن سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلريءَ مان فارغ ٿيا ته ڪن حلقن ۾ چوهول ٿيو ته انتظامي ڪم سنڀالڻ اديبن ۽ محققن جي وس جي ڳالهه ئي ڪانهي. پر حقيقت ائين ناهي. علم ڏٽي ۽ قلم ڏٽي آدرشي انسان ٿيندا آهن. هنن ۾ ابتر حالتن کي بهتر بنائڻ جو جذبو هوندو آهي. هو گند، ادارن جي سازشن، انتظامي منافقين ۽ اقربا پروري ۽ ٻين برائين جو حصو بڻجي نه سگهندا آهن. ان ڪري اوس ئي اختلافي رويا جنم وٺندا. جيڪڏهن ڪنهن دانشور ۽ محقق کي بااختيار ۽ آزاد حيثيت ۾ رکيو ۽ قبول ڪيو وڃي ته هو ادارن مان ڀينگ ڪڍي، انهن کي

صاحب! عالم ۽ علم کي اسان پنهنجو ٿي نہ ٿا ڪريون، الله معاف ڪري، ڪبيرو گناهہ پيا ڪريون.“ ڊاڪٽر بلوچ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ جيڪو پنهنجو ڪارنر قائم ٿيندي ڏٺو، ان لاءِ ڪتاب ۽ مواد ڏيڻ پنيان سندن اها ڏاهپ ۽ حڪمت هئي تہ سڄي ڄمار جي ميڙي چونڊي محفوظ هئڻ ۽ هنن جي حوالي ڪجي.

ڊاڪٽر بلوچ پاڻ ڪان جونيئر محققن ۽ ليکڪن جي عملي طور تي همت افزائي ڪندو هو. جڏهن ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڏٺو تہ گل حيات ۾ ”خُر تحريڪ“ تي چڱو خاصو ۽ منفرد مواد موجود آهي تہ ڊاڪٽر عمر چنڊ جو نہ فقط انهيءَ ڏانهن توجهہ ڇڪرايائين، پر هن کي اهڙي مواد وٺي ڏيڻ جو باعث پڻ بڻيو.

هن چوڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو وڌاءُ ڪونهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اسان جي دور جي عالمن جو آفتاب هو. هن جي اها ۽ اهڙي حيثيت فقط سنڌ تائين محدود نہ هئي، پر هو سڄي ملڪ ۾ اهڙي حيثيت رکڻ وارو عالم هو ۽ هو بين الاقوامي سطح جو محقق هو. هن پنهنجو وارو وڄايو، دل تي علم ۽ قلم جي خدمت ڪئي ۽ اها خدمت وري ايتري ڪئي جو هن جي ثانيءَ ۽ مٽ ٿيڻ ۾ اسان کي وڏو عرصو لڳندو.

مان موبائيل فون ذريعي سنڌي بيت لکڻ جو پڻ ادائي سالن کان تجربو ڪندو پيو اچان. روزانو نئون بيت لکندو آهيان ۽ هند سنڌ جي ڪن قلمڪارن ۽ يارن دوستن ڏي ڏياري موڪليندو آهيان. اسر جو معمول مطابق بسترو ڇڏيم. اجا بيت لکڻ جو وقت بہ نہ آيو تہ تاج جويي ۽ نياز پنهور جو پيغام پهتو تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وفات ڪري ويو. اها ڏکوئيندڙ خبر پڙهندي ئي بي ساختہ زبان تي اچي ويو تہ:

علم ادب تحقيق جو، هو خانئي خان،
اهو بلوچ مرد مهمان، ويو گذاري اسر جو.

مون 6- اپريل 2011ع تي صبح جي سلام بدران انهيءَ بيت سان سنڌ ۽ هند جي عالمن، اديبن ۽ دوستن سان تعزيت ڪئي.

ڊاڪٽر بلوچ هاڻي اسان ۾ نہ آهي، پر هن مثالي محقق کي مثالي نموني سان خراج عقيدت پيش ڪرڻ واري ذميواري اسان تي عائد ٿئي ٿي. پر اهو ڪم ادارا ڪري سگهن ٿا، يا محقق، اسان کي اهو ڪم وندي ورهائي ڪٽڻ گهرجي.

اهو ڊاڪٽر بلوچ جي نسبتن ۽ محبتن جو اثر آهي جو اختيار علي نالي هڪ دوست منهنجي نگرانيءَ ۾ ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون لوڪ ادب لاءِ سر انجام ڏنل خدمتون“ جي موضوع تي پي ايڇ ڊي جي تياري ڪري رهيو آهي. اهو مون لاءِ اعزاز جي برابر هوندو تہ ڊاڪٽر بلوچ جي علمي، قلمي ۽ تحقيقي خدمتن تي جڏهن ڪم ٿيندو تہ ان ۾ منهنجو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح حصو ضرور هوندو.

مون ”رهاڻ- هيرن ڪاڻ“ جي ڪن جلدن جي انڊيڪس ناهي، هاڻي ڪنهن دوست کي اهو ڪم پورو ڪرڻ گهرجي. مرحومن جي نالي پنيان ”ڪارنر“ ناهڻ يا ”چيئر“ قائم ڪرڻ واري روايت هاڻي انهيءَ ڪري غير مفيد ٿيندي پئي وڃي تہ اسان ادارا تہ ناهيون ٿا ۽ ”چيئرس“ تہ قائم ڪريون ٿا، پر انهن کي فعال بڻائي نہ ٿا سگهون. ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو پنهنجي محبت ۽ محنت جي زور تي گهڻو ڪم ڪري ويندا آهن. ڊاڪٽر بلوچ ڪيترائي ناميارا ڊاڪٽر ۽ قلم ڌڻي پيدا ڪيا. هاڻي انهن کي اڳتي وڌي هن پلي انسان جي چڱاين ۽ خدمتن کي منظم نموني سان تحقيق جي بنياد تي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ گهرجي.

۽ ان ئي بنياد تي اسان ”روح رهاڻ“ جي نالي سان ڪسوٽي ٽائيپ جو پروگرام شروع ڪيو، ڇاڪاڻ ته خود ممتاز صاحب تي به ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي اها علمي ادبي ۽ ثقافتي رمز رلمل هئي.

برامن يا دستاويزي پروگرامن جي سلسلي ۾ جيڪي اسڪرپٽ ايندا هئا ته انهن ۾ ڪجهه اهڙا لفظ به شامل هوندا هئا، جن جي تصديق لاءِ اسان ڊاڪٽر صاحب جي لغت کان مدد وٺندا هئاسين پر اسان اٽڪل 1976ع ڌاري جڏهن ”سڳنڌ“ پروگرام شروع ڪيو ته ان ۾ هڪڙو سيگمينٽ ”لفظ ٻڌايو، ڄاڻ وڌايو“ جي عنوان سان به رکيو هو. اتفاق سان ان سلسلي ۾ ڪوڙ اهڙا لفظ سامهون آيا، جيڪي ڊاڪٽر صاحب جي لغت ۾ شامل نه هئا، ان صورت ڪي سامهون رکي اسان جي هڪ پروڊيوسر دوست فدا حسين بلوچ (امر جليل جي مشهور ڪردار ڦودني) انهن لفظن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، ايتري قدر جو هن، هينئر هڪ لاجواب قسم جي ڊڪشنري ترتيب ڏئي ورتي آهي. فدا حسين کي اسان گهڻا ڀيرا اهو به مشورو ڏنو هو ته اهو مسودو ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي به ڏيکاري پر هو همٿ ساري نه سگهيو، مان سمجهان ٿو ته هن وقت وٽس اهو مسودو موجود آهي، جيڪو ڪنهن اداري پاران شايع ٿيڻ جي انتظار ۾ آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ متعلق ٿيل تحقيق به اهم آهي، جنهن جي اهميت کان ڪوبه انڪار ڪري نه ٿو سگهي پر ان ڪتاب ۾ سنڌي موسيقيءَ جي بڻ بنياد ۽ ڪجهه راڳن جي ڄاڻ جي سلسلي ۾ تنقيد جو باب کليو هو پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان پاسي ڌيان نه ڏنو هو يا ڌيڻ پسند نه ڪيو هو اصل ۾ ان ڪتاب ۾ راڳن ۽ تاريخ بابت ڪجهه قدر ڪميون ڪوتاهيون رهجي ويون آهن. جن تي في الوقت بحث ڪرڻ مناسب نه آهي. ساڳيءَ ريت تازو سنڌس سفارش سان سنڌي ادبي بورڊ پاران شاعر رمضان واڍي جو ڇپايل (مارچ 2006ع) ڪتاب ”علم موسيقي“ جيڪو خود بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ته:

”افسوس جو سنڌ ۾ سنڌي موسيقيءَ جي انفراديت ۽ اهميت کي سمجهڻ وارا ڪي ٿورا وڃي رهيا آهن. سنڌي موسيقيءَ بابت رمضان جي ڪيل تحقيق ۽ تخليق به سندس ڪتابن ۾ بند رهجي وئي. هن وقت انهيءَ اعليٰ ڄاڻ وارا موسيقار موجود ناهن جيڪي سندس اختراعن جي نوعيتن ۽ نزاڪتن کي سمجهي سگهن! بهرحال، سندس گن مان باقي جيڪي بچيو آهي، تنهن جو شايع ٿيڻ غنيمت آهي.“

ان حوالي سان پهرين ته هيءُ ڪتاب هڪ هزار تعداد بجاءِ پنج سؤ ڇپجڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ ته هي ڪتاب رڳو مصنف جي ڪتاب محفوظ ڪرڻ واري حيثيت تائين محدود آهي، جنهن جو اعتراف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به ڪيو آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تصحيح جي باوجود موسيقيءَ يا خود ڪلاسيڪي سنڌي يا هندي موسيقيءَ جي ڄاڻ ۾ اضافي بجاءِ مونجهارا پيدا ڪندڙ آهي. البت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مقدمو سندس روايت جو علمبردار ضرور آهي.

پر انهن ڪمين ڪوتاهين جي باوجود ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا ڪيترائي ڪتاب انتهائي انمول آهن جن مان سنڌ جي ناميارن شاعرن متعلق، مير عبدالحسين سانگي، ميين شاهه عنات، خليفي نبي بخش فقير، نواب ولي محمد خان لغاري يا شاهه شريف ڀاڏائيءَ جي ڪلامن تي مشتمل ديوان ۽ ڪليات سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب جا شاهڪار آهن، جن جا مقدما نه رڳو تحقيق جو بيمثال نمونو آهن پر انهن مقدمن جي ٽپن (Synopsis) جو به جواب ناهي. لاشڪ اهي هر نئين تحقيق نگار لاءِ رهبري ڪندڙ آهن، خود مون انهن ڪتابن جي مقدمن کي نظر ۾ رکي ”ڪليات مسرور“ جو مقدمو (اٽڪل ٻه سؤ صفحا) لکيو آهي، جنهن جو جس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي انهن مقدمن ڏانهن ٿو وڃي، جو منهنجي ڪيترن همعصر ۽ سينيئر اديبن به منهنجي انهن مقدمن جي تعريف ڪندي ائين ضرور چيو آهي ته بيدل توکي ته پي ايڇ ڊي ڪرڻ کپندي هئي.

جا آخري پروف ڏٺا ۽ اُن ۾ مناسب واڌارا ۽ دُرستيون ڪيون. محمد ابراهيم جويي لاءِ، ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي ته: ”جنهن جي گهريءَ نظر کان سواءِ، شايد هيءَ لغت (جلد پهريون) ايترو صحيح نه ڇپجي سگهي ها“. لغت جي پهرئين جلد ۾ عربي لفظن جي اشتقاقن ۾ مخدوم امير احمد جهڙي عالم ۽ سنسڪرت جي اشتقاقن ۾ تاراچند گاجرا (بمبئيءَ) ۽ سن جي رهاڪوءَ گنگارام سمراٽ (جيڪو بعد ۾ سهجپور بوگا، احمدآباد، انڊيا ۾ وڃي رهيو)، ڊاڪٽر صاحب جي ڪافي مدد ڪئي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ’جامع سنڌي لغات‘ جو اهڙو ته جامع ۽ بهتر سِٽاءُ ڪيو آهي، جيڪو اڳتي هلي لغت نويسن لاءِ هڪ رهنما اصول بڻجي ويو. ڊاڪٽر صاحب هن لغت جي سِٽاءَ وقت هيٺين ڳالهين کي آڏو رکيو:

(1) ’الف- ب‘ جي تختيءَ جي نئين سٽاءَ موجب ’الف کان ي‘ تائين لفظن کي ترتيب ڏني وئي.

(2) بنيادي لفظن کي (*) نشانيءَ سان پهرين رکيو ويو ۽ اُن مان نهيل بين لفظن ۽ اصطلاحن کي (-) نشانيءَ سان ترتيب وار بعد ۾ رکيو ويو.

(3) ’الف‘ اکر هيٺ پهريائين مَدَ، پوءِ زبَر، زيرِ ۽ پيشُ وارن لفظن جي ترتيب کي رکيو ويو. ساڳي اعرابي ترتيب ٻين اکرن جي به رکي وئي.

(4) هر لفظ جي صحيح اُچارن کي اعرابن وسيلي نروار ڪيو ويو ۽ اُن سان گڏ سنڌ جي مختلف ڀاڱن جي اُچارن ۽ لب لهجي کي به بيان ڪيو ويو.

(5) اسمن جي حالتن ۾ هر لفظ کي واحد توڙي جمع ۽ مذڪر توڙي مؤنث جي صورت ۾ لکيو ويو.

(6) لغت ۾ مختلف علائقن سان لاڳاپيل لفظن جي نشاندهي ڪئي وئي.

(7) لفظن جي صورتخطيءَ ۽ سُڃاڻپ کان پوءِ تشريحي نشاني (:) رکي وئي، جنهن کان پوءِ لفظ جي سڃاڻپ شروع ٿئي ٿي. لفظ جي سمجهاڻيءَ کي (الف) نحوي صورت، (ب) اشتقاق جي صورت، ۽ (ت) معنيٰ جي صورت ۾ سمجهايو ويو.

(8) هڪ لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون، نحوي حالتن جي مٿان سٽا مطابق رکيون ويون.

(9) هر معنيٰ لفظ ۽ لفظن جون ڌار ڌار معنائون ڏنيون ويون.

(10) هر نراليءَ ۽ انوکي لفظ يا اصطلاح جي تصديق لاءِ شاهديءَ طور چونڊيون، شعر ۽ پهاڪا ڏنا ويا.

(11) ٻين ٻولين جي مروج لفظن جا اشتقاق، اصل زبانن موجب ڏنا ويا.

’جامع سنڌي لغات‘ سچ پچ ته سنڌي لغت نويسيءَ جي فن ۽ تاريخ ۾ هڪ سونهري ۽ يادگار ڪارنامو آهي، ۽ هيءَ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين لغت آهي، جنهن ۾ تمام وڏو لفظي ۽ اصطلاحي ذخيرو شامل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جو هيءُ عظيم پورهيو، جنهن ۾ سنڌ جي سوين اُستادن، ڪارڪنن ۽ عالمن ظرفان هٿ ڪيل سنڌي لفظن جي ميڙ چونڊ شامل آهي، جڏهن تڪميل جي مرحلن مان گذري، ڇپائيءَ واري مرحلي ۾ پهتو ته نام نهاد زڪاوتن ۽ رقابتن جو هڪڙو سلسلو شروع ٿي ويو. نتيجي طور لغات جي پهرين جلد جي اشاعت کي به سال لڳي ويا. 1957ع ۾ لغت جي ڇپائي شروع ٿي هئي ۽ پهريون جلد، پورن ڇهن سالن کان پوءِ 1960ع ۾ وڃي ڇپيو؛ ان وچ ۾ لغت جي هن جلد ۾ 20 کان 25 سيڪڙو لفظن جو واڌارو پڻ ڪرڻو پيو.

لغت جي بنيادي مسودي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ۽ ڇپائيءَ کان اڳ اُن کي علمي بنيادن تي ايڊٽ ڪرڻ ۽ اُن ۾ واڌارن سڌارن ڪرڻ جي ضرورت هئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پهرئين جلد کي علمي بنياد تي نه رُڳو نئين سر ايڊٽ ڪيو، پر سنڌي عالمن: عمربن محمد دائود پوٽي ۽ مخدوم امير احمد اُن کي نظر مان ڪڍيو، اُن جي اشتقاقن جي تصحيح ڪئي. ٻوليءَ جي گرامر ۽ ايڊيٽنگ جي فن موجب اُن جا پروف ڏنا ويا، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محمد ابراهيم جويي اُن کي پنهنجيءَ نگرانيءَ ۾ شايع ڪرايو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ’جامع سنڌي لغات‘ جي پنجين جُلد جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي ته ٻئي جلد جي ايڊيٽنگ سان گڏ اُجا 142 صفحا تصحيح ۽ تحقيق سان

اتي جا پروفيسر 'بيلاڪ' اچارڻ لڳا ۽ ڊاڪٽر بلوچ کي مسٽر 'بيلاڪ' ڪري سڏڻ لڳا.

ڊاڪٽر بلوچ مدرسه هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ تائين تعليم پرائي. مدرسه هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ جي تعليم ڊاڪٽر ڊاڪٽر صاحب جي دل ۾ علم جي اڃ وڌائي ڇڏي. جستجو ۽ ذوق جي جذبي جي اهڙي ٻاهه ٻاري ڇڏي جو چاچي ۽ ٻين مائٽن جي سهاري بنا علم جي راهه تي سنڌرو ٻڌي ڪاهي پيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته نوشهري مدرسي ۾ ميٽرڪ جي تعليم 'پڙهڻ' سان اهڙو عشق ۽ چسڪو لڳائي ڇڏيو جو مون چيو ته: "ضرور پڙهان." آءٌ ميٽرڪ ۾ مسلمان شاگردن ۾ ٻيو نمبر آيس. مون کي 20 رپيا اسڪالر شپ ملي، انهن 20 رپين جي آڌار تي ڊي.جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي(31)."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سندس چاچي نوشهري مدرسي ۾ داخل ڪري ميٽرڪ تائين پنهنجي ذميداريءَ سان پڙهايو. ان کان پوءِ جيڪا تعليم ڊاڪٽر صاحب حاصل ڪئي، سا پنهنجي شوق ۽ جذبي تحت حاصل ڪئي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته منهنجي والد وفات وقت وصيت ڪئي ته: "منهنجي پٽ کي پڙهائجو." منهنجو چاچو پرسان وينو هو، تنهن چيو ته منهنجي ڀاءُ وصيت ڪئي آهي ته توکي پڙهائيندس. پوءِ هُن پنهنجو فرض پورو ڪيو، مون کي ميٽرڪ تائين پڙهايائين. پوءِ چيائين: "بابا مون پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. ادي جي ڳالهه هئي سا مون پوري ڪئي آهي، هاڻي هن کان پوءِ پڙهين نه پڙهين تنهنجي مرضي. پڙهندين ته پنهنجي خرچ سان وڃي پڙهه جيئن وڻئي وڃي ڪر، آءٌ ڏئي ڏوڻي ڪونه آهيان." پر نوشهري مدرسه هاءِ اسڪول ۾ داخلا ۽ اتي ميٽرڪ جي تعليم جي تڪميل ڊاڪٽر صاحب کي جهڙوڪ تعليم جي شاهراهه سان لڳائي ڇڏيو هو. جنهن کان پوءِ پاڻ تعليم جا باقي مرحلا پار ڪرڻ جي قابل ٿي ويا. لکن ٿا:

"چاچي مرحوم مون کي تعليم جي شاهراهه تي آڻي ڇڏيو. پوءِ آءٌ پاڻ پنهنجي ذوق ۽ ذهانت، همت ۽ حوصلي سان اها شاهراهه وٺي هليس. جنهن مون کي نوشهري مدرسي مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد جهونا ڳڙهه، علي ڳڙهه ۽ بالآخر آمريڪا پهچايو(32)."

## حوالا


1. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: "ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو" لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، 1998ع، ص: 6
2. حوالو ساڳيو، ص: 66
3. حوالو ساڳيو، ص: 47
4. حوالو ساڳيو، ص: 48
5. حوالو ساڳيو، ص:9
6. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "اسان جو ڳوٺ جعفر خان لغاري"، ص: 49
7. حوالو ساڳيو، ص: 49
8. حوالو ساڳيو، ص: 31
9. ڏسو حوالو-7، ص:7
10. ڏسو حوالو-6، ص:31
11. حوالو ساڳيو، ص: 45
12. حوالو ساڳيو، ص: 51
13. ڏسو حوالو-1، ص: 7
14. ڏسو حوالو ساڳيو، ص 52
15. حوالو ساڳيو، ص: 53
16. حوالو ساڳيو، ص: 54_57
17. چنڊ، محمد ۽ پروفيسر: "سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي پکيڙ ۾ بمبئي يونيورسٽي جو ڪردار." سنڌالاجيڪل اسٽڊيز جلد 22، نمبر 1-22 2006ع
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "My Alma Mater" ڪنٽينري سووينيئر گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز.
19. ڏسو حوالو-17
20. ڏسو حوالو-18
21. انٽرويو- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تاريخ: 13 آڪٽوبر 2010ع هنڌ: مسلم ڪوآپريٽو سوسائٽي قاسم آباد
22. ڏسو حوالو-21
23. حوالو ساڳيو.
24. حوالو ساڳيو
25. حوالو ساڳيو.
26. حوالو ساڳيو
27. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان: "پياري سڄڻ قاضي فيض محمد جي ياد ۾" 'سنڌي پنجون ڪتاب'، جنوري 1985ع، سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد ص: 278
28. ڏسو حوالو-21
29. حوالو ساڳيو
30. ڏسو حوالو-6، ص:59
31. ڏسو حوالو-21
32. ڏسو حوالو-6، ص: 58

رهيون، جنهن جي مطابق ميوزيم جي عمارت ۽ ڪوٽائي جو ڪم هلندو رهيو. ان وقت هڪ جنريٽر به محڪمه طرفان منصوره لاءِ مليل هو، ان ڪري جو اُتي لائيٽ جو سسٽم نه هو. ڪوٽائيءَ جو ڪم مارچ، اپريل، مئي ۽ آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر جي مهينن ۾ ٿيندو هو. وقفي وقفي سان ڪوٽائيءَ مان مليل سامان تي ڪم ٿيندو رهيو. يعني جيڪا شيءِ ڪوٽائيءَ مان ملندي هئي ته، اُن کي ڏسبو هو ته اِها ڪهڙي دور سان لاڳاپيل آهي. تنهن کان پوءِ اُن جي ماپ ٿيندي هئي ۽ اُن جو هڪ اسڪيچ تيار ڪيو ويندو هو. ڪوٽائيءَ مان مليل ڀڳل ٽڪر جي ٽڪرن کي پڻ جوڙيو ويندو هو ۽ پوءِ اُن مان جيڪا شيءِ تيار ٿيندي هئي، ته ان تي به ساڳي طرح ڪم ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ هر مهيني ڪوٽائي مان مليل سامان، رپورٽ سميت ڪراچي ۾ ايڪسپلوريشن برانچ ۾ موڪليو ويندو هو. جتي اڄ به اُهو سامان ۽ اُن جو رڪارڊ موجود آهي.

اِهو ڪم جو سلسلو هلندو رهيو. 06 سيپٽمبر 1973ع تي اسان جو نئون ڊئريڪٽر جناب علي محمد لُنڊخور مقرر ٿي آيو ۽ 07 تاريخ تي ڊاڪٽر صاحب طرفان هڪ گڏجاڻي رکيل هئي، جنهن ۾ ڊئريڪٽر صاحب کي گهرايو ويو هو. ان سلسلي ۾ علي محمد صاحب هيڊڪلارڪ کان پڇيو ته، هيءُ فائل ڪير ڊيل ڪندو آهي؟ جنهن تي هُن مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، ميرزا صاحب (راقم الحروف) آهي، جنهن کي پڻ ان ڪم سان گهڻي دلچسپي آهي. علي محمد صاحب مون کي چيو، ته پوءِ ميٽنگ ۾ پاڻ گڏ هلون ٿا.

ميٽنگ لوڪ ادب واري آفيس ۾ رکيل هئي. اسين اُتي پهتاسين ته، مرحوم عبدالله ورياهه، شيخ محمد اسماعيل ۽ بدين وارو سومار شيخ موجود هئا. دعا سلام ٿي ۽ ڊاڪٽر صاحب آيو ته، ميوزيم جي باري ۾ تفصيل سان ذڪر ٿيو. مرحوم عبدالله ورياهه کي به ميوزيم قائم ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هو ۽ وٽن ڪيترائي قيمتي نوادرات موجود هئا. جيڪي هُو بنا ڪنهن معاوضي جي ميوزيم کي ڏيڻ لاءِ تيار هو. ڊاڪٽر صاحب کيس چيو ته توهان وٽ جيڪي نوادرات آهن، اُهي ڏيو ته جلد ميوزيم ۾ رکي افتتاح ڪرايون. علي محمد صاحب چيو ته عمارت جو ڪم شروع آهي ۽ جلد مڪمل ٿي ويندو. ڊاڪٽر صاحب ميٽنگ ۾ اهو به حڪم ڪيو هو ته ڪوٽائي مان مليل سامان ڪراچيءَ مان گهرائي ميوزيم ۾ جلد رکيو وڃي.

انهيءَ دوران پاڻ حيدرآباد ۾ واقع ميوزيم پڻ کولڻ لاءِ حڪم ڪيو. جيڪو بروقت ڪم شروع ٿيڻ ڪري ميوزيم کُلي ويو ۽ ان ۾ ٽالپرن سان لاڳاپيل نوادرات رکي ميوزيم جو افتتاح ڪرائي عام ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ صبح کان شام تائين کوليو ويو. اهڙي طرح پاڻ آمري ميوزيم لاءِ به ڪوشش ڪري اتي ميوزيم قائم ڪرايو ۽ ڀنڀور ۽ عمرڪوٽ جي ميوزيم لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون، جي بارآور ٿيون.

ڊاڪٽر صاحب جي محنتن ۽ ڪوششن سان ميوزيم جي عمارت ته تيار ٿي وئي، پر بدقسمتي سان جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر صاحب کي اسلام آباد موڪليو ويو. اِها ٻي ڳالهه آهي ته، سندن پوسٽنگ اسان واري منسٽري آف ڪلچر حڪومت پاڪستان ۾ ٿي ۽ پاڻ اُنهي جوش جذبي سان ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪوشان رهيو. پر هِتي ڪم جي اُها پوزيشن نه رهي هئي، جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي هوندي هئي. رهندو جڏهن علي محمد صاحب جي بدلي ٿي ته، ڪم مورڳو ئي جهڙو بند ٿي ويو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي ثقافت جو قدردان ۽ پارکو هو. جنهن سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ ان سلسلي ۾ واسطيدار عملي کي پڻ ڪم کي پايهءِ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. پر افسوس جو منصوره ميوزيم لاءِ ڊاڪٽر صاحب

سواءِ الفاظ جهڙوڪ: ٻ، ٽ، ڻ، مڪ، نٽ، ڪڪڙ، مڪڙ، گدڙ- شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو ته عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا." (بلوچ، 36:1999)

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ساڳيو حوالو ڄاڻائيندي لکي ٿو ته: "ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ جو ذڪر ڪندي سراج لکيو آهي ته 'هيءُ صاحب انهن لفظن کي انگريزيءَ ۾ لکي ڏسي ها ته ڪيس خبر پئجي وڃي ها ته انهن لفظن ۾ ٽن حروفن صحيح کان سواءِ اوترائي حروف علت ٻ موجود آهن.'" (ٻگهيو، 50:1998)

ڊاڪٽر ٻگهئي صاحب جي راءِ ۾ هڪ ڳالهه اها واضح ٿي ته لسانيات جي علم ۾ 'ڳالهايل ٻولي' ۽ 'لکت' ٻه الڳ الڳ اسم آهن. صاحب موصوف اهو خيال رکندي پنهنجي لکڻيءَ ۾ احتياط کان ڪم وٺندي ٻنهي لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جيئن:

"آراميڪ (Aramaic)، عبراني (Hebrew) ۽ عربي وغيره، جن ۾ حرف علت/سر (Vowel) اعرابن ذريعي جڏهن مرضي پوي ته ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ٻئي طرف ڪيترين هندستاني لپين ۾ حرف علت/ سُر اعرابن يا نشانين ذريعي ظاهر ڪيا وڃن ٿا، جيڪي لڳائڻ نهايت ضروري آهن. هي نشانيون حرف صحيح/وينجن سان لاڳاپيل سمجهيون وڃن ٿيون." (ٻگهيو، 50:1998)

ڊاڪٽر الانا صاحب بنيادي طور صوتيات جو ماهر آهي، جنهن سبب 'آواز' لاءِ 'حرف' لفظ جي استعمال تي تنقيدي نظر رکندي آوازن جي قسمن بابت ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌي صوتيات جو جائزو وٺندي Consonant' کي حرف صحيح جي بدران 'وينجن' ۽ 'Vowel' کي حرف علت جي بدران 'سر' سڏيو ويو آهي. اهي ڏنل نالا تشريحي لسانيات جي وصفن موجب درست آهن. سنڌي ٻوليءَ جا 'سُر' جن کي سنڌ جي بزرگ تعليمي ماهرن 'حروف علت' سڏيو آهي، انهن جي باري ۾ جدا جدا ماهرن جدا جدا وصفون بيان ڪيون آهن ۽ نتيجا ڪڍيا آهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو: 'اسان جي هاڻوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته جيئن اڳ تيئن الفاظ حروف صحيح سان ٺهيل هئا، يعني منجهن حروف علت بلڪل ڪم (گهٽ) هئا، يا مورڳو نه هئا'. ڊاڪٽر صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو ته: 'عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا'. ڊاڪٽر صاحب جي هن پوئين راءِ مان واضح ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ سرن کان سواءِ ئي ٺهندا هئا، يعني وينجن پاڻ ۾ ملي لفظ يا پد ناهيندا هئا... اهي وصفون هن علمي ۽ سائنسي دؤر ۾ قبول ڪرڻ جهڙيون نه آهن، پر لسانيات جي ماهرن بلوم فيلڊ ۽ ٻين 'سر' جي جيڪا وصف مقرر ڪئي آهي سا هن ريت آهي:

'سُر هڪ ڳرو آواز آهي جنهن جي اُچارڻ مهل هوا نڙيءَ مان لنگهي مٿي اچي، وات واري ڪوپي مان روان لهر (Continuous stream) جي صورت ۾ لنگهندي آهي. وات واري ڪوپي مان لنگهڻ وقت ان (هوا) کي ڪٿي به نه ڪا رڪاوٽ ٿيندي آهي، ۽ نه وري مخرج وٽ ڪنهن گهٽ يا سوڙهه ڪري، ڪو گهڪو ٿئي. جنهن آواز جي اُچارڻ ۾ اهي سڀ خصوصيتون موجود هجن، تنهن کي سُر (Vowel) چئبو آهي'.

هن وصف مان اهو واضح ٿئي ٿو ته سر (Vowel) جي اچارڻ لاءِ مخرج وٽ نه ڪٿي ڪا رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي، ۽ نه وري ان کي ساڪن صورت ۾ اچاري سگهجي ٿو، يعني ته سر ساڪن اچاري نه ٿو سگهجي، پر هميشه متحرڪ هوندو آهي. هن وصف جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'الف و ۽ ي' سُر نه آهن، پر سنڌي صوتياتي نظام موجب سر ڏهه آهن، اهي آهن: "اَ آ اِ اِي اُ أي اي ايَ او اوَ." (الانا، 2005: 216-218)

ڪنهن ٻه عالم 'الف، واؤ ۽ يي' کي سُر ڪونه ڪوٺيو آهي، ليڪن عام طور تي انهن اکرن کي

مذڪوره لفظن کي 'آخري پيش' جي زمري ۾ آڻيو.

### 1.2.3.1.3 واحد- جمع جو هڪ مثال:

واحد- جمع جي صورتخطيءَ ۾ ڪي اختلاف سامهون نہ ٿا اچن، البتہ آخري چوڻن سُرن جي حذف ڪرڻ جي عادت حيدرآبادي لهجي ۾ نوٽ ڪئي وئي آهي.

### 1.2.3.1.4 اسم جي حالتن (فاعلي- مفعوليءَ) جو هڪ مثال:

حيدرآبادي/ لاڙي لهجي ۾، چوڻن سُرن جي لحاظ کان، اهم هنڌن تي پيش کي زبر ۾ تبديل ڪرڻ واري عادت بہ نوٽ ڪئي وئي آهي، (جيئن: لکندُس-لکندَس) جن جي نحوي بناوت ۾ ڪافي اهميت آهي. هت صرف اسم جي حالت کي تبديل ڪرڻ وارو هڪ مثال پيش آهي:

"مَنڌ پيئندي مُون، ساجنَ سهي سُڃاتو."

ڄاڻايل لطيف سرڪار جي وائيءَ جي هڪ سٽ آهي، جيڪا 'ساجنَ' (نون تي زبر سان) هڪ محفل ۾ شفيع فقير پئي ڳاتي، ڪلام بعد مون هن کي فاعلي ۽ مفعولي صورت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: "اهو 'ساجنَ' زبر سان نہ ٿيندو، بلڪ پيش سان 'ساجنُ' ٿيندو. 'ساجنَ سهي سڃاتو' مان مراد آهي: 'ساجنَ مون کي سهي سڃاتو' جڏهن تہ 'ساجنُ سهي سڃاتو' مان مراد: 'مون ساجن کي سهي سڃاتو' ٿيندي" محسوس ڪيو ويو تہ هو اهڙي ڳالهہ/ وضاحت کي هضم ئي نہ ٿي ڪري سگهيو، نيٺ آخر ۾ هڪ بي- تڪو جواب ڏئي ڇڏيائين.

### 1.2.3.1.5 ماقبل آخر وينجن تي چوڻي سُر جي اهميت

#### 1.2.3.1.5.1 مذڪر- مؤنث ۾ ماقبل آخري (Second last) سُر آواز

##### 1.2.3.1.5.1.1 جنسي مذڪر- مؤنث ۾ ماقبل آخري وينجن تي سُر

اڪثر ٻولين ۾ ماقبل آخري (Second last) اکر جي سُر آواز کي وياڪرڻ ۾ اهميت ڏني ويندي آهي؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ماقبل آخري (Second last) سُر آواز کي ڪنهن حد تي اهميت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو ان حوالي سان ڪو خاطرخواه ڪم سامهون نہ ٿو اچي، ان جي سببن ۾ وچولي لهجي کي نظرانداز ڪرڻ ۽ لاڙي لهجي جي اثر هيٺ هوندر حيدرآبادي لهجي کي ٻوليءَ جو معياري لهجي جو شرف حاصل هجڻ آهي.

هيٺ مختصر ٻن جملن جي ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

- مان خط لکندُس/ مان پڙهي سگهندُس. (مذڪر صورت ۾)
- مان خط لکندَس/ مان پڙهي سگهندَس. (مؤنث صورت ۾)

حيدرآباد جي ڪافي مذڪر ماڻهن واتان مؤنث صورت ۾ ماقبل آخري سُرُ 'زبر' سان ٻڌو ويو آهي، جن جو حيدرآباد جي اصلي رهاڪن ڪان اڄ سوڌو سڌري نہ سگهيو آهي.

ماقبل آخريءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: "مون کي پنجاهہ ڪن سالن جي عمر جا اهڙا سنڌي مرد نظر آيا آهن، جيڪي عام ميڙن ۾ تقرير ڪندي، پنهنجي جنس مؤنث جي فعلن جو استعمال پيا ڪندا آهن؛ جيئن تہ: مان ويندَس (مان ويندُس)، مان ڪندَس (مان ڪندُس). انبُ ڪاڌم (انب ڪاڌِم)، پاڻي پيتَم (پاڻي پيتُم)" (تاج، سيپٽمبر 2009: 30)

ڊاڪٽر جيٽلي ساڳئي مسئلي لاءِ لکيو آهي: "اسمن، فعلن ۽ حرف جر سان ضميري پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت آهي. انهن جو واهپو هاڻي ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ مان گهڻو گهٽ ٿي ويو آهي. ڪن حالتن ۾ تہ اِن جو غلط استعمال پڻ ڪيو پيو وڃي. خاص طور 'سندو' سان ضميري پڇاڙيءَ جو غلط استعمال مون کي وڏن وڏن ليکڪن جي رچنائن ۾ بہ نظر آيو آهي. ان جي پوري ڄاڻ اڄڪلهہ سنڌي پاڙهيندڙ ماسترن کي بہ نہ رهي آهي. ڪجهہ مثال ڏسو:

سندَس پٽ آيو آهي. (درست آهي- سندُس پٽ آيو آهي).

### 1.2.3.2. سنڌي ٻوليءَ ۾ نون ڱُهڻي جي صورتخطيءَ وارو مونجهارو:

رسم الخط جي سڌاري ۽ واڌاري تي درست رُخ ۾ ڪم نہ ڪرڻ سبب سنڌي صورتخطيءَ ۾ نون ڱُهڻي جا مونجهارا برقرار آهن. ڊاڪٽر الانا صاحب جي درست راءِ آهي تہ نون ڱُهڻي تي جزم جو استعمال بيجا آهي، ڇاڪاڻ تہ جزم جي استعمال سان 'نون ڱُهڻي' جي حيثيت 'نون وينجن ساڪن' ٿي وڃي ٿي. ڊاڪٽر الانا صاحب جي اها بہ راءِ آهي تہ اردو صورتخطيءَ ۾ ان جو مسئلو طئي ٿيل آهي. (الانا، 1967: 85)

حالانڪ اردو ۾ پڻ وچ ۾ ايندڙ 'نون گهنو'، 'جنگ' جهڙن لفظن ۾ ساڳيو مسئلو ڪڙو ڪري ٿو؛ ڪن پراڻن اردو جي ڪتابن ۾ 'نون ڱُهڻي' مٿان ننڍڙو هلال (اُبتي جزم) ڏنو ويو آهي، جيڪو درست عمل هو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نون ڱُهڻي جي استعمال بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مطالعو نرالو آهي، جيڪو اوائلي سنڌي صورتخطيءَ مان اخذ ڪيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي ڄاڻائڻ موجب: سنڌ جي عالمن 'نون ڱُهڻي' کي واضح ڪرڻ لاءِ 'ن' کان پوءِ يا ان جي جاءِ تي 'م' بہ ڪم آندو. لفظن جي آخر ۾ 'ه' ۽ 'ء' کان پوءِ 'ن' واري ڱُهڻي اُچار کي 'م' جي آواز ذريعي نروار ڪيو ويو، جيئن:

جڏهم = جڏهن. ماٻهم = ماٻهين.

ڪڏهم = ڪڏهن. سائينم = سائين. (بلوچ، 1999: 443)

اهو سبب آهي جو پراڻين لکتن موجب شاهہ لطيف جي هيءَ سٽ 'سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار' بہ 'سائينم' سان لکيل ملي ٿي. جنهن کي پوءِ ڇاپي ۾ بہ ڪم آندو ويو، پر عام طور تي ان جي لکڻ جا سبب ڪافي عالمن کي معلوم ناهن. ڪي ان 'م' کي ضميري پڇاڙي تصور ڪيون وينا آهن، ڪي تہ ماٻهين اڳين جي غلطي سمجهي ڪٽيون وينا آهن؛ پر حقيقت ۾ عربيءَ موجب اها 'ڱُهڻي' جي نشاني آهي، جيڪا اڳلا ڪاتب عربي صورتخطيءَ جي تقليد ۾ استعمال ڪندا هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پراڻي صورتخطيءَ جا جيڪي مثال جنهن نوعيت سان ڏنا آهن تن مان اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ پراڻن عالمن/ ڪاتبن ان مسئلي کي ضرور مسئلو ڄاتي 'نون ڱُهڻي' کي واضح ڪرڻ لاءِ سڌوسنئون 'نون' جو اکر ڪم آڻڻ کان پرهيز ڪئي هوندي، ڇاڪاڻ تہ اهي ان مسئلي کي چڱيان ڄاڻن پيا تہ 'نون' جو سڌوسنئون اکر اظهاري نون لاءِ ئي ڪم آڻبو آهي! جنهن سبب 'ڱُهڻو ميم' يا نون سان گڏ 'ڱُهڻي ميم' جو اضافو ڪم آڻيندا هئا. واضح رهي تہ عربي صورتخطيءَ موجب 'نون ۽ ميم' ڱُهڻاپ وارا اکر ڄاتا ويندا آهن.

مٿين مثالن مان اهو معلوم ٿيو تہ اڳوڻا عالم/ ڪاتب ان مسئلي کان چڱيان خبردار هئا ۽ سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان وٽن حل بہ هو؛ ليڪن موجوده حالتن ۾ اهو انداز يا نمونو اختيار ڪرڻ هڪ تہ پڪي گهڙي ۾ ڪنا وجهڻ مثل ٿي پوندو، ٻيو تہ: وري ڪنهن ٻئي مونجهاري کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان اهڙا اشارا محققن لاءِ هڪ وڏو ميدان مهيا ڪن ٿا، ليڪن ڏنو اهو ويو آهي تہ صوتياتي حوالي سان ان جو ڪم تہ بيشڪ درست رخ ۾ ٿيو آهي ليڪن رسم الخط کان وٺي صورتخطيءَ تائين ان مسئلي تي ڪم ٿي نہ سگهيو آهي. راقم اهڙن نُڪتن جو باضابطہ اڀياس ڪرڻ ۽ ان جي حل تائين رسڻ ۾ مصروف آهي.

#### 1.2.3.2.1. نون ڱهڻي جو حصن/ پٽين ۾ شمار وارو معاملو:

عام طور اهو بحث عام آهي تہ قطاري عددن ۾ جڏهن 'پهريون' لفظ ڪم آندو وڃي ٿو تہ ان صورت ۾ 'ٻيو' لفظ جي صورت بجاءِ 'ٻيون' صورت هجڻ کپي! مذڪوره قطاري عددن بابت ڪافي عالمن پنهنجا ويچار ونديا آهن؛ جيئن: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون... وغيره.

- الانا، غلام علي، خواجه (2010ع)، سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960ع، 1981ع، 1985ع)، جامع سنڌي لغات (جلد 1 کان 3) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1992ع)، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1999ع)، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر حيدرآباد
- جتوئي، علي نواز، پروفيسر (1996ع) علم لسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو
- جروار، خان محمد، (مرتب) *(2007ع) سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون، جلد II،* سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- جوکيو، انور، مرتب *(اونهارو 1983ع) سنڌ،* سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد.
- جويو، تاج، *ايڊيٽر (سيپٽمبر 2009ع)، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل،* سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- جويو، تاج، *ايڊيٽر (مارچ 2009ع)، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل،* سنڌي لئگنويج اٿارٽي حيدرآباد
- جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999ع)، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه دهلي.
- جڙيا سنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر (2009ع) سائل ڪوش، ڇاپو ٻيون، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد
- سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر (1991ع)، سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد
- فهميده حسين، ڊاڪٽر (2004ع)، سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي
- فهميده حسين، ڊاڪٽر، *ايڊيٽر (سيپٽمبر 2000ع) سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل،* شاهه لطيف چيئر، ڪراچي، يونيورسٽي
- فهميده حسين، ڊاڪٽر، *ايڊيٽر (مارچ 2000ع) ڪلاچي، تحقيقي جرنل،* شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي
- فہمیدہ حسین، ڈاکٹر (2011ع) آیئے سندھی سیکھیں۔ سندھی لنگویج اتھارٹی حیدرآباد۔
- قاضي، آزاد، مرتب (2003ع) ورڇي نه ويني، جي.ايم.سيد فائونڊيشن ڪراچي
- گرامي، غلام محمد، (ايڊيٽر) (2-1972ع) ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
- مرزا، قليچ بيگ (2006ع) سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
- هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (مرتب) *(1997ع) سون برابر سگڙا،* سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
- پگهيو، قاسم، ڊاڪٽر (1998ع)، سنڌي ٻولي (لسانيات کان سماجي لسانيات تائين) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
- ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر (1985ع)، شاهه جو رسالو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه.
- Bulchand, Dulamal (2003) — A manual of Sindhi- Sindhi Language Authority Hyderabad

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري



# ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقي ڪم جو هڪ گوشو

سنڌ جي ڀلاري ڀُونءِ، ڪيترن نامور عالمن، اڪابرن، سچن سرويچن ۽ مٿير مڙسن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي علم، حلم، سوچ، لوچ، ذات ۽ ذات سان هن ڌرتي واسين سان گڏ سموري جڳ کي پڻ فائدو رسايو آهي.

هن دنيا ۾ اچڻ لاءِ قدرت هر انسان ۾ ڪونہ ڪو مقصد رکيو آهي، پوءِ ڪي اورچ انسان انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا، تہ ڪي منزل جي تلاش ۾ ئي ڏين ٿا، تہ ڪي وري راهہ رمندي گس گسي وڃن ٿا ۽ اهڙي اوڙاهہ ۾ ڪرن ٿا جتي سنڌن سوچ، عمل توڙي وجود انسان ذات لاءِ هڪ عذاب بنجي پوي ٿو. ان ڪري اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن خاص طرح شاهہ سائين ”پاڻ سڃاڻڻ“ تي وڌ ۾ وڌ زور ڏنو آهي. چاڪاڻ تہ انسان جو وجود ئي مقصد رکي ٿو. ڪيس بي پار ڳولهڻ جو ڪو جواز نہ آهي. اسان جي وجود ۾ ئي سڀ ڪجهہ موجود آهي، ضرورت صرف سچائي سان ڳولڻ ۽ من ۾ ليئو پائي پرکڻ جي آهي تہ اسان جا عمل، اسان جي سوچ ڪنهن آدمي کي ايذائي تہ نہ ٿي. ان سوچ ۽ عمل مان ٻين کي ڪيترو ۽ ڪهڙو فائدو ٿو رسي؟

اهڙا اورچ انسان، جن پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي، مقصد کي ڳولي لڌو ۽ پنهنجي زندگي جو پَلُ پَلُ سجايو ڪيو، انهن آدرشي ۽ مڃاوارن مهندارن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو سمورن کان مٿانهون آهي[1].

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تعارف ڪيئن ڪرائجي ۽ ڪهڙن لفظن سان ڪرائجي؟ اهو تمام مشڪل ڪم آهي. اسان جو هيءُ بزرگ، علم التعليم، ادبيات، لسانيات، علم اللغات، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، آثار شناسي، لطيف شناسي، لوڪ ادب ۽ سنڌ شناسيءَ تي وڏي دسترس رکندڙ، بين الاقوامي دانشور هجڻ جي حيثيت رکندڙ سنڌ جو اهو فرزند آهي، جنهن تي سنڌ وارا جيترو فخر ڪن، اهو ٿورو آهي.

ڊاڪٽر صاحب هڪ گهڻ پهلو ۽ ٻهڳڻو دانشور آهي. اهو پهلو چاهي علم التعليم جو هجي يا ادبيات جو. اهو پهلو چاهي علم اللسان جو هجي يا علم اللغات جو. اهو پهلو چاهي سنڌ جي آثار شناسيءَ جي باري ۾ هجي يا سنڌ جي ثقافت جي باري ۾. اهو پهلو سنڌ شناسيءَ متعلق هجي يا لطيف شناسيءَ متعلق. اهو پهلو اساسي ادبيات بابت هجي يا لوڪ ادب جي باري ۾ هجي. ڊاڪٽر صاحب انهن سڀني علمن ۾ وڏي ڄاڻ رکندڙ آهي. جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ ٻڌياد جي باري ۾ ڪو تحقيقي ڪم ڪبو تہ ان سلسلي ۾ اسان جو هيءُ عالم هڪ رهبر مثل، ٻورائو بنجي اڳيان هلي رهبري ڪندي محسوس ڪجي ٿو. اگر سنڌي لغات جي باري ۾ قلم کڻبو تہ اسان جو هيءُ بزرگ عالم علم اللغات جي جديد فن جي ماهر جي حيثيت ۾ رهبري ڪندو نظر اچي ٿو. جيڪڏهن سنڌ شناسيءَ جي باري ۾ ڪنهن رُتا تي تحقيق ڪبي تہ هيءُ عالم هڪ سونهين جي حيثيت ۾ اسان کي گسُ ڏيکاريندو[2].

سنڌ جو شايد ڪو اهڙو ماڳ مڪان هجي جتي ڊاڪٽر بلوچ نہ ويو هجي، سنڌ جي هن بطوط کي جتي بہ ڪا اهڙي خبر ملي آهي تہ فلاڻي جاءِ تي هڪ سنو سگهڙ رهي ٿو، ڊاڪٽر صاحب اُتي ڪَهي ويو آهي، جيڪڏهن ڪيس ٻڌايو وڃي تہ فلاڻي ماڳ تي ڪنهن وقت سُني دميني درسگاهہ هئي، اُتي سنا عالم هئا، تہ انهي ماڳ تي وڃي اُتي جي ماڻهن کان معلومات حاصل ڪري اُتي جي مڪمل تاريخ ۽ معلومات لکي پڙهندڙن ۽ تحقيق ڪندڙن جي اڳيان پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪي جيتري سنڌ

ٽن ڪتابن جا مقدما نهايت تحقيقي ۽ جامع لکيا آهن:
(1) خزانة المعرفت ملفوظات حضرت پير سيد صبغة الله شاهه اول
(2) ڪلامِ اصغر (سنڌي شاعري) حضرت پير سيد علي گوهر شاهه (اول)
(3) ديوانِ مسڪين، فارسي، از حضرت پير سيد حزب الله شاهه "مسڪين"

خليفو عبدالحئي جوڻيجو ميموريل ڪميٽي عمرڪوٽ جي طرفان 2010ع ۾ شايع ٿيل "عبدي جو رسالو" جنهن جي ترتيب ۽ تحقيق لياقت جوڻيجي صاحب ڪئي آهي، پر هن ڪتاب جو به مقدمو ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي. هيءَ مقدمو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي وفات کان صرف هڪ سال ۽ چند ڏينهن اڳ ۾ لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اها عمر لکڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي نه هئي، ليڪن علم و ادب جي هن شيدائي قلم ۽ ڪتاب سان توڙ نڀايو.

اهڙي ريت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زندگي جي بلڪل آخري ايامن ۾ غيرسرڪاري اداري يعني خر هسٽاريڪل سوسائٽي سانگهڙ سنڌ طرفان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لکيل مهاڳ سان جيڪو ڪتاب شايع ٿيو آهي اهو "خليفي غلام نبي جو ڪلام" آهي. الغرض ته بلوچ صاحب تقريباً اڌ صدي سنڌ جي عالمن، شاعرن ۽ سگهڙن تي ايڏي ته محنت ۽ جانفشاني سان ڪم ڪيو آهي، جو اڪثر و بيشتر عالمن ۽ شاعرن جي جمڻ ۽ وفات جون تاريخون به ڪيس ازبر ٿي ويون هيون.

2009ع ڌاري آءٌ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي خدمت ۾ "ديوانِ سعيد" تي "به اکر" لکرائڻ لاءِ حاضر ٿيس، بلوچ صاحب مختصر گفتگو ڪندي چيو ته ادا حافظ صاحب! تو هيءَ وڏو ڪم ڪيو آهي، حضرت خواجه محمد سعيد ته فارسي جو قادرالڪلام شاعر هو، اهو چئي پوءِ "ديوانِ سعيد" جي اصل بوڪ (مسودي) تي هن ريت لکيائين:

"خواجه صاحب کي فارسي زبان تي پوري دسترس هئي، پاڻ قطع تاريخ چوڻ جا وڏا ماهر هئا، پاڻ ڪيترن ئي بزرگن ۽ عارفن جي وصال تي قطع تاريخ چيا اٿن. خاص طور تي پنهنجي والد بزرگ حضرت خواجه محمد حسن رحمة الله عليه جي وصال تي مختلف ترڪيبن سان قطع تاريخ چيا اٿن ۽ مشهور درويش ۽ پلاري خواجه عبدالرحمن سرهندي جي وفات جو فارسيءَ ۾ قطعو پڻ لکيائين ۽ ايڏي قابليت سان لکيائين جو هر سٽ مان ابجد جي حساب موجب خواجه عبدالرحمن جو سال وفات (1335هه) توڙي سال ولادت (1244هه) نڪرن ٿا[15]." اسان جي سنڌ سگهوري يقيناً ڪيترن ئي املهه انسانن کي جنم ڏنو ۽ پنهنجي پيار پري جهوليءَ ۾ پاليو، پر ڊاڪٽر بلوچ جهڙو عظيم اديب ۽ محقق نه سنڌ اڳتي ڏنو نه پوءِ.

واڪا ڪندي ووءِ، صديون تولڻ سنڌڙي.

حضرت "مسڪين" رحمة الله عليه جي چوٽي ته بلبل اڏامي ويئي هاڻي مسڪين آهون ۽ دانهون ڪندو رهي ٿو.

گل زگلشن رفت و بلبل مُرد گمشد باغبان
مي ڪند آه و فغان "مسڪين" برائے عندليب[16].

## حوالاءِ وادارا


(1) ماهوار نئين زندگي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نمبر، ص 71
(2) ايضاً " " ص 7
(3) ايضاً " " ص 20
(4) مصلح المفتاح " ص 1
(5) ايضاً " " ص 10-11
(6) ايضاً " " ص 10
(7) ايضاً " " ص 23 کان 29
(8) ايضاً " " ص 30
(9) ايضاً " " ايضاً در حاشيہ
(10) ايضاً " " ص 31
(11) ايضاً " " ص 32-33
(12) سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء، ص 125-127
(13) مصلح المفتاح، ص 35-36
(14) ايضاً " " ص 37-42
(15) ديوانِ سعيد، ص ٧
(16) ديوانِ مسڪين، ص 90

• استاد مير حسن سهتو سائنس ۽ حرفت ۾ وڏي شعور وارو
• حاجي سراج الدين سومرو پٽن تي گاڏيون چاڙهيندڙ ۽ ٿر جا رستا کوليندڙ
• سونهن ۽ سرهاڻ جو سرواڻ رئيس علي نواز اثڙ
• ظرافت ۽ مزاح
• سنڌ جي ضب
• سنڌ جو شاهي قلعو- رني ڪوٽ
• سنڌ جا نسب ناما ۽ قبيلا
• بدين ۽ نورائي جي جيلاني پيرن جو شجرو
• سنڌ جو مهڪاٽي مري ڪٽنب جو شجرو
• ٿر جو نهڙيا قبيلو
• ٿر جا وسائي پوٽا (چانڊيا)
• ٿر جا سوڍا
• سنڌ جا سجاڻ- هنرمند ڪڙم قبيلا
• ڪڇهري ناڙو

هن جلد ۾ 'تبديل ۽ ترقيءَ جا اڳواڻ' جي عنوان سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ جي انهن قابل ۽ عالي دماغ انسانن کي متعارف ڪرايو آهي، جن سائنس ۽ حرفت ۾ نمايان ڪم ڪيو ۽ گاڏين جي مشينري سسٽم ۾ اصلاح ڪري ان ۾ انقلابي تبديليون آنديون. ڊاڪٽر صاحب سڀ کان پهرين استاد مير حسن سهتي جو ذڪر ڪيو آهي.

**استاد مير حسن سهتو:**

مير محمد پٽ حاجي محمد پريل سهتو وندير، پاڙو ستاباڻي سٽو پوٽا، ڳوٺ جان محمد وندير (راڻي پور کان 3 ميل اوپر طرف) 3 مارچ 1940ع ۾ ڄائو. ساڻس پهرين تاريخ آڪٽوبر 1986ع تي ملاقات ٿي. ان وقت راڻي پور شهر ۾ اليڪٽرانڪس جو دڪان هوس. منهنجي ميزبان مهربان درازن جي سيد ضياء الدين شاهه ساڻس ملايو هو. ٻه درجا انگريزيءَ جا پڙهيو. پوءِ ڪيس مشين ڪلن وغيره جي جوڙجڪ ۽ عمل جو شوق ٿيو ۽ هو ان طرف مائل ٿيو. سندس زباني معلوم ٿيو ته هيٺيان ڪم ڪيائين:

• ستن اٺن سالن جي عمر ۾ گراموفون جي ڦيري ذريعي وڄڻو نصب ڪيائين، جيڪو ڦري پيو ۽ واء پيو هٽي.

• ٻارڙو هو. جو سندس پيءُ واچ جو ڪو 'اسڪرو' ٿي کوليو. جو چيائين ته بابا اڳ ۾ هيءُ اِسڪرو کول. پڻس حيران ٿي واچ ڊبلي ۾ بند ڪري رکي ۽ چيئينس ته تون وڏو ٿجانءِ ۽ ٺاهجانءِ. پوءِ 12-13 سالن جي عمر ۾ انهي واچ لاءِ بليڊ مان 'گراري' ٺاهيائين ۽ واچ درست ڪيائين.

• انهي ساڳي عمر ۾ جنريٽر مان خامي ڪڍي درست ڪيائين، پوءِ واٽر ڪورس تي پاڻي جو 'Fall' ٺاهي Hydraulic Power تي هلائي پنهنجي ڳوٺ جي ڇهن ستن گهرن کي هلڪن بلبن جي روشني پهچايائين. جنريٽر ۾ ڪاٺ جا پاڳا هئا، جيڪي پُسڻ سببان سال کان پوءِ ضايع ٿيا.

• گنبٽ اسٽيشن تي 'گنبٽ مل' جي پرسان ريڊيو رپيئر جو دڪان شروع ڪيائين، حالانڪ اهو هنر ڪنهن کان به ڪونه سکيو هئائين. پنهنجو ريڊيو ورتو هئائين، جنهن کي کولي سڄي ڳالهه سمجهيائين. ان کان پوءِ پورهئي کي لڳي ويو. شادي ڪيائين ٻار ٿيا. ضرورت وڌي ته ٻئي طرف توجهه ڪيائين.

• ٻه سال ڪراچي ۾ وڃي ٻئي ڪنهن سنگتي (گنبٽ جو) سان گڏ ويهي نوان ريڊيا ٺاهڻ شروع ڪيائين، روزانو ويهه کن ريڊيا ٺاهڻ لڳو. پر وڌيڪ ڪمائي خاطر توجه ڪري 'ميوزڪ هارن' ٺاهيائين. ان ۾ هڪ پرزو خاص پنهنجو رکيائين، جنهنڪري ڪوبه ڪاپي نه پيو ڪري سگهي پر پوءِ جڏهن اهو پرزو عام ڪيائون ته ٻين به ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ هارن جي قيمت 80 رپين کان اچي 35 رپين تي بيٺي.

• پوءِ سوچيائين ته ڪاپي شيءِ ٺاهيان. 1979ع ۾ 'خودڪار واش بيسن' (Automatic wash Basin) ٺاهيائين: جڏهن ڪو هٿ ڌوئڻ لاءِ آڏو اچي ته پاڻي وهي: صابڻ ڪڇجي ته ايتري وقفي (ٻن سيڪنڊن) لاءِ به پيو هلي ۽ پوءِ بند ٿئي. 'هارن' مان جيڪو پيسو ڪمايائين سو Wash Basin جي Disc ٺاهڻ تي خرچ ڪري ڇڏيائين. هاڻي وڌيڪ پيسو نه هجيس جو گينڊن وغيره جو ڍانچو ٺهرائي دادا پائي وارن وٽ ويو.

سندن انگريز مئنيجر کي ڳالهه پسند آئي. ٻيءَ ملاقات ۾ کيس چيائون ته: اهو پرزو هڪ هفتي لاءِ ڏي ته اسان ڏسون ۽ مطمئن ٿيون. پوءِ تنهنجو حصو

چوٿين گيئر ۾ اهو نہ لڳندو هو ۽ گاڏيءَ جا صرف پويان چار ڦيٿا ڦرندا هئا، جنهن سان گاڏي کي وزن سميت مٽي پٽن تي چاڙهي نہ سگهبو هو. شروع شروع ۾ حاجي صاحب 6x6 گيئر کي جدا ڪيو ۽ ان ۾ اها تبديلي آندي، جو ان کي هر گيئر سان گڏ هٽي سگهجي. ان لاءِ ڊرائيور سان گڏ هڪ ٻيو ماڻهو وهاريائون، جيڪو ليور ڇڪي، ضرورت وقت گيئر هٽي ۽ ڪڍي پر ڪنهن وقت 'رش' جي ڪري يا ٻي خيليءَ جي ڪري اهو گيئر وقت تي هٽي نہ سگهندو هو ۽ گاڏي ڦاسي پوندي هئي. انهي مسئلي کي ائين حل ڪيو ويو جو 'ليور' جي جاءِ تي انجڻ جي طاقت مان 'ايئرپريشر سسٽم' سان 6x6 گيئر جو ڪنٽرول ڊرائيور کي ڏنو ويو. جيڪو ضرورت وقت 'بٽڻ' دٻائڻ سان گيئر هٽي سگهي، اهو سسٽم اڄا تائين ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي.

### گاڏيءَ ۾ گهٽي بار کڻڻ جي گنجائش:

ڪمپني جي گاڏي اوائي ٽن وزن کڻڻ لاءِ ناهيل هئي. ٿر جي وڏن فاصلن تي وڌيڪ وزن وارا بار پهچائڻ لاءِ حاجي صاحب گاڏي کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي سوچيو تہ جيئن وڌيڪ بار کڻي. ان لاءِ هيٺيون تبديليون آنديون ويون: (1) چيسز/ چيچز جي گاڏڙن کي اندارن ٻاهران لوهہ جون ٿلهيون پٽيون هڻي، ان جي مضبوطيءَ کي وڌايو ويو. (2) ڪمپنيءَ کان آيل گاڏين ۾ هرهڪ پاسي فقط ڏهہ ڪمانيون لڳل هيون. حاجي صاحب جن اهي هر پاسي وڌائي ٻارهہ ڪيون. تعداد وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪمانين جي ٿولهہ کي بہ وڌايو ويو. انهن کان سواءِ بہ ٻيون ننڍيون ننڍيون تبديليون ڪري گاڏيءَ ۾ وزن کڻڻ جي صلاحيت ٻارهن ٽن تائين وڌائي ويئي.

• پيٽرول تي هلندڙ ملٽري جون رد ڪيل گاڏيون راولپنڊيءَ ۾ گو لڙهہ واري ڊيپو مان خريد ڪرڻ لاءِ حاجي صاحب 1986ع ۾ راولپنڊي آيو تہ اتي مهرباني ڪري مون سان مليو، ٻڌايائين تہ ملٽري واريون پراڻيون گاڏيون سهوليت سان اسان کي وڪڻي ڏيڻ بدران وڏي ٽڪرا ٽڪرا ڪري 'ٽيڪسيلا' ۾ اسٽيل مل کي ڏين ٿا، جنهن مان قومي نقصان ٿئي ٿو. هن صدر ضياء الحق سان ملڻ تي گهريو ۽ اتان ڪيس G.H.Q ۾ 'ڪوارٽر ماسٽر جنرل' لاءِ چيائون. حاجي صاحب سائنس مليو ۽ اها ڳالهہ سمجهايائين تہ پيٽرول واريون پراڻيون گاڏيون ڊيزل تي آڻي ضروري تبديل ڪري ٿر ۾ ڪاميابيءَ سان هلائي سگهجن ٿيون. شاهديءَ طور پنهنجي ڪمپني جي ڪامياب تجربي جي ڳالهہ ڪيائين. ملٽري وارن جانچ ڪري تصديق ڪئي ۽ ان کان پوءِ پراڻين گاڏين کي وڏي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ واري پاليسي تبديل ٿي. غور طلب ڳالهہ اها آهي تہ ٿر جي ننڍڙي ڳوٺ جو حاجي سراج الدين وڏي حوصلي سان 'ڪوارٽر ماسٽر جنرل' سان وڃي مليو ۽ ڪيس قومي بچت جي ڳالهہ سمجهايائين.

• پوءِ ملٽري وارن حاجي صاحب جي ڏسيل طريقي موجب پاڻ گاڏي ناهي ۽ ان جو نالو 'شهزور' رکيائون. ان گاڏي جي هلائڻ لاءِ افتتاح ٿيو ۽ حاجي صاحب کي سڏيائون. حاجي صاحب پنهنجي ناهيل گاڏيءَ ۾ اتي پهتو. وڏو ميجر صاحب ۽ ملٽري وارا بہ آيا. جڳهہ مقرر ڪيائون ۽ شهزور کي ملٽري وارن جي پنهنجي ڊرائيور هلايو ۽ اها پٽ تي چڙهي تہ ڦاسي پيئي. حاجي صاحب چيو تہ اوهان جي ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ نٿي اچي. پوءِ پنهنجو ڊرائيور وهاريائين تہ گاڏي پٽ تي چڙهي ويئي. تڏهن قبول ڪيائون تہ گاڏي ۾ نقص ڪونهي، پر ڊرائيور کي تجربي جي ضرورت آهي. ٻئي ڀيري 'شهزور' ۾ ملٽري جو تجربيڪار ڊرائيور وهاريائون ۽ حاجي صاحب پاڻ پنهنجي گاڏي هلائي. مقرر ٿيل منزل تي وري بہ حاجي صاحب جي گاڏي ئي منٽ اڳ پهتي.

• ٿر ۾ گاڏين کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ لاءِ حاجي صاحب پڪن رستن ناهڻ تي سوچيو. اهو تڏهن، جڏهن 1994ع ۾ ڪيس عمرڪوٽ کان ڪانٽي تائين رستي ناهڻ جو ٺيڪو مليو. ان کان اڳ نئين ڪوٽ کان مٺي تائين، هڪ قسم جو پڪو رستو، واريءَ سان پندرهن سيڪڙو ڏامر ملائي ناهيو ويو هو پر اهو رستو هيٺان هيٺ مٽي واري سطح سببان هيٺ مٽي هو ۽ جڻ تڏي وانگر وڇايل هو. حاجي صاحب پهريائين رستي جي هيٺان زمين واري سطح کي سنئون سڌو

محفوظ ڪيا آهن."

هي اٺون جلد هيٺين عنوانن تي مشتمل آهي:

- تاريخ
- سنڌ جي تاريخي آثارن جي حفاظت
- سورهيه صبغت الله شاهه پاڳاري شهيد جي انگريز سامراج سان جنگ
- روزاني ڪم ڪي ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ لاءِ سورهيه صبغت الله شاهه جو ڪيل تاڪيد
- مانائتيون مايون
- رسالي جي رهاڻ
- 1857ع ۾ انگريز گورنر جنرل جو فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ پترنامو
- غلام محمد خان پرڳڙي ۽ سنڌ محمدن ائسوسي ايشين
- دڙي جا بخاري سادات
- هالا ڪنڊي جا پٺي بزرگ
- وياسي وينجهار
- ظرافت ۽ خوش طبعي
- سنڌ جو مشهور مال: مينهون
- عوامي فيلسوف- خميسو ميتلو
- سنڌ ۾ ڍنڍن جي ولين ۽ ٻوڙن جو ڏٺ
- ڪلام ميان محمد علي پناهڻ
- پيئڻ بلا يا پيئڻ نانگ
- فقير غلام محمد ٽالپر ۽ فولاد فقير
- سنڌ جا نسب ناما ۽ قبيلا
- ڪرناٽي سمَا
- درس راڄپار
- جتوئي
- شر برادري
- ڪارڪ
- پيا
- ڪوڙ
- نوتيار
- منڌرا
- لنجا
- سنڌ جي ساٿياري ملڪ ڪڇ جي ڪچهري

ڊاڪٽر بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو مستند متن ڏهن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جنهن ۾ شاهه جي اصلي ڪلام کي تحقيق جي اعليٰ معيار مطابق نکيري نروار ڪيو ويو آهي ۽ ٻيو ڪلام، جيڪو رسالي جي مختلف سرن ۾ شامل ٿي ويو هو، ان جي ٻه علمي پرک ڪري، ثبوتن ۽ ثابتين سان ڇنڊڇاڻ ڪري اصل حقيقت کي آشڪار ڪيو ويو آهي. هن جلد ۾ رسالي جي رهاڻ کي سڀ کان پهرين ڪنجي ٿو.

## رسالي جي رهاڻ

'شاهه جي رسالي' جو پڪي صحيح پڙهڻي (مستند متن) جنهن کي تيار ڪندي راقم کي ٽيهن سالن کان وڌيڪ وقت لڳو، تنهن جو پهريون بنيادي مقصد اهو هو ته رسالي جي بيتن کي ۽ واين کي زير زبر سان صحيح پڙهجي. وڏي محنت بعد اهو مقصد پورو ٿيو ۽ اڄ 'شاهه جو رسالو' پڪي صحيح پڙهڻي (مستند متن) سان اسان وٽ موجود آهي.

'رسالي جي رهاڻ' جو موضوع رهاڻ جلد 3 کان شروع ڪيو ويو. ان لاءِ ته شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل اعليٰ فڪر ۽ عرفان واري معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ انهن لفظن ۽ اصطلاحن تي وڌيڪ غور ڪجي، جيڪي شاهه صاحب پنهنجن بيتن ۽ واين ۾ آندا آهن. رهاڻ 3 ۾ هيٺين بيتن جي وضاحت ڪئي ويئي:

**تتر جو سوڻ:**

تتر ٿئي ۾ تن کي ڏونگر ۾ ڏاٿو

**مالهاري جو سوڻ:**

سڄي هٿ ساٿين جي مَر ونءِ مالاري،
لمو، لمي، لس ۽ چن جا مفهوم،
لمون ڏوري لس، ستي سَنگهر پٺيين.

**لفظ ڏارو ۽ ڏاري:**

ڏينهان ڏاريءَ ويس، راتيان روئي رت ڦڙا

رهاڻ جلد 5 ۾ (صفحا 72-74) لفظ نوءِ جي معنيٰ سمجهايل آهي ۽ هيٺئين بيت جي ٻي سٽ ۾ انواع بدران انوا (نوءِ جو جمع) کي وڌيڪ صحيح سمجهڻ جو دليل ڏنل آهي

حبيب تون ضبيب تون درد جي دوا،

جانب منهنجي جيء ۾ آزار جا انوا،
صاحب ڏئين شفا، ميان مريضن کي.

انواع به پڙهي سگهجي ٿو. جيئن راقم رسالي جي مستند ايڊيشن (سر يمن داستان-1) ۾ لکيو آهي. پر قافي توڙي معنيٰ جي لحاظ سان 'نوء' جي جمع وارو لفظ 'انوا' وڌيڪ صحيح ٿو سمجهجي. ڇاڪاڻ جو اهو سورن جي لهڻ چڙهڻ ۽ سورن سهڻ واري ماحول ۽ آزارن جي اڀرندڙ ڪيفيت کي وڌيڪ نزاڪت سان ظاهر ڪري ٿو.

هيٺ ڪن بين بيتن ۾ آيل لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي:

**پهي(جمع) پهيون:**

پهي جي هڪ معنيٰ آهي واٽهڙو، پانڌي يا قاصد. سر آبري جو بيت آهي ته:

هوت تنهنجي هنجهه ۾، پڇين ڪوهه پهي،
وفي انفسڪم افلا تبصرون سوچي ڪر صحي
ڪذهن ڪاڻ وهي، ڪا هوت ڳولڻ هٿ تي

(سر آبري، مستند متن 5-3 بيت 3)

ڪڇ جي جتن فقيرن سان رسالي جي رهاڻ ڪندي معلوم ٿيو ته پڻ، پهه ۽ پهي. انهن ٽنهي جي معني لپ آهي ۽ پهه پري پيئڻ معنيٰ لپ پري پيئڻ. سر مارئي جو بيت آهي ته:

اندر ٿو اُڄ مري، ساهه انين جي سڪ،
پيان شال پهيون ڪري، ٿئان ڏيئي ٽِڪ،
وَڙ پريان سين پڪ، ٻئا پاڻ پربائي گهوريا!

پهيون جي معنيٰ جيڪا مستند متن جلد 7، صفحي 329 تي ڏني ويئي آهي، سا صحيح آهي. پر هن بيت ۾ لپ پري پيئڻ واري معنيٰ به لڳي سگهي ٿي. ٽِڪ معنيٰ ڳيت، پڪ معنيٰ پريل ٿانوَ مان ڪريل ڪير جو ڦڙو ۽ 'پاڻ' معنيٰ وڏو شاهي ونو.

**آڙيڪا:**

آڙيڪا جون ٽي معنائون- وَرَ، ٽيڪون، اڙيون معلوم آهن. سُر حسيني جو بيت آهي ته:

ڇڏيم حج هلڻ جي، چڪيم چاڙيڪا،
اديون آڙيڪا، هينئڙي پيم هوت سين.

آڙيڪا معنيٰ جبل جا ورن وٽن وارا اُپا پيچرا ۽ ڏکيا چاڙهه چاڙهيڪا. شهر.مٺي ۾ ڪيل رسالي جي رهاڻ مان معلوم ٿيو ته: آڙيڪا جي ٻي هڪ پڪي معنيٰ آهي- 'ٽي وَر'، جن سان ميت کي هيٺ قبر ۾ وارجي. انهي معنيٰ جي لحاظ سان فقط هڪ رسالي ۾ هي بيت هن طرح لکيو ويو آهي:

ڇڏيم خج هلڻ جي، چڪيم چاڙيڪا،
اديون آڙيڪا، ڏيندم هوت هٿن سين.

**ظاني:**

'ظن' معنيٰ شڪ يا گمان. ۽ 'ظاني' معنيٰ گمان يا شڪ شبهو ڪندڙ. قرآن شريف جي ستن اٺن سورتن ۾ ظن کي ننديو ويو آهي ته جيڪي الله تعاليٰ جي ذات متعلق گمان ڪن ٿا. منافقن ۽ مشرڪن کي اهو عذاب ڏنل آهي جو اهي ظاني آهن ۽ الله تعاليٰ متعلق بدظني ڪن ٿا. (سورة الفتح آيت 6 ۽ آيت 12) سورت الحجرات ۾ آهي ته اي مؤمنو! ظن گمان کان گهڻو پرهيز ڪريو (آيت 12) سورة النجم آيت 28) ۾ آهي ته ظن ۽ گمان ڪڏهن به حقيقت تائين نٿو پهچائي.

تصوف صاف صفائي واري واٽ آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ شبهو ڪونهي. جنهن ۾ الله جي ذات متعلق قطعي طور ظن ۽ گمان ڪونهي. يعني هيڪڙائي حق آهي. ٻيائي آهي ئي ڪانه! صوفين سڀڪورن به ظن ۽ گمان وارن کي ننديو آهي. گرهوڙي صاحب چيو ته:

از خدا غير خدارا خواستن
ظن افزون است کلي کا ستن.

(يعني خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان گهرڻ ڪلي طور تي بدظني آهي.)

عام ماڻهو يعني ڪنهن الله واري عارف جي فڪر کي ائين پائنئين ٿا ته جڻ هو شڪ ۽ گمان ۾ آهي ظاني آهي پر حقيقت ۾ عارف پنهنجي ان فڪر ۾ فنا آهي. جو انهيءَ 'قالوابليٰ' واري وعدي جو فڪر آهي. ان ڪي اندر ۾ ان وعدي جي لنئون لڳل آهي ته (بيشڪ تون ئي اسان جو رب آهين) سر ڪلياڻ جو بيت آهي ته:

ظاهر منجهه ظان، فڪر منجهه فنا ٿيا،

آڪٽوبر 2007ع) تائين زنده سلامت آهي ۽ گهر ۾ ويٺو آهي، جنهن مان لليءِ هنجهه جي رنگ جي سڃاڻپ ٿئي ٿي.

• • • • •

ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهه سائين جي شخصيت کان پوري طرح باخبر ۽ شاهه جي ڪلام جي عظمت، مقام، تاثير ۽ معنوي خوبصورتيءَ جو پارکو هو. هن شاهه جي رسالي جي هڪ هڪ لفظ، اصطلاح ۽ محاوري جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. شاهه جي فڪر ۽ نهر کي خوب سمجهيو ۽ سمجهايو آهي. رسالي جي رهاڻ جي هن مضمون کي پڙهڻ سان پڙهندڙ بلوچ صاحب جي لطيف شناسيءَ جي پاڻ ئي شاهدي ڏيندا.

**رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد نائون)**

هيءُ جلد 155 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن جي ابتدا ۾ سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم جي سرپرست محمد عثمان منگي، جنهن هيءُ نائون جلد ڇپرايو آهي. 'ناشر پاران' جي عنوان سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علمي مقام، علمي خدمت ۽ سندس شخصيت بابت مختصر ذڪر ڪيو آهي ۽ بلوچ صاحب طرفان هن جلد ڇپرائڻ جي اجازت ملڻ تي شڪريو ادا ڪيو اٿس.

فاضل مصنف جي مهاڳ کان سواءِ هيءُ جلد هيٺين عنوانن تي مشتمل آهي:

• تاريخ
• ويّاسي وينجهار
• سنڌ جي عالمن جي عظمت جا مثال
• علم ۽ عرفان کان خالي پڙهيلن لاءِ هدايت طور سالڪ حمزي جي چيل مدح
• ڳائو مال
• شاهه عبداللطيف جي ديانداري
• سائين احمد ملاح عاشقيءَ جي ميدان ۾
• خود داري ۽ اخلاق جي بلندي
• رستم فقير لغاري جو ڪلام
• ماڻ، پرپڇ، تور ۽ وٺي ويڪر جا
• ظرافت ۽ خوش طبعي: مزاحيه ڪانفرس کي استقبالي خطاب
• سانوڻي آخوند، عالم ۽ شاعر خليفو گل محمد جنهن عروضي شاعريءَ ۾ پهريون ديوان جوڙيو
• وڏي جاڙ واري راند ۽ رهاڻ
• حاصل فقير وسائي پوٽي جون اڳڪٿيون
• ڳالهيون مدن مهتي جون
• ڪڪڙ جو اڏامڻ ڪڏهن بند ٿيو؟
• نسب ناما ۽ قبيلا
• ڏنوڙ
• ٿر پارڪر جا مانجهاڻي رند
• سنگهار سومرا
• ناري جا مهاڻا
• ڦلپوٽا
• راجيسين پوٽا (لنجا، دل)
• پنيرا
• منترا
• شجرا، گهمراء، هنجراء
• احمداڻي رونجها
• سنهڙا
• بلوچن جو قديم شجرو
• ناريجا
• شُهڻا ۽ براهماڻي
• راهوما
• ٿر جي ڪچهري.

**سنڌ جي عالمن جي عظمت جا مثال:**

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ به عالمي سطح جو محقق ۽ اسڪالر هو. دنيا جي عالمن جي علمي مقام ۽ مرتبي کان باخبر هو. ان سان گڏ سونهاري سنڌ علمي وجاهت ۽ فضيلت کان به بخوبي واقف هو. ۽ سنڌ جي شان جي بلندي سندس من گهريو موضوع هو. تنهن ڪري هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب دنيا جي عالمن سان مشابهت ۽ تبيق جي صورت ۾ سنڌ جي عالمن جي سُهائيندڙ ساراهه ڪئي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ فرمائي ٿو:

اسلام جي روشنيءَ سان تعليم ۽ تحقيق ۾ وڏي ترقي ٿي. جيڪڏهن ڪن ٻن نامور عالمن وڏو نالو ڪڍيو ته ٻنهي جي نالن کي هڪٻئي سان ملائي، صاحب يا ساٿي طور، وڏي احترام سان مڃيو ويو. ٻن

ڏيندس". ٻئي ڏينهن ڪليڪٽر حُڪم نامو ڪڍي منهنجا هٿيار ضبط ڪيا. ان بعد مون کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ اڙايو ويو. "اصل ڳالهه هيءَ هئي ته بي بي صاحبزادي ڏي هئي نواز علي شاهه جي، جيڪو شاهپوٽو سيد هو ۽ اسان کي عزازت ۾ ويجهو هو. نواز علي شاهه جي وفات بعد بيبي صاحبه ورثي ۾ ڪيس مليل زمين، مون کي بخشش ڪري ڏني. انهيءَ بخشش جي تصديق، قاعدي موجب تعلقي مختيارڪار اميد علي خان ڪئي هئي. بيبي صاحبزادي جي والده مهر وارن سيدن (وينئل ديهه ٿهڪڻ، ڏگهڙي کان ٻه ميل ڏکڻ طرف) مان ڪنهن جي ڏيءَ هئي. ڪليڪٽر انهن مان ڪنهن کي گهرايو ۽ ڪانئن هڪ درخواست ڪرائي ته وڏل شاهه وارن ڪوڙي بخشش ڪرائي آهي. انهيءَ درخواست تي ڪليڪٽر ڊيوس اها بخشش روڪائي. مون قاضي فتح محمد ۽ قاضي عبدالحڪيم کي، جيڪي بيبي صاحبزادي جا عام مختيار هئا ۽ جن جي آڏو بخشش ٿي هئي، شاهدن طور پيش ڪيو ۽ انهن سچي شاهدي ڏني. انهي تي ڪليڪٽر هيڪاري تتو ۽ مون سان گڏ انهن ٻنهي کي به جوابدار ٺهرائي ڪوڙي بخشش واري ڏوهه هيٺ ڪيس هلايائون. اهو ڪيس حيدرآباد جي سيشن جج مسٽر 'Paymaster' وٽ هليو جيڪو ڪليڪٽر ڊيوس جو عزيز هو. پوءِ جج ان ڪيس ۾ مون کي ست سال، قاضي فتح محمد کي به ست سال ۽ قاضي عبدالحڪيم کي ٽي سال قيد جي سزا ٻڌائي."

**محمد ايوب کهڙو:**

1941ع-1942ع ۾ جڏهن انگريزن جي حڪومت سورهيه صبغت الله شاهه کي گرفتار ڪيو ۽ بغاوت جو ڪيس هلايو ويو. تڏهن محمد ايوب کهڙو سنڌ جو جرئتمند سياسي اڳواڻ هو ۽ پڻ مسلم ليگ جو ميمبر هو. 1965ع کان پوءِ کهڙي صاحب سان منهنجون ملاقاتون ٿيون. هڪ ملاقات ۾ مون ڪيس ٻڌايو ته: 1942ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان شاگردن جي وفد ۾ اسان دهلي ۾ نوابزاده لياقت علي خان سان ملياسون ته سنڌ ۾ مارشل لاءِ ۽ پير پاڳاري تي بغاوت جي ڪيس هلائڻ خلاف مسلم ليگ جي طرفان احتجاج ڪيو وڃي. جواب ۾ چيائين ته صوبي سنڌ جي مسلم ليگ پارٽي جيڪڏهن ڪو اهڙو ٺهراءُ موڪليو ته مرڪزي مسلم ليگ طرفان ان موجب قدم کڻنداسون. مون کهڙي صاحب کان پڇيو ته سنڌ ۾ مسلم ليگ طرفان ڇو خاموشي اختيار ڪئي ويئي. چيائين ته ان وقت سنڌ جي مسلم ليگ ۾ جرئت جي ڪمي هئي. بلڪ مسلم ليگ ٻڌتر ۾ هئي ته حڪومت طرفان پير صاحب خلاف زوردار پروپيگنڊا هلي رهي هئي ته پير صاحب ڪانگريس ۽ هندن سان ناهه ڪيو آهي. مسلم ليگ جو ان کان اڳ 1939ع کان وٺي) مسجد منزل گاهه جي معاملي تي هندن ۽ ڪانگريس سان اختلاف هو. باوجود ان جي مون کي ۽ مسلم ليگ جي ڪن ٻين ميمبرن کي احساس هو ته هندستان ۾ گانڌي جي هلايل "ملڪ ڇڏيو" واري نعري جي باوجود مرڪزي حڪومت ڪو سخت قدم ڪونه ٿي کنيو پر ٻئي طرف سنڌ ۾ مارشل لاءِ لڳائي، مسلمانن جي وڏي روحاني رهنما خلاف بغاوت جو ڪيس ٿي هلايو. آءٌ ذاتي طور تي پير صاحب جن لاءِ فڪرمند هوس. هڪ ته مارشل لاءِ کي مون مسئلي جو حل ڪونه ٿي سمجهيو، ٻئي طرف ان وقت جي سرڪاري ڪامورا پير صاحب کي ڦاسي ڏيئي، شهيد ڪرڻ جون اڳواٽ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. جڻ ته سڄي ڪاروائي اڳ ۾ رٿيل هئي.

چيائين ته: ان وقت پير صاحب جو مون تي اعتبار هو ۽ مون به وس آهر مدد معاونت ۾ ڪونه گهٽايو. پير صاحب کي 1941ع ۾ گرفتار ڪري سنڌ کان ٻاهر رکيو هئائون. 1943ع ۾ جڏهن بغاوت جي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪيس سنڌ ۾ آندو ويو ته پهريائين مون سان ملڻ گهريائين. ان تي گورنر ڊو (Dow) مون کي گهرائي چيو ته: آءٌ پير صاحب سان ملاقات نه ڪريان ۽ سندس مدد نه ڪريان.

کهڙي صاحب خاص طرح پير صاحب جن جي تدبير، همت ۽ حوصلي جي تعريف ڪئي. چيائين ته انگريزن جي قيد و بند ۾ به هن اڪيلي سر سنجيدگي، سان قانوني مقابلو ڪيو. پير صاحب اڳئين گورنر

امیدن تي پورو لهي نہ سگھيا. ڊاڪٽر بلوچ مسلمان سياستدانن تي طنزيہ طور ”گڏھ“ نالي سان ڪتابڙو لکيو: ”بهتر ٿيندو تہ سياسي ليڊرن بدران گڏھ کي پنهنجو ليڊر بنائجي، جيڪو خلق جو سچو خادم ۽ وڏي ۾ وڏو پورهيت آهي.“ ان کان پوءِ هن ٻيو ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ لکيو، جيڪو لسٻيلي جي سنڌي سگھڙن بابت هو. اها جڻ سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪرڻ جي شروعات هئي، ان کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ لوڪ ادب اسڪيم تحت 42 ڪتاب سهيڙيا. ڊاڪٽر بلوچ ڏکيا ۽ تڪليف وارا سفر ڪاٽي سنڌ جي جهرجهنگ، ڪوهستان، ڪاڇي، لاڙ، ٿر ۽ اُتر جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي پهتو، سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري کي سهيڙڻ جو ڪم بہ ڊاڪٽر بلوچ ڪيو. جامع سنڌي لغات ڪانسواءِ هن سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي، ادب ۽ موسيقيءَ جون تاريخون، سنڌي ثقافت تي تحقيقي ڪم کان سواءِ شاهہ جي رسالي جا ڏهہ جلد مرتب ڪيا. هن اٽڪل 2 سؤ کن ڪتاب ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا. ڊاڪٽر بلوچ جي مختلف ادبي محفلن ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا موقعا تہ مون کي گھڻا مليا. پر هن سان ويجهڙائپ تڏهن ٿي جڏهن 24- جنوري 2001ع ۾ آءٌ سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ٿيس، سنت پوءِ ڊاڪٽر بلوچ جي خدمت ۾ حاضر ٿي مون ڪيس رهنمائي وٺڻ جو عرض ڪيو. پاڻ نهايت شفقت سان مليو ۽ چيائين ”سنڌالاجي کي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي گھڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان کي هڪ بين الاقوامي سطح جو ادارو بنائڻ کپي، جيڪڏهن تون اهو ڪم ڪرڻ چاهين ٿو تہ آءٌ ضرور تنهنجي مدد ڪندس.“ مون سنڌالاجي ۾ ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪوٺائڻ ۽ ميوزيم ۾ نمائش ڪرائڻ جي رٿا جوڙي. ان سلسلي ۾ پهريون سيمينار: ”21 صديءَ جون گھرجون ۽ سنڌ ۾ تعليم جو معيار“ 28- آگسٽ 2001ع تي ڪوٺايو ويو، جنهن لاءِ مون ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي خاص مهمان طور شرڪت ڪرڻ جو عرض ڪيو، چيائين تہ ”گھڻ سالن کان سنڌالاجي جا دروازا مون تي بند رهيا آهن، پر هاڻي تون آيو آهين تہ آءٌ ضرور ايندس.“ ان کان پوءِ سنڌالاجي ۾ سندس اچڻ جو سلسلو باقاعدي شروع ٿيو ۽ فون تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي، هن مون کي شروع ۾ چئي ڇڏيو هو تہ ”توکي مون سان ملڻ لاءِ ٽائيم وٺڻ جي ضرورت ڪانهي، جڏهن بہ اچڻ چاهين، مون کي رڳو فون تي اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيندو ڪر.“ مون کي ياد ڪونهي تہ پاڻ ڪڏهن مصروفيت جو سبب ڄاڻائي ملڻ کان انڪار ڪيو هجي. مون سوچيو تہ ڊاڪٽر بلوچ جا ٻين ماڻهن کي لکيل خط هٿ ڪري سنڌالاجيءَ طرفان شايع ڪجن. جڏهن کيس اها ڳالهہ ٻڌايم تہ چيائين ”بلي! پر خط هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪير ڪندو؟ ماڻهن وٽ پاڻ هلي وڃڻو پوندو، تڏهن ڪم ٿيندو.“ مون چيو: ”سائين آءٌ پاڻ وڃي خط هٿ ڪندس.“ مون اها رٿا سنڌ يونيورسٽي جي تڏهوڪي وائيس چانسيلر مظهرالحق صديقيءَ جي اڳيان رکي. هن خوشيءَ سان رٿا منظور ڪئي ۽ سڄي سنڌ جي دوري ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي طرفان هڪ گاڏي بہ ڏني. عثمان منگي، سگھڙ عبدالرحمان مهيسر ۽ ارشد بلوچ انهيءَ دوري ۾ مون سان گڏ هئا. ان کان پوءِ هڪ دورو ٻيو ڪيم. خط گڏ ڪري ڊاڪٽر صاحب جي خدمت ۾ آڻي حاضر ڪيم. جيڪي پاڻ نظر مان ڪڍي مون کي ڇپجڻ لاءِ ڏنائين. سندس لکيل خطن جو اهو ڪتاب ”سڄڻ سارينديَ“ جي نالي سان سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ جي خواهش هئي تہ سنڌالاجي ريسرچ لائبريريءَ ۾ سندس نالي سان بڪ ڪارنر قائم ڪيو وڃي. حقيقت ۾ اها سنڌالاجيءَ لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان پنهنجا انگريزي، فارسي، عربي ڪتاب، رسالا، قلمي نسخا ۽ ٻيا لکپڙهہ جا اهم ڪاغذ منهنجي حوالي ڪيا. اهو شاندار ڪارنر سنڌالاجي لائبريريءَ ۾ قائم ڪيو ويو. سنڌالاجي جي ميوزيم ۾ پڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي سان بہ ڪارنر قائم ڪيل آهن. پاڻ ڪجهہناياب شيون ميوزيم لاءِ

جي موجودگي ڏسي ڊاڪٽر صاحب، مون سان ڪجهه دير ڊرائنگ روم ۾ ويهي ڪچهري ڪئي، جيئن ته ان مهل مان سنڌ جي ڊيلٽا تي ڪم ڪري رهيو هيس. روزانو لانچ تي چڙهي سمنڊ ۾ اندر تائين هليو ويندو هيس. موتمار ساموندي ڇولين ۾ موت سان وڙهندڙ مهاڻن جو هوڙهن، رنگ برنگي پکين ۽ تمرجي گهاٽن ٻيلن سان واسطو پوندو رهيو. ان ڪري ڊيلٽا جي گپ چڪ سٽل قديم تاريخي کنڊرن رتوڪوٽ، جاڪي بندر، ملاڪي ڪوٽ سنڌيا بندر، شاهه بندر وغيره کي بار بار ڏسڻ جو موقعو ملندو هو. ڪڏهن سروي دوران Hover Craft تي. انڊيا ۽ پاڪستان سرحدي، سير ڪريڪ ۽ ٻين ڪريڪس ۾ به اڏار ڪندا وتندا هئاسين.

اتي ڪچهري دوران ڊاڪٽر بلوچ، مون کان ڊيلٽا ۽ ان ۾ دفن ٿيل آثارن جي باري ۾ سوال ڪيا. حالانڪ مون کي اها خبر هئي ته بلوچ صاحب اهي ماڳ ڪيترا دفعا ڏسي چڪو آهي. کين ان باري ۾ مون کان هزار دفعا وڌيڪ ڄاڻ هئي. پر ان وقت گفتگو ۾ بلوچ صاحب ائين پئي محسوس ڪرايو ته کين ان باري ۾ گهڻي معلومات نه آهي.

هو هروڀرو معصوماڻا سوال ڪري مون کي ڳالهائڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هو. هن مون سان راوڙ قلعي، نند ڪوٽ ۽ ٻين آسپاس جي تاريخي هنڌن بابت ٻڻ ڪچهري ڪئي. مان سمجهي رهيو هئس ته بلوچ صاحب اهڙا سوال صرف منهنجي همت افزائي ۽ ٻُڌي نپڻ لاءِ ڪري رهيو هو.

اها حقيقت آهي ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هميشه کان اسان جو پيش رو رهيو آهي. هن اسان کي ڏيکاريو آهي ته تحقيق ڪيئن ٿيندي آهي. هو پاڻ پنڌ، گهوڙن، اٺن ۽ ڪيڪڙن تي چڙهي سارو ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان گهميو آهي. هو ان دور ۾ سهولتن جي گهٽتائيءَ باوجود اهڙن ڏکن ماڳن مڪانن تي پهتو آهي جتي پکي به پر هڻي نه سگهن. اسان سان اڄ به اڪثر ائين ٿيندو آهي جو جڏهن به ڪنهن اهڙي دور دراز ۽ ڏکي ماڳ تي پهچي، پنهنجي پر ۾ ائين سمجهندا آهيون ته شايد اسان پهريان ماڻهو، ايڏا ڪشالا ڪري. ان گمنام هنڌ پهتا آهيون پر اتي اڪثر ماڻهن مان اها خبر پوندي آهي ته هيترا سال اڳ ڊاڪٽر بلوچ هتان ٿي ويو آهي. سنڌ جي هن جاکوڙي محقق ساري عمر ۾ ايترا ته پنڌ ڪيا آهن جيترا اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به محقق ۽ اديب نه ڪيا آهن. هن پيرين پنڌ اذيت ناڪ ڪاڙهن ۽ سرد سيلاڻن ۾ ٿر، بر ۽ جبل جهاڳي لوڪ ادب جا ڪيترائي جلد سهيڙيا آهن. هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڏهن جلدن کي ترتيب ڏني. سنڌ تي وڏو احسان ڪيو آهي. ان کان سواءِ بلوچ صاحب حمل فقير، ولي محمد لغاري، لطف الله قادري، شاهه شريف پاڏائي ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جو ڪلام ڪٺو ڪيو آهي. اهو بلوچ صاحب جو ئي ڪمال آهي. جنهن سنڌ جي تاريخ جا قديم ماخذن جهڙوڪ: چچ نامو، لب تاريخ سنڌ، تاريخ ظاهري، تاريخ معصومي کي ايڊٽ ڪري، سنڌ جي اوائلي دفن ٿيل تاريخ تان ڪجهه دز لاٿي آهي. خاص ڪري هن اکر اکر پروئي جيڪا سنڌي ڊڪشنري جوڙي آهي. ان لاءِ جس لهڻي. اسان کي گهڻو ڪري بلوچ صاحب جي ادبي گڏجاڻين ۽ سيمينارن ۾ مدبرانه گفتگو ٻڌڻ جو موقعو به ملندو رهندو هو. ڪڏهن ڪنهن محفل ۾ ملاقات به ٿي ويندي هئي.

هڪ دفعو اسان جي ڪنهن پروفيسر دوست ويجهن دوستن جي دعوت ڪئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به مدعو هو. ڊاڪٽر بلوچ جي اچڻ جو ٻڌي مان به وڏي شوق سان اتي پهتس. خيال هو ته محدود ماڻهن جي گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر صاحب سان سٺي ڪچهري ٿيندي.

ان پروفيسر صاحب دعوت ۾ پنهنجي قبيلي جي سردار کي به گهرايو هو. جيڪو اڳ ۾ اتي پهچي چڪو هو. بلوچ صاحب ٿوري دير سان آيو. هو اچڻ سان ئي جڏهن ان جي اصول سردار کي پيرين پئي مليو ته مون کي بلوچ صاحب جو اهو عمل ڏاڍو ناگوار گذريو. مون کي ڪافي افسوس ٿيو ته اسان جي سنڌ جي هن ڏاهي ۽ علم جي درياهه، هڪ ظالم ۽ قوم دشمن سردار اڳيان جهڪي علم دوست ۽ اديبن جي توهين ڪئي آهي. بهرحال نبي بخش بلوچ جي ان

عمل مان اهو محسوس ٿيو ته هو اهڙين ڊگرين ۽ ڄاڻ هوندي به هڪ روايت پسند سادو انسان آهي. جنهن پنهنجي بزرگن جي روايت رکندي هڪ سردار جا پير چميا هئا. حالانڪ اسان جي خيال ۾ ان سردار کي ته علم جي بادشاهه جا پير چمڻ کپن ها.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان منهنجي آخري ملاقات، سندس وفات کان ڪجهه ڏهاڙا اڳ ٿي ٿي هئي. ان وقت منهنجو هڪ مضمون سنڌي ادبي بورڊ ٽماهي رسالي مهراڻ ۾ چاڪر ڪوٽ نالي سان ڇپيو هو. مون ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتاب "رهاڻ هيرن کاڻ" (جلد انون)، مان به مدد ورتي هئي، جنهن ۾ هن چاڪر ڪوٽ کي گنبذن جو قلعو به سڏيو هو. "مهراڻ" ۾ مضمون ڇپجڻ بعد مون ڪٿي پڙهيو ته هڪڙو گنبذن جو ڪوٽ پٽ شاهه جي پرسان به آهي. ۽ گنبذ ڪنهن علائقي کي به سڏيو وڃي ٿو. اهو پڙهي مون کي احساس ٿيو ته شايد مون ڪٿي غلطي ڪئي آهي، ان باري ۾ سانگهڙ ۽ شاهپور چاڪر جي دوستن کي وڌيڪ تصديق لاءِ چيو. پر هنن وٽان ڪوبه خاطر جواب نه مليو. مون وٽ هاڻي آخري حل اهو هو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان ملي، ان باري ۾ حقيقت معلوم ڪريان. مون ان ڳالهه جو ذڪر پنهنجي مهربان گل محمد عمراڻيءَ سان ڪيو. جنهن ڊاڪٽر بلوچ کان وقت وٺي ڏنو. مان مقرر ڏينهن تي صبح جو سائين بلوچ جي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ۾ سندس رهائش تي پهتس. مون کي خبر هئي ته بلوچ صاحب وقت جو ڏاڍو پابند آهي. هن جون اهڙيون حاصلات صرف وقت جي پابندي ڪري ئي ٿي سگهيون آهن. چون ٿا ته بلوچ صاحب ۾ اها خوبي هئي ته سنڌ جي ڪنهن به ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جنهن به ماڻهو کي تاريخ ۽ وقت ڏيندو هو. هو ٺيڪ ان مقرر وقت ۽ جاءِ تي پهچي ويندو هو. ڀلي پوءِ زمين اٿلي چو نه پئي.

مان به مقرر ٽائيم تي سندس رهائشگاهه تي پهتس. سائين اچڻ ۾ ٿوري دير ڪئي. شايد طبيعت جي ناسازي ڪري جنهن تي هن معذرت ڪئي. ڊاڪٽر صاحب هشاش بشاش، صاف سٿرا ڪپڙا پاتل. وارن کي تازو ڪارو رنگ لڳل هن جي ڪنهن به عمل مان ائين محسوس نه پيو ٿئي ته هي چورانوي سالن جو پوڙهو صرف چند ڏينهن جو مهمان آهي.

بلوچ صاحب سان مختصر تعارف بعد پنهنجا لکيل ڪجهه ڪتاب ڪيس تحفي طور ڏنا. ان بعد هن کي "مهراڻ" ۾ ڇپيل پنهنجو مضمون چاڪر ڪوٽ جا نقشا، فوٽو وغيره ڏيکاريم، آخر ۾ بلوچ صاحب کي ٻڌايو ته توهان ان ڪوٽ کي گنبذن جو قلعو به لکيو آهي. پر مون ٻڌو آهي. ته سنڌ ۾ گنبذ نالي ٻيا ڪوٽ به آهن.

ڊاڪٽر بلوچ وڏي ڌيرج سان مون کي ٻڌڻ کان پوءِ چيو "تو صحيح لکيو آهي. ان ساڳي چاڪر ڪوٽ کي گنبذن جو قلعو به سڏيو وڃي ٿو." هن وڌيڪ وضاحت ڪندي ٻڌايو "جيڪو به ڪوٽ ڪچي مٽي وجن گنب مان نهيل هجي، ان ڪچي ڪوٽ کي گنبذن جو ڪوٽ به چئي سگهجي ٿو. تو ان چاڪر ڪوٽ جي گنبذن قلعي جون ماپون 1971ع ڌاري آثار قديمه پاڪستان جي ڊائريڪٽر فضل احمد سان گڏ ورتيون هيون."

ڪجهه دير ڪچهري بعد مان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي هڪ گذارش ڪئي ته "اوهان کي جي وقت هجي ۽ مناسب سمجهو ته منهنجي ايندڙ ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" جي ٻه حصي جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ ڪجهه لکي ڏيو." بلوچ صاحب چيو "بلڪل مان لکي ڏيندس. ان لاءِ اوهان پنهنجو ٿورو تعارف ۽ ان ڪتاب جي مواد سهيڙڻ دوران ڪيل ڪوشش جي باري ۾ لکي ڏيو. جيئن مان ان جي مدد سان ڪجهه لکي سگهان."

مان ڏينهن ڏيڍ بعد پنهنجو هلڪو تعارف لکيل مواد جي باري ۾ ڪجهه سٽون سائين کي پهچايون. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون سندس ڏوهٽي ارشد لغاريءَ سان ان باري ۾ رابطو ڪيو. جنهن مون کي حيدرآباد ڪلب ۾ پنا واپس ڪندي چيو: "ڊاڪٽر صاحب کي اوهان جو بئڪ ٽائيٽل لکڻ جو وقت نه مليو. توهان جا ڪاغذ واپس ڪيا اٿس. البت توهان لاءِ هي خط ڏنو اٿس." يقين ڪريو ته بلوچ صاحب لکڻ

جي حامي ڀري وري جواب ڏيڻ تي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. بلوچ صاحب هڪ علم جو پهاڙ آهي. ان جي سامهون اسان معمولي ذري برابر به نه آهيون. هن کي هڪڙي ننڍڙي ماڻهو جي همت افزائي ڪرڻ ۾ ڪهڙي قيامت هئي. مون کي بلوچ صاحب جي ان رويي ڪافي ڏڪارو ڪيو.

تاج جويو ٻي ڏينهن تي ڪنهن سلسلي ۾ گهر اچڻ جي مهرباني ڪئي. ڳالهين دوران بلوچ صاحب جي لکيل چٺي کيس ڏيکاري. تاج جوڻي خط پڙهي حيرت جو اظهار ڪندي چيو: "بادشاهه! بلوچ صاحب، توهان لاءِ ته هيءَ وڏي راءِ لکي آهي. هو ڪنهن لاءِ به راءِ ڏيڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو محتاط هوندو آهي." تاج جوڻي جي اهڙي اظهار بعد مون بلوچ صاحب جون لکيل چند سٽون وري غور سان پڙهيون. واقعي هن جا لکيل چند لفظ مون لاءِ سرٽيفڪيٽ جي حيثيت ٿيون رکن. بلوچ صاحب لکيو آهي.

ادا اشتياق انصاري صاحب،

اسلام عليڪم: اڄ شام جو اوهان آيا آءٌ ڊاڪٽر ڏي ويل هوس. ڪي ڪاغذ اوهان موڪليا هئا. اهي واپس ڪجن ٿا. اوهان آئنده لاءِ دستاويزي ڪم ڪري رهيا آهيو، جنهن کي جاري رکجو. اڳئين دور بابت مستند مواد جمع ڪرڻ البت ڏکيو آهي ۽ ڀُلون چڪون ٿي سگهن ٿيون. پر هن دور ۾ جيڪي ڪجهه ڪن ٿا ۽ لکن ٿا سي آئينده جي پيڙهه ۾ اڳئين دور کان ويجها آهن. اميد ته اوهان جو وڌندڙ تجربو سيني لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندو.

مخلص

نبي بخش

5 اپريل 2011ع جو سڄ اڀرڻ کان اڳ ئي بلوچ صاحب جي اوچتي موت جي خبر ساري سنڌ ۾ پکڙجي چڪي هئي. ان دردناڪ خبر ڪيترن علم دوست ماڻهن تي سڪتو طاري ڪري ڇڏيو. شايد مان چند انهن ماڻهن مان هيس، جن کي بلوچ صاحب سان پوئين ڏينهن ۾ ڪچهري جو شرف مليو هو. شام جو ڊاڪٽر نبي بخش جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهتاسين. جنازي کي ڪلهو ڏيڻ لاءِ سنڌ جي هر حصي کان سوڳوار آيل هئا. اتي وزير، وائيس چانسيلر، ڪامورا، وڏيرا، سگهڙ، لوڪ فنڪار، شاعر ۽ اديب افسرده بيٺا هئا. اتي اهڙا ماڻهو به غمزده ڏٺا، جيڪي ڪڏهن به روبرو بلوچ صاحب سان نه مليا هئا. نه ئي بلوچ صاحب جي پونئيرن مان ڪنهن کي سڃاڻن پيا. تنهن هوندي به هو هن عظيم هستي کي عقيدت طور آخري سلام ڪرڻ پهتا هئا.

بلوچ صاحب کي سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار وٽ دفن ڪرڻ لاءِ آندو ويو. ڪفن دفن ۾ به اديب ۽ سگهڙ اڳڀرا هئا. ڊاڪٽر صاحب جي تدفين مهل به غم ۾ ٻي حال اڪثر ماڻهن کي علم ۽ ادب جي باري ۾ گفتگو ڪندي ڏٺو. محترم حڪيم عبدالحميد چانڊيو، جيڪو ڪجهه گهڙيون اڳ نبي بخش بلوچ جي تڏي تي ڊِڪارون ڏئي روئي رهيو هو. هاڻي ڪجهه ماٺار ۾ هو. هو مون کي ٻانهن کان وٺي ماڻهن کان پاسيرو ڪري تمام معنبانه نموني چيو: "تنهنجو ڪتاب گورک" مليو. مون کي ۽ بلوچ صاحب کي ان گورک لفظ تي اعتراض آهي. اصل لفظ "گورغ" آهي. جنهن جي معنيٰ آهي." اهو هنڌ جتي بوندا باندي ٿيندي رهي." مون کي حڪيم عبدالحميد چانڊيو جو ڪنهن جي اصلاح جو اهو بزرگانه انداز ڪافي وڻيو. حالانڪ مون ڪتاب ۾ گورک لفظ جي مختلف معنائن سان گڏ، گورغ لفظ جي اها معنيٰ به ڏني آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ٽم ٽم تارن جي روشني ۾ سنڌ يونيورسٽي جي هنج ۾ سماري واپس ٿياسين. ان مادر علمي جو بنياد رکندڙن ۾ ڊاڪٽر بلوچ به شامل هو. ان کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگئيج اٿارٽي ۽ ٻين ڪيترن ادارن کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب جو وڏو هٿ هو.

مون واپسي تي ڊاڪٽر بلوچ لاءِ تعزيتي ڪتاب کيس پيٽا ڏيندي لکيو "سنڌ جي تاريخ تي اسان جي محققن ۽ اديبن سيني گڏجي به ايترو ڪم ڪري نه سگهيا آهن جيترو اڪيلي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ خان ڪيو آهي."

مولائي شيدائي پنهنجي علم ۽ آگهي، موضوع ۽ عبارت آرائيءَ سبب عالمن ۽ اديبن کي متوجه ڪرڻ لڳا. ڏهن ٻارهن سالن جي مدت ۾ سنڌن تحريرن جو ايترو ذخيرو ڇپجي پڌرو ٿيو هو، جو هو نه رڳو هڪجيڙن، مگر پاڻ وڏن جي به وچ ۾ ويهڻ لڳا. ان جي باوجود به اعليٰ تعليمي اداري هلائڻ جون گهربل ڪي اصولي ۽ قانوني گهرجون درڪار هيون، جي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۾ ئي علامه آءِ.آءِ.قاضي جهڙي مفڪر کي نظر آيون.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي علم ۽ دانش توڙي سوچ ۽ فڪر ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي صاحب جو پيروڪار هو ۽ عمل ۾ وري سيني کان يگانو هو. ڇاڪاڻ ته ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي قيام واري زماني ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي نئين تشڪيل ٿي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي ترقي جي راهن کي روشن ڪرڻ لاءِ جنهن تاريخي ڪردار جو تعين ڪيو، تنهن تي عمل ڪرڻ سان وڏين ڪمين پورين ٿيڻ سان گڏ ڪي اهڙا نوادرات به اڏو اچڻ جا امڪان هئا، جن جي اڳ ۾ ڪا شايد سوجهه ٻوجهه به ڪنهن کي هجي. اڳتي هلي ائين ٿيو ته سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌي زبان جي جامع لغات ترتيب ڏيڻ، تاريخي ماخذن جي سنڌي ترجمي ۽ تحقيق توڙي اشاعت ۽ سنڌي لوڪ ادب سهيڙڻ ۽ شايع ڪرائڻ جهڙين اهم رٿائن جوڙڻ ۽ منظور ڪرائڻ کان علاوه انهن تي اٿاهه علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ جو چئلينج قبول ڪرڻ وارا ڪارناما ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بيشڪ سنڌ کي فخر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

سن 1951ع ۾ جامع سنڌي لغات جي ترتيب جي رٿا تي ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ڊسمبر 1951ع ۾ ان جي مرڪزي آفيس سنڌ يونيورسٽي (ايلسا قاضي ڪيمپس) ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ تجويز جو خاڪو جوڙيو ويو. 1952ع ۾ باقاعده ڪم شروع ٿيو ۽ 1954ع ۾ اهو تڪميل تي رسيو ۽ 1957ع تائين ان تي نظرثاني پئي ٿي. آخرڪار 1960ع ۾ ان جو پهريون جلد پڌرو ٿيو. سال 1981ع ۾ ان جو ٻيون جلد ڇپيو، سال 1984ع ۾ ٽيون جلد شايع ٿيو. سال 1985ع ۾ چوٿون جلد آيو ۽ سال 1988ع ۾ پنجون جلد ڇپجي پڌرو ٿيو. پنجن ئي جلدن جا جملي صفحا 2088 وجي بيٺا. ميگزين سائيز ۾ شايع ٿيل ان اهم ۽ جامع لغات سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي ڪمي پوري ڪئي، جا هر علمي، تعليمي، ادبي، صحافتي ۽ ثقافتي ادارن توڙي ٻولي ڳالهائيندڙن کي نهايت شدت سان محسوس پئي ٿي.

لغت نويسيءَ جي ڳالهه هلندڙ آهي ته پلا ڊاڪٽر صاحب جي لغت نويسيءَ جي شعبي ۾ ڪيل ٻين خدمتن جو به مختصر ذڪر ڪجي. جامع سنڌي لغات جي ترتيب جي تڪميل کان پوءِ حڪومت پاڪستان جي مرڪزي وزارت تعليم پاران سنڌ يونيورسٽيءَ کي سنڌي- اردو لغت ۽ اردو- سنڌي لغت ترتيب ڏيڻ جي منصوبي جي آڇ سال 53-1954ع ۾ ٿي. ان وقت علامه آءِ.آءِ.قاضي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر هو، جنهن اها آڇ قبولي ۽ لغتن جي ترتيب جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان کي سونپيو. سنڌن رفاقت ۾ اهو ڪم تڪميل تي پهتو ۽ وزارت تعليم جي مالي مدد سان ٻيئي لغتون شايع ٿيون.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ قدردان انسان هو. سنڌ جي اڳاٽن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ڇڏيل قلمي ذخيريءَ کي ضايع ٿيڻ کان بچائيندي، انهن جي اهميت، افاديت ۽ حيثيت تي پنهنجا خيالات قلمبند ڪري، جڏهن اشاعت ۾ آندائين، تڏهن اسان جي تاريخي ذخيري جي حفاظت سان گڏ جيڪو علمي تاريخي تسلسل قائم ٿيندو رهيو، سو گهڻ طرفو مفيد ثابت ٿيو. لغت نويسيءَ جي سلسلي ۾ به پاڻ آخوند عبدالرحيم وفا عباسي (1840ع-1952ع) جي جوڙيل صورتحطيٰ، ۽ ترتيب مطابق جوڙيل "جواهر اللغات" کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپائي پڌرو ڪيائين. اهڙيءَ طرح پاڻ هڪ جلدي لغت کان سواءِ شاهه جي ڪلام جي لغت "روشني" (2002ع) ترتيب ڏيئي شايع ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب هن لغت کي "ڪلاسيڪي اصطلاحي سنڌيءَ جي پهرين معياري لغت" سڏيو آهي.

بيشڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌيءَ جو ڄاڻو لغت نويس (Lexicographer) هو. سندس همعصر دور ۾ ٻيو ماهر لغت نويس، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هو، جنهن جي ڄاڻ ۽ خدمتن کان ڪير واقف ڪونهي!

تحقيق ڪري، جيڪي شاندار مقدما لکيا آهن، تن جي به اهميت ۽ افاديت قائم آهي. سنڌس ايڊٽ ڪيل تاريخي ڪتابن مان ”بيگلارنامو“ (ادراڪي بيگلاري) ”تاريخ طاهري“ (طاهر محمد نسياني) ”لب تاريخ سنڌ“ (خداداد خان) اچي وڃن ٿا. انهن ڪان علاوه ”تاريخ معصومي“ (مير محمد معصوم بکري)، ”فتح نامو عرف چچ نامو“ ۽ ”تحفة الڪرام“ جا ترجما ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي نگرانيءَ ۾ ٿيا ۽ پاڻ انهن جا قلمي نسخا پڻ تصحيح ۽ حاشيہ نگاريءَ ڪان سواءِ، جيڪو مقدمہ نگاريءَ جو اهم ڪم ڪيو، اهو وڏو جاکوڙ ۽ جانفشانيءَ وارو پورهيو آهي. فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامہ جو مقدمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تاريخ نويسيءَ ۽ قابليت جو واضح ثبوت آهي. پاڻ ان جي تاريخي اهميت، افاديت، اصل نالي، مصنف ۽ مترجم ۽ اهم تاريخي ڪتابن جي متعلق ڄاڻ ڏني آهي، تنهن جي مطالعي سان هر دور جو نئون تاريخ نويس ان جي مطالعي مان وڏي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سگهي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ جي نالي سان شايع ٿيل ڪتاب به سنڌ جي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ادبي تاريخ تي منفرد ۽ اهم ڪتاب آهي. ٻوليءَ جي بڻ بنياد متعلق تحقيق ڪان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت جي ڄائي واري نظريي کي رد ڪري، اهو نظريو پيش ڪيو ته:

”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل ناهي، پر سنسڪرت ڪان اڳ واري سنڌو ماٿر جي مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اسري آهي. اپڀرنش مان نڪتل ناهي. ”جنهن جو اڳين لکندڙن ذڪر ڪيو آهي، سنڌي جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو.“

ان ڪان علاوه ٻوليءَ جي سڃاڻ، انفراديت، بين الاقوامي حيثيت، تعمير توسيع ۽ زباني ادبي روايت ڪان علاوه سومرن جي دور، سمن جي دور، ارغون، ترخان، مغليہ دور، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور تي جيڪو گهرو مطالعو پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ هر هڪ دور جي عالمن، اديبن، تصنيفن، تاليفن، تذڪرن ۽ روايتن تي تفصيلي ۽ وضاحتي روشني وڌي آهي، سا ادبي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ هڪ جدا ضبعي لاڙي جي تقاضا ڪري ٿي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي علمي ڪارنامن مان هڪ اهم ڪارنامو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو جامع، مستند ۽ معياري متن تيار ڪرڻ آهي. پاڻ اها تجويز سن 1966ع ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت سان مذڪوره ڪاميٽي آڏو پيش ڪئي. ڪاميٽي جي 30- سيپٽمبر 1966ع جي گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پهريائين ”شاهه جي رسالي“ جي مختلف قلمي نسخن توڙي شاهه جي سوانح حيات بنيادي ماخذن کي سوڌي سنواري شايع ڪيو وڃي ۽ ان ڪان پوءِ رسالي جي مستند معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي. ڪاميٽي پاران انهيءَ ڪم جي ذميداري ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي ڪئي وئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اها ذميواري قبول ڪندي، رٿا کي ٻن حصن ۾ ورهائي، پهريائين شاهه صاحب جي حياتيءَ متعلق بنيادي ماخذن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مير عبدالحسين خان سانگي جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”لطائف لطيفي“ 1967ع ۾ ڇپايو ۽ مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ 1972ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اهڙيءَ طرح بيدل سائين جو ”پنج گنج“ جيڪو صوفي سبحان بخش ترتيب ڏنو هو ۽ ”راڳنامو“ فقير صوفي محمد صديق جو 1976ع ۽ 1981ع ۾ شايع ڪرايا.

انهن ڪتابن جي اشاعت ڪان پوءِ رسالي جي معياري متن تيار ڪرڻ ڪان اڳ رسالي جا پهريان پنج متن تحقيق ۽ تصحيح سان شايع ڪرايا. 1- سن 1969ع ۾ برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو، 2- 1974ع ۾ سرڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ رسالو، ٽن اهم قلمي نسخن کي ڀيٽي شايع ڪيو ويو ۽ 3- 1977ع ۾ سر سسئي سان شروع ٿيندڙ رسالو، جيڪو ڏهن قلمي نسخن کي ڀيٽي شايع ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح 1972ع ۾ رسالي جي چوئيتاليهن (44) قلمي نسخن ۽ ڇاپن جي تحقيقي مطالعي کي ”شاهه جي رسالي جا سرچشما“ جي عنوان سان شايع ڪرڻ ڪان سواءِ 1974ع ۾ پنجيتاليهن (45) قلمي ۽ ڇاپي رسالن جي سُرن، داستانن، بيتن ۽ واين جي مطالعي کي ”شاهه جي رسالي جي ترتيب“ جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري بنيادي

تحقيقي ڪم ڏهن سالن جي محنت سان پڄاڻيءَ تي رسيو.

جنوري 1980ع کان رسالي جي جامع، مستند ۽ معياري متن جي تياريءَ جو ٻيو مرحلو شروع ٿيو. ٻن سالن ۽ ستن مهينن تائين تحقيقي ڪم هلندو رهيو ته ڪن دشوارين سبب آگسٽ 1982ع کان مارچ 1983ع تائين اٺ مهينا ڪم ۾ رڪاوٽ پئجي ويئي. ان هوندي به ڊاڪٽر بلوچ صاحب رسالي جي معياري متن جي رسالي ۾ سر ڪلياڻ ۽ سر يمن جو معياري متن مڪمل ڪيو، جنهن تي 29- ڊسمبر 1988ع تي 6 صفحا مهاڳ لکيو ويو. شاهه جي رسالي جي جامع، مستند ۽ معياري متن جو جلد پهريون ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“ جي عنوان سان 1410هه/1989ع ۾ ميگزين سائيز ۾ ”شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه“ پاران تفصيلي مقدمي، ڀيٽ ۽ سمجهاڻي سميت شايع ٿيو. جلد پهرين جي سٽاءَ جو مختصر خاڪو هن ريت آهي:

ٻه سؤ ڇهه صفحا مقدمي جي باب پهرين ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي حياتيءَ جو احوال. باب ٻئي ۾ شاهه جي رسالي جي اصليت ۽ حقيقت ۽ رسالي جي قلمي نسخن ۽ ڇاپن جي سڃاڻپ. باب ٽئين ۾ رسالي جي تدوين ۽ تاريخ. باب چوٿين ۾ رسالي جي ترتيب. باب پنجين ۾ شاهه جي ڪلام جي پرک جا معيار. باب ڇهين ۾ جامع مستند متن لاءِ صورتخطي. اهڙيءَ ريت 662 صفحن تي سر ڪلياڻ جو مهاڳ، سر يمن جو مهاڳ، سر ڪلياڻ ۽ سر يمن جو متن ۽ معني.

**جلد ٻيون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1992ع ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز“ حيدرآباد پاران ساڳئي سائيز ۾ 518 صفحن تي مشتمل ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جلد ۾ سر ڪنيات، سر ٻروو، سر سري راڳ ۽ سر سامونڊي شامل ڪيل آهي.

**جلد ٽيون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1994ع ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز“ حيدرآباد پاران ساڳئي سائيز ۾ ڇهه سؤ صفحن تي مشتمل آهي. چوهٺ صفحن جي مقدمي سان هن جلد ۾ ستن سُرن: سر گهاتو، سر ڪاهوڙي، سر ڪاپائتي، سر بلاول، سر پرڀاتي، سر ڪارايل ۽ سر ڏهر شامل آهن.

**جلد چوٿون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1997ع ۾ ”علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. ست سؤ ڇاهٺ صفحن تي مشتمل هن جلد ۾ سسئي وارا پنجئي سر: سر آبري، سر معذور، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسيني شامل آهن.

**جلد پنجون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1996ع ۾ ”علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هن جلد ۾ سر ليلان، سر راڻو، سر ڪاموڏ ۽ سر سورٺ شامل آهن.

**جلد ڇهون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1995ع ۾ ”علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. پنج سؤ چاهٺ صفحن تي مشتمل هن جلد ۾ ٻاهٺ صفحن تي مقدمي سان ڳڏ چار سر: سر روپ، سر پورب، سر رامڪلي ۽ سر آسا شامل ڪيل آهن.

**جلد ستون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1998ع ۾ ”علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. ڇهه سؤ انيتاليهن صفحن تي مشتمل هن جلد ۾ ايڪيتاليهن صفحن جي مقدمي سان ڳڏ ٻه سُر: سر مارئي ۽ سر سهڻي شامل ڪيل آهن.

**جلد اٺون- ”شاهه جو رسالو- شاهه عبداللطيف جي پنهنجي ڪلام جو سڄو سريستو صحيح رسالو“:** 1999ع ۾ ”علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو، جو پنج سؤ انيتاليهن صفحن تي مشمل آهي. هن جلد ۾ اٺتيهه سر: سر ڪلياڻ، سر يمن، سر ڪنيات، سر ٻروو، سر سري راڳ، سر سامونڊي، سر گهاتو، سر ڪاپائتي، سر بلاول، سر پرڀاتي، سر ڪارايل، سر ڏهر، سر آبري، سر معذور، سر ديسي، سر ڪوهياري، سر حسيني، سر راڻو، سر ليلان، سر ڪاموڏ، سر سورٺ، سر رپ، سر پورب، سر رامڪلي، سر آسا، سر مارئي، سر سهڻي ۽ سر سارنگ شامل ڪيل آهن.

**جلد ڏهون- ”شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام“:** 1996ع ۾ ”علامه قاضي جو رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. اٺ سؤ پنجونجاهه

شخصيت سيني کان منفرد مقام واري آهي.“

ڊاڪٽر عبدالجبار ’عابد‘ لغاري فرمايو آهي ته:

”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نهايت اورچ اسڪالر هو.“

ڊاڪٽر صاحب جي انهن لاجواب علمي ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ پاڪستان حڪومت کيس تمغهء پاڪستان ۽ صدارتي تمغه حسن ڪارڪردگي ۽ 2001ع ۾ حڪومت پاڪستان طرفان تمغه امتياز مليو. سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو چيئرمن ٽن سالن لاءِ رهيو، ۽ سنڌ جي مختلف حصن جي لهجن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايائون. پاڻ هڪ طرف پروفيسر ايمريٽس رهيو ته ٻئي طرف سنڌ يونيورسٽي طرفان قائم شده علامه آءِ آءِ قاضي چيئر جو چيئرمن پڻ رهيو.

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ صاحب لکيو ته:

”ڊاڪٽر صاحب جي ذهن، زبان ۽ سيني ۾ سنڌ جي تاريخ، علم، ادب ۽ ثقافت جا خزانا لڪل آهن، اهو اسان جي مفاد ۾ آهي، ته سندن جاکوڙ، جستجو، محنت، مواد ۽ معلومات کي اسان هٿ ڪري ڪتابن جي صورت ۾ ڇپرائي محفوظ ڪريون.“

حميد سنڌي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ڪن گهاريل گهڙين جي باري ۾ لکيو آهي ته:

”ڊاڪٽر صاحب جي ساراهه ته هاڻ دوست ۽ دشمن پيا ڪن، جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي محنت ۽ پورهئي وسيلي سيني کي مڃايو آهي. هونئن به تاريخ ۾ اهڙن ماڻهن جي ڪاميابي ٿئي ٿي جيڪي پنهنجي قلم ۽ ڪردار وسيلي وقت جا وهڪرا اُڪري، حق ۽ سچ جي ڳالهه کي اڳيرو ۽ مٿانهون رکڻ لاءِ جاکوڙ ۾ رُڌل رهن ٿا. مون ڊاڪٽر صاحب کي اڄ تائين اهڙي عمل ۾ رُڌل ڏٺو آهي، جو هن ڪٿي به ساهي نه کنئي آهي. هو اڄ به سنڌ جو وڏو محقق، ڄاڻو، ڏاهو ۽ قلمڪار آهي جيڪو قلم جي مس ٿي سُڪڻ نه ٿو ڏئي ڇاڪاڻ ته سندس گهڻ پاسائين شخصيت ۾ ڪئين راز، رمزون ۽ هنر لڪل آهن.“

شيخ محمد اسماعيل لکيو ته:

”ڊاڪٽر صاحب جي انشاء اسلوب جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي جو هُن هن وقت تائين هڪ سؤ کان مٿي موضوعن تي ڪتاب لکيا آهن، پر جنهن به موضوع تي لکيائين، اصطلاح ۽ ٻولي، ان موضوع مطابق استعمال ڪيائين. انشاء جو اهو انداز هن کان اڳ ڪنهن به اديب نه اختيار ڪيو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ سنڌيءَ، فارسيءَ، عربيءَ ۽ انگريزي جو ڄاڻو عالم آهي.“

سگهڙ عبدالرحمان مهيسر چيو ته:

”ڊاڪٽر صاحب جن ٽن صدي کان وڌيڪ عرصي تائين سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي ان جو مثال ڪونهي.“

پرواني ڀٽي چيو ته:

”ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي چپي چپي تي پنهنجن پيرن جا نشان ڇڏيا آهن، اسان انهن پيرن جي نشانن کي ٿي سمجهي ۽ ڏسي اڳتي وڌياسين ته پوءِ اسان کي اُهائي منزل هٿ اچي ويندي جنهن جا اسين ڳولائو آهيون.“

پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد حسينيءَ لکيو ته:

”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جو اهو عالم ۽ دانشور آهي جنهن تي سنڌي قوم بجا طور تي فخر ڪري سگهي ٿي.“

عبدالرحمان پليجي لکيو ته:

”سنڌ جي لوڪ ادب، لوڪ گيتن، بيتن، اکاڻين، ڍُڻن، ڏورن، ڳيچن، ڪافين، مولودن، مداحن، عشقيه داستانن، لوڪ ڪهاڻين، مطلب ته صدين کان سنتين جي سيني ۾ سانڍيل خزانن کي آڻي سنڌ جي ڪاڇن، ٿر کان ڇپر، سري کان لاڙ تائين گڏ ڪيو آهي.“

عزيز جعفراڻي چيو ته:

”ڊاڪٽر بلوچ جا ڪئين عرب مداح ۽ معترف آهن.“

حافظ حبيب سنڌي ڊاڪٽر بلوچ کي سنڌ جو

اسڪالرشپ ملي ۽ اين.اي.جي.خان جي انبر ۾ پي ايچ ڊي 1971ع ۾ شروع ٿي وئي.

(2) جڏهن مان اسلام آباد ۾ ايرڊي سمال بزنس فنانس ڪارپوريشن 1990ع ۾ مقرر ٿيس ته انهن ڏينهن ۾ بلوچ صاحب جن به اسلام آباد ۾ هجره ڪائونسل جا سربراهه هوندا هئا، اتي ڪچهريون رات جو ٿينديون هيون، مان جڏهن سائين جن کي چيو ته سائين سنڌي قوم کي علم ۽ ادب پرائڻ سان گڏ ڪمرشل ٿيڻ جي به تلقين ۽ هدايت ڪريو، ته پاڻ ان کان پوءِ سنڌ جي هنرن تي ڪتاب لکيائون ۽ هنرن ۾ ۽ ڌنتن ڌاڙن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺرائڻ لاءِ تجويزون لکيائون.

(3) رٽائرمينٽ کان پوءِ مظهرالحق صديقي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر هجڻ وقت مون کي اقتصاديات جي پئنل تي رکيو ۽ پروفيسرن جي تقرر ۽ ترقي لاءِ ڪميٽي ميمبر طور گهرائيندو هو. سال 2004ع ۾ جڏهن صديقي صاحب گهرايو ته سائين بلوچ صاحب کي به سندس مضمون لاءِ ماهر جي طور تي گهرايو، اتي انٽرويو وٺڻ کان اڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ منهنجي وڏي ڪچهري ٿي. سنڌ ۽ سنڌي نسل جي بگڙيل حالتن لاءِ مون جڏهن سائين بلوچ صاحب جن کي چيو ته سنڌي نسل لاءِ ڪا ايجنڊا ڏين ته جيئن ايندڙ نسل ڪنهن سڌاري واري طرف اچي سگهن ۽ موجوده بگڙيل دور مان جند ڇڏائي سڌاري طرف اچي سگهن، اتي سائين جن خاموش ٿي چيو ته ادا سيکو پاڻ سڌاري

(4) اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بيهر ملاقات دوران 2004ع ۾ سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان پنهنجي لکيل آتم ڪهاڻيءَ لاءِ فورورڊ لکي ڏيڻ لاءِ گذارش ڪيم، ته واعدو ڪيائون ته هڪ هفتي اندر موڪليندا ۽ ماشاء الله ٿيو به ائين جو هڪ هفتي اندر سائين فورورڊ لکي موڪليو ۽ مون پنهنجي سوانح حيات انگريزيءَ ۾ لکي ڇپرائي ۽ ڪيس جڏهن ڪتاب جي ڪاپي ڏيڻ اولڊ ڪئمپس واري گهر تي آيس ته ڪتاب ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ گهڻو وقت ويهاري حالي احوالي ٿيا.

### ڊاڪٽر بلوچ لاءِ حقيقي خراج تحسين:

برناڊشا سچ چيو آهي ته:

"جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويندڙ ماڻهو اتي گهڻو وقت نه ٽڪي سگهي."

انسان هميشه هن دنيا ۾ نه ٿو رهي مگر پنهنجا عمل ۽ ڪارناما ڇڏي وڃي ٿو، ڊاڪٽر بلوچ صاحب به هن دنيا کي ڪوچ ڪري ويو جسماني طور مگر سندس بي بها ۽ بيشمار لکيل ڪتاب ۽ تحريرون اسان کي خزاني جي شڪل ۾ ڏئي ويو آهي، سي هميشه اسان سان هن دنيا ۾ رهنديون ۽ ايندڙ نسل انهن مان فائدو وٺي ڊاڪٽر صاحب کي دعائون ڏيندو ۽ نيڪ خواهشن سان پيو ياد ڪندو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب بي لوث ايماندار ۽ اورچ ماڻهو هو، هن جهڙا ماڻهو محنتي ۽ موتيءَ داڻا ورلي پيدا ٿيندا. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، لوڪ ادب ۽ شاهه جي رسالي تي تمام گهڻو انمول خزانو اسان وٽ ڇڏي ويو آهي. اسان جو ڪم آهي ته اسان سندس قدمن ۽ نسخن مطابق محنت جا قائل بڻجي سندن نالو روشن ڪندا رهون ۽ سندس روح جي چوٽڪاري لاءِ دعائون ڪندا رهون. بهتر ائين ٿيندو ۽ ڪيس حقيقي خراج تحسين تڏهن ڏئي سگهنداسون جو سندن نالي تي ورلڊ اسڪالر سوسائٽي ناهجي ۽ زنده اسڪالرن ۽ اديبن جي همت افزائيءَ لاءِ جوڙيل اداري طرفان زنده اديبن جي نالي تي ۽ ڪين همت ڏيارڻ لاءِ سيمينار ۽ ڪانفرنسون ڪرائي ڊاڪٽر صاحب جو نالو روشن ڪندا اچون.

تاڪي ساٿن اور، جان آهن اوطاقن ۾،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، پاڻ متائن گهور،
هو جي ويا هنگلور، ڪرمين ملنديءَ ڪاپڙي.
(شاهه)

هاڻي ته ائين پيو لڳي ته سگهڙ به گهٽبا پيا وڃن، رڳو مڙهيون وڃي بچيون آهن. وري جيڪي سگهڙ وڃي بچيا آهن تن کان اهي ضروري روايتون، ڳجهارتون، بيت سکڻ وارن جو انگ ئي ڪونهي. نفسانفسي هتي به وڌي وئي آهي.

ڪکر موٽيا ڪين، اُبن ڪئي چانوَ،
رهيا وڃي ناءِ، ڪانگ ٺهوڪيا ڏيهه ۾.
(سليم الله)

ٻئي ڏينهن صبح جو ننگرپارڪر لاءِ پنهنجا ننگ سنڀالياسين. رستي تي ڊاڪٽر لياقت علي راهمون صاحب جي سات مان گهڻو ڪجهه پرايوسون. وڻ ٽڻ، ٻوٽن ۽ جڳهين جا نالا ڪيس ائين ياد هئا، جيئن هڪ وطن واسي کي هجڻ کپي.

اسلام ڪوٽ ۾ مکي نهال چند جي اوطاق هڪ وڏي عرصي کان ٿر گهمندڙن لاءِ "نئون سنئون" ٿيڻ ۽ مهمان نوازيءَ جون ريتون پوريون ڪرڻ ۾ پاڻ مَلهايو آهي. سندس جاءِ تي هاڻي وشنداس وڪيل پنهنجي وڏن جو نالو قائم رکيو اچي. وٽس منجهند ڏاري اطلاع مطابق پهتاسين. اسين وياسين ته پنهنجي مرضيءَ سان، پر موڪلائڻ مهل ايترا ته بي وس هئاسين جو مانجهاندي کان پوءِ به پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏيائين. اسلام ڪوٽ تائين ته پڪو رستو نهيل آهي، جتان ننگرپارڪر تائين پيچرا پاڻ رهنمائي ڪندا رهن ٿا. وري ٿل نه ڪو اُٺ پيچري تي هلندي اوهان جي گاڏي آڏو اچي، پوءِ اڳيان اُٺ پويان گاڏي. جڏهن وڃي ڪو هئڻ جو خيال پويس. تيسين اوهان به شڪ ۾ اُٺ به پريشان.

جاڏي ڪنڌ تاڏي پنڌ، پيچري ڪر پچار،
ڪرهي واري ڪار، ٿر گهمائي گهومين ڪي.
(سليم الله)

اسلام ڪوٽ جي آسپاس وارو علائقو قدرت جي اڻکٽ خزانن سان مالامال آهي پر ان ڌرتي جي سيني تي اهو الڙ ٻارڙو ڳڌهن ڪي هر ٻڌي ڪاهيندڙ چا ڄاڻي ته سندس اگهاڙا پير ڪهڙن خزانن کي لتاڙي رهيا آهن. دنيا جو دستور رهيو آهي ته قدرتي خزانا مقامي ماڻهن لاءِ هميشه ڏچو بڻيا آهن. اهي نصيب وري به انهن کي ئي ٿين ٿا جن جو ان سان واسطوئي نه هجي.

جنهن ڌرتيءَ مٿي ٿاڪ، مورک مول نه ڄاڻن،
ٻڪ پرم ۽ پل جا، سڌٻا سي هيراڪ،
ڪُ ڄاڻن ڪاڪ، ڪير واسائيندو واٽين.
(سليم الله)

ٿرپارڪر جي پونءِ جتي تقريباً نو هزار ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل 175 ارب ٽن ڪوئلي کان سواءِ چيني مٽي، لوڻ ۽ گرينائيٽ وغيره جهجهي انداز ۾ موجود آهي، ان ڪوئلي ۾ لگنائيٽ قسم جو ڪوئلو گهڻو آهي جنهن ۾ گندرف ۽ چار گهڻ ٿئي ۽ ماحول کي گهڻ متاثر ڪري ٿو.

اهو ڪوئلو مٺي، ڇاڇري ۽ ننگرپارڪر تعلقن تي ڏکڻ اُتر ۾ 140 ڪلوميٽر ۽ اولهه- اوڀر ۾ 65 ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي. هن وقت تائين فقط ڪوئلي جي چئن وڏن بلاڪن جو معائنو ڪيو ويو آهي: (1) سينهار وکيا، وروائي (2) سينگهارو ٻنڙا، (3) سونل ٻهه ۽ (4) صالح جو تڙ.

ٿر جي ڪوئلي مان نه رڳو صدين تائين بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي، بلڪ اهو مقامي ماڻهن ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ بهترين ذريعو آهي.

ڪوئلي کان سواءِ هن علائقي ۾ لوڻ پڻ گهڻي انداز ۾ موجود آهي. ڏيپلي تعلقي ۾ لوڻ جا ڪيترا ئي "سن" موجود آهن. انهن مان سارڻ وارو سن نندي ڪنڊ جي وڏي ڪاڻ ٻڌائي وڃي ٿي. ننگر ۾ موکئي جي آيوڊائيز لوڻ وارو سن پڻ مشهور آهي. سوراچند ۾ هڪ سن مان سائو، ڳاڙهو ۽ پيلو لوڻ به نڪري ٿو.

مطلب ته اڻکٽ قدرت جا خزانا موجود آهن، جن جي صحيح ورچ ۽ استعمال جي ضرورت آهي. ساڳي طرح ٿر جي دستڪارين کي به پنهنجي هڪ سڃاڻپ آهي پر "وچ واري" ماڻهو ڪري مناسب اجرت نه ملڻ سبب ڪيس وڏو ڌڪ رسيو

ڊاڪٽر ناهيد پروين

# سنڌي اساسي شاعري ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي وٺڻ سان ذهن ۾ سنڌي ٻولي، لسانيات، لطيفيات، لوڪ ادب، تعليم، تاريخ، موسيقي ۽ سنڌي اساسي شاعريءَ سوڌو ڪيئي موضوع ذهن جي پردي تي تري اچن.

انهن سڀني ميدانن ۾ ڊاڪٽر صاحب جو علمي، ادبي، کوجنائي پورهيو سنڌي ٻوليءَ جو اهو املهه سرمايو آهي جنهن تي فخر ڪري ٿو سگهجي.

سنڌي اساسي شاعريءَ جي اهميت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. سنڌي اساسي شاعري ئي سنڌي ادب کي زنده جاويد رکندي اچي ٿي. اها سنڌي اساسي شاعري ئي آهي جنهن سنڌ جي ماڻهن کي اعليٰ انساني اخلاقي قدر ۽ گڻ سيکاريا، جنهن ماڻهن ۾ ماڻهپي جهڙي وصف کي ڀيهر جياريو.

عام پڙهندڙن ليکي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان اڳ ۽ پوءِ اساسي شاعريءَ جو ميدان خالي هو، پر لاڪيڻي سنڌ جي ناميارن محققن پنهنجي کوجنائن وسيلي اهو ثابت ڪيو ته سنڌي اساسي شاعريءَ جي ڌرتي تمام زرخيز آهي.

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو پنهنجي مضمون "شاهه کان اڳ جا شاعر" ۾ لکي ٿو ته:

"عام خيال ڪيو ويندو هو ته شاهه صاحب کان اڳ شاعريءَ جو ميدان سُڃو ۽ سکڻو هو ۽ پڙهندڙ شاهه جي ڪلام جي حُسن کي ڏسي ائين ڀائيندا آهن ته اهو جمال لازوال هنهئين حاصل ٿيو آهي. ان جي خط ۽ خال سينگارڻ ڪنهن ٻئي مشاط جو هٿ نه هو پر ائين نه آهي، شاهه صاحب کان اڳ ڪيتائي باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن(1)."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جتي لطيفيات تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي اتي سندن جاکوڙي طبيعت اساسي شاعريءَ جي ڏس ۾ اهم ڪارناما سرانجام ڏياريا، جيڪي هر ڏاهي جي نظر مان گذريا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪلاسيڪي شاعري کي اساسي شاعري ۽ اعليٰ سنڌي شاعريءَ جي لفظن سان پڙرو ڪيو.

دراصل ڏٺو وڃي ته اساسي شاعريءَ جي تحقيق، ترتيب ۽ اشاعت جو اصل مقصد آهي، سنڌي علم و ادب جي ان اهم سرمائي کي ترتيب سان يڪجا ڪجي ۽ هر سنڌي ۽ غير سنڌي جي اها سوچ تبديل ڪئي وڃي ته شاهه کان اڳ ۽ پوءِ سنڌي اساسي شاعري ۾ ڄڻ ڪجهه به ناهي. سنڌي ادب ۾ اساسي شاعرن جي مالها وڏي آهي جنهن ۾ هڪ شاهڪار شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. سنڌي اساسي شاعريءَ جو محور مرڪز "پاڻ سڃاڻ، الله سڃاڻ" ۽ انسان دوستي ۽ انسانيت پسندي آهي. انهن سڀني پهلوئن تي نظر رکندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهه سائين کان اڳ جا شاعر ۽ شاهه کان پوءِ جي شاعرن جي ڪلام کي پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري سمجهيو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي کوجنا موجب اساسي شاعريءَ جي سلسلي ۽ فڪر جو پهريون باني مباني شاعر قاضي قادن هو. بظاهر ائين محسوس ٿئي ٿو ته، ڊاڪٽر صاحب قادن جو رسالو مرتب ڪيو، پر اهو رسالو رڳو ترتيب تي ٻڌل نه آهي بلڪ ان تي مڪمل ۽ جامع تحقيق ڪئي آهي. 'قاضي قادن جو رسالو' جي مهاڳ جي ابتدا ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڄاڻائي ٿو ته:

شاهه عبدالڪريم پنهنجي سلوڪ جي محفلن ۾ تصوف جي ڳوڙهن رازن ۽ ٻين نصيحت آميز موضوعن جي سمجهاڻي ڏيندي، پنهنجا ۽ ٻين سالڪن جا بيت فقيرن آڏو پڙهيا، جيڪي پوءِ سندن مريد محمد رضا "بيان العارفين" ۾ ملفوظات طور قلمبند ڪيا، انهن ۾ ست بيت اهڙا هئا جن بابت نالو وٺي چيائين ته قاضي قادن جا آهن. هڪ وڏي عرصي تائين اهي ست بيت ئي قاضي قادن جي نالي سان سنڌي عالمن ۽ اديبن

سلامت رحمت الله عليه يعني شاهه عبدالڪريم صاحب بلڙي وارو قدس سره "فدائي نام محمد صدام ابراهيم" جي سجع مان مالڪ "حافظ ابراهيم ولد مرحوم مغفور عبدالوا....." جي مهر لڳل آهي ۽ پڻ هڪ آخري ورق تي "بتاريخ سيز دهم روز دوشنبه ماهه مبارڪ ذوالحج سنه 1202" لکيل آهي.

هن مجموعي ۾ "منهاج المعرفت" جملي 107 ورقن تي شامل آهي ۽ آخر ۾ ڪتابت جي تاريخ هن طرح ڄاڻايل آهي:

"تمت تمام شد نسخه منهاج المعرفت از تصانيف شيخ لطف الله مرحوم قادري واز تحرير فارغ شد بتاريخ 14 ماه ربيع الاول سنه 1208هجري(7)."

ڏنو وڃي ته قاضي قادن ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي وارا شاهه لطف الله قادريؒ جا پيش رو هئا پر شاهه لطف الله قادريؒ پنهنجي آڏو فقط "سلوڪ ۽ طريقت" جو هڪ مکيه مضمون رکيو. جنهن بابت سالڪن کي ڄاڻ ڏيڻ ٿي چاهيائين ته حق ۽ حقيقت جي ڳولا کهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي.

انهي سلسلي ۾ شاهه لطف الله قادريؒ پهريون پيرو سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ "سامونڊين ۽ ناکئن" ۽ "جوڳين ۽ آديسين" وارا نوان تمثيل مضمون رائج ڪيا جي ڪانئس اڳ ٻئي ڪنهن شاعر ڪتب نه آندا هئا، پر ڪانئس پوءِ اهي مضمون ۽ عنوان ميين شاهه عنات توڙي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ٻنهي لاءِ مثال بڻيا.

شاعراڻي فن جي لحاظ کان "وراڻ" يا "تڪرار" شعر کي چار چنڊ لڳائي ڇڏي ٿي. شعر جي ان خوبي جو خوبصورت استعمال پهريون پيرو شاهه لطف الله قادريؒ جي بيتن ۾ ڀرپور نموني سان نظر اچي ٿو:

عقل اُت اوچتون ٿئو، ڪا جا ڏسي پت،
پسيو پر پرين جيءَ منجهيو وڃي مت،
اُن وائي پير ٻئو، آٿ ابتي پت،
نڪو ڳاچ نه ڳت، حيرت هنيو سڀ ڪو.
(شاهه لطف الله قادري جو ڪلام، ص:54.)

شاهه لطف الله قادريؒ کان پوءِ وري "وراڻ" يا "تڪرار" شاهه لطيف جي شاعري ۾ جابجا نظر اچي ٿي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي ڀيٽ شاهه لطيفؒ جي ڪلام سان ڪئي. ٻنهي باڪمال شاعرن جا بيت آمهون سامهون رکيا ۽ ڪيترين ئي هڪجهڙاين ڳولهي لڌيون.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهه لطيفؒ جي هڪ سؤ ٽيٽيهن هڪجهڙن بيتن جو موازنو ڪيو جيڪي ڪٿي خيال ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا، ڪٿي لفظن توڙي معنيٰ ۾ هڪجهڙائي اٿن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ان بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

"صاف ظاهر آهي ته ڀٽائي صاحب اهي بيت شاهه لطف الله قادري جي بيتن کان متاثر ٿي چيا(8)."

ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهه لطف الله قادريؒ جي ڪلام کي مڪمل ڇنڊڇاڻ کان پوءِ شايع ڪرايو ۽ شاهه لطف الله قادريؒ جي ڪلام جي ڀيٽ ڪانئس اڳ جي ۽ پوءِ جي ٻنهي شاعرن سان ڪئي، پوءِ سندس شاعريءَ جون خاصيتون بيان ڪيون آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي اساسي شاعريءَ جي هن اڳاٽي اهم ذخيري کي هٿ ڪري، ان جي قدامت، فني سٽاءُ، علمي ۽ ادبي فضليت ۽ افاديت کي سمجهي ان تي نهايت عالماڻو مقدمو لکي اساسي شاعريءَ کي روشن ڪرڻ لاءِ قابلِ قدر ڪوششون ڪيون. ان سلسلي ۾ سندس هڪڙو وڏو ڪارنامو "شاهه لطف الله قادري جو ڪلام" پهريون پيرو 1968ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران شايع ٿيو.

**ميين شاهه عناتؒ جو ڪلام:** ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪلاسيڪي شاعري جي ذخيرن کي سهيڙڻ جو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ ان ڪم لاءِ ڪيس وڏي جاکوڙ ۽ عرق ريزيءَ کان ڪم وٺڻو پيو. ميين شاهه عنات جو ڪلام سهيڙيندي ڪتاب جي مهاڳ جي شروعات ۾ لکي ٿو ته:

ڪلام بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو. پنهنجي انهي شوق جي تڪميل وجي ڪيس 1944ع ۾ حاصل ٿي.

خليفي نبي بخش لغاري جي رسالي ۾ 29 سُر آهن، جن ۾ 745 بيت ڏنا ويا آهن ۽ 101 وايون پيش ڪيون ويون آهن. خليفي صاحب پنهنجي رسالي جي سُرن ۾ وڏي تخليقي ندرت پيدا ڪئي آهي.

خليفي نبي بخش لغاري جي سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ اهم سڃاڻپ سندس ”قومي شاعري“ آهي، جنهن ۾ خليفي صاحب جي فڪر ۾ سنڌ جي عظمت جو احساس ۽ وطنيت جو ڀرپور ۽ زوردار جذبو اوتيل آهي.

خليفو نبي بخش لغاري سنڌ جي سورهين سرويچن جا اوصاف ڪجهه هن ريت پيش ڪيا آهن:

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، ڪا نئين مور نه ڪن،
ايندي لاٽو آسرو، توڙئون مٿان تن،
جوڳ مچائي جن، پوڪ پچندي تن جي.

(خليفي صاحب جو رسالو، سُر ڪيڏارو، فصل پهريون، بيت 9، ص:41)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي اساسي شاعريءَ جي سلسلي جي نهايت اهم شاعر خليفي نبي بخش جي ڪلام کي ان جي اهميت ۽ افاديت مطابق جنهن علمي ۽ ادبي جذبي ۽ شوق تحت سوڏي سنواري شايع ڪرايو آهي، تنهن تي ڪيس جيترو به ساراهجي اوترو گهٽ آهي.

**ڪليات حمل:**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اساسي شاعريءَ جي سلسلي جي هڪ مکيه شاعر حمل فقير لغاريءَ جي ڪلام کي سهيڙي ۽ سموهي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪرايو.

حمل فقير لغاري سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل، شاعرن ۾ اهم مقام رکي ٿو. سندس سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام سان سنڌ جي ماڻهن کي گهڻي انسيت رهي آهي. سندس ڪلام تصوف، فقيري، عشق ۽ جذبه لوڪ روايتن سنڌي عام چوڻين سان ڀرپور آهي.

حمل فقير جي ڪلام سهيڙڻ بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”ڪليات حمل“ جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته:

”فقير جي قبيلي سان خانداني تعلقات هئڻ سبب بنده کي سندس ڪلام سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئي. مگر سندس مڪمل ڪلام ۽ سندس حياتي جي مستند احوال بابت پوري خبر ڪانه هئي.

حمل خان جي حياتيءَ جو احوال ”حمل خان لغاري“ جي عنوان مان پهريون دفعو راقم الحروف جي هڪ تحرير ذريعي ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيو ۽ ان بعد زياده تفصيل سان رسالي ”عام راءِ“ ماه جنوري ۽ مارچ 1951ع ۽ ان بعد رسالي ”نئين زندگي“ ماه جون ۽ جولاءِ 1951ع ۾ شايع ٿيو. بس حمل جي ڪلام ۽ حياتيءَ بابت اها ئي معلومات پبلڪ جي اڳو پيش ٿي چڪي هئي. ”ڪليات حمل“ کي مرتب ڪرڻ جو نوبت آئي(11).“

”ڪليات حمل“ ۾ حمل فقير جي شاعريءَ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. ڏنو وڃي ته سنڌ جي اساسي شاعرن وٽ شاعري ۽ فقيري لازم ملزوم جزو رهي آهي. انهيءَ ڪري هر اساسي شاعر، شاعريءَ کي خدا پرستي ۽ فقيري جي تلقين جو ذريعو بنايو. ساڳيو ئي حال حمل فقير جو به آهي، تنهن بابت ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

”حمل پنهنجي شعر ۾ عام حقيقتن ۽ حالتن کي نهايت دانائيءَ سان بي نقاب ڪيو آهي. بقول راضي فقير: ’حمل، حقيقت حال واري پٽري چونڊو آيو آهي، جام عام توڙي خاص کي سگهي ۽ سُکي سمجهه ۾ اچي ٿي.‘ يعني ته حمل پنهنجي شعر ۽ شاعريءَ جي هر موضوع کي عام فهم، سليس ۽ دلچسپ پيرايي ۾ ادا ڪيو آهي، مگر هر ڳالهه کي اهڙو ته تڪي توري پيش ڪيو اٿس، جو اها پڙهندڙ جي نه صرف ذهن نشين، بلڪ دلنشين ٿي وڃي ٿي(12).“

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جڏهن به ڪنهن اساسي شاعر جي ڪلام جي ذخيري جي ڳولها ڪئي، ته ان لاءِ

وسان ڪونہ گھٽايائين. شاعر جي ڪلام ۽ سوانح بابت ان خاندان جي پونئيرن سان مليو ۽ جملي ڪلام هٿ ڪري سجي، بياض جي گھري اڀياس ڪان پوءِ ڇنڊڇاڻ ڪري نئين سر ترتيب ڏنو. سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ڪلام کي جدا ڪري، ان ڪان پوءِ هرهڪ ڀاڱي کي مناسب داستانن ۽ فصلن ۾ ورهايو ويو، ڪلام جي صحيح صورتخطي قائم ڪئي وئي، ان ٺاهہ ٺوهہ ڪان سواءِ بي ڪابہ ترميم يا ترديد نہ ڪيائين. ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "ڪليات حمل" نهايت سنواري سينگاري ترتيب ڏنو. ان تحقيقي ڪم ۽ سهيڙڻ جي جيتري ساراهہ ڪجي اوتري گهٽ آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙا جاکوڙي ڏاها، محقق ۽ مدبر اديب ڪنهن بہ قوم جي سڃاڻپ هوندا آهن. قومن جي تاريخي علمي ادبي ورثي کي سهيڙڻ وارا قوم جا وڏا محسن ٿين ٿا. سو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ سنڌي قوم جي بهترين سڃاڻپ ۽ عظيم محسن آهي.

اساسي شاعري جي ڪوجنا جو سلسلو مٿي ذڪر ڪيل شاعر تي ختم نہ ٿو ٿئي، اهو سلسلو اڃا اڳتي وڌي ٿو.

## راڳ نامون:

فقير محمد صديق سومرو عرف صوفي صادق شاهہ جو تعلق سنڌ جي مشهور ۽ فيض جي مرڪز درگاهہ جهوڪ شريف سان هو. ان درگاهہ تي راڳ جي رسم جو باني مباني بہ صوفي محمد صديق ئي هو. سندس رسالو "راڳ نامون" ستاويهہ سُرن جنهن ۾ 1406 بيتن ۽ 148 واين تي ٻڌل آهي. ڊاڪٽر بلوچ چوائي: "فقير صاحب جو راڳ نامو" اعليٰ اساسي شاعرن توڙي اڳاٽي شاعريءَ جو هڪ قيمتي ذخيرو آهي.

## شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو:

هيءُ رسالو بہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سهيڙيو. شاهہ شريف ڀاڏائي شاهہ لطيف واري روحاني رهبري جي وات اختيار ڪئي. سندس تخلص "شريف" هو. سندس ڪلام چويهن سُرن ۾ ڇيل آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪجهہ ڪلام ضايع ٿي ويو، تنهن هوندي بہ سندس 1268 بيت ۽ 112 وايون محفوظ آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي چوڻ موجب شاهہ شريف جي بيتن ۾ توحيد ۽ معرفت سان گڏ غنائي رنگ ڀريل آهي جو هو ٻئي جي ڳالهہ ڪندي بہ پنهنجو حال وڏيڪ اوري ٿو. شاهہ جو ڪلام بہ سندس آڏو آهي جن جي پران بيت چوندي ڀٽائي صاحب جي بنيادي خيالن کي جدا جدا طريقن سان ورجائي ٿو. هيءُ رسالو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران 1972ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

## رسالو غلام محمد خانزئي جو:

هن رسالي جو مرتب ڪندڙ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آهي. جنهن هن رسالي جو انتساب "شمس العلماء، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي" جي نالي جنهن "اعليٰ سنڌي شاعري" جي اڳاٽن ذخيرن کي سهيڙيو ۽ تحقيق سان شايع ڪرايو." (نبي بخش بلوچ)

هن رسالي جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ان حقيقت کي مڃيو تہ:

"هيءُ رسالو "غلام محمد خانزئي" جو سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي شاهڪارن مان آخري شاهڪار آهي، هيءُ رسالو شاهہ عبداللطيف جي رسالي جو تعبير ۽ تفسير آهي، ۽ رسالي جي سُرن ۽ موضوعن بابت معياري بيان معنيٰ جي لحاظ سان ساڳئي هڪ شاعر جي چيل بيتن ۽ واين ۾ "رسالي جي هيئت ۽ ترتيب" جي هڪ تڪميلي صورت آهي." (12)

هن رسالي جي خالق غلام محمد خانزئي جي سوانح حيات بابت ڪو گهڻو احوال دستياب نہ ٿي سگهيو پر سندس پنهنجي تصنيف ۾ جيڪي ڪجهہ موجود هو، ان کي ترتيب ڏئي ڊاڪٽر بلوچ ڪجهہ هن ريت پيش ڪيو:

"غلام محمد ولد خان محمد خانزئي اندازاً 1250 هجري ڌاري ڄائو. غالباً سندس "خانزئي" خاندان، بلوچن جي بروهي قبيلي جي نک مان هو جيڪي پير صاحب جهنڊي واري جا مريد هئا. غلام محمد بہ ابتدائي تعليم

انهيءَ ساڳي مڪتب ۾ پوري ڪئي، جنهن ۾ بزرگن جا ٻار پڙهيا. اهڙي چڱي ماحول جو سندس ترتيب تي وڏو اثر پيو. مڪتبي تعليم پوري ڪري سمجهه وارو ٿيو ته پاڻ به پير صاحب جهنڊي وارن جو مريد ٿيو. ساڳئي وقت سندس طبع ۾ شاعرانه شعور پڻ پيدا ٿيو، جو پوءِ ان وقت جي سجاده نشين پير صاحب جهنڊي واري جي تعريف ۾ هيٺيون ڪلام چيائين ته:

سهڻو چڙهيو سفر تي وو، نيزو ڪٽي نيشان لو،
ٿيو سوار سقب تي، ساراهيو سبحان،
منهنجو مُرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مُرشد آيو(14).“

مٿي ڏنل حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اساسي شاعري جي کوجنا ۾ پنهنجو ڪردار تمام سهڻي نموني نڀايو. اهو چئي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اعليٰ سنڌي اساسي شاعري جي ناياب گوهرن کي سلسليوار سنڌ جي عوام آڏو پيش ڪيو. جنهن ڪم جي ابتدا ورهاڱي کان اڳ پوءِ شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب ڪئي. تنهن ڪم کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مڪمل ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ قاضي قادن کان وٺي غلام محمد خانزئي تائين جي شاعرن جو ڪلام ترتيبوار شايع ڪرايو. ڪجهه شاعر جهڙوڪ: سچل ۽ بيدل انهن جي ڪلام کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مرتب نه ڪيو آهي. باقي اعليٰ سنڌي اساسي شاعري کي ڪتابي صورت ۾ آڻي سنڌي عالمن، محققن ۽ طالب علمن جي ڀرپور رهنمائي ڪئي اٿائون. سندس اها جاکوڙ سنڌ ۽ سنڌ واسين کان صدين تائين نه وسرندي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي ان سموري ڪم کي پوري ڪرڻ ۾ ٽيهه سال لڳا. ٽيهه سال ڪو معمولي عرصو نه آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي محنت، ذاتي ڪاوشن ۽ جاکوڙ جي جيتري واکاڻ ڪجي اوتري گهٽ آهي. سندس نالو سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ سونهري لفظن سان لکيو ويندو.

## حوالا


1. دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، ”مضمون ۽ مقالا“، سهيڙيندڙ: خديجه خانم دائود، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي حيدرآباد، سنڌ، 1978ع، (ص: 24،25)
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”قاضي قادن جو رسالو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1999ع، ص: 1 ۽ 2
3. ساڳيو، ص: 13۽ 15
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”شاهه لطف الله قادري جو ڪلام“ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2010ع، مهاڳ
5. دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، ”مضمون ۽ مقالا“، سيهڙيندڙ: خانم خديجه دائود، شاهه عبداللطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي حيدرآباد، سنڌ، 1978ع ص: 20 ۽ 21
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام“، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2010ع، ص:9
7. ساڳيو، ص: 41
8. بلوچ، نبي بخش خان، بلوچ، ”ميين شاهه عنايت جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، 1963ع، ص: 1
9. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”خليفي صاحب جو رسالو“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005ع، ص:1
10. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”ڪليات حمل“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1961ع، ص: (الف) ديباچو
11. ساڳيو، ص: 45
12. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”رسالو غلام محمد خانزئي جو“، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه حيدرآباد، سنڌ، 1985ع، ص: 1
13. ساڳيو، ص: 4

موجب: بني اسرائيل جا سمورا پيغمبر جيڪر اڄ موٽي اچن ته هو اسرائيلي ٻولي عبراني ۽ ان جي ادب کي سولائيءَ سان پڙهي ويندا.

ڪتاب "اڻاٽيون ٻوليون" جي ليکڪ چارلس برلز (Charles Berltz) "ٻوليءَ جي بقا ۽ ٻوليءَ وسيلي بقا" (Language Survival and Survival through Language) واري باب ۾ قديم هيبريو (عبراني) جي بحاليءَ بابت لکيو آهي ته:

"One of the first modern persons to become a native speaker of ancient Hebrew was Ehud Benyehuda, the second son of Eliezar Benyehuda, the famous reviver of Hebrew as a spoken language. Ehud's parents spoke to him only in Hebrew and probably because no one his own age spoke the language, he was slow to learn to speak. When he finally spoke his first correct Hebrew sentence, his father remarked to his mother, "Now, for the first time in more than two thousand years, Hebrew has become a natural spoken language."

[بني اسرائيل جو اهو پهريون ماڻهو، جنهن پنهنجي عبراني ٻوليءَ کي هڪ ڳالهائجندڙ قومي ٻوليءَ طور بحال ڪرايو. اهو ماڻهو عهد بناهيدا هو، جنهن قديم عبراني ٻوليءَ کي ٻاروتڻ کان سکيو، هو "علائزر بناهيدا" جو ٻيو نمبر پٽ هو، هن جا ماءُ ۽ پيءُ هن ساڻ ڄائي ڄم کان رڳو عبرانيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا هئا، جڏهن ته سندس عمر جو ڪوبه يهودي ٻار عبراني ٻولي ڳالهائي نه ڄاڻندو هو، جڏهن ننڍڙي "عهد" عبرانيءَ ٻوليءَ جو پهريون صحيح جملو ڳالهايو، تڏهن سندس پيءُ رڙ ڪري هن جي ماءُ کي چيو: "هاڻ ٻن هزار ورهين کان پوءِ پنهنجي ٻولي قدرتي ڳالهائجندڙ ٻولي بڻجي وئي آهي."]

اِها ڳالهه واضح هجي ته بابل جي يهودي شهنشاهه بخت نصر جي 'بئبلونيا واري غلاميءَ' (538- 586 ق.م) ۾ نڪرڻ کان پوءِ هوريان هوريان پنهنجي اصليت وڃائي وينا هئا.

"Hebrew is a striking example of an ancient language that has been successfully revived as a modern language. The language of ancient Israel, it fell into disuse as a spoken language as early as the time of the Jews' return from the Babylonian captivity, when Aramaic, a related language, was the general language of the Middle East. Hebrew was conserved as a written language in religious ritual and scholarship throughout the centuries of the Jewish dispersion (Diaspora). When Israel was re-established as a nation, ancient Hebrew was established as the official national language. It thus become a unifying force for all Jews returning to Israel, most of whom had to learn to speak it either in school or in military service. It was not until the second generation of Israelis, the "Sabras" (from a kind of pear, prickly on the outside and sweet within), who were born in Israel, that Hebrew truely became a national spoken language. It is still very close to its ancient origins. If the prophets who compiled the books of the Old Testament could return to present-day Israel, they would still be able to read the Israeli daily press- not without considerable mystification, of course, about its contents."

[اڄ جي زماني (20هين صديءَ ۾) عبراني هڪ اهڙي ٻوليءَ جو عاليشان مثال آهي، جيڪا هڪ جديد ٻوليءَ جي حيثيت ۾ مڪمل ڪاميابيءَ سان اسرائيل ۾ بحال ٿي آهي. قديم اسرائيل جي اها

هيءُ جهور پوڙهو، جنهن ايڏو نور نچويو هو، جو هاڻ سندس اکين جو ماٽڪيون به نِنڍيون ٿي ويون هيون. اُتي هن مون کان سنڌي ادبي بورڊ ۾ پنهنجي اردوءَ ۾ ڪتاب 'سنڌهي زبان و ادب کي تاريخ' بابت پڇيائين ته ان ترجمي تي نظرثاني ڪنهن ڪئي. مون ٻڌايو ته: "مون ڪئي آهي." تڏهن دل تي هٿ رکي چيائين: "مون کي هاڻ اطمينان آهي."

مون کي پنهنجي ڪم علمي ۽ ڪوتاهين تي ايڏي ميجتا، اصل منهنجي وڏڙن جي ميجتا آهي، جن جو قلمي ۽ علمي خزانو وڃائجي ويو. اهو اسان جي ٿي ڪن وڏن وڪري ڪري پنهنجي ڏکي مهل ڪڍي هئي. هو سنڌي ساهت جي "وڪر وڪر ڊيرون ڊير" ري ناٽي ورهائڻ وارو هيءُ وڻجارو هاڻ ڪڏهن به موٽي نه ايندو. هو هاڻ هڪ ڊگهي ابدي ننڊ ۾ علامه آءِ.آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي پر واري باغيچي ۾ آرامي آهي، هاڻ سنڌ ۾ سنتورسنيءَ جو ڪوبه گوڙ ڪيس جاڳائي صوفي سرمد جي ان بيت مثل بي چين نه ڪندو:

شورے شد و از خواب عدم، چشم کشودیم،
دیدیم کہ باقی ست شب فتنہ، غنودیم.
(سرمد شهيد)

[گوڙ ٿيو، عدم جي خواب مان اک پٽي سين، ڏٺوسين ته فتني جي رات باقي آهي، اک پُوري سُمهي پياسين.]

مون ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجو هڪ تحقيقي مقالو: "شاهه لطيف جي حقيقي تصوير جوڙڻ" ڏيکاريم. علامه آءِ.آءِ.قاضي چيئر ۾ ويهي ڪري، منهنجو روبرو سڄو مقالو پڙهي واپس ڪندي چيائين ته: "مون لکپٽ مان لطيف سائين جي صوفي طرز واري ٽوپي هٿ ڪري ڪلچر ڊپارٽمينٽ کي سوکڙي طور ڏني آهي." وڌيڪ هن ريت چيائون ته: "پنهنجي ماٽن تي چو ٽٿو ڪم ڪرين، خليفي گل محمد "گل" جي ديوان گُل ۾ ڊگهن پنن تي سنڌي گرامر جوڙڻ جا اصول ڏنل آهن، اهو قلمي ڪتاب هٿ ڪري ان تي ڪم ڪر."

آءِ سندس آڏو ڏاڍو لڄارو ٿيس، پوءِ پنهنجي شرم پرچائڻ خاطر ڪين خليفي گل محمد "گل" جي هڪ ٻئي قلمي مخطوطي "ڪنزالمعرفت" ۽ ان جي سنڌي ترجمي "توفيق الطالبين" جو ذڪر ڪيم. ان تي پاڻ خليفي محمود نظاماڻي ڪرڻي واري، پير پاڳاري اصغر سائين ۽ خليفي نبي بخش لغاري ۽ انهيءَ سڄي جماعت جي ڪڙين کي ملائي مون کي وڏي سوجهه ڏنائين.

هو سنڌ جي اڪابرن واري سموري قلمي خزاني کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو وڏو درد ۽ ذوق رکندڙ هو. سنڌي ادبي بورڊ جو ٿيل فارسي تاريخ جو ڪم، پير حسام الدين راشديءَ کان پوءِ گهڻو تڻو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ٿيل آهي. ان ۾ چچ نامو، تاريخ طاهري ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه اچي وڃي ٿو.

هن جو شاهه لطيف جي سوانح تي ڪيل ڪم هن جي منظم ذهن جي عاليشان ڪاوش آهي، جيڪا هن معياري متن واري رسالي ۾ ڏني آهي. هن لطيف جي سوانح نگاري ۾ تحقيقي انداز ۾ پيش رفت ڪئي آهي. شاهه لطيف جي اڳاٽن سوانح نگارن ۾ عبدالحسين سانگي جي ڪاوش "لطف اللطيف" ۽ علي نواز وفائي جي بنيادي ڪم کي تهائين اڳتي وڌايو آهي. اج هو پاڻ لطيف سائين جو سندس والد جي وفات تي چيل هڪ بيت جي مثال ٿي ڏيو آهي:

اوني ابهرا ٿيا، بينا تنگ ڪشين،
لاکيڻا لطيف چئي، تا منجهئون لوڪ لڏين،
سي جنگ جواب نه ڏين، ڪنهن ڏاڍي ڪيف ڪڪوريا.
(شاهه)

محمد ارشد بلوچ



# منهنجو پيارو ڏاڏا سائين

## (ساروڻيون)

دنياءِ علم و دانش لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لاڏاڻو هڪ عظيم سانحو شمار ٿئي ٿو، پر منهنجي لاءِ ڏاڏا سائين جي وفات قيامتِ صغريٰ کان گهٽ نہ آهي. ڏاڏا سائين جن جي مون سان مسلسل 8 سالن کان وٺي هڪ ”منفرد“ اُنسيت، قربت، محبت ۽ شفقت رهي ۽ اهي سال منهنجي زندگيءَ جا بهترين سال شمار ڪري سگهجن ٿا، جنهن جو فيصلو قدرت طرفان ٿيل هو. هي انهنَ ئي ڏينهن جو ذڪر آهي، جڏهن اسان جي ننڍي ڏاڏي صاحبہ جن آڪٽوبر 2003ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ۽ مون محسوس ڪيو تہ بابا سائين (ڏاڏا سائين) کي سندن اڪثر و بيشتر ٻاهر رهڻ جي ڪري (علمي ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ۽ تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ مختلف ماڳن ڏانهن سفر) گهر ۾ بہ اهڙو ڪو فيملي جو ميمبر ڪونہ هو جو سندن غير حاضريءَ ۾ لائبريريءَ جي سارسنڀال ڪري سگهي ۽ گهر ۽ آفيس جي بہ پرگهور لهي سگهي.

هڪ ڏينهن شام جو گهر جي لان ۾ بابا سائين ۽ منهنجي پياري پڦي حميده بلوچ صاحبہ سان ڪچهري ۾ ويٺل هئاسين تہ بابا سائين مون کي اوچتو مخاطب ٿيندي چيو تہ: ”بابا ارشد، يونيورسٽي مان اچڻ کان پوءِ توهان جي ڪهڙي مصروفيت هوندي آهي؟“ مون بابا کي مؤدبانہ انداز ۾ وراڻيو تہ: ”بابا سائين يونيورسٽيءَ کان پوءِ اڪثر واندڪائي رهندي آهي.“ جنهن تي بابا سائين مسڪرائيندي مون کي چيو تہ: ”بابا، منهنجا ڪجهہ ضروري ڪم ڪار هوندا آهن، جن ۾ انيڪ سرگرميون شامل آهن، مثلاً منهنجي لائبريري مان ڪتاب ڳولي ڪڍي اچڻ، علامہ آءِ. آءِ قاضي چيئر واري آفيس ڏي منهنجا ڊرافٽ ٿيل ليٽر کڻي وڃڻ ۽ وري رڌڻي جي واحد اسٽاف (سانوڻ لغاري) کي Menu جي هدايت ڏيڻ ۽ مهمانن جي آڌرڀاءُ ۽ خاطر تواضع ۽ رهائش جو انتظام ڪرڻ ۽ ان کان سواءِ گهر جي لان کي سنڀالڻ جي نميواري اڄ کان پوءِ توهان سنڀاليو تہ ڏاڍو سُٺو؟“ مون بابا سائين کي نيازمنديءَ سان ها ۾ جواب ڏنو. اُن وقت منهنجي ڄمار 20 سال ڪن هئي، ۽ اُن وقت بابا سائينءَ جي عمر لڳ ڀڳ 87 سال هئي ۽ بابا سائين هڪ واڪنگ اِسٽڪ استعمال ڪندا هئا ۽ سندن صحت عمومي طرح نارمل هئي. ان گفتگو دوران پڦي حميده صاحبہ خاموشيءَ سان سڄي گفتگو ٻڌنديون رهيون ۽ جڏهن گفتگو ختم ٿي، تڏهن چيائون تہ: ”بابا سائين انهيءَ کان وڌيڪ ارشد لاءِ ڪهڙي خوشقسمتي ٿي سگهي ٿي، جو هو توهان سان گڏ رهي ۽ توهان جي خدمت ڪري.“ ان کان پوءِ اسان گڏجي چانهہ پيتي ۽ پوءِ آءٌ بابا سائينءَ کي ٻئي ڏينهن يونيورسٽي کان پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو چئي پنهنجي گهر روانو ٿيس. ٻئي ڏينهن کان پوءِ باقاعدي مون بابا سائينءَ وٽ يونيورسٽي کان پوءِ تقريباً شام جو 6 بجي ڌاري حاضر ٿيڻ شروع ڪيو. منهنجو گهر بابا سائين جن جي گهر جوئي هڪ حصو هو ۽ وچان هڪ پارٽيشن وال هئي.

بابا سائين وٽ جڏهن پهرئين ڏينهن سندن حڪم جي تعميل مطابق حاضر ٿيس تہ بابا سائين معمول مطابق وراندي ۾ سندن مخصوص نشست (هڪ ڪلاسڪ ڊيزائن جو صوفو) تي هميشہ وانگي ويٺل هئا. آءٌ سلام ڪري جڏهن بيٺو هوس تہ بابا سائين پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ محوَ هئا جو هنن منهنجو آواز نہ ٻڌو. پوءِ وري مون ٿورڙو ٻيهر سلام ڪيو، جنهن تي پاڻ مون ڏانهن يڪدم متوجهہ ٿي مشڪي چيائون تہ: بابا ارشد آيا آهيو.“ ان کان پوءِ آءٌ ساڄي طرف رکيل سنگل صوفا تي ويهي رهيس ۽ وري بابا سائين ساڳئي انداز سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. سامهون رکيل ٽيبل ۽ ٻيا صوفہ سڀ ڪتابن سان ڀريا پيا هئا. ان دوران آءٌ تقريباً اڌ ڪلاڪ ڪن مسلسل بابا سائينءَ کي

ڪُسجڻ جو بيان آهي. عشق آسان ناهي، پر سوريءَ جي سيج آهي. عشق جي ڪيفيت ۽ واردات ضربن ۽ زخمن واري آهي. عشق جي آزمائش ۾ ڪاميابيءَ لاءِ سچي عاشق کي محبوب آڏو ڪُسي قربان ٿيڻ ۽ سرهو ٿي سوريءَ تي چڙهڻو آهي. ترميم: هندستاني موسيقي جي روايت ۾ "ڪلياڻ" هڪ مکيه ٺاٺ آهي، جنهن مان بيا راڳ صورت پذير ٿين ٿا. "شاهه جي راڳ" جي سلسلي ۾ "سر ڪلياڻ"، پنهنجي ذاتي صورت وارو، هڪ جدا راڳ آهي، جيڪو هندوستاني موسيقي جي لحاظ سان "يوپالي ڪلياڻ" جي صورت سان ملي ٿو(5). هتي "سر ڪلياڻ" جو پهريون ۽ آخري بيت مطالعي خاطر پيش ڪجي ٿو.

پهريون بيت:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،
والي، واحد، وحدهٗ، رازق ربه رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙڻون جوڙ جهان جي(6).

آخري بيت:

مل مهانگو قطرو، سِڪن سعادته
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو(7).

## 2_ سُر يمن:

سر "يمن" ۾ شاهه صاحب ڪن ڪردارن جي زباني بدران، جڻ خود پنهنجي زباني پنهنجي حال جو اظهار ڪيو آهي. سر "يمن" گهڻي ڀاڱي سر "ڪلياڻ" ۾ سمايل فڪر ۽ فهم جي تصديق ۽ اُن جو وڌيڪ تفسير آهي. سر "يمن" جي پهرين ۽ ٻئي داستان جو مکيه موضوع درد آهي. جيڪو انسان جي وجود نمو جي هڪ بنيادي حقيقت آهي. انسان جي درد واري ڪيفيت ازلي آهي. ڇاڪاڻ جو سندس روح فراق واري حالت ۾ آهي. داستان ٽئين ۾ عشق ۾ آزمائش ۽ محبوب جي عاشق تي سختيءَ جو ذڪر آهي. داستان چوٿين ۾ سوز ۽ فراق واري سختي جو وڌيڪ تفسير آهي. سڪ جو سلسلو ۽ محبت جو معاملو باهه جي ٻرندڙ مچ مثل آهي، جنهن ۾ جڏهن عاشق ڪامنو ڏهن ڪنندو. ان محبت واري مچ ۽ سچا عاشق (پتنگ) پاڻ پنهنجو اچي سٽين ٿا. ان محبت جي مچ کي اگهڙين ۽ لوهارن جو ڪورو ڪري ڄاڻايو ويو آهي. جنهن ۾ عاشق کي جلڻو ۽ پچڻو آهي ته جيئن سندس کٽ لهي صاف ٿئي ۽ هو محبوب سان ملڻ جهڙو ٿئي. داستان پنجين ۾ علم جي بنيادي توڙي آخري مقصد جي وضاحت ٿيل آهي. داستان ڇهين ۾، محبت جي مئخاني ۾ مئخواري ۽ مخموري جا اهڃاڻ ڏنل آهن. جيڪڏهن عاشق کي، محبوب هٿان پيالو پيئڻ ۽ سڪ جي سُرڪي جي لذت وڻي آهي ته ان جي عيوض ۾ ڪيس سِر ڏيڻو پوندو. ترميم: "راڳ يمن" سنڌ ۾ اڳتي دور کان وٺي رائج ٿيو، هڪ راءِ موجب "ايمن" جيڪو "ڪلياڻ ٺاٺ" جو پهريون راڳ آهي، سو اصل ۾ خالص عربه ايراني راڳ آهي ۽ "يمن" جو ئي بگڙيل نالو آهي. "يمن" جون ٻه جدا صورتون آهن- هڪ خالص "يمن" ۽ ٻيو "ايمن. هي راڳ جڻ هندوستاني راڳ "نٽ ڇايا" سان لڳي ٿو ۽ ٻيو اهو ته هي راڳ جڻ هندستاني راڳ "جيجونتي" سان مشابهه آهي(8). سر "يمن" جو پهريون ۽ پويون بيت نموني خاطر ملاحظ ڪريو:

پهريون بيت:

حبيب تون، طبيب تون، تون درد جي دوا،
جانب! منهنجي جيءَ ۾، آزار جا اَنوا،
صاحب! ڏي شفا، ميان! مريضن کي(9).

آخري بيت:

آخري بيت: سانپر ٻڌي بيٺ، جني ڏونگر ڏوريا،
تن ڪاهوڙين که هيٺ، وڃي پاسا ڪوڙيا(38).

### 3. سُر ڪاپائتي:

سُٽ ڪتڻ وارين جو، آتڻ ۾ ويهي، ڪتڻ جو پورهيو ڪرڻ، هن سر جو مکيه موضوع آهي يعني ته هن سر جو تعلق آتڻ ۾ ڪتڻ جي پيشي ۽ پورهئي سان آهي. اهو پيشو ۽ پورهيو جيتوڻيڪ هاڻي باقي نه رهيو آهي، پر پورهئي ۽ محنت جي ضرورت ۽ اخلاقي عظمت قائم آهي. اعليٰ فڪر جي لحاظ سان، جن جو پيشي ۽ پورهئي سان پيار آهي، تن کي سدائين قرار آهي. پورهئي ڪندي جن جي پنهنجي رب سان رهاڻ آهي، سي ڪنهن ٻئي جون ڪاتياريون ۽ محتاج ناهن. هُنن "هٿ" ۽ "هئڻ" جو وڻ ئي وڍي ڇڏيو. سنهو ڪتيائون، پڙا ٻڳائون ۽ سڦرو سٽ ماڻڪن تي مٽيائون.

آتڻ ۾ هڪ جيڏيون ويهي ڪتينديون هيون ته پنهنجا ڳاچ ۽ ڳاوڻ گڏجي ڳائينديون هيون. جڏهن ڪان چرخا بس ٿيا ته اُنهن سهيلين جا ڳاچ ۽ ڳاوڻ به ويا. شاهه صاحب جي وقت ۾ اجا آتڻ ۽ ڪتڻ جو رواج هو. جيتوڻيڪ انهن جو اڳيون اوج ڪونه هو، ۽ ماهر ڪاتاريون باقي نه رهيون هيون. ان وقت جي آتڻ وارين ڪاتارين جي نغمن مان ڪو عام مقبول ۽ مٺو نغمو هو، جيڪو ڪاپائتي جي نسبت ۽ نالي سان شاهه صاحب پنهنجي راڳ لاءِ چونڊيو. اهو سر "ڪاپائتي" شاهه جي راڳ ۾ هلندو پئي آيو، پر پوءِ ڪن ڄاڻو راڳاين فقيرن جي گذاري وڃڻ سببان يا ڪاپائتي راڳ کي مسلسل طور نه ڳائڻ سببان، هيءُ سُر شاهه جي راڳ، مان ختم ٿي ويو. هن وقت چار سر يعني: گهاتو، ڪاپائتي، شينهن ڪيڏارو ۽ بسنت شاهه جي راڳ، ۾ ڪين ٿا ڳائجن(39).

پهريون بيت: توڻي تون ڪاتار، چر هيڪلي پيرئين،
ڏني ڪا ڏنار، صراف تنهنجي سُٽ ۾(40).

آخري بيت: "نفيءَ" جي "نانه" سان، پهي پڃيائون،
پڙا جي "پائڻ" جا، پيري پڳائون،
هو جو وڻ "هئڻ" جو، وڍي وڌائون،
"اسين" ۽ "آءٌ"، آتڻ ناهي اُن جي(41).

### 4. سر بلاول:

هن سر ۾ سمن جي سماج واري اڳاٽي دور ۾، پيشه ور منگتن ۽ مڱڻهارن جو وڏيءَ ويل اُسر جو اُٺي ڪري سردارن جي درن تي ڏان وٺڻ لاءِ سندن ساراهون ڪرڻ وارو ماحول سمايل آهي. اعليٰ معنوي معيار جي لحاظ سان، اهو ماحول سخا ۽ سورهيائيءَ جي ڪردارن کي روشن ڪري ٿو.

هن سر ۾ اڳيتي منگتن ۽ مڱڻهارن جي آسن اميدن سان گڏ سخي سردارن مان بداماني، ڪُرن، راهو، ۽ خاص طرح جام جکري جي سخا جا اهڃاڻ آندل آهن. جام جکري جي تمثيل سان، بيتن جو معنوي رُخ حضرت مُحَمَد مصطفيٰ (ﷺ) ڏانهن آهي، جيڪو جهان جي ولهن جو وارث ٿي آيو. جنهن ڏکيا ڏک وهاريا ۽ آزاريا آجا ڪيا. منگتي جي دعا ته "اي الله! شال اُهي وڏا ۽ چڱا سربراهه (جنگ) جين، جن جي اُجهي هيٺ آءٌ پڻ آهيان. شال رن واري وات جو تلاءُ نه سُڪي! جتان ايندا ويندا ٿا پين. آءٌ ان جڳ پرور سخي سان ٻيا سربراهه ڪيئن ڀيٽيان؟ هن جي سخا مينهن مثل آهي، جيڪو سڀ تي وسي ٿو. اي سخي! تنهنجي سخا جا ڪکر ڪيئي حاتم ڍڪي ڇڏيا!"

"بلاول و صبوحي" مان مراد ته هن سر کي "بلاول" توڙي "صبوحي" سڏيو ويو. "بلاول" نالو موسيقي جي لحاظ سان "راڳ" جي نالي سان آيو. ۽ "صبوحي" نالو ڳائڻ ۽ ساراهن جي سماجي رسم جي حوالي سان آيو، جو چارڻ ۽ منگتا صبح جو سوير اُٿي سردارن جي درن تي بيهي، سر سان ڳائي سندن ساراهه ڪندا هئا "سر جکرو" نالو به انهي ڪري پيو جو اُن ۾ سخي جکري جي ساراهه آهي(42).

**7. سُر ڏهر:**

ذاتِ الاهي جي ذڪر ۽ يادِ الاهي ۾ رتل ۽ پهتل ولين جي ثنا واري موضوع ڪي، اڳئين وقت کان وٺي صوفين درويشن جي سماع وارين محفلن ۾ "سر ڏهر" ۾ آلاپيو ويو. هن سر جي پهرين داستان جو موضوع ٺي آهي ساري جهانَ جي خالق ۽ پالڻهار موليٰ مهربان جي صفت ۽ ساراهه، ۽ سندس ٻاجهه لاءِ دعا. انهي لحاظ سان، انهن بيتن کي فقيرن ذڪر ضور سر ڏهر ۾ آلاپيو. داستان پهرين ۾ ساري جهان جي خالق ۽ پالڻهار هڪ الله جي وڏائي ۽ راڪان، سندس ٻاجهه ۽ مهر جي طلب، ۽ سندس طرفان ڍڪ ۽ پناهه جي دعا. هن داستان جي موضوع جا خاص پاڳا آهن. داستان ٻئي ۾ جسوڌڻ آڳري جي دور جو عڪس چٽيل آهي. داستان ٽئين ۾ اڳئين وقت جي وڏي ارڏي ۽ اٽڪر سردار "لاکي ڦلاڻي" جي ڳڻن ڳلهين ۽ ڏاڍاين جا اهڃاڻ ڏنل آهن. داستان چوٿون سنگهارن يعني مالدارن جو وڏي چاهه سان مال ڌارڻ ۽ چارڻ، پاڻ ۾ گڏ رهڻ ۽ سندن صلح سانت ۽ اضمينان واري سماجي زندگي جو آئينو آهي. داستان پنجين ۾ ڪونجن جي اعليٰ وصفن جا اهڃاڻ ۽ ڪونجن تي کهل ڪرڻ ۽ ڪين نه مارڻ جي ترغيب ڏنل آهي. ڪونجن جي فطري اعليٰ ڪردار جون اعليٰ وصفون اهي آهن، جو ڪونجون قوت ۽ چوڳي خاطر پرديس ۾ اچن، پر وطن ساري وري پوئتي ورن. هو ٻاجهاري ٻولي ڪن، وڳر ڪري هلن ۽ هڪٻئي کان جدا نه ٿين، ۽ جي ڪا منجهائن پوئتي رهجي وڃي، ته ان کي سنڀاري ساڻ ڪن.

سنڌي راڳ جي روايت جي اعتبار سان "ڏهر" جو مفهوم هڪ خاص اهميت رکي ٿو. سپ ڪان پهريان سهروردي طريقي جي مرشد غوث بهاؤالدين زڪرياؒ جي تلقين ۽ تبليغ سان سنڌ ۾ هن طريقي جي ذڪر ۽ سماع جو سلسلو شروع ٿيو. غوث صاحب جي جماعت ۾ سهروردي طريقي جو ذڪر جيڪو هن وقت تائين هلندو آيو آهي، سو ٻه قسم آهي. هڪ "تحليل جو ذڪر" ۽ ٻيو "ڏهر جو ذڪر" جيڪو خاص "جماعتي ذڪر" آهي ۽ جيڪو "راهه جي پنڌ" سان (پيادل) ملتان ڏانهن ويندڙ هر جماعت وارا، مرشد جي سڪ ۽ ساراهه وارن بيتن جي آلاپ سان ڪن. هو وڃڻ وقت "چاڙهو" ۽ ورڻ وقت "لاهو" پڙهندا.

ٻي جماعت جنهن ۾ بيتن جي آلاپ سان "ڏهر ڏيڻ" جو سلسلو هلندو آيو آهي، سا هالن جي مخدومن صاحبن جي مريدن جي جماعت آهي، جنهن جو باني مباني پڻ سهروردي طريقي جو بزرگ جناب مخدوم نوحؒ سرور هو. شاهه عبداللطيفؒ جي وقت ۾ هلندڙ سر ڏهر جي ڪنهن خاص لئي کي راڳ جو درجو ڏنو ويو، جيڪو شاهه جي راڳ جو جز بڻيو. بطور راڳ جي سر ڏهر هن وقت تائين فقط شاهه جي راڳ ۾ ڳائجي ٿو(51).

پهريون بيت: الله جئن نالوءِ، تيئن مون وڏو آسرو،
خالق! تنهنجيءَ ڪانڌ جو، پرو پاند نه ڪوءِ،
نالو رب سندو، رهيو اهي روح ۾(52).

آخري بيت: مَ لڻ ڪونجهي! ماٺ ڪر، چور مَ هنيين چاڪ،
ڦٽيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو!(53)

1994ع ۾ شايع ٿيل جلد ٽئين ۾ 7 سُر، 20 داستان، 391 بيت ۽ 25 وايون شامل آهن. ڪل شعرن جو تعداد 416 ٿئي ٿو. 628 صفحن تي آڌاريل هن جلد جي پڇاڙي مواد جي "صحت نامي" تي ٿئي ٿي.

**جلد چوٿون:**

هيءُ جلد "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" (جلد چوٿون) جي عنوان هيٺ ترتيب ڏنو ويو آهي. هيءُ واحد جلد آهي جيڪو يڪو هڪڙيئي "سر سسئي" تي آڌاريل آهي. البت سر سهڻي کي پنجن ڌار ڌار عنوانن: سر "آبري"، سر "معذوري"، "سر ديسي"، "سر ڪوهياري" ۽ "سر حسيني" ۾ تقسيم ڪري راڳ جي صورت قائم ڪئي ويئي آهي. جلد جو مقدمو جن موضوعن جو احاطو ڪري ٿو، اهي هيٺئين ريت آهن:

1. سسئي جي تمثيل ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر جا اهڃاڻ

2. سسئي جو جامع ۽ مثالي ڪردار
3. شاهه- انسان جي نفسياتي ڪيفيتن جو شارح
4. زندگيءَ ۾ اعليٰ مقصد ۽ ان لاءِ مسلسل جدوجهد
5. سسئي پنهون جي ڳالهه
6. سرن ۾ شامل ڪلام جي صحت ۽ شاهه سان اُن جي نسبت(54).

سسئي جي سُرن ۾ سمايل مرڪزي موضوع ۾ يعني "سسئي جو پنهونءَ پنيان هلڻ، ۽ پنهونءَ کي ڳولڻ" ۾ حق ۽ حقيقت جي تلاش جو سبق سمايل آهي، جنهن کي شاهه صاحب سسئي جي زباني هن طرح بيان ڪيو آهي:

اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي.

سسئي جي پهرين سُر جي پهرين بيت جي هيءَ پهرين سٽ، سسئي جي پنجن ئي سُرن ۾ سمايل فڪر جي ڪُنجي آهي. سسئي جي تمثيل سان هن هڪ سٽ جي ستن لفظن مان اعليٰ فهم ۽ فڪر جا ڪيئي رُخ روشن ٿين ٿا، جن لاءِ تفصيلي رخ ۽ بيان جي ضرورت آهي.

سسئي جي تمثيل ۾، تصوف ۽ طريقت جو "طالب ۽ مطلوب" وارو اعليٰ فهم مضمر آهي. سسئي سالڪ آهي ۽ هو محبوب جي وصال لاءِ "فنا" واري منزل تي پهچي ٿي. سلوڪ جي مفهوم ۾، سسئي کي"مرڻ کان اڳ مرڻ" جي ترغيب سان گڏ. شاهه صاحب سالڪ جي لوچ پوچ ۽ "نڪي مرڻ نڪي جيئڻ" واري حالت کي اهميت ڏني آهي. اڃا به ان کان وڌ شاهه صاحب "فنا" واري منزل تي، سالڪ جي سجاڳي جو نُڪتو نروار ڪيو آهي. سسئي پاڻان موت کي سڏي ٿي ته "موت مون سين آءُ، ته پنيءَ تو پنڌ ڪريان." سلوڪ ۾ "وصال" جي ويجهي منزل تي، سسئي کي پنهون کان سواءِ ٻي ڪا صورت ئي ڪانه ٿي سُجهي. تان جو پاڻ اُن صورت ۾، ۽ صورت منجهس سمائجي وڃي ٿي. "پنهون ٿيس پاڻهين، وئو سسئي جو شرم"، "وهم ورساياس، نا ته پنهون آءٌ پاڻ هئي." حقيقت ۾ شاهه پاڻ سالڪ آهي، پاڻ سسئي آهي. هو "عشق رسول" ۾ رتل آهي ۽ سندس پنهون "نبي ﷺ" آهي. جنهن توحيد جي شمع سان جڳ جهان کي روشن ڪيو. جنهن ايمان، علم، عمل ۽ انصاف سان، انسان کي وهمن وسوسن مان آجو ڪيو. جنهن غلامن کي آزاد ڪيو، ضعيفن کي زور آور بنايو، ظالمن کي هيٺو ڪيو، ڏکين ڏهاڳڻين کي سهاڳڻيون ڪيو ۽ جنهن اڻڄاڻن ۽ ابوجهن کي هنر ۽ حڪمت وارو ڪيو.

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اُجاريو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏنيءَ هوڙ،
چوريون چُرڻ سڪيون، پنهون ڪيائون پوڙ،
آيو سو اُتور، جنهن ڏکيون ڏِک وهاريون(55).

باوجود ساڳئي پس منظر ۽ ساڳئي مرڪزي موضوع جي، هر سُر جي داستانن ۾، ۽ هر داستان جي بيتن ۽ واين ۾، شاهه صاحب پنهنجي اعليٰ شعور ۽ شاعري سان ان مرڪزي موضوع جا نِت نوان رُخ روشن ڪيا آهن، جن ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر جا ماڻ پريل آهن(56).

هيٺ پنجن ئي سُرن جا اختصار ۽ ٻه ٻه مثالي بيت پيش ڪجن ٿا:

**1_ سُر آبري:**

هن سُر جي شروع واري سٽ ۾ ئي سسئي جي پڪي پختي ارادي جو اظهار ٿيل آهي ته "اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي." هو جيئن پئي سور سختيون سهي، تيئن ئي سنديس سڪ سُرس ٿئي. اُڃ، سُڄ ۽ رُڃ سڪ وارن لاءِ ئي آهي. سو "ساجن ڪارڻ سڄ، ۾ قبولي سسئي." جن کي اندر ۾ عشق جي اُڃ آهي، پاڻي کي به تن لاءِ اُڃ آهي. سسئي کي صلاح ته شروع کان ئي حجت ڇڏي، عاجزيءَ سان پنهنجي پنهونءَ کي ڳولج، ۽ عزازيل وارو هٺ

سُر ۾ اُن عشق ۽ محبت جا اهڃاڻ سمايل آهن.
"آسا راڳڻي" سنڌ ۾ ڪنهن اڳئي وقت کان هلندڙ آهي ۽ اُن ۾ عوامي قصا ڳايا ويا. "شاهه جي راڳ" ۾، راڳ توڙي موضوع جي لحاظ سان سُر "آسا" جيئن ڳائجي ٿو ته اهو هندستاني راڳ جي "شُد آسا" معلوم ٿئي ٿو(93).

پهريون بيت: لُڇان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حَد،
سپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نہ مَد،
هت سِڪ بي عدد، هُت پرين پرواهہ ناهہ ڪا(94).

آخري بيت: ڪَرِ ڪمندن ڪنيو، هارايو هوڙ هن،
ڇِڪيو نہ چوندن، هو جو ساڃاهہ صبر جو(95).

1995ع ۾ شايع ٿيل جلد ڇهين ۾ 4 سُر، 19 داستان، 483 بيت ۽ 26 وايون شامل آهن، اهڙي طرح ٽوٽل شعرن جو تعداد 509 بيهي ٿو. 652 صفحن تي آڌاريل هن جلد جو اختتام سُر آسا جي تفصيلي پيٽ ۽ سمجهاڻي تي ٿئي ٿو.

## جلد ستون:

"شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" (جلد ستون) جي عنوان سان هي جلد ٽن سرن سُر "مارئي"، سر "سهڻي" ۽ سر "سارنگ" جو احاطو ڪري ٿو. اهڙي طرح بحث هيٺ آيل ستن جلدن ۾، شاهه جي پنهنجي حقيقي، اصلي ۽ مستند ڪلام جو، سچو سربستو صحيح رسالو 29 سرن ۾ مڪمل ٿئي ٿو. جنهن کي وري ايندڙ جلد نمبر 8۽9 (ڳڏيل) ۾ يڪي سر ترتيب ڏيئي، "مڪمل رسالي" جي صورت ۾ رکيو ويندو. هي جلد نمبر ستون، مهاڳ، مقدمي، پيٽ ۽ سمجهاڻين سميت تحقيقي مواد سان مالامال ۽ شاهڪار جلد آهي. هيٺ ٽنهي سرن بابت مختصر ڄاڻ ۽ انهن سُرن جا ٻہ ٻہ پهريان ۽ آخري بيت ڏيکارجن ٿا.

### 1_ سُر مارئي:

سر "مارئي" جو پس منظر "عمر مارئي" جو قصو آهي. جيڪو وطن جي حب ۽ محبت جو داستان آهي. مارئي جو ڪردار انهي حب ۽ پيار جو علمبردار آهي. مارئي جي وطن لاءِ سڪ ۽ اُتان ڪنهن اوٺي ۽ قاصد جو اچڻ ۽ خير جي خبر آڻڻ هن سر جو مرڪزي موضوع آهي. "اوٺي! ڳوٺي آئيين، هُتي جو هِت هير"
هن جلد ۾ شامل پهريان ٻہ سُر جيتوڻيڪ ظاهري معنيٰ ۾ "عمر ۽ مارئي" ۽ "سهڻي ۽ ميهار" جي روايتي ڳالهين سان تعلق رکن ٿا، مگر اعليٰ عرفان جي آئيني ۾ اُهي تخليق ڪائنات جي حقيقت جا مظهر آهن. جنهن مطابق هر شيءِ پنهنجي اصليت ڏي موٽڻ واري آهي ۽ خلقيل روح پڻ پنهنجي خالق ڏانهن موٽڻ لاءِ مشتاق آهن. انهي ازلي حقيقت مطابق مارئي پنهنجي اصلي وطن ٿر ڏانهن وڃڻ چاهي ٿي ۽ سهڻي درياءَ جي هن پار واري رسمي زندگي بدران، هن پار جي دائمي بقا ۽ خوشيءَ واري زندگي لاءِ، دنيا جو دهشت وارو درياءَ تري ٿي. تصوف جي اعليٰ عرفاني فڪر ۾، سالڪ لاءِ فنا ۽ وصال واريون اِهي آخري منزلون آهن.
"ماروئي راڳ" شاهه صاحب کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ هلندڙ هو. هن پوئين ويجهي دور تائين "ماروئي راڳڻي" ۾ ڪافيون ڳائبيون هيون ۽ اها لئي "پيروي" سان ملندڙ هئي. پر شاهه جي راڳ ۾ جيئن سر مارئي ڳائجي ٿو اُهو پيروي ناهي، محسوس ائين ٿئي ٿو تہ "راڳ مارئي" جڻ هندستاني راڳ "مانڊ" سان ملندڙ آهي(96).

پهريون بيت: اول ناءُ الله، جو مڙنئون مٿاهون،
ڪئن ڪري قبوليان، عمر کي آئون،
رازق رضائون، مون مٿي تي مجيون(97).

آخري بيت: وَرِئو ورق وصال جو، موڪل جُڙي مون،

انسانيت جي دلين ۾ "همه اوست" يا "وحدت الوجود" جي فڪر جو سمونڊ اوتي، خشڪ دلين کي سيراب ڪري ٿو وڃي.

سو ساهڙ، سو سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي نِجوئي، ڳجھه ڳجھاندر ڳالھڙي(107).

1999ع ۾ شايع ٿيل جلد 8/9 ۾، 29 سر، 159 داستان، 3112 بيت ۽ 208 وايون شامل آهن. ڪل شعرن جو تعداد 3320 آهي. 564 صفحن تي آڌاريل هن جلد جي پڄاڻي، سر "سارنگ" جي متن ۽ معنيٰ تي ٿئي ٿي.

## جلد ڏهون:

جلد ڏهين کي "شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام" جي عنوان سان ترتيب ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ "سر ڪلياڻ" کان وٺي سر "بسنت" تائين، اهو سمورو ڪلام موجود آهي، جنهن کي شاهه جو پنهنجو اصلي ڪلام نه سمجھيو وڃي. شاهه جي مختلف قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ موجود مشهور 36 سرن مان، 7 سُر مڪمل جدا ڪري هن جلد ۾ رکيا ويا آهن. جهڙوڪ: 1. سُر ڪيڏارو، 2. سُر ڏناسري، 3. سُر شينهن ڪيڏارو، 4. سُر مانجھه/هير، 5. سُر بيراڳ هندي، 6. سُر ڍول ماروئي ۽ 7. سُر بسنت. انهن کان علاوه ٽيهه اڪري سسئي، ٽيهه اڪري رامڪلي، ٽيهه ڏينهن رامڪلي، داستان فارسي، مت جا بيت، بروو سنڌي چونڪو ۽ تمر فقير جو ڪلام، جيڪو شاهه جي رسالن ۾ شامل ٿي ويو، سو پڻ جدا ڪري هن جلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هتي انهن شاعرن جا نالا پيش ڪجن ٿا، جن جو ڪلام پڻ شاهه جي مختلف رسالن ۾ شامل ٿيو، پر پوءِ عالمانه تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ کان پوءِ، انهن کي پرکي، پروڙي جدا ڪيو ويو. (1) احسان، (2) احمد، (3) اسحاق آهنگر، (4) اشرف، (5) ايوب، (6) بلال، (7) بلند، (8) تلسي، (9) تماچي، (10) تمر، (11) جَبير، (12) جوڻيجو، (13) حاجي محمد سمو، (14) حافظ پنيو، (15) حبيب، (16) حڪيم، (17) خاڪو، (18) خواجه محمد زمان لنواري وارو، (19) دادو، (20) ڏتو، (21) راضي شاهه، (22) راول، (23) رنگريز، (24) روحل، (25) زبير، (26) سائينداد، (27) سليمان، (28) سمن، (29) سيد عبداللطيف قادري، (30) شاهه حبيب، (31) شاهه حسين، (32) شاهه عنات، (33) شاهه ڪريم، (34) شاهه لطف الله قادري، (35) صادق، (36) صمد، (37) شرفا، (38) صالح، (39) طالب، (40) طيب، (41) عبدالله، (42) عزيز، (43) عطا، (44) عمر، (45) عيسو، (46) ڦُل ڪوراڙ، (47) قاسم، (48) قاضي قادن، (49) قطب، (50) قيصر، (51) ڪالُو، (52) ڪاهُو، (53) ڪبير، (54) ڪتي، (55) ڳرهوڙي صاحب، (56) ڳلو، (57) لاڪو، (58) محمود، (59) لطف الله، (60) لکمير، (61) لوريڙ، (62) مائي گنگا وسان، (63) محمود، (64) مخدوم نوحؒ، (65) ميمڻ، (66) ميون، (67) نانڪ، (68) نورنگ، (69) وڏل شاهه ۽ (70) هِلال وغيره(108).

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هن جلد جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته: تحقيق ۽ تنقيد جي اعليٰ معيارن جي پرک سان، وڏي سوچ ويچار بعد "شاهه جي ڪلام" ۽ "رسالي جي ڪلام" کي جدا ڪيو ويو آهي. انهن معيارن مطابق جيئن "شاهه جو ڪلام" صاف، صحيح، نج ۽ اصلي متن سان جلد نمبر 8/9 ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي، تيئن هن جلد (ڏهين) ۾ پڻ "رسالي جي ڪلام" کي صحيح صورت ۾ رکيو ويو آهي.

موجوده ڇان ۽ مسلسل تحقيق مطابق، شاهه جي رسالي جي جامع مستند متن جون، اهي به جدا پر مڪمل ۽ صاف صحيح صورتون آهن. يعني "شاهه جو ڪلام" ۽ "رسالي جو ڪلام" جيڪڏهن آئينده کي بيا وڌيڪ معتبر قلمي رسالا دستياب ٿيا ته انهن جي روشني ۾ انهن بنهي صورتن کي اڃا به وڌيڪ پرکي ضروري ترميم ڪئي ويندي. پر جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ پنهنجي ذوق ۽ ذهن مطابق "رسالي جو ڪلام" ۾ شامل ڪنهن سر، داستان، بيت يا وائي کي "شاهه جو ڪلام" ڪري سمجھي يا "شاهه جو ڪلام" ۾ شامل ڪنهن سر، داستان، بيت يا وائي "رسالي جو ڪلام" ڪري سمجھي ته هو اختيار وارو آهي(109).

هيءُ "رسالي جو ڪلام" وڏي محنت سان پيٽيو ۽ ترتيب ڏنو ويو آهي. متن ۾ رکيل هر بيت ۽ وائي بابت، پويان پرڪا واري وضاحت ڪئي ويئي آهي ته اهو بيت (يا وائي) ڪنهن جو آهي؟ ۽ "شاهه جي ڪلام" جي

(14) ايضاً، پيٽ ۾ سمجهاڻي، ص 206
(15) ايضاً، ضميمو، ص 603
(16) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" (جلد ٻيو) ڇپائيندڙ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ، (ڇاپو پهريون)، سال 1992ع
(17) ڏسو حوالو 16، مقدمو، ص 2
(18) ايضاً، متن، ص 37
(19) ايضاً، مقدمو، ص 59
(20) ايضاً، مقدمو، ص 11
(21) ايضاً، متن، ص 60
(22) ايضاً، متن، ص 80
(23) ايضاً، مقدمو، ص 19
(24) ايضاً، متن، ص 81
(25) ايضاً، متن، ص 105
(26) ايضاً، مقدمو، ص 26
(27) ايضاً، مقدمو، ص 29
(28) ايضاً، متن، ص 107
(29) ايضاً، متن، ص 133
(30) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" (جلد ٽيون) ڇپائيندڙ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه/حيدرآباد، (ڇاپو پهريون) سال 1994ع، مقدمو، ص 6
(31) ڏسو حوالو 30، مقدمو، ص 13
(32) ايضاً، مقدمو، ص 7
(33) ايضاً، متن، ص 65
(34) ايضاً، متن، ص 70
(35) ايضاً، مقدمو، ص 15
(36) ايضاً، مقدمو، ص 16
(37) ايضاً، متن، ص 71
(38) ايضاً، متن، ص 84
(39) ايضاً، مقدمو، ص 23
(40) ايضاً، متن، ص 86
(41) ايضاً، متن، ص 95
(42) ايضاً، مقدمو، ص 28
(43) ايضاً، متن، ص 96
(44) ايضاً، متن، ص 111
(45) ايضاً، مقدمو، ص 35
(46) ايضاً، متن، ص 113
(47) ايضاً، متن، ص 124

(82) ايضاً، متن، ص 109
(83) ايضاً، متن، ص 121
(84) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان- "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام" (جلد ڇهون) ڇپائيندڙ: علامه قاضي رسالو. تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، (ڇاپو پهريون) سال 1995ع، مقدمو، ص 2
(85) ڏسو حوالو 84، متن، ص 3
(86) ايضاً، متن، ص 19
(87) ايضاً، مقدمو، ص 7
(88) ايضاً، متن، ص 20
(89) ايضاً، متن، ص 28
(90) ايضاً، مقدمو، ص 12
(91) ايضاً، متن، ص 29
(92) ايضاً، متن، ص 72
(93) ايضاً، مقدمو، ص 44
(94) ايضاً، متن، ص 73
(95) ايضاً، متن، ص 105
(96) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان- "شاهه جو رسالو- شاهه جو ڪلام) (جلد ستون) ڇپائيندڙ: علامه قاضي- رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، (ڇاپو پهريون) سال 1998ع، مقدمو، ص 18
(97) ڏسو حوالو 96، متن، ص 3
(98) ايضاً، متن، ص 58
(99) ايضاً، مقدمو، ص 26
(100) ايضاً، متن، ص 60
(101) ايضاً، متن، ص 108
(102) ايضاً، مقدمو، ص 42
(103) ايضاً، متن، ص 110
(104) ايضاً، متن، ص 126
(105) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان- "شاهه جو رسالو" (جلد 8/9) ڇپائيندڙ: علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، (ڇاپو پهريون) سال 1999ع، مهاڳ، ص 1
(106) ڏسو حوالو 4 "سُرن جو وچور".
(107) ڏسو حوالو نمبر 105، ص 535
(108) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان- "شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام" (جلد ڏهون) ڇپائيندڙ: علامه قاضي رسالو. تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، (ڇاپو پهريون) سال 1996ع، مقدمو، ص 53
(109) ڏسو حوالو نمبر 108، مقدمو، ص 72
(110) ايضاً، متن، ص 133
(111) ايضاً، پرک ۽ سمجهاڻي، ص 650
(112) ايضاً، متن، ص 188
(113) بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان (نگران) "شاهه جو رسالو" (بمبئي ڇاپي 1867ع واري نسخي جو عڪس)



پروفيسر سليم سهتو

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم بحيثيت اسڪالر ۽ تعليمي ماهر جي، دنيا، پاڪستان ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۾ مهمان طور ويو پر انهن تعليمي ادارن مان سنڌ جو مشهور ۽ پهريون ڪيڊٽ ڪاليج، جنهن کي اهو شرف حاصل آهي ته ملڪ جو موجوده محترم صدر اسلامي جمهوريه پاڪستان جناب آصف علي زرداري صاحب به شاگرد رهيو آهي.

ان اداري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم ٻه ڀيرا خاص مهمان طور آيا هئا. هڪ ڀيرو آل پاڪستان انگلش تقريري مقابلي جي موقعي تي ۽ ٻيو ڀيرو سنڌ جي سداحيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعري تي ڪيڊٽس ۽ ڪاليج جي استادن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ جيئن ته مان لطيف ڏي فنڪشن جو آفيسر انچارج هئس، تنهنڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم کي سنڌن رهائشگاهه سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس کان ڪاليج وٺي اچڻ ۽ ڇڏي وڃڻ جي نميواري به منهنجي هئي. مون سان گڏ اسلاميات شعبي جو استاد سائين اسدالله ڀٽو به ساڻ هو.

رستي تي اسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم سان علمي ۽ ادبي ڪچهري ڪندا آياسين. ڊاڪٽر بلوچ مرحوم شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ بابت نهايت ئي اهم ۽ معلوماتي ڳالهيون ٻڌايون. تنهن کان سواءِ لوڪ ادب جي حوالي سان به گهڻيون ئي مفيد ڳالهيون ٻڌايون. لوڪ ادب جي سلسلي ۾ سندن مرتب ڪيل ڪهاڻين جا 7 جلد وڏي اهميت رکن ٿا. انهن ڪتابن کي پڙهڻ سان ٻارن توڙي وڏن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ ڪيترين ئي سمجهه ڀريون ڳالهيون ۽ ذهانتي نُڪتا پڻ حاصل ٿين ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم سان گهڻائي دفعا حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ادبي گڏجاڻين ۾ ملاقات ٿيندي رهي. هر ڀيري سندن گفتگو دوران ڪا نئين ڳالهه ۽ ڪو نئون پيغام ٻڌڻ جو موقعو ملندو رهيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تي سنڌ کي سدائين فخر رهندو آهي. هو هڪ محقق سان گڏ لوڪ ادب جو پارکو پڻ هو. سگهڙن کي اڳيان آڻڻ ۾ سندن ڪيل ڪوششن کي وساري نه ٿو سگهجي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نئين نسل لاءِ هڪ مثالي شخصيت هئا. سندن وڇوڙي سبب سنڌي ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، تنهن جو پورائو ممڪن نه آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب 94 سالن جي ڄمار ۾ ٿڪيو نه هو، توڙي جو سندس زندگيءَ جو هر پل جستجو ۾ گذريو. منهنجي سوچ دنگ رهجي وڃي ٿي جڏهن هنن چيو هو ته ٻئي جنم ۾ ڪين موقعو مليو ته هو سنسڪرت ٻولي سکندو. سڄي زندگي جستجو ۽ تحقيق ۾ گذارڻ بعد به هن ٻئي جنم ۾ به سکڻ واري مرحلي کي اهميت ٿي ڏني ۽ وڌيڪ ڄاڻڻ ٿي چاهيئين. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌي ٻوليءَ کي هڪ اڻٿڪ جدوجهد جي نتيجي ۾ نوان لاڙا ڏنا، مون کي ڏک آهي ته هو اڄ جسماني طرح اسان جي وچ ۾ نه رهيو آهي.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جو عظيم ليکڪ جيتوڻيڪ اسان کان جسماني طور جدا ٿي ويو آهي، پر روحاني طور هميشه گڏ رهندو. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. (آمين)

ڊاڪٽر مخمور بخاري



# ڊاڪٽر بلوچ جي سچل سرمست جي شخصيت ۽ فڪر تي تحقيق

## (مختصر جائزو)

سنڌ جي وحدت ۾ جنهن فڪر اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ان ۾ تصوف اهڙو فڪر آهي، جيڪو عملي صورت ۾ اچڻ کان پوءِ ان ويس جي وحدت، نرالو رنگ اختيار ڪيو.

سنڌ جي ڌرتي جيئن تہ ماضي جي ورقن ۾ ڪيترن ئي مذهبن ۽ مذهبي روين کي پاڻ ۾ سانڍي رکيو ويٺي آهي، اتي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي ان فڪري وحدت جا بنيادي محرڪ آهن، جن جي سوچ، سمجهہ، ساڃاهہ، شعور هن ديس کي تہ ڇا پر پوري عالم لاءِ انساني اتحاد، سهپ، ڀائيچاري، امن ۽ اتحاد جو پيغام ڏنو آهي. هنن ٽنهي وڏن شاعرن مان سچل سرمست پنهنجي اندازِ بيان جي رنگ ڍنگ سبب نرالي حيثيت رکي ٿو. هن جي اُن شاعرانہ فڪر ۽ انداز کي کولي بيان ڪرڻ توڙي سچل سائين جي شخصيت تي چڙهيل عقيدت جي دز کي لاهي، ان جو اصل چهرو عيان ڪرڻ وارن ۾ جن ٿورن شخصيتن تحقيقي انداز ۾ ڪم ڪيو، انهن ۾ ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪردار نهايت اهم آهي. هنن صفحن ۾ اسان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو سچل سرمست تي ڪيل تحقيقي ڪم جو مطالعو ڪنداسين.

سچل سرمست جي ڪلام جي ترتيب جو آغاز تہ سنہ 1883ع کان شروع ٿيو، مرزا علي بيگ سنہ 1902-03ع ۾ سچل فقير جي گهڻو ڪلام سنڌي سرائڪي ۽ ريختہ (اردو) ۾ گڏ ڪري رسالي جي صورت ۾ پيش ڪيو. اهڙي ريت آغا عبدالنبي، مولانا صادق راڻيپوري، عثمان علي انصاري، قاضي علي اڪبر درازي، نماڻو فقير، ميان درمحمد، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ٻين ڪيترن ان ڏس ۾ ڪردار ادا ڪيو پر خاص طور سچل سرمست جي شخصيت توڙي سندس سوانح حيات بابت علمي تحقيقي انداز ۾ ڪن ٿورن شخصيتن قلم هلايو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمست سائين بابت ڪن اهم اختلافي نڪتن بابت جدا جدا پنهنجن مضمونن/مقالن/تقريرن/ليڪچرن ۾ ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪو جدا مڪمل ڪتاب تہ سچل سرمست تي نہ لکيو پر هن جي تحريرن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ذهن ۾ سچل سرمست بابت ڪو ڪتاب لکڻ جو خاڪو ضرور موجود هو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجين لکڻين ۾ سچل سرمست بابت جن اهم نڪتن طرف اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، اُهي هي آهن:

1. سچل سائين جي ولادت جي درست تاريخ
2. ڇئن زبانن وارو يا هفت زباني شاعر
3. سچل سائين جو پنهنجي دور جي عالمن سان اختلاف
4. سچل سائين جي انقلابي شاعري
5. سچل سائين جي فڪري واٽ

هت اسان ترتيب وارو مٿين موضوعن تي گفتگو ڪنداسين:

### (1) سچل سائين جي ولادت جي درست تاريخ

هيءُ بہ هڪ اختلافي مسئلو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان طرف اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. سچل چيئر ۾ موجود شجره فاروقيان کي ڏسڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهڙو اظهار ڪيو تہ سچل سائين جي جيڪا ولادت جي تاريخ 1152هہ/ 1739ع ٻڌائي وڃي ٿي، اها درست ناهي بلڪ شجره فاروقيان ۾ درج سچل سائين جي ولادت جي تاريخ 1170هہ/1758ع درست آهي(1).

هيءُ معاملو ڪجهہ منجهائيندڙ آهي ڇاڪاڻ

"هاڻي هي بہ ساڳي نوعيت جو هڪ اختلافي افسانو آهي، حقيقت ۾ سچل سائين دين يا اسلام جي روح جي خلاف ڪڏهن بہ بغاوت نہ ڪئي هئي، هن تہ جيڪو بہ احتجاج ڪيو آهي، سو ظاهر واري جي خلاف آهي. هن تہ رواج ۽ رسمن جي خلاف نعرو هنيو آهي(9)."

سچل سائين بابت جن بہ اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن، اُهي پنهنجي سطحي سوچ جي سبب درازي شاهہ جي اعليٰ فڪر کي سمجهي نہ سگهيا. سچل، فرد جي بنيادي سڃاڻپ، حيثيت ۽ انفراديت کي پيش ڪيو آهي، هن جي نظر ۾ هڪ فرد خود وڏي اهميت رکي ٿو، ان ڪري فردِ واحد کي پنهنجي صلاحيتن ۽ لياقتن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي، هو چوي ٿو:

جي تو ڄاتو پاڻ، آءٌ بيو ڪي آهيان،
ڪنڍ غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهہ ۾.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اها ڳالهہ بہ اهميت رکندڙ آهي تہ سچل سائين رسمن رواجن جي خلاف ڳالهايو آهي، ڇاڪاڻ تہ رسم ۽ رواج جڏهن پنهنجي معروضي حالتن سان موافقت نہ رکندا آهن، تہ پوءِ انسان لاءِ هاجيڪار ٿي پوندا آهن، اهڙي حالت ۾ انهن رسمن، رواجن کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ سچل سرمست چوي ٿو:

"ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو."

هيءَ بغاوت مذي خارج رسمن خلاف آهي، نہ ڪي مذهب جي، ڇاڪاڻ تہ سچل جو مذهب انسانيت آهي، جيڪو دنيا جي هر مذهب جو بنياد آهي. انهي ڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ سچل جي اهڙي مثبت انقلابي نظريي کي عام ڪرڻ گهرجي(10).

**سچل سائين جي فڪري واٽ:** سچل سائين جي فڪر جي افاديت کي سمجهڻ لاءِ هيءَ هڪ اهم نُڪتو آهي تہ آخر سچل سائين وٽ جيڪو فڪر آهي، اهو ڪٿان آيو آهي. ان جي فڪري واٽ ڪٿان ۽ ڪهڙي ريت سرمست سائين تائين پهتي آهي. جنهن تي وري سچل سرمست هليو آهي، ان واٽ جي نشاندهي ۾ اسان جا ڪي عالم پنهنجي عقيدت جي ور چڙهي ويا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڏس ۾ اهم ۽ ڪارائتيون ڳالهيون ڪندي چوي ٿو:

"جڏهن آغا عبدالنبي صوفي، سچل سرمست جو رسالو مرتب ڪيو تہ هن هڪ اختلافي مسئلو هِن طرح اُٿاريو تہ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سائين جي نظرين ۾ واضح فرق آهي. سچل، عطار جي پيروي ڪئي آهي ۽ شاهہ صاحب، مولانا رومي جي ڏسيل راهہ تي هليو آهي.

هاڻ اُهي ماڻهو جيڪي اها ڳالهہ ڪن ٿا، تن کي شايد اهو پتو ئي نہ آهي تہ عطار ۽رومي يا سنائي جي خيالن ۾ ڪو بہ اختلاف آهي ئي نہ! مولانا رومي خود فرمايو آهي تہ:

'ما از پئہ سنائي و عطار آمديم' (اسان پڻ سنائي ۽ عطار واري پيچري تي هلندڙ آهيون) (11)."

سچل سائين کي فقط خواجہ فريدالدين عطار جو پوئلڳ سمجهڻ دراصل ان ساري پس منظر کان اڻ واقفي آهي، جنهن ۾ تصوف جا سمورا سرچشما گڏ ٿين ٿا. عطار هجي يا رومي يا جامي يا احمد جام. هي سڀ هڪٻئي جا فڪري تسلسل آهن. سچل سرمست جي ڪلام جي باريڪ بيني مطالعي سان اها ڳالهہ چٽي طرح نظر اچي ٿي تہ سرمست سائين تصوف جي فڪر جي وڏن شارح شاعرن کي پنهنجي روحاني اڳواڻ جي حيثيت ڏني آهي. حسين بن منصور حلاج، خواجہ فريدالدين عطار، مولانا جلال الدين رومي، مولانا عبدالرحمان جامي، احمد جام زنده پيل، ڪبير، سلطان باهو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل جي اهڙن روحاني اڳواڻن ۾ شامل آهن، ديوان آشڪار ۾ درازي بادشاهہ چيو آهي:

اي دلا خوشبوز شه عطاردر جانم رسيد،
آن زبان يکبارگي از کفر و ديوان مارا کشيد

چہ جلال الدين چہ جامي غاشيہ بردار او،
اين چنين تعريف ما از پير عبدالحق شنيد(12)

(اي دل! منهنجي روح تائين حضرت عطار جي خوشبو پهچي وئي ۽ ان وقت هڪدم مون کي ڪفر ۽

ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي



# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان منهنجي ملاقات

هيءُ ان دؤر جي ڳالهه آهي جڏهن پوري ملڪ تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جو عوامي راڄ قائم هو ۽ سنڌ ۾ هر طرح جو امن ۽ سُک هو. ڪنهن به شيءِ جي ڪمي ڪونه هئي. نه اٽي جي ۽ نه لٽي جي، مهانگائي ۽ سستائي هئي. هر ماڻهو پنهنجي ڪکن ۽ پکن ۾ خوش هو. دهشتگردي ۽ مارا ماري ڪونه هئي ۽ نه وري ڪو غريب ۽ مسڪين ماڻهو ڪئمپن جي حوالي هو، ۽ نه ڪي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ بدمعاشيون هيون، ۽ نه ئي سنڌين ڪي لاش ٻورين ۾ ملندا هئا. نه ڪي ڪنهن ونيءَ ڪان وَز ۽ نه ڪنهن جيجل جيُ جهولي رت سان ريٽي ٿيل هئي. سنڌ سُڪار هئي ته رس رهاڻيون به هيون. "اڱڻ تازي، ٻهَر ڪُنڊيون، پَڪا پَٽ سُونهن" واري سنڌ هئي. ان زماني ۾ حيدرآباد شهر جو ته اوج هو. ماڻهو هاسيڪار حيدرآباد گهمڻ ويندا هئا. عيدن برادن تي ته حيدرآباد ۾ ميلا متل هوندا هئا. هوٽلن تي، مسافرخانن تي ۽ راڻي باغ ۾ ته وڏي رش هوندي هئي.

ڏاها ماڻهو حيدرآباد شهر کي سنڌ جي "دِل" چوندا هئا. هيرآباد جو حُسن ۽ نزاڪت، سونهن ۽ صفائي وڻندڙ هئي، وري جو ريڊيو حيدرآباد، سو ته سموري سنڌ جي سونهن ۽ ونڊر ورونهه هئي، ان جي پارڪ ۾ وڏا وڏا فنڪار، صداڪار، سگهڙ، شاعر، اديب ۽ عالم ۽ سنڌ جا سدا ملوڪ ماڻهو ايندا هئا، جيڪي سڄيءَ سنڌ جي نمائندگي ڪندا هئا. ڏاڏي فتح خان واري ڳوناٽي ڪچهري جڻ سموري سنڌ جو آواز هئي.

ريڊيو حيدرآباد وڏا وڏا ڪلاڪار ۽ آواز پيدا ڪيا. فني ۽ سماجي خدمت ڪئي. شايد استاد منظور علي خان جو پهريون وڊيو انٽرويو به ريڊيو حيدرآباد جي اڱڻ تي رڪارڊ ٿيو. جيڪو مرحوم شيخ محمد اسماعيل جي ميزبانيءَ ۾ ٿيو. ان ۾ شيخ صاحب- استاد منظور علي خان کان ڪلاسيڪل گائڪي ۽ لوڪ موسيقي بابت سوال جواب ڪيا. ان پروگرام ۾ مرحوم ممتاز مرزا، گل حسن قريشي ۽ ٻيا استاد جا محبتي موجود هئا. مرحوم شيخ محمد اسماعيل رات جو ريڊيو حيدرآباد تان "سانيهه جا سينگار" پروگرام جي ميزباني ڪندو هو، سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ڪان ڏاها ماڻهو ايندا هئا، مولود مداحون ۽ لوڪ رس جا سڄاڻ ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. آءٌ به ٻه ٽي ڀيرا شريڪ ٿيو هئس. واهه جو پروگرام هو، ۽ وڏي معلومات ملندي هئي ۽ ڏاڍو رس ۽ چَسُ هوندو هو. منجهس پهريون ڀيرو انهيءَ پروگرام ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو ٻڌم. جيڪو سگهڙن ۽ سياڻن جي مهندار مڙس فقير ٻيڙي ڪنيار ۽ ٻين ڪان بار بار ٻڌم. منهنجي اندر ۾ به اڪير ۽ سڪ جاڳي ته اهڙي جاڪوڙيءَ مڙس کي ڏسڻ گهرجي پر منهنجي وس ڪان اها ڳالهه پري هئي، "پر جڏهن سائينءَ سبب ڪيو ته سَٽَڙ به سالم لنگهيا" ۽ مون سان به مالڪ ائين ئي مهرباني ڪئي.

آءٌ ان زماني ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهندو هئس ۽ هاسٽل ٽنڊي ولي محمد ۾ رهندو هئس. مٿان رمضان جو پلارو مهينو آيو ته تراويح نماز لاءِ ميمڻ مسجد گاهه مارڪيٽ جماعت خانه ۾ نماز لاءِ ويندو هئس، جتي شڪارپور جو مشهور قاري محمد علي نابين نماز پڙهائيندو هو. ڏاڍو سهڻو ۽ مٺڙو آواز هئس، قرائت ۾ پوري ملڪ ۾ مشهور هو، قاري صاحب جي قرائت روح کي راحت ۽ قلب کي فرحت بخشيندي هئي. ٻه ڪلاڪ تراويح نماز ۾ لڳندا هئا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو سرواڻ هو. پنهنجي ڪنهن دوست سان اڇي رنگ جي گاڏيءَ ۾ چڙهي اُتي ڪڏهن ڪڏهن نماز لاءِ ايندو هو. نماز بعد ڪلاڪ اڌ ويهي پنهنجي دوستن سان ڪچهري ڪندو هو. مون کي پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان هٿ ملائڻ ۽ روبرو ڏسڻ نصيب ٿيو. آءٌ به ڪي

ڊاڪٽر صاحب انٽڪل روءِ اوائي سال يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسيلر رهيا ۽ هڪ نموني عرب (بلڪ مصري)- پاڪستاني چڪتاڻ جي نتيجي ۾ مصري استادن جو سانڍ ڏينڌڙ هڪ پاڪستاني گروپ جنرل ضياءُ الحق تائين اثر رسوخ هلائي بروهي صاحب ۽ ڊاڪٽر صاحب کي سندن عهدن تان ڌار ڪرائي، ڊاڪٽر افضل (جنرل ضياءَ جي گهر واري جو مامو) ۽ مصري استاد ڊاڪٽر حسين حامد حسان کي ترتيب وار ريڪٽر ۽ وي. سي طور مقرر ڪرايو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب جو سڄو توجهه هجره ڪائونسل جي ذميوارين تي رهيو، جتي پاڻ اسلامي ورثي جي مشهور هڪ سؤ ڪتابن جا انگريزي ترجما آڻڻ جي رٿا پئي هلايائون ۽ ان سلسلي جا ڳچ ڪتاب تمام سهڻي انداز سان آندائون. اهو سلسلو به اسان جي لاپرواهه حڪومتن ۽ ڪامورا شاهيءَ جو بک بڻجي ويو ۽ اڳتي هلي غالباً وزير اعظم جوڻيجي جي دور ۾ هجره ڪائونسل جا پر ڪتريا ويا ۽ ڊاڪٽر صاحب کي ان کان الڳ ڪيو ويو. نتيجي طور اها اهم رٿا اڌ پوري رهجي وئي.

اسان سنڌي قوم جو اهو الميو رهيو آهي، ته سدائين ڪم وارا ماڻهو اسهپ ۽ ساڙ جو شڪار ٿيا ۽ سندن اڏو سدائين رنڊڪون وڌيون ويون ۽ خاطريءَ سان کين ڪم ڪرڻ ڪرڻ نه ڏنو ويو. ساڳي صورت حال سان ڊاڪٽر صاحب جهڙي بي مثال عالم، اديب، محقق، مؤرخ، تعليمي ماهر ۽ سنڌ جي سينڌ سنواريندڙ شخصيت کي منهن ڏيڻو پيو. سنڌ جي ادارن: ڊاڪٽر صاحب جو اهو قدر نه سڃاتو، جنهن جا پاڻ حقدار هئا، ان جي پويان ڪي برک ۽ وڏو اثر رسوخ رکندڙ شخصيتون هيون، جن مان ڪن جي ميار ڊاڪٽر صاحب پاڻ اسان ڏانهن هڪ ذاتي خط ۾ لکي هئي، جا اسان پنهنجي رسالي ”السند“ اسلام آباد ۾ شايع ڪئي هئي، جنهن تي ڪافي بحث مباحثو پڻ هليو هو. رنڊڪن ۽ رڪاوٽن هوندي ڊاڪٽر صاحب ڪڏهن به هار نه مڃي ۽ سدائين پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهيا ۽ سنڌي لوڪ ادب، سنڌ جي تاريخ، لطيفيات ۽ سنڌي لغات تي اهڙو ورثو ڇڏي ويا جنهن تي شايد ڪو گهڻو واڌارو به ڪو نه ڪري سگهي. اهو ڪم لڳي ٿو ته صديون نئون تازو رهندو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نئون ٻنو ۽ سگهارو رکندو.

طالب علميءَ واري دور ۾ ڊاڪٽر صاحب سان گهڻو ۽ گهاٽو لاڳاپو نه ٿي سگهيو، پر جڏهن 1991ع ۾ ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي جي سرپرستيءَ ۾ اسلام آباد مان اسان پهريون سنڌي رسالو ”السند“ جاري ڪيو ته ٿورڙي عرصي ۾ ڊاڪٽر صاحب سان سنئو رابطو شروع ٿيو. پاڻ رسالي جي تمام گهڻي پذيرائي فرمائي حوصلو ڏياريائون ۽ وقت بوقت سندن ليک رسالي جي سونهن بڻجندا رهيا. ساڻن خط و ڪتابت جو سلسلو ته رهيو ئي، ڪئين ڀيرا چهار چشمي جو موقعو پڻ ملندو رهيو. حيدرآباد ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي چيئر جي آفيس ۾ ڪافي ڊگهي ملاقات ٿي ۽ علم ۽ تحقيق جي حوالي سان رهاڻ جي ياد اڄ ڏينهن تائين تازي آهي.

هڪ ڀيري ٿورڙي وقت لاءِ پاڻ ڊاڪٽر سليم اختر سان گڏجي غريب خاني تي پڻ ڪهي آيا، هڪ ڀيري آءٌ ڊاڪٽر سليم اخترسان گڏجي سندن نياڻيءَ جي گهر ۾ ساڻن ملڻ لاءِ وڃڻ ٿيو، جتي پاڻ اسلام آباد اچي ترسندا هئا. وفات کان ڪجهه مهينا اڳ پاڻ اسلام آباد آيا ته سندن گهاٽي عزيز دوست ۽ شاگرد ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (تڏهن فيبرل سيڪريٽري صنعتون ۽ پيداوار) سندن مان ۾ پوش سيڪٽر جي هڪ نرالي ريسٽورنٽ ”ڪيوا“ ۾ ماني رکي ۽ قرب ڪري مون کي پڻ ڪوٺ ڏنائون، چوٿون بزرگ محمد حسن پنهور (اڳوڻو چيئرمين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن) هو. چڱو وقت ڊاڪٽر

صاحب سان رس رهاڻ رهي ۽ ساڻن يادگار فوٽو پڻ ڪيڻ جو موقعو مليو. ائين پئي لڳو جو ڊاڪٽر صاحب جي يادگيري اها ساڳي جواني جي دور واري آهي. پنهنجي استاد عربي ادب جي عالمي طور مڃتا ماڻيل هستي علامه عبدالعزيز الميمني جي پچار ۾ اڇرج جوڳا واقعا ٻڌايائون. ان کان اڳ منهنجي ايڊٽ ڪيل، سلطان الاولياء لنواري واري بزرگ جي ابيات سنڌي جي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي واري عربي شرح جو مسودو ڊاڪٽر سومرو صاحب، ڊاڪٽر صاحب ڏانهن موڪلي چڪو هو ۽ ڊاڪٽر صاحب پنهنجيَ خط ۾ ان بابت هاڪاري راءِ پڻ ڏني هئي، ان بابت به پڇيائون ۽ وڌيڪ تحقيقي ڪم لاءِ صلاحون پڻ ڏنائون.

ڊاڪٽر صاحب جي تصنيفن ۽ تاليفن جو اڀياس ڪندي ٿلهي ليکي ان نتيجي تي پهچجي ٿو ته پاڻ سنڌي ٻولي ۽ لوڪ ادب کي اهڙيون ته خسناڪيون ڏئي ويا جو هينئر اهو ڪلاسيڪل عربي ادب جون سڪون پيو لاهي. لوڪ ادب ۽ رهاڻ هيرڻ ڪاڻ وارا سلسلا جاحظ جي البيان والتبيين، ابن عبد ربه جي العقد الفريد، زمخشري جي ربيع الابرار، ابن حمدون جي التذكرة الحمدونية ۽ ابشيهي جي المستطرف وغيره ۾ آيل 'ادب عالي' سان پيٽ ٿا کائن. لڳي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب عربي ادب سان سڌي مناسبت ٿي رکي. مون کي ياد ٿو پوي ته ڊاڪٽر صاحب هيڪاري عربي ادب جي نرالي نانءَ جاحظ جي لکيتن جي ڏاڍي ساراهه ڪئي، پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ به سندس ذڪر ڪيو اٿن.

لطيفيات جي ڏس ۾ سندن تحقيقي ڪم ۽ خدمتن جو ته ڪو برئي نٿو ميچي سگهي. لطيف جي ڪلام جي عمدي سمجهاڻي ۽ شرح کان علاوه رسالي جا اڪيچار دستخطي توڙي ڇاپي نسخا هٿ ڪري انهن کي ڀيٽائي هڪ نهايت معتبر ۽ مستند متن جي تياري ڊاڪٽر صاحب جو اهڙو ڪارنامو آهي جيڪو سدائين يادگار ۽ سندن لاءِ صدقهءِ جاريه رهندو. جامع سنڌي لغات جي ترتيب ۽ تدوين سنڌي ٻوليءَ تي سندن هڪ ٻيو ٿورو آهي جنهن سان سنڌي ٻولي بين عالمي ٻولين سان ريس ڪرڻ جوڳي ٿي آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنجن وڏين ٻولين جا وڏا ڄاڻو هئا: سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ عربي. انهن مان پهرين ٽن ٻولين ۾ ته پاڻ روان هئا ۽ گفتگو- تقرير سان گڏوگڏ نهايت عمدي نموني تصنيف ۽ تاليف جو ملڪو هئڻ، جنهن ڪري ٽنهي ٻولين ۾ لکيتن جا واهڙ وهائي ڇڏيائون. سندن تحقيق جو انداز عالمي سطح تي هلندڙ ماڻين معيارن مطابق هو. ڪا به ڳالهه توڙي نظريو دليل جي آڌار تي ئي بيهاريندا هئا. اها ڳالهه ڊاڪٽر صاحب کان پهريان اسان جي علمي ۽ ادبي لڏي ۾ فقط ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب وٽ ڏسجي ٿي. پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان کي اوج تي رسايو ۽ ان روايت کي پڪو پختو ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ ۾ نظم ضبط، وقت جي قدرداني ۽ ان جو صحيح صحيح ۽ پورو پورو واهپو ٿو ڏسجي، جنهن ڪري پاڻ ايڏو ڪم ڪري ويا جو وڏا وڏا ادارا به ان کان عاجز آهن. وري سندن تحقيق رڳو ڪتابن جي ٿلهي مطالعي تائين محدود ڪا نه هئي، پر ان لاءِ ماڳن مڪانن جي مشاهدي، واسطيدار ماڻهن سان سڌين ملاقاتن لاءِ ڪشالا ۽ ڪشٽ ڪڍي جهنگ جهر جهاڳيائون. ان ڳالهه جتي سندن لکتن کي مضبوط بنيادن تي هموار ڪيو ته ساڳئي وقت پنهنجي دور جي بين محققن کان نرالي حيثيت پڻ ڏياري ڇڏي.

◙

3. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت موسيقيءَ جو ماهر
4. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ماهر لسانيات
5. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ماهر آثار قديم
6. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ماهر نشريات
7. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ادبي مؤرخ/ تذڪره نگار
8. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت تعليمي ماهر
9. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت انشائيه نگار
10. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت صحافي
11. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ماهر نباتيات
12. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ماهر ثقافت (ڪلچر)
13. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت منتظم
14. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مرتب
15. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت لغت نويسي
16. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت محقق/ مقالا نگار/ مضمون نگار
17. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت سوانح نگار
18. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت تنقيد نگار
19. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت حواشيه/ حوالہ نگار
20. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ميوزم برپا/ قائم ڪندڙ
21. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت لائبرريون قائم ڪندڙ
22. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مؤرخ
23. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت اردو اديب ۽ محقق
24. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت فارسي اديب ۽ محقق
25. عربي اديب ۽ محقق

**ب: ذاتي زندگي:**

26. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت پٽ
27. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت پيءُ
28. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مڙس
29. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ڀاءُ
30. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت شڪاري

**ج: اخلاقيات:**

31. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت ميزبان
32. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مهمان
33. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت دوست
34. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مددگار
35. ڊاڪٽر بلوچ بحيثيت مخالف

ان ڪان علاوه ٻيا ڪيترائي اهڙا انيڪ موضوع آهن، جنهن حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ جي ڊگهي زندگي تي تفصيلي نظر ۽ ڪم ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ صرف سنڌي ادبي شخصيت نہ هو، بلڪ هو بين الاقوامي اديب، مؤرخ، محقق ۽ عالم هو. جنهن جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ڪي واڪو ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، ان لاءِ هڪ يا ٻن ماڻهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ان لاءِ هڪ اداري جي ضرورت آهي. شايد عربي زبان جو هيءُ مقولو ڊاڪٽر بلوچ تي پورو لهي ٿو تہ "ماڻهو اُهو ڪم ڪري جو افسانو بڻجي وڃي".

ڊاڪٽر بلوچ بہ سنڌي قوم جي ادب، تاريخ، موسيقي، لطيفيات، لغت ۽ ٻين ميدانن ۾ پورو چانيل رهيو آهي، ان لاءِ هُو سنڌي ادب ۾ سماج ۾ هڪ افسانو "Legend" بڻجي ويو آهي.



نذير احمد شاڪر بروهي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

بين الاقوامي سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ پڙهيا هئا. ڏيهي توڙي پرڏيهي ملڪن جي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندن اهي شاهڪار پڻ شايع ٿيل آهن. جن ۾ تعليمي ۽ نصابي رپورٽون پڻ شامل آهن. پاڻ عربي، فارسي ۽ بين بولين جي ڪتابن کي پڻ انگريزيءَ ۾ مرتب ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي انگريزي ڪتابن ۽ مقالن جي فهرست جو ڪاٿو ئي نہ آهي.

عربيءَ ۾ لکيل سيف الملوڪ جي قصي جو منظوم ترجمو بهاولپور رياست جي مشهور مولوي لطف علي ڪيو هو. محمد صادق راڻي پوري پنهنجي تعارف ۽ مقدمي سان هن ترجمي کي سن 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو. ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب جو مقدمو سرائيڪي زبان ۾ (62 ص) لکيو، جنهن ۾ مولوي لطف علي جي سوانح کان سواءِ سندن شاعري تي پڻ سير حاصل بحث ڪيل آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي علمي و ادبي خدمت جي سلسلي ۾ سندن آخري تحقيقي ڪاوش ”تڪملة التڪملة“ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب هيءُ ڪتاب مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪتاب ”مقالات الشعراء“ ۽ مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي جي ”تڪلمہ مقالات الشعراء“ ۾ رهيل سنڌ جي فارسي گو شاعرن جو تذڪرو مع فارسي ڪلام، نهايت عالمانہ ۽ محققانہ انداز ۾ تحرير ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب اول الذڪر ٻن ڪتابن جو ٽيون حصو سمجهڻ گهرجي.

وفات کان ڪجهہ عرصو اڳ پاڻ گوشہ نشين رهيا. سندن اها گوشہ نشيني بہ علمي ۽ فڪري فيوضات جي سلسلي ۾ علم جي پياسن لاءِ مڪتب بنجي پئي. 09- جولاءِ 2010ع تي جڏهن منهنجي ساڻن ملاقات گل محمد عمراڻي صاحب جي معرفت ٿي تہ پاڻ عمراڻي صاحب کي فرمايائون تہ هيءُ ڪير آهي؟ تنهن تي عمراڻي صاحب جن ڊاڪٽر صاحب کي ٻڌايو تہ هي مرزا ڪاظم رضا بيگ آهي، اسان وٽ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪم ڪري ٿو. جنهن تي پاڻ مون سان مخاطب ٿيندي فرمايائون تہ بابا اوهان جو تعلق ٽنڊي نوڙهي جي مرزا خاندان سان آهي يا ٽنڊي آغا جي مرزا صاحبان سان؟ مون عرض ڪيو تہ سائين، منهنجو تعلق ٽنڊي آغا جي مرزا گهراڻي سان آهي ۽ آءٌ مرزا عباس علي بيگ جو پاٽيجو آهيان. جنهن تي وري ڊاڪٽر صاحب جن فرمايو تہ مرزا عباس علي بيگ منهنجو گهڻو دوست هو ۽ هڪ وڏو عالم ۽ داناءِ هو. وٽس ڪتابن جو تمام وڏو ذخيرو هو. منهنجي ۽ گل محمد عمراڻي صاحب جي ڊاڪٽر صاحب سان اها ملاقات سندن مقالن جي اشاعت جي سلسلي ۾ هئي، جن کي حڪومت سنڌ جي نوادرات کاتي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب جي هدايت ۽ حڪم مطابق شايع ڪرائڻو هو. ان وقت ڊاڪٽر صاحب مون کي چيو تہ اوهان علمي ۽ ادبي گهراڻي جا فرد آهيو. مون کي اوهان تي اعتماد آهي جنهن ڪري هي مقالا اوهان جي سپرد ڪريان ٿو، جن کي حفاظت سان فوٽو ڪاپي ڪرائي وري مون ڏانهن اماڻجو.

ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي ملاقات 20 ۽ 19، 18 مارچ 2011ع تي سندن بنگلي تي ٿي. صبح جو 10 بجي کان منجهند جو 2 بجي تائين ٽئي ڏينهن سندن فيض مان فيضياب ٿيس، ۽ وري آخري ملاقات 3- اپريل 2011ع تي سيد آفتاب علي شاهہ جاموٽ جي سندن اعزاز ۾ ڏنل دعوت جي موقعي تي ٿي ۽ وري 6 اپريل 2011ع جو هڪ المناڪ خبر ذريعي سندن وفات جو اطلاع مليو. جنهن سڄي سنڌ، بلڪ سڄي ملڪ کي ڏکوئي ڇڏيو.

حقيقت ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جو هڪ نہ وسرندڙ هيرو آهي. وسيع مطالعي، وسيع فڪر ۽ وسيع مشرب وارو صوفي صافي هو. تصوف ۽ ويدانت جي ڪتابن جو ڪافي علم هئس. شاهہ سائين جي ڪلام ۽ رمزن جو تہ وڏو ڄاڻو هو. سندن زبان سلوڻي ۽ مٺي، هلڪي ۽ دلپذير هئي. سندن زندگي هڪ آدرشي استاد جي حيثيت سان شروع ٿي، ۽ هڪ ممتاز ۽ نامور انٽرنيشنل بلڪ يونيورسل تاريخدان، محقق ۽ دانشور جي حيثيت سان گذري.

◙

# ”مرڻ مند نہ آهي، تائب ٿيو تڪڙا.“

(شاهہ)

## (تاثرات)

### منهنجو شفيق والد

قلم کڻڻ کان پوءِ گهڻيءَ دير تائين سوچيندو رهيس تہ پنهنجي پياري والد سائينءَ جي ڪهڙي خوبي لکي، ڪهڙي لکان؟ والد سائين هڪ غريب خاندان سان تعلق رکندڙ هو، ان ڪري پاڻ تعليم جي حصول ۾ وڏيون تڪليفون ڏٺائين. اباڻي ڳوٺ کان وٺي نوشهري فيروز تائين ۽ پوءِ جهونا ڳڙهہ ۽ علي ڳڙهہ کان وٺي ڪولمبيا (آمريڪا) تائين سندس تعليمي سفر ڪامياب رهيو. قيام وطن کان اڳ هڪ مسڪين خاندان جو ٻار ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان ايجوڪيشن ۾ اعليٰ اعزاز سان 'ڊاڪٽريٽ' ڪري موٽيو، اها وڏي ڳالهہ هئي.

بابا سائين جتي هڪ بهترين ۽ مثالي استاد هو، هڪ مثالي منتظم هو، هڪ مثالي محقق ۽ اديب هو، اتي هڪ مثالي 'والد' پڻ هو. پاڻ پنهنجي اولاد، پٽن ۽ نياڻين کي بہ اعليٰ تعليم ڏيارائين ۽ اولاد جي تربيت ۽ ضرورتن جو پورو خيال رکيائين. بابا سائين هڪ راڄوند ماڻهو بہ هو، پنهنجي برادري ۽ مٽن مائٽن سان تعلق کي ڀرپور انداز سان نڀايائين. پير سائين پاڳاره جن جي جماعت ۾ داخل ٿيڻ ڪري، پنهنجي مرشد ۽ درگاهہ سان عشق ۽ عقيدت برقرار رکيائين. حُر جماعت سان واسطيداري ۽ هر ڏک سک ۾ ساٿ ڏنائين. پنهنجي دوستن ۽ ساٿين جي وسيع حلقي واري سڱي کي ٽٽڻ نہ ڏنائين، پر مضبوط ڪيائين.

بابا سائين جيترو وڏو عالم هو، اوترو سندس مزاج ۾ ضبعيت ۾ نوڙت ۽ نيازمنديءَ جو رنگ نمايان هو. نهايت سادي ضبعيت وارو ۽ سادگي سان زندگي گذاريندڙ هو. وڏن سرڪاري ۽ انتظامي آسائشن ۽ سهولتن کي پنهنجي مخصوص مزاج تي قابض ٿيڻ نہ ڏنائين. پاڻ تحقيق دوران سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جو چپو چپو ڏٺائين ۽ تاريخي ماڳ مڪان ۽ تاريخ سانديل ماڻهن کان معلومات گڏ ڪيائين. ڪين سنڌ ۽ سنڌ جي هر شيءِ سان محبت هئي. پاڻ ٿر، بر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ رڻ ڪڇ تائين هفتن جا هفتا رهي، معلومات ميڙيائين ۽ وڏا سفر ڪيائين ۽ پوءِ روايتن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سنڌ جي لوڪ ادب کي محفوظ ڪيائين.

بابا سائين پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ کي بہ وقت ڏنو. ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ جامع مسجد، مدرسي ۽ ڪتب خاني کي قائم ڪيائين. گڏوگڏ بوائز ۽ گرلس لاءِ پرائمري کان هاءِ اسڪول تائين سڀ سندن ڪوششن جو نتيجو آهن، جنهن ڪري ڳوٺ جا سؤ سيڪڙو ماڻهو تعليم يافتہ آهن. پاڻ صبر جا سمنڊ هئا، ڪڏهن بہ مخالفن ۽ بي جا تنقيدون ڪندڙن کي جواب نہ ڏنائين. بابا سائينءَ جي اخلاق ۽ ڳالهين لکڻ لاءِ وڏو وقت ۽ وڏا دفتر گهرجن.

منهنجي دعا آهي تہ الله تعاليٰ، بابا کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏئي ۽ اسان کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏئي. (آمين).

آءٌ شڪرگذار آهيان انهن دوستن، خيرخواهن ۽ مٽن مائٽن جو، جيڪي بابا سائينءَ جي وڇوڙي تي اسان سان ڏک ۽ غم ۾ برابر جا شريڪ رهيا. آءٌ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان طرفان انهن صاحبن لاءِ دِليءَ در دعاگو آهيان تہ خداوند ڪريم کين اجر عظيم عطا فرمائي. (آمين).

**ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ**

(فرزند)

•••

### اسان جو عظيم والد

اسان جي وڏڙن تي الله جو راضپو ٿيو جو هن ڌرتيءَ تي بابا سائين کي پيدا ڪيائين، جنهن

**ڪيهي ڪامَ ڪاپَڙي، تَا اَهِڙي رَوَشِ رَوَنِ؟**
**نڪا دِل دوزَخَ ڏي، نَڪِي بِهِشتُ گُهرنِ،**
**نڪو ڪم ڪُفارَ سين، نَڪا مسلماني منِ،**
**اُيا اِئين چَوَن، تہ پِرين ڪجو پانهنجو.**

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ)
سُر رامڪلي، 5-12

منهنجو ننڍپڻ انهن ئي گذريو جيئن عام طور ٻارن جو گذرندو آهي. مان ڇهن پنجن مهينن جو هئس ته والد علي محمد خان گذاري ويو ۽ منهنجي امڙ ئي هيو حق ڪيو. مرڻ مهل منهنجي پيءُ وصيت ڪئي هئي ته ”منهنجي پٽ کي پڙهائجو.“ سو وڏي هوندي جڏهن مون اها ڳالهه ٻڌي ته اها شايد منهنجي تحت الشعور ۾ ويهي وئي ۽ مون پڙهائي ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. منهنجي چاچي ولي محمد خان ان وصيت کي هميشہ سان هنڌايو ۽ عهد ڪري ڇڏيائين ته مون کي ضرور پڙهائيندو. شروع ۾ مان پڙهائي ۾ دلچسپي نه وٺندو هئس ۽ ٻه ڀيرا اسڪول مان ڀڄي ويو هئس جو ته استاد ماريندو هو. پر چاچو منهنجي پٺيان لڳو رهيو ۽ نيٺ ميٽرڪ تائين پڙهايائين.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

# انٽرويو

اِيَ گَتِ غَوّاصَنِ، جئن سَمنڊُ سوجِهيائُون،
پِيهِي منجهه پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائُون،
آڻي ڏنائُون، هيرو لال هَٿَنِ سين.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ)
سُر سريراڳ، 2-9

ظفر جوڻيجو

# تاريخ، لوڪ ادب، ٻولي، موسيقي ۽ لغت جي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو تاريخي انٽرويو

*[هي هڪ تاريخي انٽرويو رسالي ”نيوز اينڊ اوپينين“ جولاءِ-آگسٽ 2007ع ۾ ڇپيو. جيڪو پوءِ محترم محمد عثمان منگي. سنڌ ماتڪ موتي تنظيم قاسم آباد پاران 2007ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو تاريخي انٽرويو مٺين پنهي ادارن جي ٿورن سان هتي پيش ڪجي ٿو- انچارج]*

**توهان جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟**

منهنجو ننڍپڻ ائين ئي گذريو جيئن عام طور ٻارن جو گذرندو آهي. مان ڇهن پنجن مهينن جو هئس ته والد علي محمد خان گذاري ويو ۽ منهنجي امڙ پيو حق ڪيو. مرڻ مهل منهنجي پيءُ وصيت ڪئي هئي ته ”منهنجي پٽ کي پڙهائجو.“ سو وڏي هوندي جڏهن مون اها ڳالهه ٻڌي ته اها شايد منهنجي تحت الشعور ۾ ويهي وئي ۽ مون پڙهائي ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي.

**ان وصيت تي ڪنهن عمل ڪرايو؟**

منهنجي چاچي ولي محمد خان ان وصيت کي هينئين سان هنڊايو ۽ عهد ڪري ڇڏيائين ته مون کي ضرور پڙهائيندو. شروع ۾ مان پڙهائيءَ ۾ دلچسپي نه وٺندو هئس ۽ ٻه ڀيرا اسڪول مان ڀڄي ويو هئس ڇو ته استاد ماريندو هو، پر چاچو منهنجي پٺيان لڳو رهيو ۽ نيٺ ميٽرڪ تائين پڙهايائين. پوءِ چيائين: ”هاڻي پڙهين يا نه پڙهين، تنهنجي مرضي آهي. ڇو ته هاڻي نه مون وٽ وقت آهي ۽ نه وري وسيلا.“

**توهان جي وڏن جي گذر سفر جو وسيلو ڪهڙو هوندو هو؟**

اهي هاري هئا. پنهنجي ٻني ٽورڙي ۽ ٻين جي زمين تي هارپو ڪندا هئا. اڳتي هلي پوءِ هنن ڪجهه زمين ورتي.

**توهان جي والد جي گذاري وڃڻ ۽ امڙ جي ٻي شادي ٿيڻ ڪري توهان جي پرورش تي ڪو اثر ڪونه پيو؟**

تڏهن سماج ۾ ايڏا ويڇا ڪونه هئا. تنهن ڪري منهنجي والده جي ٻي شادي ٿيڻ جو منهنجي پرورش تي ڪوبه اثر ڪونه پيو. چاچيون، ماسيون، پڦيون ۽ سمورا مرد مون سان تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. منهنجي ڪامياٻين جي پٺيان دراصل انهن ماڻهن جون محبتون ڪارفرما رهيون آهن.

**خاندان ۾ سڀ کان وڌيڪ توهان ڪنهن جي ويجهو رهيا؟**

ڏاڏي جي وفات (1922ع) کان پوءِ ناني لعل بخش منهنجي تربيت ڪئي. مون سان تمام گهڻي دل هئس. شادين مرادين ۽ محفلن ميلن ۾ ساڻ وٺي ويندو هو. ڪچهرين ۾ پرسان ويهاريندو هو. منهنجي سوالن جا جواب ڏيندو هو. تاڪيد ڪندو هو ”معنيٰ ڏي ڌيان ڪر جو معنيٰ عقل جو منڍ آهي.“ بيشڪ نانو منهنجو پهريون استاد هو، جنهن مون کي سوچڻ ۽ سمجهڻ سيکاريو.

**ڪي حرڪتون وغيره ڪندا هيو؟**

ها، حرڪتون به ڪندو هئس. مون کي ياد ٿو اچي ته جڏهن ڏاڏو نماز پڙهندو هو ۽ سجدي ۾ ويندو هو ته آءٌ سندس پٺن تي چڙهي ويهندو هئس. هو آهستي آهستي اٿندو هو ۽ آءٌ وڃي پاسي تي ڪرندو هئس. ڪڏهن ائين به ڪندو هئس جو سندس ڳچيءَ ۾ ٻاڪر وجهندو هئس. هو جڏهن سجدي مان اٿندو هو ته آءٌ به پويان لڙڪيو پيو هوندو هئس.

**اوهان جو ڏاڏو ڪاوڙيو ڪونه هو؟**

نه، هن ڪڏهن به ڪاوڙ جو اظهار نه ڪيو. هڪ ڀيري ته آئين ڪيم جو چلهه جي ڪاني ڪڍي، ڏاڏي جي پير جي ڪڙي تي هڻي، ڪاني اڇلي، ٽڪرو ڀڄي وڃي ڪوني ۾ پيل سامان پويان لڪس. ان وقت چاچو اندر آيو ۽ مون کي ڏسي ڏاڏي کي چيائين: ”ابا، لڪو وينو آهي، پڪڙي اچانس. جنهن تي ڏاڏي چيو: ”نه ابا، اسان

**توهان ميٽرڪ نوشهري مدرسي هاءِ اسڪول مان ڪئي، ان بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

تڏهن سنڌ ۾ مسلمانن لاءِ رڳو ٻه هاءِ اسڪول هئا. پهريون هاءِ سنڌ مدرسو ڪراچي هو، جيڪو حسن علي آفنديءَ قائم ڪرايو. جڏهن ته ٻيو هاءِ اسڪول نوشهرو مدرسو هو، جيڪو ظفر علي شاهه جي ڏاڏي سيد الهندي شاهه قائم ڪرايو. هو هنن جي اڪثريت ۽ اثر هجڻ ڪري نوشهري جي ميونسپلٽيءَ اهو ٺهراءُ پاس ڪرايو ته هتي ڪوبه اسڪول قائم ٿي نه ٿو سگهي. سيد الهندو شاهه جيئن ته تر جو وڏو بااثر شخص هو سو هن ڇا ڪيو جو نوشهري کان ٻه ميل ڏکڻ هڪ زميندار کان زمين وٺي اتي پٽيون وجهي، راتو رات اسڪول شروع ڪرايو. تمام گهڻي مخالفت ٿي پر وريو ڪجهه ڪونه، نيٺ هاءِ اسڪول ٿيو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل نوابشاهه، جنهن کي تڏهن لوڪل بورڊ چيو ويندو هو، ان هن اسڪول لاءِ بورڊنگ هائوس منظور ڪيو.

**اوهان کي اتي جو ماحول ڪيئن لڳو؟**

اتي پهچي مون وڏو اطمينان محسوس ڪيو. مون سمجهيو ته ها هيءَ ئي صحيح نموني پڙهائي آهي. ان کان اڳ ته جڻ راند هئي. پوءِ آءٌ پنهنجي ذوق، ذهانت، همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌيس، جنهن مون کي نوشهري مدرسي مان ميٽرڪ پاس ڪرائي ۽ بعد ۾ جهونا ڳڙهه، علي ڳڙهه ۽ آمريڪا پهچايو.

**ان دور ۾ سنڌ ۾ هن هاءِ اسڪول جي ڪيتري اهميت هوندي هئي؟**

تڏهن اوباوڙي کان گهوڙا باري تائين، سنتو نديءَ جي ڪابي طرف مسلمانن لاءِ ڪوبه هاءِ اسڪول ڪونه هو. نوشهري مدرسي سنڌ جي تمام وڏي خدمت ڪئي. هن اسڪول وڏيون مسلمان شخصيتون پيدا ڪيون. تڏهن مسلمانن کي روينيو ۾ هيڊ منشيءَ کان مٿي جو عهدو ڪونه ڏيندا هئا. پوءِ ان مدرسي مان پڙهي نڪتل مسلمان اڳتي هلي وڏا ڪامورا ٿيا. ان کان پوءِ غلام محمد خان ٽالپر لاڙ ۾، مخدوم غلام حيدر هالن ۾، ۽ محمد عثمان مري پٽ ياٿي ۾ هاءِ اسڪول وڌا. پر افسوس ته انهن جي اعليٰ ڪردار تي گهٽ لکيو ويو آهي.

**انهن بابت چونه لکيو ويو؟**

چاڪاڻ ته پاڻ ماڻهن کي يا ته آمريڪا سان هلڻو آهي يا ته روس سان. سنڌ سان ته پنهنجو نه اچي نه وڃي. حالانڪ انهن ماڻهن کي ياد ڪرڻ گهرجي چو ته هنن سنڌ جي تمام وڏي خدمت ڪئي.

**اتي هاءِ اسڪول ۾ تعليمي عمل جي ابتدا ڪيئن ٿيندي هئي؟**

صبح جو اٺين وڳي اسيمبلي ٿيندي هئي، جنهن ۾ سڀ استاد ته موجود هوندا هئا پر پرنسپال به بيٺو هوندو هو. مدرسي جو استاد اڄ جي ڪاليجي استادن کان وڌيڪ باصلاحيت هوندي هو. اهو بي.اي ۽ بي.ٽي پڙهيل هئا. ان دور ۾ اهي تمام وڏيون ڊگريون هونديون هيون.

**غير نصابي سرگرميون ڪهڙيون هونديون هيون؟**

اتي وڏي ۾ وڏي سرگرمي راندين جي هوندي هئي. هاڪي، فوٽ بال ۽ ڪرڪيٽ وڏي پيماني تي ڪيڏيون ويندڙ رانديون هيون. مان انهن راندين ۾ پهرئين جو جو رانگديگر هئس. اسان ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۽ ٻين اسڪولن سان ڪرڪيٽ ۽ ٻين راندين جون ميچون ڪيڏيون. پر اصل ڳالهه اها هئي ته رانديون باقاعدگيءَ سان ٿينديون هيون.

اتي ٻي وڏي سرگرمي مشاعري جي هئي، جيڪو هر مهيني ٿيندو هو. استاد مخدوم امير احمد صدر ۽ مان جنرل سيڪريٽري هوندو هئس. ٽين وڏي سرگرمي شڪار جي هوندي هئي. آچر جي ڏينهن اسان جو هيڊماستر انصاري صاحب شڪار تي ويندو هو. ساڻس جيڪي شاگرد گڏ ويندا هئا. انهن ۾ ننڍي ۾ ننڍو آءٌ هوندو هئس.

**جڏهن توهان وڏا ٿيا ته توهان پاڻ به شڪار ڪرڻ شروع ڪيو. ڇا اهو اثر توهان انصاري صاحب کان قبول ڪيو هو؟**

ها، اها ڳالهه صحيح آهي، مان جڏهن ٻاهران پڙهي موٽي آيس ته انصاري صاحب سڄي سنڌ جي مٿان ايجوڪيشن انسپيڪٽر هو. هن مون کي شڪار جي حوالي سان سبق به ڏنو هو. هن ئي مون کي هدايو ته

جڏهن مان اتي پهتس ته مون ڏٺو ڪيو ته اسان جي الڳ ڪلب هجڻ گهرجي. پوءِ اٿين ئي ٿيو ۽ مون ڪلب ڪي هلائڻ جي نميواري ڪئي. اسان اتي "سنڌي برياني" مشهور ڪرائي. اها ايتري ته مشهور ٿي جو اتان جو ٽنهوڪو رياست جو وزير دعوت تي سيڙجي اها برياني کائڻ آيو.

**سائين اهو ته وڏي سياسي هلچل وارو زمانو هو، توهان سياست ۾ حصو ورتو؟**

ها، ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ يڪو مان خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل رهيس، جهونا ڳڙهه ڪاليج ۾ اسين سؤ سؤ شاگرد خاڪساري پريڊ ڪندا هئاسين. اسان بابت اخبارن ۾ هڪ ڳالهه هلائي وئي، "هڪڙو بلوچ آيو آهي، جيڪو پريڊون ٿو ڪرائي ۽ جهونا ڳڙهه تي قبضو ڪندو."

**توهان خاڪسار تحريڪ ۾ جو شامل ٿيا؟**

مسلمانن جي سياسي تحريڪ، مسلم ليگ جي شڪل ۾، تڏهن مستحڪم ٿي جڏهن جناح صاحب ان ۾ شامل ٿيو. ان کان اڳ منظم پارٽي رڳو خاڪسار تحريڪ هئي. جنهن جو مقصد هو ته هندستان سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ مٿن ظاهر ڪيو وڃي ته اسين غلام جي حيثيت ۾ نه پر برابريءَ واري حيثيت ۾ رهنداسين، پر ملڪ هڪڙو ئي هوندو. خاڪسار ورهاڱي جي حامي ڪونه هئي. مون کي دراصل خاڪسارن جي ورهاڱي مخالف رويي ئي متاثر ڪيو هو. مان ان راءِ جو هئس ته مسلمانن هتي راڄ ڪيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ ڪين هتي تحفظ ته ملڻ گهرجي. منهنجي خاڪسار ۾ سرگرم ٿيڻ جو اهو ئي سبب هو.

آخرم جڏهن مون ايم.اي ڪري ورتي ته مان خاڪسار ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيس. پر ترت ئي آمريڪا هليو ويس، جنهن ڪري سرگرم ڪردار ادا ڪري نه سگهيس.

**توهان ايم.اي علي ڳڙهه يونيورسٽي مان ڪئي، توهان کي اهو خيال ڪيئن آيو؟**

جهونا ڳڙهه ڪاليج جي پڇاڙڪن ڏهاڙن ۾ انتظاميا اهو چئي مون تي پابندي هڻي ڇڏي: "هن شاگرد کي هتي وڌيڪ پڙهڻ نه ڏنو وڃي، ڇو ته هي خاڪسار اڳواڻ آهي ۽ هتي قبضو ڪندو."

پر جڏهن بي.اي جو نتيجو ظاهر ٿيو ته ڪاليج ۾ پهريون نمبر ۽ بمبئيءَ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيس. نواب صاحب پاران پهريون نمبر اچڻ تي هڪ سو رپيا انعام رکيل هو، اهو به مون کي مليو. مون کي روڪڻ جو هاڻي وٽن جڏهن ڪوبه معقول سبب نه رهيو ته پوءِ رنڊڪون وجهڻ شروع ڪيائون. هنن اٽڪل ڪئي ۽ داخلا جي آخري تاريخ گذاري، پوءِ مون کي چيائون: "هاڻي داخلا نٿي ٿي سگهي". ڪاليج جو پرنسپال پلو ماڻهو هو. هن مون کي گهرايو ۽ چيو: "هتي توکي هرگز داخل اِنه ڏيندا. تون علي ڳڙهه وڃ، اتي توکي داخلا ملي ويندي مان خط به لکي ٿو ڏيانءِ." اٿين پوءِ مان مجبور علي ڳڙهه يونيورسٽي آيس.

**اها توهان کي ڪيئن لڳي؟**

اتي جي ته ڳالهه ئي ٻي هئي. پڙهائي جي خيال کان، دنيا کي سمجهڻ جي خيال کان، هندستان جي سياست کي سمجهڻ جي حوالي کان مطلب ته ان سڄي پس منظر ۾ منهنجي وڏي تربيت ٿي. اتي ڇهه سال رهندي مون گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو.

**توهان اتي به سياست ۾ سرگرم رهيو؟**

ها، اتي به مان خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل رهيس ۽ سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو. پر ايم.اي ڪرڻ بعد منهنجو مسلم ليگ ڏانهن لاڙو ٿيو.

**علي ڳڙهه جو تعليمي معيار ڪيئن هو؟**

علي ڳڙهه جهڙا قابل پروفيسر مون وري ڪٿي نه ڏٺا. اهي رڳو هندستان نه پر عالمي سطح جا استاد هئا. اهو ئي سبب هو جو منهنجو گهڻو ڌيان پڙهائي طرف رهيو. اتي استادن جو وڏو احترام هو، جيتوڻيڪ شاگرد ٻاهر پوليس سان وڙهندا هئا. علي ڳڙهه جو وي-سي ڊاڪٽر ضياءُ الدين احمد ايترو ته قابل ماڻهو هو جو کيس انڊيا جي ريلوي بورڊ جو ميمبر ڪيو هئائون.

**ڇا اتي به سنڌي شاگرد هئا؟**

ها، اتي ته اسان کان به گهڻو گهڻو اڳ سنڌي شاگرد آيا ۽ فارغ التحصيل ٿي چڪا هئا. علامہ آءِ.آءِ

تاريخ تي تحقيق جي سلسلي ۾ بدين ويس، جتي مولوي احمد ملاح سان ملاقات ٿي. پوءِ ساڻس اهو تعلق رهندو آيو. اڳتي هلي هن قرآن شريف جو منظوم ترجمو ڪيو. سندس خيال هو ته اهو ڇپجي. پوءِ مون ۽ منهنجي پياري دوست محمد اسماعيل خان نون، ارباب الهجڙيي کي چيو، جنهن اهو قرآن شريف شايع ڪرايو.

**توهان ايم.ايڊ ڪرڻ لاءِ آمريڪا ويا. ان جو ٿورو پس منظر ٻڌايو؟**

انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ پير الاهي بخش جي ڪوشش سان سنڌ مسلم ڪاليج قائم ٿيو هو ۽ ان لاءِ استادن جي گهرج هئي. اهو 1945ع جو زمانو هو ۽ مان علي ڳڙهه يونيورسٽي ۾ پي ايڇ.ڊي ڪري رهيو هئس ته اتي پير الاهي بخش آيو. ساڻس ملاقات ٿي ته مون کي مسلم ڪاليج ۾ پڙهائڻ لاءِ زور ڀريائين پر مون پي ايڇ.ڊي جو عذر پيش ڪيو. جڏهن هو ڪراچي پهتو ته اتان علي ڳڙهه جي وي.سي (ڊاڪٽر ضياءُ الدين) کي خط لکيائين: ”بلوچ کي چئو ته اچي ڪاليج ۾ پڙهائي.“ ائين پوءِ مون ڪراچي اچي مسلم ڪاليج ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو.

تڏهن مان، غلام مصطفيٰ شاهه، علي اڪبر جلباڻي، لاڙڪاڻي وارو ۽ شيخ گل محمد هالن وارو گڏ رهندا هئاسين. هڪڙي ڀيري شيخ صاحب آيو ۽ ٻڌايائين ته ”پوسٽ وار ايجوڪيشنل ري ڪنسٽرڪشن اسڪيم“ تحت برطانوي حڪومت پرڏيهه لاءِ اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو آهي. اسان سوچيو ته ان اسڪالرشپ ملي ته پرشيخ صاحب فارم وٺي آيو. مون سينٽرل گورنمينٽ وارو فارم ڀريو. پوءِ مون کي ڇنا ڀيڻي امتحان لاءِ دهليءَ گهرايائون ۽ مان چونڊجي ويس. مطلب ته ائين اهو چرچن ڀوڳن ۾ ڪم ٿي ويو.

**ڊاڪٽر آف ايجوڪيشن به توهان آمريڪا مان ئي ڪيو؟**

ها، ايم.ايڊ ۽ پي ايڇ.ڊي، ٻئي ڪولمبيا يونيورسٽي نيو يارڪ مان ڪيم.

**اتي جون ڪي ذڪر لائق يادگيريون؟**

اتي جو ته سڄو ماحول ئي مختلف هو. مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ته اهو ملڪ هڪ ميوزيم وانگر هو. هر شيءِ حيران ڪندڙ اها هڪ ڊسيپلين واري زندگي هئي. ان سماج ۾ وقت جو وڏو قدر هو. هر ڪم مقرر وقت تي ٿيندو هو.

**اتي ٻي ڪهڙي مختلف ڳالهه هئي؟**

موڪلون ٻنهه گهڻ ٿينديون هيون. سڄي سال ۾ ڪي ڇهه موڪلون مس ملنديون هيون. هتي ته ڏسو يونيورسٽيون هر ٻئي هفتي بند پيون آهن، پر جيڪڏهن اتي ڪي شاگرد وئڪيشن ۾ پڙهڻ چاهيندا هئا ته هنن لاءِ استاد به مقرر هوند اهئا ۽ لائبريري به ڪليل هوندي هئي.

**توهان پي ايڇ.ڊي ڪهڙي موضوع تي ڪئي؟**

ايم.ايڊ ڪرڻ کان پوءِ مون سوچيو ته پي ايڇ.ڊي لاءِ اهڙو ڪو سبجيڪٽ ڪڻان جيڪو سنڌ سان لاڳاپيل هجي. مون پير الاهي بخش ۽ سنڌ ۾ موجود ڪامورن کي خط لکيا ۽ ته هو منهنجي رهنمائي ڪن پر ڪوبه خاطر خواهه جواب نه مليو ۽ ان دوران چار پنج مهينا گذري ويا. مون پروفيسرن سان ڳالهه ڪئي، ته تازو ورهاڱي بعد اسان جو پاڪستان نالي ملڪ ٺهيو آهي ۽ مان چاهيان ٿو ته ”پاڪستان جو تعليمي نظام ڪهڙو هجي؟“ جي موضوع تي پي ايڇ.ڊي ڪريان. جنهن تي هو راضي ٿيا ويا.

**پنهنجي ازدواجي زندگيءَ بابت ڪجهه ٻڌايو؟**

مون ٻه شاديون ڪيون، جن مان پنجن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد اٿم. سڀ تعليم يافته ۽ حال حيات آهن. پٽ توڙي نياڻيون سيني وڏيون منزلون ماڻيون آهن.

**توهان پهرين شادي ڪڏهن ڪئي؟**

اڳي ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪرائي ڇڏيندا هئا سو مون سان به ائين ئي ٿيو. اڃا ميٽرڪ تائين به نه پهتو هئس جو شادي ڪرائي وئي، پر منهنجي اها گهر واري گذاري وئي. ان مان مون کي چار فرزند ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو.

**ٻي شادي توهان ڪڏهن ڪئي؟**

اها مون هتان حيدرآباد مان 1965ع ۾ ڪئي. جنهن مان مون کي ٻه نياڻيون ۽ هڪ فرزند جو اولاد ٿيو.

**ڇا اها پسند جي شادي هئي؟**

ها، اها پسند جي شادي هئي. خديجه يعني منهنجي

سنڌ ماڻهو مون سان مالوند، هاري ناري، ڪنيار، ملاح، واڍا، رازا ۽ ٻيا ملائيندا رهن ته آءٌ ڪانئن سنڌ ڌرتن جا لفظ پڇان ۽ لکان پيو ته جيڪي سگهڙ ماڻهو هجن، سي مون سان ملائين. اهڙيءَ ريت ڏينهن جو انهيءَ ڪم ۾ مشغول هوندو هئس ۽ شام جو سائينءَ سان ايندڙ ڏينهن جي ڪم بابت ڪچهري ٿيندي هئي.

**لغت جي تياري ۾ سيد پاڻ به هٿ وندايو؟**

لغت جي سلسلي ۾ ٿيندڙ ڪچهرين جي ڪري سندس دل به وندري پئي هوندي هئي. پاڻ به ڪراچي وڃڻ بدران اطمينان سان سن ۾ ويهي رهيو. سندس دلچسپيءَ جي اها حد هئي جو محرابپور ۽ منچر ڍنڍ توڙي ڪراچي ۾ سمنڊ جي مهاڻن سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ هو پاڻ مون سان گڏجي هليو. ائين ٻين هنڌن تي پڻ مون سان گڏ هليو.

**اهو ڪم ڪيترو وقت جاري رهيو ۽ نينهن ڪٿي پهتو؟**

1950ع جي شروع تائين چار پنج مهينا اهو ڪم جاري رهيو. پوءِ ڪم جو دائرو ايترو وڌي ويو جو وڏيڪ انتظام جي ضرورت محسوس ٿي. سائين ٻڌايو ته حڪومت عنقريب سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪرڻ واري آهي. ائين پوءِ 1951ع ۾ بورڊ قائم ٿيو ۽ مون کي به ميمبر ڪيو ويو. مون جامع سنڌي لغات جي رٿا پيش ڪئي جيڪا منظور ٿي. سيپٽمبر 1951ع ۾ آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ٿي آيس. ڊسمبر ۾ منهنجي گذارش تي وي.سي علامہ آءِ.آءِ قاضي صاحب جن لغت جي تياري لاءِ آفيس قائم ڪري ڏني. يونيورسٽي مان واندو ٿي شام جو چئين وڳي کان رات جو 12 وڳي تائين ڪم ڪندو هئس. ٽن سالن جي عرصي بعد ڊسمبر 1954ع تي پهريون مسودو ويهن دستخط جلدن ۾ مڪمل ڪيو ويو. سچ ته سيد جي ڪوشش کان سواءِ اهو ڪم پورو نه ٿئي ها.

**توهان کي دمشق ۾ هڪ سٺي نوڪري جي آڇ ٿي هئي، پوءِ توهان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇو آيا؟**

مون کي علامہ آءِ.آءِ قاضي صاحب چيو: ”تون دمشق ويندين ته سنڌ جو ڪم ڪير هلائيندو. تون سنڌ يونيورسٽي جوائن ڪر ته آءٌ توکي لائيف ٽائيم سروس ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“ علامہ صاحب جي همٿائڻ تي مون به عزم ڪيو ته هاڻي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ئي رهڻو آهي ۽ اهڙي طرح ڪُپ ڪوڙي 25 سال يونيورسٽيءَ ۾ ويهي رهيس ۽ خدمتون سرانجام ڏنم، ۽ اڄا تائين يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل آهيان.

**هن وقت توهان سنڌ يونيورسٽي سان ڪهڙي حيثيت ۾ لاڳاپيل آهيو؟**

هن وقت آءٌ علامہ آءِ.آءِ قاضي چيئر جو نگران اعزازي پروفيسر آهيان.

**پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه وقت پوءِ ٻمبئي جي مروج امتحاني سرشتي کان هٽي ڪري جڏهن سنڌ يونيورسٽي ميٽرڪ جا امتحان پاڻ وٺڻ شروع ڪيا ته ڇا ان عمل سان سنڌ ۾ تعليمي معيار کي نقصان نه پهتو هو؟**

انگريزن جي دور ۾ شاگردن ڪاليجن ۾ پڙهندا هئا ۽ يونيورسٽين جو ڪم رڳو امتحان وٺڻ هوندو هو. قاضي صاحب جڏهن وي.سي ٿيو ته هن سنڌ يونيورسٽي جو معيار ٻمبئيءَ کان به بلند ڪري ڇڏيو. اهو اثر قاضي صاحب کان پوءِ به ڪجهه وقت رهيو پوءِ جڏهن سنڌ جا پنهنجا ماڻهو آيا ته انهن جيڪو حشر ڪيو سو اوهان جي سامهون آهي.

**سنڌالاجي جي قيام ۾ اوهان جو به هٿ رهيو آهي، ان بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي هو. مون کيس سنڌالاجي طرز جي اداري قائم ڪرڻ جي صلاح ڏني. پوءِ مون هڪ رٿا تيار ڪئي ۽ وي. سي سان گڏجي راولپنڊي ويس ۽ اسان تعليم جي وفاقي سيڪريٽري شريف صاحب آڏو اها رٿا پيش ڪئي، جنهن 50 هزار گرانٽ منظور ڪئي. اهڙي ريت ”سنڌي اڪيڊمي“ جي نالي سان هيءُ ادارو قائم ٿيو.

**پوءِ ان تي ”سنڌالاجي“ نالو ڪيئن پيو؟**

منهنجي شروع کان ئي اها راءِ هئي ته هن اداري جو نالو ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ رکيو وڃي. پوءِ انتظامي اداري نيٺ منهنجي اها راءِ تسليم ڪئي. سنڌي جي ليڪچرار مسٽر غلام علي الانا کي هن اداري جي آفيس لاءِ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته

ٿي. قصو هجي يا ڪهاڻي، روايت هجي يا حڪايت، جيڪڏهن اها قلمبند ٿي ته پوءِ تاريخ بڻجي وڃي ٿي. ان حوالي سان مون سنڌي ادبي بورڊ کي تجويز ڏني هئي ته سنڌ جون روايتون، جيڪي سگهڙن وسيلي صدين کان سينه به سينه هلنديون اچن پيون، انهن کي قلمبند ڪيو وڃي، جو ته اهو قيمتي ورثو آهي. سنڌ ۾ روايت باقاعده هڪ علم آهي، هڪ فن آهي جيڪو نسل در نسل هلندو اچي پيو پر هاڻي اقتصادي ڪشمڪش ۽ ٻين مسئلن جي ڪري اهو فن زوال پذير ٿي رهيو آهي. جيڪي جهونا سگهڙ موجود آهن، اهي جيڪڏهن هليا ويا ته اهي پنهنجي سينن ۾ سانديل روايتون به کڻي هليا ويندا. تنهن ڪري انهن جو تحريري شڪل ۾ هجڻ ضروري آهي.

**سائين اسان جو سوال هو ته سنڌي سماج جون ڪهڙيون ڪهڙيون نمايان خصوصيتون آهن؟**

ان جو جواب ڏاڍو مشڪل آهي پر لڪت ۾ جيڪي روايتون گڏ ڪيون ويون آهن، انهن کي پڙهي، انهن جو تجزيو ڪري، هر شخص ڪونه ڪو نتيجو ڪڍي سگهي ٿو. ان حوالي سان سڀ کان پهرين جيڪا ڳالهه منهنجي ذهن ۾ اچي ٿي، اها آهي حقيقت پسندي. ان کان سواءِ توهان کي سنڌي سماج ۾ ڏيک ويک کان وڌيڪ حجاب ملندو. سنڌي معاشري جي ٻي وڏي خوبي ٻين جي مدد ڪرڻ آهي. هتان جي ماڻهن ۾ رڳو پنهنجي پلانيءَ جو عنصر نهايت گهٽ آهي. هڪ ٻي ڳالهه به نظر اچي ٿي ته پيسي يا ڪنهن لالچ جي ڪري قرباني ڏيڻ کي غلط تصور ڪيو وڃي ٿو پر جيڪڏهن ڪا حق جي ڳالهه آهي ته ان لاءِ سر به ڏنو وڃي ٿو.

**لوڪ ادب جي ڏاهي ۽ تاريخدان ۾ توهان ڪهڙو فرق ڪيو ٿا؟**

انهن ٻنهي شعبن جا الڳ الڳ ڪم ۽ نميواريون آهن. لوڪ ادب جي معنيٰ آهن ته عام ماڻهن جي ڳالهين ۽ فڪر کي ميڙي گڏ ڪجي. جڏهن ته تاريخ وري واقعن کي قلمبند ڪرڻ جو علم آهي.

**توهان پاڻ کي ڇا ٿا سمجهو۔ لوڪ ادب جو ماهر يا تاريخدان؟**

مان ماهر ڪونه آهيان، باقي انهن ٻنهي شعبن جي حوالي سان مون گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. ماهر ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

**سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب ۽ ساڃاهه کي محفوظ ۽ مستقبل ۾ اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ توهان وٽ ڪهڙيون رٿائون آهن؟**

اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ٿيندو جڏهن اسين پنهنجي تعليمي معيار کي اعليٰ سطح تائين پهچائيندا سين. باقي هن وقت ته اسان جو ان طرف توجهه ئي ڪونهي. اصل ۾ اسان جو توجهه ٻئي طرف آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي حوالي کان قلبليت وارو سوال بنيادي شرط آهي.

**آخر ان ڳالهه جو ڪهڙو سبب آهي جو هن وقت تائين سنڌ جي مڪمل ۽ مستند تاريخ لکجي نه سگهي آهي؟**

اصل ۾ اهو مسئلو رڳو سنڌ تائين محدود ناهي بلڪ اسان جي ملڪ جا جيڪي ٻيا صوبا آهن يا موجوده هند جا علائقا آهن، اتي به اهو مسئلو موجود آهي. ان جو سڀ کان وڏو سبب هيءُ آهي ته هتي ڊگهي عرصي تائين سامراجي حڪومتن جو غلبو رهيو آهي، پورچوگيز، ڊچ ۽ انگريز هتي ٻن ٽن سؤ سالن تائين حڪومتون ڪندا رهيا. ان عرصي دوران تاريخ لکڻ ته پري جي ڳالهه، هنن مورڳو اسان جي تاريخ ئي ميساري ڇڏي ۽ پوءِ اها ساڳي ميساريل تاريخ اسان کي پڙهائي وئي. اسان اڄا تائين پاڻ کي ان تاريخ جي اثر مان ٻاهر ڪڍي نه سگهيا آهيون. اسان اڄ ڏينهن تائين اها ئي تاريخ پڙهي رهيا آهيون. باقي جيستائين سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق جو سوال آهي ته مان چوندس ته پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ هتي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. مثال طور هتي تاريخ جا جيڪي ماخذ هئا، جن جي اڪثريت فارسيءَ ۾ هئي، سي اڪثر ڇاپيا ويا آهن. ان کان سواءِ انهن مان ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما به شايع ٿي چڪا آهن. ٽين ڳالهه ته سنڌي ادبي بورڊ 1951ع ۾ سنڌ جي تاريخ لکائڻ جي رٿا جوڙي هئي پر ڪير لکي! پوءِ به ٻه ٽي دور لکجي چڪا آهن ۽ ڪجهه دور اڃا باقي آهن.

**توهان چيو ته ننڍي کنڊ ۾ جيتري تاريخ سنڌ جي لکي وئي آهي، اوتري ٻين خطن جي قلمبند نه ٿي آهي، ان لاءِ توهان وٽ ڪهڙا دليل آهن؟**

سنڌي ادبي بورڊ جڏهن قائم ٿيو ته اسان هڪ رٿا

تيار ڪئي هئي ته سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪجي ۽ اٺ ڏهه جلد لکيا وڃن، اها رٿا منظور ٿي، پوءِ ماڻهن کي ڪم ورهائي ڏناسين، پر اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. پوءِ پير حسام الدين، مون ۽ هڪ ٻه ٻين ذاتي طور تي ان ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو. مون تجويز ڏني هئي ته ٽن ڪتابن يعني ”چچ نامو“، ”تحفة الڪرام“ ۽ ”تاريخ معصومي“ کي اوليت ڏني وڃي.

ان کان پوءِ جيڪڏهن ”لب تاريخ سنڌ“ تي ڪم ڪجي ته پوءِ سڄي تاريخ مڪمل ٿي ويندي. ائين اسان هي ٽئي ڪتاب ترجمو ڪرائي شايع ڪرايا.

**سنڌ جون جيڪي به تاريخون لکيون ويون آهن، انهن کي جيڪڏهن ڳڏائي ڏسجي ته انهن ۾ گهٽيون وڌيون نظر اچن ٿيون. سؤ سؤ سالن جو احوال نٿو ملي. ان باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟**

سنڌ جي تاريخ جو رڳو هڪڙو دور يعني سومرا دور اهڙو آهي، جنهن بابت گهڻو تحريري مواد نٿو ملي پر ان دور بابت ڪيتريون ئي روايتون موجود آهن. جڏهن ته ٻين دورن بابت وڌيڪ مواد موجود آهي. مثال طور عرب دور آهي، ان بابت عربي ۾ ڪتاب آهن، سمن جي دور بابت فارسيءَ ۾ ڪتابن ۾ حوالا آهن. ان بعد سڀني دورن لاءِ ڪتاب موجود آهن. بهرحال اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته اسلام کان اڳ واري دور بابت لکت ۾ تاريخ موجود آهي پر هندستان جي ڪنهن به خطي جي ايتري تاريخ نٿي ملي جيتري سنڌ جي ملي ٿي. جيڪڏهن اسان ڏسڻ چاهيون ته گجرات ۾ يا پنجاب ۾، اسلام کان اڳ ڪهڙيون حڪومتون هيون ته ان بابت اسان کي ايترو تحريري مواد نٿو ملي. باقي هونئن آرڪيالاجي جي حوالي کان ڏنو وڃي ته اها هڪ الڳ ڳالهه آهي.

**ڊاڪٽر صاحب! اهو ٻڌايو ته قديم سنڌ جون جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، توهان انهن مان ڪنهن کي بهتر يا مستند سمجهو ٿا؟ ۽ قديم سنڌ مان توهان جي ڪهڙي مراد آهي؟**

قديم سنڌ مان مراد عربن جي هتي اچڻ کان اڳ جا دور آهن.

سچ پڇو ته سڄي ننڍي کنڊ ۾ عربن جي آمد کان اڳ جو مواد آهي ئي ڪونه! ان وقت سنڌ، هند جو حصو هئي يا گهٽ ۾ گهٽ هند جي ويجهو هئي. توهان هندستان جا سمورا ماخذ ڏسو، توهان کي هتان جي باري ۾ رڳو ٻه ٽي شيون ملنديون: هڪ سنڌو درياهه جو ذڪر آهي ۽ ٻيو ته چيو وڃي ٿو ته سنڌ شودرن جو ملڪ آهي. هو برهمڻ هئا ۽ شودرن جو ملڪ هئڻ سبب هنن سنڌ طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو. ٺيڪ آهي جيڪڏهن سنڌ وارن قديم دور ۾ ڪجهه نه لکيو ته هو ئي ڪٿي ڪجهه لکڻ ها. مسلمانن بغداد ۾ ويهي سنڌ بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي! هي ته پاڙيسري هئا پر حقيقت ۾ ان وقت سڄي هندستان ۾ تاريخ نويسي جو رواج ئي ڪونه هو. ان دور جون رڳو ديو پرين جون ڪهاڻيون ۽ قصا ملن ٿا، اسان کي ان وقت جي ڪا به اهڙي باقاعده تاريخ نٿي ملي، جيڪا هند ۾ لکي وئي. دراصل تاريخ نويسي اهڙو علم هو جيڪو مسلمانن ئي هتي شروع ڪيو ۽ وچ ايشيا ۾ شروع ڪيو.

**سنڌ جي تاريخ متعلق عربي يا فارسي ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، انهن مان توهان جي نظر ۾ ڪهڙو سڀ کان اڳاتو آهي، جنهن کي اسين پهريون ماخذ ڪتاب قرار ڏئي سگهون؟**

سنڌ متعلق جيڪو پهريون ڪتاب آهي ۽ جنهن کي اسين پهريون ماخذ قرار ڏئي سگهون ٿا، اهو آهي ”چچ نامو“ ان جو اصل نالو ”فتح نامو“ آهي پر بعد ۾ مغليه دور ۾ ان کي ”چچ نامو“ چيو ويو. اهو ”فتح السند“ جو ترجمو آهي. ان کان پوءِ سنڌ جي جيڪا تاريخ آهي، اها آهي مير معصوم بکريءَ جي ”تاريخ معصومي“ ۽ مان سمجهان ٿو ته اها معياري آهي. ”چچ نامي“ ۾، سنڌ ۾ اسلام کان اڳ جي دورن ۾ اسلام جي فتح جو رڪارڊ آهي. جڏهن ته ”تاريخ معصومي“ شروع کان وٺي اڪبر جي دور تائين جي تاريخ آهي. ان کان پوءِ جيڪو ٽيون نمبر تاريخ جو ڪتاب سنڌ آهي، اهو آهي ”تحفة الڪرام“، جيڪو مير علي شير قانع کي ان کان اڳتي وڌائيندي، ڪلهوڙا دور ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور تائين آندو آهي. ڏٺو وڃي ته مير معصوم جو ڪارنامو وڏو آهي، چو ته هن جيڪي ماخذ استعمال ڪيا آهن، اهي اسان وٽ آهن ئي ڪونه.

**توهان "چچ نامي" کي بنيادي ڪتاب تصور ڪيون ٿا. جڏهن ته عام طور تي ان تي اها تنقيد ٿيندي رهي آهي ته ان ۾ تاريخي واقعن کي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو آهي؟**

اها غير علمي راءِ آهي. علم واري ڳالهه جو علم جي ميدان ۾ بحث ٿيندو آهي. جڏهن سڄي دنيا "چچ نامي" جي مستند هجڻ جي ڳالهه ڪري ٿي ته اسان توهان جي راءِ جي ڪهڙي حيثيت آهي. پلا جي ڪا تنقيد آهي به ڪٿي ته اها دليلن سان پيش ڪئي وڃي. باقي ائين هوائي توائي ڳالهه نه ڪجي. اصل هتي ڳالهه بيهي ٿي ووٽن تي، نه ڪي علم تي. گهڻا ماڻهو گڏجي جيئن چون ٿا، بيا سڀ چون ٿا، ها اها ڳالهه صحيح آهي. مان سمجهان ٿو ته علمي ڳالهيون علمي طريقي سان ٿيڻ کپن.

جيئن چيو وڃي ٿو ته خاص ڪري راجا ڏاهر جي حوالي سان ان ۾ پيش ڪيل ڳالهيون درست ناهن.

جيئن "چچ نامي" ۾ بيان ٿيل آهي، پلا جيڪڏهن ان دور جي ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ ڪا ابتڙ ڳالهه لکيل هجي ته پوءِ ڪٿي اڳر ڪنجي. جيڪڏهن ائين ناهي ته پوءِ "چچ نامو" ئي درست آهي، اسان کي پنهنجو اهو رويو بهتر ڪرڻو پوندو. چو ته اڳتي هلي قابل ماڻهو پيدا ٿيندا، پوءِ اسان جون هي غير علمي ڳالهيون بيهي نه سگهنديون!

**توهان تاريخ تي ڪم ڪيو آهي ۽ خاص طرح سنڌ جي عرب دور تي مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته سنڌ ۾ عرب دور کان اڳ جي تاريخ جي سلسلي ۾ اوهان ڪا تحقيق ڪئي آهي يا آئيندي ڪو اهڙو ارادو آهي؟**

"تحقيق" جو لفظ منهنجي لاءِ ڳرو آهي. آءٌ چوندس ته شاگردي ڪريون پيا، مطالعو ڪريون پيا. عرب - اسلامي دور کان اڳ جي تاريخ ۾ جيڪو خاص مسئلو آهي، اهو نه فقط سنڌ جي تاريخ جو، پر سڄي هند جي تاريخ جو به. اهو آهي سنن ۽ سالن مرتب ڪرڻ جو، ڇاڪاڻ ته لکت ۾ ڪا شيءِ موجود ڪانهي، جيڪا شاهدي ملي ٿي ته يا جيڪي اُهڃاڻ ملن ٿا، سي آثار قديمه مان ملن ٿا. اهو اهڙو مسئلو آهي جو جيئن وقت گذرندو، تيئن اسان کي انهيءَ تي ڪجهه وڌيڪ مواد ملندو، ڇاڪاڻ ته تحقيق ٿئي پئي ۽ ڪيترن ئي قديم آثارن جون کوٽايون ٿين پيون. البت اسلام جي دور سان لاڳيتي سنڌ جي جيڪا اڳين تاريخ آهي، ان بابت مسلمان محققن لکيو آهي ۽ اهو مواد "فتح نامي" يا "چچ نامي" ۾ موجود آهي. اهو مواد برهمڻ گهراڻي جي تاريخ ۾ اُن کان اڳ ۾ راءِ گهراڻي جي تاريخ بابت آهي پر ڳالهه اها آهي ته ان تي وڌيڪ ويچار ڪجي ۽ اُن کي سنن وار مرتب ڪجي. انهيءَ تي مون ڪجهه ڪيو آهي ۽ هڪ تحقيقي مضمون ڇپجي چڪو آهي، جنهن ۾ مون سن ۽ سال متعين ڪيا آهن. سوال آهي ته برهمڻ گهراڻي جا جيڪي حڪمران هئا، مثال طور: چچ ٿيو، پوءِ چندر ٿيو ۽ اهڙي طرح ويندي ڏاهر تائين، انهن سن ۽ سال ڪيئن مرتب ڪجن. يا ان کان اڳ راءِ گهراڻي جي حڪمرانن، مثال طور راءِ سهاسي وغيره جا سن سال ڪيئن مرتب ڪجن؟ ان مسئلي بابت تحقيقي ڪي ٿورو اڳتي ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي جيڪا هڪڙي وڏي معلومات حاصل ٿي آهي، سا هيءَ ته تنهن وقت سنڌ جو پنهنجو ڪئلينڊر موجود هو، يعني سن ۽ سال "سنڌي سنبت" موجب هلندا هئا. اها سنڌي سنبت، وڪرما جيت جي سنبت ۽ بين سنبتن کان جدا هئي. محقق بيروني انهيءَ سنڌي ڪئلينڊر جو حوالو ڏنو آهي، ۽ مون ان تي تحقيق ڪري، ان کي متعين ڪيو آهي.

اها جيڪا اڳين سنڌ جي تاريخ آهي، اُن بابت ڪيتريون ساريون غلط فهميون پيدا ٿيون آهن پر ڳالهه آهي ته ڪير انهن جو مطالعو ڪري ۽ انهن کي صاف ڪري!

**مثال طور ڪهڙيون غلط فهميون؟**

جيئن چين جي سياح "شوان سينگ" جي "هند" ۾ اچڻ جو جيڪو سفرنامو آهي، تنهن کي آثار قديمه جي محققن، خاص طرح "ڪننگهام" مرتب ڪيو آهي، پر هن جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، تن سان اسان جو اتفاق ڪونهي. هن جي خيال ۾ چيني سياح لکيو آهي: "سنڌ شودرن جو ملڪ آهي". انهي غلط نظريي کي پوءِ وٽي گهڻو وڌايو ويو آهي ته سنڌ ۾ شودر رهندا هئا، پر قديم آثارن مان ظاهر آهي ته سنڌ جي وڏي تهذيب هئي، شودرن جو ته ڪو سوال ئي نه ٿو اُٿي. ان اڳين دور بابت بي ٿوري گهڻي روشني سنڌ ۾ ساساني- ايران جي

سال اڳ جا لکيل هئا. پوءِ اُهي ٽئي رسالا پيٽي اسان هڪ ايڊيشن شايع ڪيو، جيڪو موجود آهي. اسان انهن رسالن جا حوالا ڏنا آهن، اهي 1269هه، 1270هه ۽ 1271هه جا لکيل آهن.

ڪجهه وقت اڳ اسان کي هڪ قلمي رسالو هٿ آيو آهي، جيڪو 1267هه جو لکيل آهي. اهو آڳاٽي ۾ آڳاٽو رسالو آهي، جنهن جي شروعات "سر ڪلياڻ" سان ٿئي ٿي.

**توهان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکي آهي، انهيءَ سلسلي ۾ اوهان کي ڪو وڌيڪ مواد مليو هجي، يا انهيءَ باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟**

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ هڪ اهم مسئلو آهي ۽ ضروري آهي ته ان تاريخ کي اسان پوريءَ تحقيق سان مرتب ڪريون. اوهان کي خبر آهي ته پهريائين جڏهن انگريز آيا يا ٻيا جيڪي مغربي ماڻهو هت آيا، تن پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ سببان چيو ته سنڌي سنسڪرت مان نڪتل آهي؛ نه رڳو سنڌيءَ لاءِ بلڪ سنڌ ۽ هند جي گهڻين ٻولين لاءِ چيائون ته اهي سنسڪرت مان نڪتيون آهن. سنڌي ٻوليءَ بابت انهيءَ غلط نظريي کي درست ڪرڻ جي پهرين پهرين ڪوشش مون ڪئي ۽ انهيءَ طرف ڌيان ڇڪايو. ڇو ته سنڌي ٻولي سنڌو ماٿري جي قديم ٻولي آهي ۽ سنسڪرت کان به اڳ جي دور جي آهي. سنسڪرت جا اڪثر لفظ پوءِ دير سان پالي زبان ذريعي سنڌي ۾ داخل ٿيا. سنڌي ٻولي "پروٽو- پراڪرت" دفعي جي ٻولي آهي ۽ انهن ماڻهن جي عوامي ٻولي آهي، جيڪي ان دور ۾ هت رهندا هئا.

ان آڳاٽي دور کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي "دور وار تاريخ" اسان وٽ ڪانه هئي، البت اڳيان بيان نقل ڪري هڪ تاريخي ڪتاب ته ويچاري ڀيرومل لکي ڇڏيو پر تاريخي لحاظ سان ڪو پڇا ڪري ته سومرن يا سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ڇا هئي ته ان لاءِ ڪو جواب ڪونه هو. انهيءَ مسئلي تي مون پهريون مضمون 1952ع لکيو هو. ان بعد وڌيڪ جيڪي حالات مليا، تن کي هڪڙي ننڍڙي ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيم. 20 سال کن ٻيا به ڪم هليو ۽ ان عرصي واري تحقيق کي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ آندو ويو. اها تاريخ، سمن جي دور جي آخر 1520ع تائين پهچي ٿي. ان بعد تحقيق جو سلسلو جاري رهيو ۽ مغليہ دور واري بلب ۽ ٻئي مواد جو اضافو ٿيو. انشاء الله اڳتي هلي ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جي دورن تي بحث ڪنداسون. اهو هڪ خاص سلسلو آهي، جنهن تي غور ٿي رهيو آهي پر اهو آهي تاريخي سلسلو. انهيءَ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي اندروني سٽاء ۽ ترڪيبن بابت پڻ لکڻ جي ضرورت آهي.

**سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف نقطہ نظر موجود آهن، توهان جي خيال ۾ اها ڪهڙي لساني گروهہ سان واسطو رکي ٿي؟**

ان حوالي کان منهنجو موقف ٻين کان مختلف آهي. پهريان ائين چيو ويندو هو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي پر مون جيڪا سنڌي ٻولي جي تاريخ لکي آهي، ان ۾ اهو ڄاڻايو آهي ته اها ان خطي جي مقامي زبان مان نڪتي آهي، جنهن کي اسان سنڌ ۾ سنڌو ماٿري جي زبان چئي سگهون ٿا ۽ پڪ سان اها سنسڪرت کان اڳ جي زبان آهي.

**مطلب ته اوهان سنسڪرت واري موقف کي رد ڪيو ٿا؟**

اصل ڳالهه هي آهي ته اهو نظريو پيش ڪندڙن اهو سمجهيو ئي نه هو ته سنسڪرت ڇا آهي؟ سنسڪرت دراصل هڪ انتهائي ڳجهي زبان هئي، جنهن کي عالم فاضل استعمال ڪندا هئا ۽ اها عوام کان ايترو ته مٿي هئي جو ان جو اثر عوام جي ٻولين تي ٿي نٿي سگهيو. رڳو اهو ئي ممڪن هو ته ڪجهه لفظ اچي سگهيا ٿي، ۽ جيڪي به لفظ آيا آهن، اهي "پالي" زبان جي ذريعي آيا آهن، جيڪا اتر هندستان جي ٻولي هئي، جنهن ۾ سنڌ به شامل هئي. تڏهن سنڌ ٻڌن جو ملڪ هو. هتي برهمڻ حاڪم غاصب بڻجي آيا ۽ سٺ سالن تائين انهن جو هتي قبضو رهيو. هونئن به صدين کان وٺي هيءُ ملڪ ٻڌن جو هو ۽ ٻڌن جي ٻولي "پالي" هئي. پالي ۾ به سنسڪرت جا الفاظ شامل آهن. انگريزن جي دور ۾ ته ڄاڻي واڻي سنسڪرت جي لفظن کي سنڌي ۾ آندو ويو، اها ته مصلحت هئي پر جيستائين نيچرل پروسيس جو واسطو آهي ته اهو پالي ذريعي ئي ٿيو آهي. هتان جي علائقن مان پالي ٻوليءَ

جا آثار مليا آهن، مثال طور: بهاولپور ۾ بهاول نگر ويجهو پاڪ پتڻ مان پالي جون تحريرون مليون آهن. ان جا ڪجهه لفظ اهڙا آهن جيڪي اسان جي سنڌيءَ سان ملن ٿا. ان مان لڳي ٿو ته سنڌيءَ تي پاليءَ جو اثر ٿي سگهي ٿو.

**مطلب ته توهان ان ڳالهه کان انڪار ڪريو ٿا ته ڪو سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي؟**

ها، منهنجي ته اها ئي راءِ آهي.

**انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط جي تعين لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي هئي، جنهن نيٺ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي رسم الخط تجويز ڪيو هو. پر اسان جا ڪجهه لسانيات جا ماهر چون ٿا ته اهو رسم الخط سنڌي ٻولي سان مطابقت نٿو رکي، خاص طور تي اها سنڌي ٻولي جي صوتي گهرجن جو پوراءُ نٿي ڪري، ان ڏس ۾ توهان جا ڇا ٿا چئو؟**

اها ڪاميٽي يا ان جو جيڪو فيصلو هو، اها ته هڪ وڏي سازش هئي. رسم الخط جو ته ڪو مسئلو هو ئي ڪونه. انگريزن جي اچڻ کان اڳ ئي سنڌ جا ماڻهو توڙي عالم هر موضوع ۾ هر شعبي تي عربي رسم الخط ۾ لکندا پئي آيا. پوءِ ڀلي اهو نثر هجي يا نظم، مطلب ته هتي پهريان کان ئي رسم الخط طيءِ ٿيل هو پر جيئن ته ان وقت سنڌ بمبئي صوبي جو هڪ حصو ٿي هئي ۽ هندن جو غلبو هو، تنهن ڪري هنن چاهيو ٿي ته ان رسم الخط کي ختم ڪيو وڃي. انگريزن ته تمام وڏي ڪوشش ڪئي ته ديوناگري رسم الخط رائج ٿئي. اهو ئي سبب هو جو ان ڪاميٽي هڪ ٻئي جي پٺيان ديوناگريءَ ۾ ڪتاب ڇاپڻ شروع ڪيا، جن ۾ لغت ۽ گرامر به شامل هئا، پر هو ڪامياب نه ٿي سگهيا.

**ان جو ڪهڙو سبب هو؟**

اصل ۾ ڪير به ان تبديليءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، نه هتان جا استاد ۽ نه وري شاگرد ڇو ته هتي صدين کان هڪ رسم الخط رائج هو. ماڻهن جو چوڻ هو ته اهو ته مسئلو ئي ناهي، جنهن بابت نئين سر فيصلو ڪيو وڃي.

**پوءِ انگريزن ڪهڙو قدم کنيو؟**

تڏهن فريئر هتان جو ڪمشنر هو. هن ڊپلوميسيءَ کان ڪم ورتو ۽ چيو ته في الحال ٻئي رسم الخط رکون ٿا، ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. پر پوءِ به هتان جي مسلمانن رسم الخط ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آندي.

**ڀلا اهو ته ٻڌايو ته ڇا هي رسم الخط، ٻولي جي صوتي گهرجن جو پوراءُ ڪري ٿو؟**

اهو مسئلو ته سڄي دنيا سان آهي. سمورين ٻولين ۾ رسم الخطن بابت اهڙا سوال اٿاريا وڃن ٿا، جيتوڻيڪ انگريزي ٻولي هن وقت سڄي دنيا تي ڇانيل آهي پر توهان ڏسو ته ان جو رسم الخط ان جي صوتي گهرجن جو ڪٿي ٿو پوراءُ ڪري! توهان Not کي ناٽ به چئو ٿا ۽ Naught کي به ناٽ چئو ٿا. Cut کي ڪٽ چيو وڃي ٿو ۽ Put کي پُٽ چيو وڃي ٿو. مطلب ته ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا واري صورتحال آهي. رومن رسم الخط ته بيڪار آهي. اهو انگريزي ٻولي جون صوتي تقاضائون به پوريون نٿو ڪري سگهي، پر چيو وڃي ٿو ته رومن رسم الخط ۾ جادو آهي. جيڪڏهن عربي رسم الخط جي ٻين رسم الخطن سان ڀيٽ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن آواز جي سائنسي اصولن تحت تجزيو ڪجي ته عربي رسم الخط جو صوتي نظام ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ بهتر آهي. مان ته ائين چوندس ته جيڪڏهن هڪ گاڏي سؤ سالن کان هلي رهي آهي ته اها بلڪل صحيح آهي. عربي رسم الخط 13 سؤ سالن کان هلندو پيو اچي، ان ۾ اڻ ڳڻيا ڪتاب لکيا ويا آهن، تنهن ڪري ان بابت نوان فيصلا ڪرڻ جي آخر ڪهڙي ضرورت آهي.

**ڪجهه سال اڳ سنڌ ۾ هڪ بحث شروع ٿيو هو ته سنڌي ٻوليءَ کي رومن لپيءَ ۾ آڻڻ گهرجي، ان ڏس ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟**

اهو اجايو خيال آهي، جيئن ڳجهارتن ۾ چيو ويندو آهي ته هيئن نه ٿيڻ کپي، هيئن به هوندو: تاري کي ڪيئن هيٺ لاهجي يا چنڊ کي ڪيئن مٿي ڪٿي وڃجي، مطلب ته اهي اهڙا قصا آهن. توهان ڏسو ته انگريزي خط رومن خط مان نڪتو آهي، پر اهو خود ان ٻولي جي تقاضا پوري نٿو ڪري. سائنسي طور لکڻ جي بهترين ترتيب عربي جي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ اها ڳالهه تسليم ٿيل آهي. سنڌي ٻوليءَ جو خط تبديل ڪرڻ

جانبداريءَ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ليمبرڪ جا ڪتاب اسلام کان اڳ جي تاريخ بابت آهن.

**پر توهان هاڻي ئي ته چيو، ”جڏهن انگريز لکي ٿو ته هتان جي سمورن تاريخ دانن کي رد ڪري ڇڏي ٿو؟“**

ها، ليمبرڪ به اسان بابت جيڪو ڪجهه لکيو آهي، اهو ائين ئي لکيو آهي، جيئن مون چيو پر جيڪي پراڻيون ڳالهيون آهن، اسلام کان اڳ جا دور آهن، جن دورن جي ماڻهن جا هڏا به سڙي ويا ته انگريزن کي انهن سان ته ڪا دشمني نٿي ٿي سگهي. دشمني ته هن جي اسان سان آهي ڇو ته اسان هنن جا جانشين آهيون. بهرحال ليمبرڪ هڪ محقق هو، منهنجي راءِ موجب هن جي تاريخ نويسيءَ ۾ هڪ توازن هو ۽ ٻين جانبدار ماڻهن کان بهتر هو.

**سنڌ جي تشخص کي اڀارڻ جو تحقيقي ڪم ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٿيو آهي، ان ڏس ۾ جن به ماڻهن خدمتون سر انجام ڏنيون آهن. توهان انهن مان ڪنهن ڪنهن کي اهميت ڏيو ٿا؟**

هڪ ته ماخذن جي حوالي سان ڳالهيون ٿيون. فارسيءَ جا جيڪي اصل ماخذ هئا، انهن کي نئين سر ايڊٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽي، پير حسام الدين راشدي ۽ مون ڪم ڪيو. شايد ئي ٻئي ڪنهن ايترو ڪم ڪيو هجي. باقي جيستائين نوان ڪتاب لکڻ جي ڳالهه آهي ته ان سلسلي ۾ عرض ڪريان ته ٻه شخصيتون آهن، يعني ايڇ ٽي ليمبرڪ ۽ مولانا غلام رسول مهر. ان کان سواءِ ٻين ماڻهن به ڪتاب لکيا آهن. مثال طور: ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ عرب دور جي تاريخ لکي آهي.

**ايم. ايڇ پنهور ”سورس مٽيريل آن سنڌ“ جي سري سان هڪ ڪتاب لکيو هو. سنڌ بابت تحقيق جي حوالي کان اهو ڪتاب ڪيتري قدر ڪارگر ۽ اهم آهي؟**

مون اهو ڪتاب ڏٺو آهي. جيڪا به شيءِ ان قسم جي ڇپجي، اها ڪارائتي سمجهڻ گهرجي. باقي ڳالهه اها آهي ته هر ماڻهو ڪم پنهنجي پنهنجي ذهني سطح مطابق ڪندو آهي. تنهن ڪري ان ڪتاب ۾ جيڪڏهن رڳو ماخذن جا نالا آهن ته به اهي ڪارائتا آهن.

**توهان جو لاڙو تخليقي ادب بدران تحقيق ڏانهن رهيو، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟**

ها، واقعي ائين ئي ٿيو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته سنڌ جي باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون لڪل هيون، جن کي ظاهر ڪرڻو هو پر جيئن ته ڪي ماڻهو جمن ئي تنقيد ڪرڻ لاءِ ٿا، تنهن ڪري هو ڪو ٻيو ڪم ڪيئن ڪري سگهندا جيڪو ماڻهن کي ڪم اچي. ٻيا وري افسانا لکندا، هي لکندا، هو لکندا، اهي به سٺيون ڳالهيون آهن پر ڪنهن قوم جي تشڪيل ۾ انهن جو نمبر پوءِ اچي ٿو. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته توهان جي تاريخ ڇا آهي؟ توهان جي ٻولي ڇا آهي؟ توهان جي فڪر جي نوعيت ڪهڙي آهي؟ سنڌي لغت جو نهڻ سنڌ جي حوالي سان هڪ وڏو ڪم آهي، ڪنهن ڪارنامي کان گهٽ ناهي. لوڪ ادب واري رٿا، جنهن هيٺ 42 جلد شايع ٿيا آهن، اهو به ڪو ننڍڙو ڪم نه آهي. جنهن مان سنڌ جي ڳوناڻن جي فڪر جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

**بدر ابڙي، اشتياق انصاري، غلام محمد لاکي ۽ ٻين جو تحقيقي ڪم توهان جي نظر مان گذريو آهي؟**

ها، سٺو ڪم ڪن پيا ۽ ڪين شابس هجي. باقي ڀلا ڀليءَ جو ته ڪو ڇيهه ئي ڪونهي.

**سائين توهان کي سنڌ ۾ تحقيق جو مستقبل ڪيئن ٿو نظر اچي؟**

هتي ته تحقيق بدران گهڻو زور ”تخليق“ تي آهي. ڀلا ائين ٿئي پيو، اهو به چڱو. ڪجهه ته ٿئي پيو نه؟ تحقيق نه ٿيڻ جو سبب اهو آهي ته ان لاءِ علم گهرجي. ادب ته ڇڏيو، پر ڪنهن به شعبي ۾ تحقيق نه پئي ٿئي! هڪ ٻن ماڻهن جي مضمونن کان سواءِ توهان کي سائنس تي ڪوبه تحقيقي مواد ڪين ملندو.

**موهن جي دڙي جي ٻولي اڄ تائين ڇو نه پڙهجي سگهي آهي؟**

اهو ڪم ته اڄ کان به هزار سال اڳ ٿيڻ گهرجي ها، جڏهن ان کي پڙهڻ جا قوي امڪان هئا. هاڻي اهو ڪم ٿي نه سگهندو. بهرحال ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ٿي سگهي ٿو ڪٿان ڪو اشارو ملي وڃي.

**ڪافي سال اڳ توهان پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو هو ته موهن جي دڙي جي لکت تي ڪم ٿئي پيو. اهو ڪم ڪٿي پهتو؟**

اهو ڪم ٿئي پيو، پر فيصلو ڪڏهن به ڪونه ٿيندو، جيستائين اسان کي ڪو ٻاءِ لنگوئل ڊاڪيومينٽ

ٿو ملي. مصر جي اهرامن جي ڪوجنا ۾ پٿرن تي اڪريل ٻولي به تڏهن پڙهڻ ۾ آئي، جڏهن يوناني دور جو هڪ پٿر مليو، جنهن کي "روسيٽا اسٽون" چيو وڃي ٿو. ان تي مصري ٻولي لکيل هئي ۽ هيٺان يوناني ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو لکيل هو. اهو پٿر ملڻ کان پوءِ عالمن ويهي تحقيق ڪئي ته هن جو ترجمو هيءُ آهي. اهڙيءَ ريت پوءِ سموريون لکتون پڙهيون ويون.

دراصل موهن جي دڙي جي جيڪا ٻولي آهي، ان جو ٻيو ڪو نقل آهي ئي ڪونه، تنهن ڪري اها ڪيئن پڙهجي؟ اهو ئي سبب آهي جو هر ڪو پنهنجا پيو اندازا هڻي. بهرحال ان حوالي سان انگلينڊ، مدراس ۽ ماسڪو ۾ ڪم هلي پيو.

**تازو عطا محمد ڀنڀري ڦٽ ۾ پروليءَ جي بنياد تي موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي پرولي ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو ڪم توهان جي نظر مان گذريو آهي؟**

نه، پر مون چيو نه ته، جڏهن ان ٻولي کي پروڙڻ جو ڪو اهڃاڻ ئي ڪونهي ته پوءِ هر ڪو وينو اندازو هڻندو.

**شيخ اياز سان به توهان جي ويجهڙائپ رهي، هن جي ادبي قد ڪاٺ بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟**

اياز جي حوالي سان مان اهو چوندو رهيو آهيان ته هو جديد سنڌي شاعريءَ جو اڳواڻ هو باقي هن کي ويهي ڀٽائيءَ سان ڀيٽيون، اها ڳالهه غلط آهي. توهان ڏسو نه پنجاب علامه اقبال تي متفق آهي ۽ ٻيا به پنهنجي عظيم شخصيتن تي متفق آهن، پر اسين ناهيون! ڀٽائي اسان وٽ هر حوالي کان تسليم ٿيل شاعر رهيو آهي پر هاڻي اسين ان تي به ورهائجي رهيا آهيون. هاڻي ٿيندو ڇا جو اڳتي هلي ڪنهن تي به متفق ٿي نه سگهنداسين. اڄ ڀٽائي، سڀاڻي اياز ۽ پوءِ ڪو ٻيو!

جيستائين اياز جي شاعريءَ کي سمجهڻ جي ڳالهه آهي ته ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ گهرجي. هن پنهنجي شعر ۾ سنڌي ٻولي کي ڪارائتي نموني ڪتب آندو آهي پر اها به حقيقت آهي ته اياز شهر جو ماڻهو هو. سنڌي ٻوليءَ جو ڊڪشن، جنهن کي اصطلاحي ٻولي چئون، ان کان بي خبر هو! هن جي شاعري مان اهڙيون چُڪون به ڪڍي سگهجن ٿيون، جيڪي ڪو ٻار به ڪونه ڪندو. هاڻي اهو شاعر جنهن کي ٻوليءَ تي قبضو ناهي، اهو وڏو شاعر ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اياز جي ٽهي جا ٻيا شاعر به ڏاڍا سٺا شاعر رهيا آهن، مثال طور: بردو سنڌي بهترين شاعر هو، پر ڪو ماڻهو هن جو نالو ڪونه ٿو وٺي. منهنجي راءِ آهي ته گهڻن ڳالهين ۾ اياز کان وڏو شاعر استاد بخاري هو. هن کي ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻ هئي.

**پوءِ اياز ايڏو اڀري ڪيئن آيو؟**

ان جا ڪي ٻيا سبب هئا. اصل ڳالهه هيءَ هئي ته سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڪنهن شاعر جي ضرورت هئي ۽ هنن اياز جي چونڊ ڪئي. ڪيس هنن ايترو ته مٿي ڪنيو جو ماڻهن سمجهڻ شروع ڪيو ته اياز ڪميونسٽ شاعر آهي. اها ڇاپ اهڙي لڳي جو اياز کي ان مان زوريءَ جان ڇڏائڻي پئي. هڪ ڀيري مون ڪانئس پڇيو ته چيائين: "مان ڪميونسٽ ناهيان. مان ان نظريي ۾ يقين نٿو رکان. مون کي ان نظريي ۾ گهُٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ٿئي ٿي."

هن جون جيڪي سٺيون ڳالهيون آهن، اهي ساراهڻ گهرجن پر سڄي سنڌ مٿان ويهارڻ غلطي ٿيندي. ڇو ته ان ڪسوٽيءَ تي رڳو ڀٽائي ئي پورو لهي ٿو پر هتي ته ڀٽائيءَ کي به اسان ماڻهن نظر انداز ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪلهوڙا حاڪم ڀٽائيءَ جا وڏي ۾ وڏا مخالف هئا، پر اسين هاڻي هنن جا ڏهاڙا ملهائي رهيا آهيون. اسين اهڙي قوم آهيون جيڪي ڪنهن به ڳالهه تي متفق ناهيون.

**آخر ڪهڙي ڳالهه آهي جو اسين ڪنهن تي به متفق نٿا ٿيون، ڇا ان جو ڪو تاريخي سبب آهي؟**

اسان جو عقل گهٽ آهي. ٻيو تاريخ جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه! اسان جو عقل اهو آهي ته اياز جي اچڻ کان اڳ سڀ ڀٽائيءَ تي متفق هئاسين، پر هاڻي چئون ٿا ته نه، اياز وڏو شاعر آهي. پوءِ ڇا ڪيائون جو اياز کي ڀٽ شاهه ۾ زوريءَ دفن ڪرايائون ۽ هاڻي مقابلي بازيءَ ۾ مصروف آهن.

**تدفين جي حوالي سان اياز جي ڪهڙي وصيت هئي؟**

مون کي اياز جي اولاد ٻڌايو ته سنڌن ٻيءُ جي اها

ڪن ٿا، جيڪي هنن جي پاران جواب ڏين ٿا.

دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته ڪي ماڻهو محنت ڪري ڪجهه لکن ٿا ۽ ٻيا غلطيون ڪڍن ٿا. اهو سلسلو هلندو رهي ٿو. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي خيال موجب پنهنجو وقت سجايو ڪري ٿو. مون هن وقت تائين سؤ کن ڪتاب لکيا آهن. جيڪڏهن ويهي تنقيدن جا جواب ڏيان ها ته هوند هيترو پورهيو ڪري ڪين سگهان ها.

**توهان جو مطلب آهي ته اسان وٽ ٿيندڙ تنقيد ۾ ڪوبه منطق نه آهي؟**

مان رڳو اها ڳالهه چوڻ ٿو چاهيان ته جڏهن به تنقيد ڪجي ته ان کي علمي بنياد هجڻ گهرجن. اهڙي قسم جي تنقيد ئي اصلاح جو باعث بڻجي سگهي ٿي.

**سائين اهو ته ٻڌايو ته ڪاٻي ڌر وارا ماڻهو توهان سان ڇو نٿا ٺهن؟**

مون وٽ ته وقت ئي ناهي جو مون کي اها خبر پئجي سگهي ته ڪير مون سان ٺهي ٿو ۽ ڪير نٿو ٺهي. مان ڪنهن کي به پنهنجو مخالف ڪونه ٿو سمجهان. مون ڪڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪونه چيو آهي ته هو منهنجو مخالف آهي. باقي رهي ڳالهه ڪاٻي ڌر وارن جي ته هو انهن کي پنهنجو مخالف سمجهن ٿا جيڪي هنن کان فطري طور تي الڳ آهن. مثال طور: جيڪڏهن مان مسلمان آهيان ته ڪاٻي ڌر وارن کي ڪيئن وڻندس؟ گهڻا ماڻهو ان ڪري ڪاوڙيل آهن ته مون جهڙو قابل ماڻهو سندن ڪئمپ ۾ ڇو شامل ناهي. ٻي ڳالهه جيڪا ڪين نه وڻندي هوندي، اها منهنجي وطن دوستي آهي.

**توهان جي اڄ ڪلهه جي زندگي ڪيئن ٿي گذري؟**

مون مهينو کن اڳ هڪ ڪتاب "سنڌ جا پارسي شاعر" لکي پورو ڪيو آهي ۽ شايد اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري ڪتاب آهي. جيئن ته هاڻي منهنجي عمر گهڻي ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري ڀانيان ٿو ته وڌيڪ ڪجهه لکي ڪين سگهندس. هن ڪتاب ۾ مون پارسي شاعرن جو احوال قلمبند ڪيو آهي، اهي ڪمال جا شاعر هئا، جن جي ڪلام ايران جي شاعرن سان مقابلو ٿي ڪيو. انهيءَ ڪتاب لکڻ ۾ مون کي اٺ مهينا لڳي ويا.

**اڄ ڪلهه ڏينهن جي شروعات ڪيئن ٿي ٿئي؟**

منهنجو پٽ صبح جو نماز لاءِ اٿندو آهي ته هن سان گڏ نڪري ويندو آهيان ۽ نياز اسٽيڊيم ۾ واڪ ڪندو آهيان. ائين شام جو به ڏوهٽو ڊاڪٽر فاروق ٻاهر وٺي ويندو آهي ۽ هتي قاسم آباد ۾ هڪ پارڪ ۾ واڪ ڪندو آهيان. اڳي ته مان تمام گهڻي واڪ ڪندو هئس. پر هاڻي مڙئي عادت پوري ڪندو آهيان.

**اتان موٽڻ کان پوءِ ڇا اچي ڪيو؟**

موٽي اچي نيرن ڪندو آهيان ۽ ڊان ۽ ڪاوش اخبارون پڙهندو آهيان. باقي وقت سرگرمين ۾ گذري وڃي ٿو.

**منجهند جو آرام ڪندا آهيو؟**

ها، گرمين جي موسم ۾ ٻين کان ٽئين وڳي تائين آرام ڪندو آهيان.

**رات جو ڪيڏي مهل سمهندا آهيو؟**

رات جو ٻارهين وڳي سمهي پوندو آهيان. اڳي رات جو سمهڻ کان اڳ پڙهندو هئس پر هاڻي نٿو پڄي.

**توهان جي صحت تمام سٺي رهي آهي، ان جو ڪو خاص سبب آهي؟**

مان نوجوانيءَ ۾ اسپورٽس مين رهيس ۽ ٻيو ته اڄ ڏينهن تائين به واڪ ڪندو رهيو آهيان، شايد اهي ئي سبب آهن جو منهنجي صحت سٺي رهي آهي. ٻي ڳالهه اها آهي ته مان زندگيءَ ۾ ڏاڍو سرگرم ماڻهو رهيو آهيان. تحقيق جي بهاني به هل هلان گهڻي ڪيم. ان کان سواءِ کاڌي پيتي ۾ سادگيءَ کان ڪم ورتو اٿم.

**ڀلا کائڻ پائڻ جو شوق رهيو؟**

نه، اهڙو ڪوبه شوق نه رهيو آهي. جڏهن آمريڪا ۾ رهيس ته انهن جهڙو ئي رهيس. باقي هتي آفيس ۾ ويندو آهيان ته پينٽ شرٽ پائيندو آهيان. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به لٽي ڪپڙي تي ڪو خاص ڌيان نه پئي ڏنو آهي.

**ڪهڙي موسم توهان جي مزاج مطابق آهي؟**

مون کي جهڙالي موسم ڏاڍي وڻندي آهي. ان حوالي سان اوهان کي هڪ دلچسپ قصو ٻڌايان ته اسان جي ڳوٺ ۾ سگهڙن جون تمام گهڻيون ڪچهريون ٿينديون هيون. اتي ساهڙ خان نالي هڪ ٻروچ سگهڙ به

موجود هو. ان سلسلي ۾ پهريون ڪتاب اسپين ۽ مراڪو ۾ لکيو ويو هو. ٽيون ڪتاب هيءُ هو جو سنڌ ۾ لکيو ويو هو. هيءُ ڪتاب "Method of Education" جي باري ۾ هو، ان کي مان دريافت ڪيم ۽ ايڊٽ ڪرڻ کان پوءِ ان کي شايع ڪيم، ان کان علاوه تعليم تي گهڻو سارو ڪم ڪيم. تعليم کان علاوه مان تاريخ تي به ڪم ڪيم. تاريخ سان منهنجو شغف رهيو آهي. ان سلسلي ۾ بيشمار مقالا، ڪانفرنس ۾ پڙهيا اٿم. اهو سمورو ڪم انگريزي زبان ۾ لکيو هئم. تاريخ متعلق منهنجو ڪتاب ڇپيو آهي، ان جو نالو "لينڊز آف پاڪستان" آهي. هيءُ اڍائي ٽي سؤ صفحن جو ڪتاب آهي. ڪتاب به انگريزي زبان ۾ ڇپيو آهي، ان ۾ "مسلم پوليٽيڪل پاور ان سب ڪانٽيننٽ" نالي هڪ باب آهي، ان کان بعد انهن جي تاريخ مسلمانن جي آمد ان جي سياسي قوت، ان کان بعد غزني کان لاهور تائين ۽ لاهور کان دهليءَ تائين جو قصو پيش ڪيل آهي. ان موضوع تي ڪو به مواد موجود ڪونه هو. ان کان بعد جو مواد ملي ٿو. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ هئي جنهن جو مثال بنجر زمين جو هو جنهن کي مان آباد ڪيم، ۽ اهڙي طرح مان سنڌ جي تاريخ تي به گهڻو ڪم ڪيو آهي. ان جو هڪ جلد ڇپيو آهي.

سڀ شيون انگريزيءَ ۾ ڇپيون آهن، سنڌ جي تاريخ سان گڏ مون کي سنڌي ادب، لغت ۽ موسيقيءَ سان گهري دلچسپي رهي آهي. مان سنڌ ۾ جيڪو ڪم ڪيم، فرصت جيڪا ملي اهو مان سنڌ کي ڏنم. ان سلسلي ۾ 60 جي قريب منهنجا ڪتاب ڇپيا آهن. هي سڀئي سنڌي زبان ۾ لکيل آهن. سنڌي موسيقيءَ جي باري ۾ منهنجا ٻه ڪتاب انگريزي زبان ۾ ڇپيل آهن. هڪ ڪتاب جيڪو ٽي سؤ صفحن تي مشتمل آهي، اهو سنڌي زبان ۾ آهي. ان کان علاوه آثار قديم سان به منهنجي گهري وابستگي رهي آهي، ڇو ته مان گهمندر ڦرندڙ ماڻهو آهيان، سنڌ ۽ بلوچستان ڏسي ڇڪو آهيان. هڪ ڪتاب لسٻيلا تي شايع ڪيم، ڇو ته لسٻيلو سنڌ سان منسلڪ رهيو هو ۽ ان جي تاريخ متعلق سنڌ ۾ حوالا ملن ٿا. مان هيءُ ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيم، پر ڪتاب جو تعارف انگريزي زبان ۾ آهي ۽ هيءُ ڪتاب 1953ع ۾ ڇپيو ۽ هن جو ٻيو ايڊيشن (74-1970ع) ۾ ڇپيو، جنهن ۾ لسٻيلي جي تاريخ، ماڳ ۽ پراڻن قبرستانن متعلق تحقيقي ڪم ڪيو آهي ۽ ان کان پهريائين ان موضوع تي ڪنهن به ڪم نه ڪيو آهي. ڪراچي شهر جنهن جو پراڻو نالو ڪلانچي هو، اگر هن جو آبادي جو سال ڪڍيو وڃي ته ڪم از ڪم تيرنهن ۽ چوڏهين صديءَ جو زمانو بيهي ٿو، جيڪو بلوچن جو عروج جو زمانو هو، بلوچ جيڪي مڪران مان ٿهليا آهن. مڪران ۾ هڪ وڏو صوبو يا علائقو جيڪو 'ڪلانچ' جي نالي سان مشهور هو، اهو ڪراچي ۽ لسٻيلي جي ويجهو هو، اورماڙه کان وٺي پسني تائين هيءُ علائقو ڪلانچ سڏبو هو. بلوچ ايندا ۽ ويندا هئا، اتي جيڪو قبرستان آهي ۽ اتي جيڪي نالا لکيل آهن، اهي ڪلانچي جهڙا نالا آهن، ڪراچي جي جيڪا حقيقت آهي، ان تي به مان ڪم ڪيو آهي.

**سوال: جيئن ته اوهان آثار قديم جو نالو ڪنيو آهي، مهرڳڙهه جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟**

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ:** مِهرڳڙهه جو مان مطالعو ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ فرينچ ماهرن جيڪو ڪم آهي، ان کي به مون پڙهيو آهي ۽ مان پاڻ خود مِهرڳڙهه جو تفصيلي دورو ڪيو آهي، ان جو معائنو ۽ سروي ڪيو آهي، فرينچ ۽ ماهرن جي مطابق هيءُ موئن جي دڙي کان قديم آهي.

**سوال: توهان جي خيال ۾ مهرڳڙهه جي تهذيب موئن جي دڙي ۽ هڙپا کان ڪيتري قديم آهي؟**

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ:** مِهرڳڙهه موئن جي دڙي کان تمام قديم آهي. هڙپا ۽ موئن جو دڙو هڪ دؤر جا آهن.

**سوال: تاريخ جي باري ۾ اوهان گهڻو ڪم ڪيو آهي. بلوچن جي تاريخ، زبان ۽ ادب جي باري ۾ پڻ اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟**

**ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ:** مان افسوس سان چوان ٿو ته مان بلوچن جي تاريخ جي باري ۾ گهڻو ڪم نه ڪيو آهي، جيڪو مون کي ڪرڻ گهرجي ها. ان سلسلي ۾ بلوچن جي تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي،

جن کي ڏَورُ ڏَردَ جو، سبق سُورَ پڙهن،
فڪر ڦَرهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ)
سُر يمن ڪلياڻ، 17-5

# شاعري

1- رَچ چوين، ٻانٽو چوين، توڙي چوين ڀَن.

2- گهڙي چوين، پَلڪ چوين، توڙي چوين گن.

3- عمر م جو هڪجيڏو، تنهن کي سڏن سَن.

4- گڏا ايا گاھ جا، سي سڏي ٺاهن ڏن.

5- هڪ نيئچ سنڌو، ٻيو آڪڙيي ڪسيءَ سنڌو ڳن.

6- ٻن، رڻ پٽ، ڪنهن جُوءِ سَڏن ڇن.

7- ڪٽ ڪِڙ يا ڇپر، ڪٽ لانڍي ڪِٽ ڇن.

8- پيرن سندي پنُ، تنهن کي عام چون ڏن.

9- سون، رُپي، چانديءَ سوا ٻئي نه سڏن ڏن.

10- ٻُوراني جا ٻُوڙا، تن کي ٻُرس آکِن ٻَن.

11- وڻن ٻوٽن سندا پن، ڏِکي ڳالھ، رکن ٻَن.

12- چوين ٿاڪ توڙي 'ٿاءِ'، توڙي 'ٿان' منجهان 'ٿن

13- مُڙس- مُئي، وات- پَئي، اوڇي آئي رَن.

14- زال، توڙي جوءِ، توڙي عورت، توڙي زَن.

15- ياڳيا سنهي مال سندا، ڳَني ڏين ڪن.

16- ڪَنر پوي مڙس کي ۽ مڙس رکن ظن.

17- فقيريءَ جو ڦند، آهي ڦورن سنڌو فن.

18- محب مٺان گهور، مردا! تن توڙي من.

19- لِڳ ڳلي، ان جي تون، ٻيون ڏيئي ٻن.

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ٹماهي "مهراڻ" 1-1969/2ع

ڊاڪٽر محمد ادريس السندي

# وفات حسرت آيات عالم و فاضل اديب كامل دكتر نبي بخش بلوچ

گذشت از جهاں فاضل و نامدار بلوچی نبی بخش سندھی دیار

مهارت بعلم و ادب داشت تام و در عظمت آں بود شمس النهار

تصانیف او بود زائد ز صد و تحقیق ماندازو یادگار

بہ سندھی واردو و انگلش نوشت سرائی و عربی و فارس نگار

سہ ارباع صد بد قلم درکفش ادب سندھ رابود او دستیار

غم رفتنش کم ز زلزال نیست و دیدم براں ہرچشم آشکبار

چوں بہ سید ادریس ہاتف بگفت دریں آیتے یک زیادہ شمار

بخوان قادخلی فی عبادی سپس بگو "ادخلی جنتی" در کنار

902 1108 = 2010 + 1 = 2011م

دگر سال ہجری بخواہی نویس او مغفور ز حق شد بلا شک ای یار

بہمت صرف کرد عرش عزیز 1752 − 320 = 1432ھ

94 ولادت او "صد شکر ایزد غفار"

1917م

نوٽ: ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ان ہر ھن بيت جو اضافو ڪيو:

نبودے مثیلش دریں سندو هند که در علم بود او بحر بے کنار

# جوهر بروهي

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾

ڏرتي جا ٿيا درد، پريا گيت جمالا،
هڪ شخص ويو، هاڻ ٿئا ڪيئي حوالا.
تحقيق جا در بند، رنو لوڪ ادب پڻ،
مون پاڻ ڏٺا ڏات جا، اڄ نيڻ ٻہ آلا.
هن شخص جو اعجاز، ڪٿي ڪير نہ سگهندو،
جنهن ڀُونء ڀتر منجهہ، پريا رنگ نرالا.
ڀٽ گهوٽ جي رازن کي، سموهيو آ قلم سان،
هُن حرف جي خرمت ڪي، ڏٺا نور اُجالا.
هو علم جو درياء، شهنشاهہ قلم جو،
۽ فيض جو مهراڻ، هيو بخت ۾ بالا.
هر حال ڪتابن سان، سندس چاهہ وڏو هو،
سانڍي ٻہ صديون، سنڌ کي مضمون مقالا.
انسان هيو عالي، هر وصف ۾ ڪامل،
تڙپن ٿا سندس ياد ۾، اتهاس رسالا.
ڪردار ۾ بي داغ، تہ همت ۾ بهادر،
مدت کان پوء پيدا، ٿا ٿين مڙس مُسالا.
موصوف تہ استاد، هيو، راهنما هو،
هر ماڳ پروڙڻ لئہ، ڪيا ڪيئي ڪشالا.
سو شخص "نبي بخش"، وڏي سوچ جو سائين،
ٿل مهر ڪري، حال تي الله تعاليٰ.
اڪرن جو ادب آهي، جوهر کي ازل کان،
استاد ڏسيا حرف، ٿيا نورَ مشعالا.

## ماده تاريخ ارتحال
## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

رفت عالم، گشت عالم سوگوار،
رحمة الله عليه بار بار.
نام نيڪو دان: نبي بخش خان،
درجهان- علم گوئي تاجدار.
رحلتش "بعضمتِ زيبا" بدان،
1432
گفت هاتف، سن هجري آشڪار.
سال او "رَضِيَ رضا" دان عيسوي،
2011
در ادب هر حرف، او شد شاهڪار.
بود او شاهِ قلم، فخرِ ادب،
جنت الفردوس شد جائے قرار.
"مَن عَلَيۡهَا فان" حڪم ايزدي،
مغفرت هر حال "جوهر" خواستگار.

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

# خراج عقيدت

وَهُوَ بحرَ لَمَا يَنطِقُ يَمُوجُ، وَهُوَ بَدرٌ لِعَظَمَتِه عُرُوج،
فِي أرضِ السِندِ هُوَ بَطَل جَليل، فِي باكستان له مَثلٌ قليلٌ.

•

بذاتِ خويش ايں ذرّ-يگانہ، گراں بر انجمن صد عالمانہ،
مثالش نيست در تحرير و تقرير، جواں تراز جواناں مردم- پير-

•

اديبن عالمن جو آهي سرتاج، مليو تحقيق کي جنهن سان معراج،
ڏني تعليم کي جنهن عمر ساري، کئي علم و ادب جي آبياري.

•

زمانہ ڈھونڈتا ہے سالہا سال، بمشکل ملتے ہیں وہ صاحبِ حال،
کہ جن کے دم سے ہرسُو روشنی ہو، وجود انکا پيام- زندگی ہو-

•

Globally known scholar Researcher, Professor Prominent teacher,
Graciously greeting every one, Preaching Peace and Love, harming none.

•

خدا دي بي بها بخشش نبي بخش، سچا عالم ڪريندا جنهن تي عش عش،
دعا "مشتاق" دي هردم اها هي، نبي تيڏي مدد حامي خدا هي.

## بشير احمد شاد

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي وڇوڙي تي
# موت العالِمِ، موت العالَم (نثري نظم)

سنڌي ادب جو قطب تارو
گلستانِ ادب جو مانائتو مالهي
سنڌي لوڪ ادب کيتر جو مهان کوجي
لطيف سرڪار جو سچو عاشق
بين الاقوامي شهرت ماڻيندڙ عظيم ڏاهو
علم جو مينار
جنهن تي قلم کي ناز
قرطاس کي ناز
ٻوليءَ کي ناز
جيڪو سخن سنج سخنور
محبتي ماڻهو
خلوص جو پيڪر
مثيادار مڙس
مرد قلندر، حق جو آواز
جيڪو گفتار ۾ يڪتا
ڪردار ۾ يڪتا
جيڪو ڄاڻ جي کاڻ
سچ جي سڃاڻ
سموري سنڌ کي سوڳوار ڪري
اهو علم جو آفتاب
سنڌي ادب جو عظيم سرمايو
شمس العلماء ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو
سنڌ واسين لاءِ هڪ
دعا جو در بند ٿي ويو
علم جي پياسن لاءِ
هڪ سخا جو در بند ٿي ويو.

## خليل ڪوسو

# هو لکي پيو

## (نظم)

هو لکي پيو، هو لکي پيو
هو لکڻ وارو لکي پيو
هو پوڙهو هوندي لکي پيو
پيا هٿ ڏکن، ته به لکي پيو
پيا تڪ تکن، هو لکي پيو
پيا چا بہ چون، هو لکي پيو،
پر لکڻ وارو لکي پيو

(1)

هو شاهه رسالو لکي پيو
هو مُحب مقالو لکي پيو
هو ”هو جمالو“ لکي پيو
هو اڇو ڪالو لکي پيو
هو ٻولو ٻالو لکي پيو
پيا هٿ ڏکن ته به لکي پيو

(2)

هو سنڌي ٻولي لکي پيو
هو سنڌي سولي لکي پيو
هو ڏٿ پرولي لکي پيو
هو جيل ۽ ڪولي لکي پيو
هو ڏاج ۽ ڏولي لکي پيو
هو جيجل جهولي لکي پيو
پر لکڻ وارو لکي پيو

(3)

هو لوڪ ادب تي لکي پيو
هو لهجي لب تي لکي پيو
هو ڳالهه عجب تي لکي پيو
هو ڳالهه غضب تي لکي پيو
هونيڪ نسب تي لکي پيو
هو رکي رب تي لکي پيو

(4)

هو سنڌ جون ذاتيون لکي پيو
هو پائي جهاتيون لکي پيو
هو اتر راتيون لکي پيو
هو لاڙين لاتيون لکي پيو
هو قربن ڪاتيون لکي پيو
هو ڇپر ڇاتيون لکي پيو
بي ٻاڪ ٿي ٻاتيون لکي پيو
پر لکڻ وارو لکي پيو.

(5)

هو ڪارونجهر تي لکي پيو
هو ڪينجهر جر تي لکي پيو
هو منڇر ڇر تي لکي پيو
هو تنهنجي ٿرَ تي لکي پيو
هو منهنجي ٿرَ تي لکي پيو
هو بينا بر تي لکي پيو
هو ڪوٽ عمر تي لکي پيو
پر لکڻ وارو لکي پيو.

(6)

هو انتر منتر لکي پيو
هو جادو جنتر لکي پيو
هو ارڇڪ مرڇڪ لکي پيو
هو ڏاڻا ڏرڇڪ لکي پيو
هو آگ پٽيلڻ لکي پيو
هو نانگڻ جوڳڻ لکي پيو
هو نويو نپو لکي پيو
پر لکڻ وارو لکي پيو

# PROPOSALS FOR THE EDUCATION OF TEACHERS IN PAKISTAN FOR THE NEW NATIONAL SYSTEM OF EDUCATION

A Report of a Type B Project

By

NABI BAKHSH KHAN BALOCH

This project is recommended for approval by the Student's Project Committee whose individual certificates of approval are on file in the Advanced School.

Clarence Linton, Member of Committee

Florence B. Stratemeyer, Member of Committee

Karl W. Bigelow, Major Advisor

Approved by the Committee on the Degree of Doctor of Education

Date 4th May, 1949

Submitted in Partial Fulfillment of the Requirements for the Degree of Doctor of Education in the Advanced School of Education
Teachers College, Columbia University

1949

ڊاڪٽر اين.اي بلوچ کي ڪولمبيا يونيورسٽي (آمريڪا) طرفان جاري ڪيل پي ايچ.ڊي (ڊگري) جي سَنَدَ

"A National System of Education & Education of Teachers"

(ڏسو مضمون- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اولين علمي ۽ پي ايچ.ڊي مقالو- از: گل محمد عمراڻي)

__What one learns after completing a research work__

In order to write a book or do some sort of research, three types of equipment are essential:

1. __Facts__
2. __Ideas__
   to interpret & organize facts
3. __Expression__
   to present facts & ideas

In order to have each of these one needs:

__Facility__
to collect facts

__Vitality__
to be able to collect facts

__Intelligence__
to have ideas

__Skill(s)__
in expression

Nabi Bakhsh
203 John Jay Hall
Columbia University
New York.
May 4, 1949

# University of Sindh

**Professorial Office Allama I.I. Kazi Chair**

Dr. N. A. BALOCH
Professor Emeritus

Old Campus
Hyderabad City - 71000

Ref. No. ............      الله      Dated 15.4.2005

عزيزم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري سلمه

وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته. اوهان جو خط مورخ ٢٩- صفر ١٤٢٦ھ / ٩- اپريل ٢٠٠٥ع مليو ۽ ڪتاب به مليا. اوهان بابت [illegible] لاءِ معرفت. اوهان جو ڪتاب [illegible] مخدوم مرحوم جي [illegible] لفظ ۽ پيار [illegible] سان [illegible] قلب جي وسعت ۽ النفاق [illegible] اوهان جي [illegible] علمي بصيرت آهي. [illegible] اوهان جو [illegible] منزل تائين پهچي. اوهان جي [illegible] ڀيرا ٿيون.

٢/ [illegible] عبدالغفار [illegible] تذڪرو ۽ حديقه جا مصنف [illegible] [illegible] ابراهيم [illegible]

اميد ته اوهان [illegible] خير [illegible] هوندا. محنت جو [illegible] رکندا. [illegible] ۽ [illegible] نه ڪندا!

جلد
[signature]

(ڏسو مضمون- سائين "ڊاڪٽر بلوچ: عظيم استاد" از: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري)

٢٠ مسجد روڊ - اليف 6/4
اسلام آباد
٢٥ ذوالحج ١٤٠٥ھ
11-9-85

فاضل محترم عبدالرسول قادري بلوچ

وعليكم السلام ورحمة الله وبركاته! اوهان جو خط مؤرخ
١١ ذوالحج ١٤٠٥ هجري مليو. پڙهي خوشي ٿي جو اوهان
معلومات حاصل ڪرڻ [illegible] ڪئي آهي ۽ مطالعي ۾ مشغول
آهيو. اللهم زد فزد.

٢/ لطائف لطيفي کي سنڌي ترجمي سان [illegible] ڇپايو [illegible]
[illegible]

٣/ حضرت شاهه [illegible] جي سوانح ۽ رسالي تي [illegible]
[illegible] "معيار سالڪان طريقت" [illegible]
[illegible]
[illegible] "لطف [illegible]" [illegible]
[illegible]

٤/ مخدوم [illegible] بابت ڪتاب [illegible] مبارڪ [illegible]
[illegible] مخدوم [illegible]
[illegible]
[illegible] مخدوم [illegible]
"اتحاف الاڪابر" [illegible] "بزل القوة
في حوادث سني النبوة" جو مقدمو [illegible] مخدوم [illegible]
[illegible]
[illegible]

٥/ [illegible] جو مبارڪ [illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]

ڊاڪٽر عبدالرسول ڏانهن ڊاڪٽر صاحب جو لکيل خط
(ڏسو مضمون- سائين ڊاڪٽر بلوچ: عظيم استاد- (از: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري)

بسم الله الرحمن الرحيم

# University of Sind

**Professorial Office Allama I. I. Kazi Chair**

Dr. N. A. BALOCH
Hon. Professor

Old Campus,
Hyderabad City.

Ref. No. ______  Dated 5 — 2 — 19[illegible]

مخدوم محمد هاشم جي بابت پي. ايڇ. ڊي. ڊگري لاءِ حڪم

اوهان جو خط مورخ ٢٣ جنوري ١٩٩١ع مليو. احوال معلوم ٿيو. پي. ايڇ. ڊي ۾ داخلا وارو ليٽر رڪارڊ ۾ رکيو ويو آهي. وڌيڪ هدايتون [illegible] ١٢ [illegible] جي وچ ۾ ملو. اميد ته [illegible] پنهنجو [illegible] لکندا رهندا.

[illegible]

محترم عبدالرسول قادري بلوچ
ڳوٺ [illegible] سعدل محمد ڪيريو
پوسٽ آفيس محمد ڪيريو
تعلقو سڪرنڊ ضلعو نوابشاهه

ڊاڪٽر صاحب جو ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ڏانهن لکيل خط

(ڏسو مضمون- سائين ڊاڪٽر بلوچ: عظيم استاد- (از: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري)

مٿيون اصل ڊاڪٽر بلوچ جو عربيءَ ۾ لکيل خط

اسلام آباد
١٨-٢-١٩٨٨

أخينا عبدالرسول القادري حفظه الله

السلام عليكم ورحمة الله وبركاته وبعد: فاني قد عثرت على ورقة فيها ذكر مكتوب من تصانيف المخدوم محمد هاشم السندي رحمه الله وهي:

١- حياة القاري بأطراف صحيح البخاري
(نسخة خطية محفوظة في مكتبة الشيخ محمد نصيف بجدة)

٢- إتحاف الأكابر بمرويات الشيخ عبدالقادر، وذيل عليه

٣- غنية الظريف بجمع المرويات والتصانيف

٤- الرحيق المختوم في وصف أسانيد العلوم
أو
غاية النيل في اختصار الإتحاف والذيل
بخطه فرغ منه في جمادى الآخرة سنة ١١٣٧هـ

مع السلام
محمد عزير

نوٽ: هي اُصل ڊاڪٽر بلوچ جو عربيءَ ۾ لکيل خط آهي، جنهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتابن جي نشاندهي ۽ معلومات ڏني. عبدالرسول قادري

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ ڏانهن عربيءَ ۾ لکيل خط




ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو دين محمد ڪلهوڙي (ايڊيٽر ٽماهي "مهراڻ") کي لکيل خط جو عڪس

(ڏسو- گذارش (ايڊيٽوريل)



آخري آرام گاھ لڳ مقبرو علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو